ڪليات امين

سوانح ۽ ڪلام

مخدوم امين محمّد ثالث رحہ
عرف "پڪن ڏڻي"

مرتّب

پروفيسر محبوب علي چنا

١٤١١ھ / ١٩٩٠ع
سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد / ڄامشورو سنڌ

كليات امين

(مخدوم امين محمّد ثالث رحه عرف "پکن ڏٺي" جو ڪلام)

مرتب

محبوب علي چنا

ايم اي

١٤١١ھ/١٩٩٠ع

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ

Scanned with CamScanner

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڇاپو پهريون:	١٩٦٦ع	تعداد ١٠٠٠
ڇاپو ٻيو	١٩٩٠ع	تعداد ٢٠٠٠
موضوع	شاعري	
ڇپائيندڙ	سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو	
ڪمپوز	حاجي خان ڀٽي	
قيمت	٠٠-١٠٠ روپيه	

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ، بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ
جي پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو

Scanned with CamScanner

فهرست

تازه پيش لفظ جناب مخدوم محمّد زمان "طالب المولىٰ" (ز)

انتساب مؤلف (ط)

پيش لفظ مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ ١_٣

ديباچو مؤلف ٥_٩

سوانح حيات ١٣_٢١

سوانح حيات، سلسلۂ عاليہ، شجرهٔ نسب، ولادت، تعليم ۽ تربيت، سجاده نشيني، ايّام جواني، اولاد، محبّت جو منڊ، روايت، ملاقات.

اولاد ٢٢_٢٥

مخدوم محمّد زمان خامس، مخدوم ظهيرالدين (پرو ڇام)، ميان فتح محمّد قريشي.

راهوبنڊ ۾ روح رهاڻ ٢٥_٣٤

راهوبنڊ، ٻگهڙ ٻہ سلامي، راهوبنڊ ۾ فقيراڻا آثار، جاگرافيائي ماحول، گلو فقير جو شجرو، ڪرامتون، جمڙائو واهہ ۽ سداواهہ.

راهوبنڊ لاءِ شاعرن جا تاثرات ٣٤_٤٠

سيد حيدر شاهہ اجناڻي، آخوند الله بخش انصاري، سيد فاضل شاهہ حيدرآبادي، قاضي يار محمّد، حضرت "طالب المولىٰ" حسين بخش "خادم"، شهباز علي "ملازم" مؤلف جا ٻہ بيت، بلاول "پرديسي"، حسين بخش "خادم".

وفات ۽ مدفن ٤٠_٤٢

تاريخ وصال لاءِ قطعات: قاضي عبدالمعالي، مخدوم محمّد ابراهيم نقشبندي ٺٽوي، سعدالله نيازي.

Scanned with CamScanner

معتقد ۽ مريد ٤٣-٤٦

سندن فيض، حيدر شاهه اجناٽي، سيد فاضل شاهه حيدرآبادي، آخوند الله بخش انصاري، قاضي يار محمّد مرحوم، فقير حاجي محمّد پريل منگسي، فقير پريل نوشهرائي، منٺار فقير راڄڙ، فقير علي بخش پنو.

درگاهه جا مجاور ٧٦-٨٠

آخوند عبدالغني ۽ آخوند عبدامنعم، سيٺ وشنداس مانجهوءُ وارو، نظاماڻي بلوچ.

سندن ڪلام ٨٠-٩٩

سندن ڪلام ۽ ان جو اثر، سنڌي بيت، ڪافي، مولود، مرثيو، لولي، سي حرفيون.

امين سائينءَ جي ظرافت ٩٩

سندن ڪلام جي مقبوليت ١٠٠-١٠٥

تصوف ۽ شعر شاعري ١٠٥-١٢٥

تصوف ۽ سندن اسلوب، قرآن جون تلميحات، تضمين، امين سائين جو نظريہ حسن، وحدت الوجود، عشق، پيشڪش جو انداز، امين سائين جو ذوق - جماليات.

وحدت الوجود ١٢٥-١٢٨

ڪلام

سنڌي ڪافيون: آسا، ڪلنگڙو پيروين، توڙي - گنڌاري، تلنگ، ڪاريهل، جوڳ، ڪوهياري، پوپالي ڪلياڻ، ڪلياڻ، ڪنيات. ١٣١-١٥٤

سنڌي بيت ۽ وايون ١٥٥-١٦٣

رامڪلي، متفرقہ بيت، وايون ١٦٤-١٦٨

ديسي وايون ١٦٩-١٧٠

راڻو ١٧١-١٧٢

ڪيڏارو

Scanned with CamScanner

ڏهر ١٧٣_١٧٤

سرائڪي ڪافيون

گجري ١٧٧_١٧٩
پيروين ١٧٩_١٨٠
ٽوڙي- گنڌاري ١٨٠_١٨٢
تلنگ ١٨٢_١٨٤
ڪاريهر ڪدار ١٨٤_١٨٦
جوڳ ١٨٧
ڪنيات ١٨٧_١٩٤
سرائڪي ڏوهيڙا ١٩٥_١٩٦
لوليون ۽ لوڙائو ١٩٧_٢٠٢
سي حرفيون ٢٠٣_٢٠٤
مولود (بهاڳ) ٢٠٥_٢٠٦
مرثيا ٢٠٧_٢١٦
متفرقات ٢١٧_٢١٨
بيت، حيدر شاهه اجناڻيءَ ڏانهن
غزل
اردو- فارسي آميزش ٢١٩ _ ٢٢٠
اردو قطعو ۽ اردو غزل ٢٢١_٢٢٢

Scanned with CamScanner

ضميما

ضميمو نمبر١

سندن عصر: نواب الهداد خان "صوفي"، قاضي غلام علي، پير محمّد حزب الله شاهہ عرف جان شاهہ، سيّد مير جان الله شاهہ ٽيون، مرزا احمد علي، مخدوم محمّد ابراهيم، منشي رسول بخش "راهي"، غلام علي سبز پوش "علي"، آخوند محمّد قاسم، سيد فاضل شاهہ، سيد حيدر شاهہ بن سيد اسماعيل شاهہ، هزهائينيس مير حسن علي خان مرحوم، سيد حاجي غلام محمّد شاهہ "گدا"، فضل محمّد "ماتم"، سيد غلام مجتبيٰ شاهہ "مجتبائي"، "مرتضائي" ٺٽوي، مير علي نواز "علوي"، مولوي عبدالغفور همايوني، سيد رکيل شاهہ ناڙي وارو آخوند فقير حاجي محمّد "عاجز" حيدرآبادي، آخوند لطف الله "لطف" حيدرآبادي، سيد مصري شاهہ، حافظ حامد ٽکڙائي، رمضان ڪنڀر، رمضان فقير واڍو، مولوي محمّد عثمان نورنگزاده، چتو فقير سانگي، مولوي غلام محمّد خانزئي، شاهہ نصيرالدين نقشبندي نوشهروي جيوت سنگهہ، خواجا غلام فريد، سيد غلام شاهہ راشدي، موهن فقير، محمّد اڪرم خان ولد آدم خان پٺاڻ، نواب شاهہ سڪايل، سيد حسن بخش شاهہ، سيد حاجي حافظ حڪيم ميران محمّد شاهہ اول، محمّد صالح ميمڻ ٽکڙائي، مولانا محمّد حسن قريشي، خواجا عبدالرحمان سرهندي، مولانا حافظ شفيع محمّد صديقي پاٽائي، حافظ محمّد يوسف ٽکڙائي، مولانا غلام صديق مرحوم شهدادڪوٽي، مولانا محمّد هاشم مرحوم گڙهي ياسين، مولانا حاجي عطاءالله فيروز شاهي،

Scanned with CamScanner

مرحوم مخدوم ابو محمّد عبدالله ولهاري، مخدوم پير ركيل ريلائي، مولانا مجاهد سيد تاج محمود امروٽي، خواجا پير محمّد سعيد لواريءَ وارو مولوي سيد الله بخش "اپوجهو".
امين سائينءَ جا معاصر سجاده نشين
راشديه خاندان جا معاصر: پير رشيدالدين
صاحب العلم ثالث (بيعت ڏٽي)، پير رشدالله صاحب
العلم الرابع (خلافت ڏٽي)
انگريزن جو اوائلي دور: امين سائينءَ جا معاصر شاعر، اديب، تعليمي خدمتگذار سياسي ۽ ملڪي ليڊر جائزو، سن وار معاصر. ٢٢٥_٣٠٦

ضميمو نمبر٢
سجاده نشينان درگاھ شريف هالا، سن وار ٣٠٧_٣٠٨
ضميمو نمبر٣
امين سائينءَ جي خاندان جو شجرو ٣٠٩_٣١٠
ضميمو نمبر٤
ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڊو جو ڪلام ٣١١_٣٢٢
ضميمو نمبر٥
مراجع، ماخذات، وغيره. ٣٢٣_٣٢٦

انڊيڪس ٣٢٧_٣٥٤

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

تازه پيش لفظ

منهنجي جي جدامجد حضرت مخدوم امين محمّد سائين ثالث جو ڪلام "ڪليات امين" جي عنوان سان مرحوم پروفيسر محبوب علي چنا صاحب جي ڏنل ترتيب مطابق سال ١٩٦٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان شايع ڪيو ويو هو، جيڪو هن وقت ناپيد آهي. پڙهندڙن جي تقاضا موجب بورڊ هن ڪتاب کي ٻيهر ڇپي شايع ڪري رهيو آهي، ۽ مونکي دوباره پيش لفظ لکڻ لاءِ استدعا ڪئي وئي آهي.

دوباره پيش لفظ لکڻ انهيءَ ڪري بہ ضروري سمجهان ٿو، جو مرحوم پروفيسر چنا صاحب جي تحقيق بعد حضرت مخدوم نوح (رحہ) تي ڪافي تحقيق ٿي آهي، جنهن منجهان نيون حقيقتون بالخصوص شجرهٔ نسب متعلق معلوم ٿيون آهن - خاص طور تي صفحي نمبر ١٥ تي ڏنل "شَجره نسبِ عاليہ" ۾ مخدوم غوث الحق جي حوالي سان مخدوم امين محمّد (صاحبِ ڪليات) جو شجرهٔ نسب سيّدنا عبدالرحمٰن بن ابوبڪر صديق رضہ سان ملايو ويو آهي، ۽ حاشيہ ۾ ٻين حوالن سان معلوم شجرن کي رد ڪيو ويو آهي، پر هاڻي مزيد تحقيق بعد معلوم ٿيو آهي تہ ابن خلّڪان جي ڪتاب "وفيعة الاعيان" جلد پهريون طبع مصر جي صفحي نمبر ٩٩ تي جيڪو شيخ شهاب الدين سهروردي جي چاچي شيخ ابونجيب عبدالقاهر جو شجرهٔ نسب ڏنل آهي سو فاضل مصنّف (ابن خلّڪان) جي تحرير مطابق خود شيخ ابو نجيب جي هٿ اکر لکيل آهي، جنهن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي:-

"قال محب الدّين النّجارفي "تاريخ بغداد" نقلت نسب الشيخ أبي النجيب من خطه و هو:

انتساب

هن محنت جي ماڻڪ کي، جيجل جي موتين پريل جهوليءَ اڳيان پيش ڪريان، جا پنهنجي جگر جي جانب کي جدائيءَ جو جهوراٽو ڏيئي وڃي جنت الفردوس ۾ ۲۲- سيپٽمبر ۱۹۵۵ع، بمطابق ۲۵- صفر المظفر ۱۳۷۵ھ جائيگير ٿي. شال مٺو مولا مرهيس.

جڏهن به ڪيس "امين سائين" جو ڪلام ٻڌائيندو هوس، ته پاڻ اچانڪ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي هئي، ۽ هنجو هاريندي هئي. ڪاش! هن وقت زنده هجي ها، ته پنهنجي "محبن" جي محنت ڏسي ڏاڍو مسرور ٿئي ها.

جَڙيل آهي جان سان، جيجل جي جهوري،
دائم قائم شل رهي، هن جهوريءَ جي لوري،
ڪئن رهندو هُنَ ريءَ، جنهن سان هجر جو هاجو ٿيو.

(مولف)

غمزده

محبوب علي چنا

پيش لفظ

مدت مديد کان اها آرزو پئي ڪيم تہ جدامجد حضرت مخدوم امين محمّد سائين (ثالث "٣") صدّيقي و قريشي رحمة الله تعاليٰ عليه عرف "سائين پکن ڏڻيءَ" جهڙي جامع الصفات ۽ منبع برڪات شخصيت جي احوال سان گڏ، سندن وجد آفرين ۽ روح پرور ڪلام شايع ڪجي. اها هڪ حقيقت آهي تہ سندن ڪلام، تصوّف جي حقائق ۽ معارف جو گنج گرانمايہ آهي. سندن ڪلام ۾ سوز ۽ ساز بہ آهي ۽ روح ۽ راز بہ آهي. سندن ڪلام رقت انگيز بہ آهي ۽ لساني حيثيت سان شيرين ۽ دلنشين بہ آهي. سنڌ جي ادب ۾، سندن فن ۽ ڪلام جي انفراديت قائم ۽ دائم آهي. ان کان سواءِ، ڪلام ۾ روحاني ۽ وجداني ڪيفيات ۽ واردات کي اهڙي تہ نرالي ۽ سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جو ان جي تازگيءَ ۽ نغمگيءَ ۾ ڪوبہ فرق ڪين آيو آهي. سندن فنّي محاسن لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ سندن معاصر بہ سندن فن ۽ ڪلام جي تتبعّ تي فخر ۽ مسرّت محسوس ڪندا هئا.

ان دلي آرزوءَ لاءِ "سائين پکن ڏڻيءَ" جي ان يادگار "فقيراڻي محفل" کي تحريڪ جي حيثيت حاصل آهي، جا اپريل ١٩٥٣ع تي حضرت عمويم مرحوم مغفور مولوي غلام حيدر صاحب صدّيقي جي صدارت هيٺ ملهائي وئي. ان درويشاڻي مجلس ۾ ڪيترن اهڙن درويش صفت دوستن جي شرڪت تي، جي سوز ۽ ساز وارا هئا، جن جي رهاڻ، هن سلسلي ۾ هڪ مثالي رنگ پيدا ڪيو. اصل ۾، هن عظيم ۽ علمي ڪم جو اوائلي بنياد ان "روحاني رهاڻ" ۾ پيو.

Scanned with CamScanner

ان سلسلي ۾، محترم محبوب علي چنا پرنسپال سروري اسلاميه ڪاليج هالا (حال سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد)، "پکن ڏٺيءَ" جو ڪجھ مختصر احوال ۽ ڪلام، "سروري مخزن" (٥١-٥٢ع) ۾ شايع ڪيو.

سندس ادبي مذاق ۽ ان دلي ارادي کي محسوس ڪندي، ساڻس "ڪليات امين" جي ترتيب ۽ اشاعت متعلق ڳالھ ڇوريم، جا قبول ڪري، ڪلام ۽ حالات کي جمع ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو.

مارچ ١٩٥٣ع جي لڳ ڀڳ، ڪجھ جيترو ڪم پورو ٿي چڪو هو؛ پر چنا صاحب جي، سنڌ يونيورسٽيءَ ڏانهن تبادلي، هن ڪم ۾ سوا سال جي مدت حائل ڪري ڇڏي. ٣١- جولائي ١٩٥٤ع تي چنا صاحب کي دوباره، اسان پاڻ وٽ گهرايو. ان ڪان پوءِ لازمي طور تي هي ڪم ٻه قليو قوليو ۽ توڙ تي پهچڻ جا ٽڪيا طئي ڪرڻ لڳو. اشاعت جي سلسلي ۾ "الزمان" پريس هالا ۾ انتظام ڪيو ويو. پر ان لاءِ "سنڌي ادبي بورڊ" جي پيشڪش کي زياده ترجيح ڏني ويئي؛ ۽ نظرثاني ڪان پوءِ، اهو نسخو، مقدمي سميت بورڊ ڏانهن موڪليو ويو.

"سنڌي ادبي بورڊ"، جو پنهنجي معياري تاليفات جي شايع ڪرڻ ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪري چڪو آهي، ان، هن نسخي کي آخري طور ١٩٦٤ع ۾، اسان جي هڪ ٻئي مخلص ۽ دوست محترم گرامي صاحب جي حوالي ڪيو. پر "مهراڻ" جهڙي معياري ۽ ضخيم رسالي جي ايڊٽ ڪان سواءِ، مختلف النوع علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري، "ڪليات - امين" جي هن نسخي جي ترتيب ۽ اشاعت ۾ ٻيو سال ٻه خير جو گذري ويو. آخرڪار، "دير آيد، درست آيد!" جي مصداق "بورڊ" جي فني ڪارپردازن جي ڪوشش ۽ محنت سان "ڪليات - امين" صوري ۽ معنوي محاسن سان جا ڇپجي اهلِ دل بزرگن لاءِ روحاني سرور ۽ قلبي حضور جو باعث ٿيو آهي.

ڪليات امين" تي جنهن عرق ريزيءَ ۽ دماغ سوزيءَ سان، مؤلف ڪم ڪيو آهي، اهو قدر ڪرڻ جي لائق آهي.

ان سلسلي ۾ اهو ظاهر ڪرڻ بہ لازمي امر آهي تہ هن نسخي جي ڏار ڏار پڙهڻين ۽ صحت جي چنڊڇاڻ ڪندي، اسان جي خانداني قلمي بياض کي فاضل مؤلفُ هر وقت اڳيان رکيو آهي. ان طرح گرامي صاحب جن ان نسخي کي جديد علمي رنگ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ جنهن جديد انداز سان علمي ۽ فني اضافا ڪيا آهن، اهي قدر ۽ مطالع جي لائق آهن.

دعا آهي تہ رب ڪريم، "ڪليات امين" کي قبول عام بنائي ۽ سنڌي ادب ۾ هن فني ڪاوش کي پڻ معياري اضافو تصوّر ڪيو وڃي. آمين!

هالا
٢٥- ڊسمبر ١٩٦٥ع

مخدوم محمّد زمان، "طالب المولىٰ" (تمغۂ پاڪستان)
سجّاد نشين حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ،
چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ،
ميمبر قومي اسيبلي، پاڪستان.

Scanned with CamScanner



حضرت مخدوم محمّد زمان صديقي و قريشي (خامس) بن مخدوم محمّد امين،
"امين" سائين، سجادہ نشين درگاھ سروريہ حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة
(ولادت: ١ جمادي الاول ١٢٧٨ھ ـ وفات: ٢٨ رمضان ١٣٣١ھ)

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

ديباچو

چشم آسايش ڪ دارد زين سپهر گرم رو،
ساقي! جامي بيارو، تابيا سايم دمي.
(حافظ)

"ڪچڪول طالب المولىٰ" جي ديباچي ۾ هن "ذوق واري ذري" جي نوزايل اها اميد ظاهر ڪئي هئي ته سروري گلستان جي ٽڙيل ۽ خوشبوءِ سان واسيل گلن جا گلدستا ٺاهي، ديسواسين اڳيان پيش ڪندس هن اميد موهوم جو قرطاسي قالب قارئين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان، جو "رتيءَ جي رهاڻ" يا "ذوق جي ذريءَ" جي ٻي ڪڙي سمجهڻ گهرجي.

سڀ کان اوّل اوّل، سائين امين محمّد سائينءَ جو ڪلام مون شمس العلماً ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تاليف "سرها گل" ۾ ڏٺو. اها حقيقت آهي ته مطالعي کان پوءِ واه جو حظ حاصل ٿيو! وري محترم محمّد صديق "مسافر" مرحوم جي ترتيب ڏنل "ديوان فاضل" ۾ سندن جاذب نظر احوال پڙهي، دل اُدما ڪائڻ لڳي ته هي ڪلام فرحت انجام نه رڳو روحاني رهاڻ لاءِ ٻُڌجي، پر ان کان سواءِ، ڪَتو به ڪجي.

رَب سائينءَ اها آرزو پوري ڪئي، جڏهن مون "سروري اسلاميه ڪاليج" هالا جي پهرئين پرنسپاليءَ جون واڳون ۲۵- مئي ۱۹۵۱ع ۾ ورتيون.

هر ماه پهرئين سومار تي، هت هالن ۾ ڇهڇٽو لڳي ويندو آهي. هڪ طرف سروري ٽوڙَ سماع ۾ مصروف هوندا آهن. ته ٻئي طرف صوفي فقير رندي ڪلامن جي ڪڙي ۾ قابو هوندا آهن.

جيئن ته مان فقيرن جي اوتاري جي پرسان مخدوم صاحبن جي بنگلي نزديڪ رهندو هوس، تيئن مون کي تمام گهڻا موقعا مليا، جو مون "امين"

---

*"ڪچڪول طالب المولىٰ" - ديباچو، ص ٦

سائينءَ جون سوز ڀريون ڪافيون ٻڌيون، پُرجهيون ۽ هنئين سان هنڊايون.

ان بعد، فقيرن کان جيڪو به ڪلام ٻڌندو هوس، اهو لکندو هوس. اهڙيءَ طرح مون ٻن سالن جي عرصي اندر ”سائين پکن ڏٺيءَ“ جو ڳچ ڪلام جمع ڪيو، جو مون کي موجوده نسخي جي ترتيب ۾ چڱو ڪم آيو آهي.

هن الستي ڪلام جو اثر بندي جي دل تي اڳئي هو، ويتر جو قبله ”طالب المولىٰ“ جن هن جي ترتيب لاءِ ارشاد فرمايو تنهن ”سون تي سهاڳي“ جو ڪم ڏنو، ۽ مون هن ڪم کي محبّت جي مشقت سمجهي هٿ ۾ کنيو.

انهن ڏينهن ۾ سائين غلام حيدر جن حال حيات هئا. انهن مون کي پنهنجو ”حيدري گنج“ عنايت ڪيو. سائين ”طالب المولىٰ“ جن پنهنجو خانداني قلمي نسخو ۽ مرحوم رئيس تاج محمّد نظاماڻيءَ جو بياض، بندي کي مرحمت ڪيا. نه رڳو ايترو پر موقعي بموقعي فقرا سان به ملائيندا رهيا ۽ بندي کي انهن سان ملائڻ لاءِ سڀيئي سهوليتون مهيّا ڪندا رهيا. تنهن ڪري تاليف ۽ ترتيب جي ماحول پيدا ڪرڻ جا ڀاڻ مکيه منبع آهن. شال رب ڪريم کين عمر دراز عطا فرمائي! آمين.

موجوده ڪتاب، ”ڪليات - امين“ جو ڪلام گهڻي ڀاڱي قبله ”طالب المولىٰ“ جن جي خانداني قلمي نسخي تان ورتل آهي. ان جي مختلف پڙهڻين جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ تطبيق، صحت ۽ آخري حيثيت هيٺ ڄاڻايل نسخن سان ڪئي اٿم. پڙهڻيون متعلقه نسخن جي علامت سميت تحت الحاشيه ڏنيون ويئون آهن:

غ. بياض مرحوم ومغفور مخدوم غلام حيدر رح، بنام ”حيدري گنج“.
ت. بياض مرحوم رئيس تاج محمّد خان نظاماڻي.
م. بياض محبوب علي چنا.
ص. صدري ڪلام، جو فقرا معرفت مليو.

ترتيب: "ڪليات امين" جي ترتيب ان جي فهرست مان ظاهر آهي. جيڪڏهن هڪ طرف سنڌي ڪافين ۽ بيتن جي برهه جي بات آهي، ته ٻئي طرف سرائڪي ڪافين ۽ ڏوهيڙن جي ڏاڻ پري ڏات آهي؛ ٽئين طرف لولي، سي حرفي ۽ مولود جي تن ڪي تاٽيندڙ تات آهي، ته چوٿين طرف وري مرثيه جي جانسوز ۽ لنوڙاري لات آهي مطلب ته ادب جي گلستان ۾ چڻ نئين نموني جا گل ڦلهاريا بيٺا آهن، جن مان هر ڪو سڪايل پنهنجي مذاق مطابق مزو وٺي سگهي ٿو.

سائين پکن ڏٺيءَ" جو اردو ۽ فارسي ڪلام، جو ڪجهه دستياب ٿي سگهيو آهي، اهو به پيش خدمت آهي. جيتوڻيڪ هي ڪلام سندن زندگيءَ جي اوائلي حصي جو معلوم ٿئي ٿو، تنهن هوندي به ٺيڪ نه رهي ها، جيڪڏهن اهو ڪلام سندن ڪليات ۾ شامل نه ڪجي ها. لهٰذا چند بزرگن جي مشوري سان آخر اهو درج ڪيو ويو آهي.

ڏکين لفظن، آيتن، حديثن ۽ عربي محاورن جي معنيٰ تحت‌الحاشيه ڏني ويئي آهي.

سنڌي خواه سرائڪي ڪافيون سُروار ڏنيون ويئون آهن، ۽ اهي سُر وري علم سنگيت جي وقتن پٽاندر ڏنا ويا آهن. اهڙي ترتيب هن کان اڳ محض "ڪچڪول طالب‌المولىٰ" ۾ استعمال ڪيل آهي. هن سُر وار ستا جو سهرو سائين "طالب المولىٰ" جي سر تي سونهي ٿو، جو پاڻ گهڻي تڪليف وٺي ڪافين کي سُروار ترتيب ڏئي رکيو اٿن. جڏهن "سندن عصر وارو صبرآزما ۽ ڪوهڪن عنوان هت ۾ ڪنيم تڏهن حافظ شيرازيءَ جي هن سٽ جو هوبهو تصوير نظر آئي ته "ڪه عشق آسان نمود اوّل ولي افتاد مشڪلها." جنون تحقيق ۽ تدقيق جي سيني جبلن کي جهاڳي ۽ ڇپرن کي ڇلي وندر جي وڻڪار ۾ واسو ڪيو. الحمدلله. ان ضمن ۾ سنڌ سونهاريءَ جي ادب، علم، عرفان، سجّاده نشين پير صاحبن، لوڪ ادب جي لالن ڪافين جي ڪوڏين، نثر جي نازوندن، تعليمي ۽ سماجي سڌارڪن جو ذڪر اچي وڃي ٿو. گويا انگريزن جي شروعات کان وٺي، سنڌي ادب جي

پوين وڏن سربراهن تائين هڪ ادبي، علمي، عرفاني، سماجي ۽ ثقافتي نقشو تيار ٿي ويو آهي. اميد ته سنڌي سڄڻن ڪي قبول پوندو. هن عنوان ذريعي ڪل ۲۰۹ بزرگ اچي ويا آهن، جي هن طرح ورهايل آهن.

(۱) وڏا معاصر - ۳۸، (۲) فارسي گو معاصر - ۸، (۳) سنڌي معاصر - ۲۹، (۴) اهل علم و عرفان - ۱۲، (۵) پير صاحب - ٦، (٦) عوامي وڏا معاصر - ۳، (۷) ڪافي گو شاعر - ۳۳، (۸) لوڪ ادب جا لال - ۱۲، (۹) ناثر ۱۲، (۱۰) تعليمي ۽ سماجي سڌارڪ -۱۲، (۱۱) ننڍا معاصر - ۴۴، ضميمي نمبر ۴ ۾ ڏني اٿم. ان کان اڳ ٽي ضميما آندا اٿم. پهرئين ۾ سجّاده نشين حضرات جي لسٽ آهي. ٻئي ۾ امين سائين جي خاندان جو شجرو. ٽيون ضميمو ادبي نقطهٔ نگاهه کان گهڻو اهم آهي، ان ۾ سنڌن خاندان جي چند افراد جو ساهتڪ تذڪرو اچي ٿو.

مان، قبله "طالب المولىٰ" جو تهدل شڪر گذار آهيان، جن هن ڪتاب جي تاليف ۾ منهنجي مڪمّل مدد ڪئي آهي. پاڻ جيڪڏهن شفقت نظريءَ جي شعاع سان مون جهڙي مبتديءَ جي رهنمائي نه ڪن ها ته پوءِ هن ڪتاب جي تاليف، منهنجي ناچيز وس کان ٻاهر هئي.

ان سلسلي ۾ هم مشرب ۽ همراز ياءِ گرامي صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن جي علمي ۽ فني مشورن، هن بلند پايه ۽ پاڪيزه چيز کي نه فقط پاڪيزه معيار بخشيو آهي، پر ان سان گڏ تصوّف جي رهاڻ واري باب کي تڪميل تي پهچايو آهي. ان سان گڏ ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ جويي صاحب جو به شڪر گذار آهيان، جنهن جي نيڪ ڪاوش، هن فقيراڻي چيز جي صوري زيبائش ۽ آرائش کي مثالي حد تائين پهچايو آهي.

مان انهن سڄڻن کي ڪيئن وساريان، جن ڪلام جي جمع ڪرڻ ۾ منهنجو هٿ ونڊايو؟ اهي آهن: آخوند محمّد قاسم، رئيس دوسٽ علي خان

Scanned with CamScanner

ڪتياڻ، رئيس غلام محمّد خان نظاماڻي، رئيس عبّاس علي خان نظاماڻي، گل فقير، عيسو فقير ملاح، امام علي فقير واڍو، مصري فقير ۽ سومار فقير، ۽ حسين بخش ”خادم“.

مان پنهنجن پيارن شاگردن، محمّد شعبان ”بخت“ ڪشموري ۽ رجب الدين سومرو ”عاصي“ کهڙائي جن جو دعاگو آهيان، جن ڪتاب جو ڪم چاهه مان پنهنجي ذمي ڪنيو. پڇاڙيءَ ۾ قبله مخدوم صاحب ڪتابت جي ڪم کي سريع ڪرڻ لاءِ پنهنجي ميا واري ملازم شهباز علي ”ملازم“ سروري کي منهنجي حوالي ڪيو. ان سڄاڻ منهنجي ڪم کي جلد اڪلايو. ڏاڍي شل خوش رکيس!

ادي علي بخش ”رضا“ ۽ سندس عملو به ڪيرون لهڻيون، جن مون سان گوڏو جوڙي، جهد پڄي، ڪتاب کي صحيح ڇاپڻ ۾ حتي المقدور ڪوشش ڪان ڪم ورتو آهي. سيني متعلقن کي رب ڪريم اجر جا نيڪ ياڙا عنايت ڪندو. آمين.

حيدرآباد ناچيز مولف

۵- جنوري ۱۹۶۶ع محبوب علي چنا سيوهاڻي

سابق پرنسپال سروري اسلاميه ڪاليج هالا

الحال پرنسپال سچل سرمست ڪاليج، حيدرآباد سنڌ.

Scanned with CamScanner

كليات امين

امين محمّد سائين، عرف "پَکَن ڏٽي" جو ڪلام

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

سوانح حيات:

حضرت امين محمّد سائين، عرف پکن ڏڌي رحمة الله عليه، جي نامر نامي اسم گرامي کان سنڌ جو اهلِ ذوق طبقو چڱيءَ طرح واقف آهي. سندن بزرگانہ حيثيت ۽ شاعرانہ شخصيت، ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. سندن رقت آميز ڪلام سنڌ جي صوفين ۽ سالڪن جي سَٿ ۾ وڏي عزّت حاصل ڪري چڪو آهي.

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله صدّيقي و سهروردي جي فيوضيات عاليہ ۾ سندن اولاد امجاد بہ شمار ٿين ٿا. جي پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ نہ فقط پير روشن ضمير هئا پر ان سان گڏ، پنهنجي پنهنجي معاشري ۾ صولت ۽ شوڪت جا صاحب بہ هئا، تہ فقر ۽ درويشيءَ جا تاجور بہ هئا ان سان گڏ سڀ اڪثر ڪري سخن سنج ۽ سخن شناس بہ هئا، بلڪ خود شعرگو ۽ نقطہ نواز بہ هئا. سنڌي ادب ۾، حضرت نوح سرور رحہ جا چند "ابيات" هڪ طرح سان، فني محاسن جي حيثيت سان اوليّت جي حيثيت بہ رکن ٿا. اهوئي سبب آهي، جو حضرت نوح سرور رحہ جي فيوضات ۾، جتي "ولايت" جو ورثو سندن اولاد ۾ منتقل ٿيندو رهيو آهي، اتي ڪين عقل ۽ وجدان، بصيرت ۽ فهم جون قوّتون بہ وديعت ٿينديون رهيون آهن. شعروشاعري، هن بزرگزيده روز گار خاندان جو چڻ ورثو ۽ ڏاج آهي.

امين محمّد سائين رحہ، هن صدّيقي ۽ سهروردي خاندان جو اهو بزرگ آهي، جنهن جي شخصيت ۾. فقرودريشيءَ سان گڏ شعروشاعري بہ، بَہ درجہ ڪمال موجود آهي. سندن سارو ڪلام، سوز ۽ ساز جو شارح آهي. نياز ۽ گداز، سندن ڪلام جو روح آهي. سندن ڪلام، تصوّف جي دقائق ۽ حقائق جو شاهڪار آهي، ان سان گڏ، حقيقت ۽ مجاز جو آئينہ دار آهي. سندن فيوضات باطنيہ مان جتي ڪيئي اهل نظر ۽ اهل بصيرت پيدا ٿيا،

اتي سندن کيئي صحبت يافته، شاعر ۽ سخن سنج، بديه گو ۽ بديع الڪلام پڻ اُسريا، جن سروري جماعت ۾ فقر ۽ محبّت جي اها جوت جلائي آهي، جنهن جي چنگاري، اڄ به سروري جماعت جي دلين ۾ درد جو دود دکايو ٿي اچي. لطيف ان جماعت ۽ ٽوڙَ جي باهين ۽ اُلن، دائرن ۽ ڪَکن، کي سُرَ "ڏَهرَ" ۾ بيان ڪيو آهي. سچي ڳالهه ته اها آهي ته خود سُر "ڏهر"، سروري جماعت جو خاص "راڳ" آهي، جنهن ۾ اهي درويش صفت سالڪ، سماع ڪندي، پنهنجن مرشدن جو مدحيه ڪلام، درد ۽ فراق، سوز ۽ ساز سان چوندا آهن. ۽ ان طرح ذڪرِ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ جي ضربات سان دل کي اجاريندا آهن. اهو "ڏَهرَ" سروري جماعت جي اڄ تائين هڪ "علامت" رهندي آئي آهي. ان "علامت" جا تخليق ڪندڙ، سنواريندڙ ۽ جياريندڙ، اهي پڳدار آهن، جي حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه جي پاڪيزه سيرت ۽ اخلاق جا وارث آهن. اهو رنگ، اڄ به سروري ٽوڙَ جي مختلف ميڙن ۽ اجتماعن ۾ موجود آهي.

ذڪر ۽ فڪر جو مخصوص طريقو، جو سهروردیہ عاليہ جي نالي سان سڏجي ٿو، اهو پاڻ پنهنجي جاءِ تي وجد آور ۽ روح آفرين آهي. ان ذڪر ۽ فڪر جي آتش جگرسوز، سماع ۽ شعر سان دو آتشه ٿي وڃي ٿي ۽ اهو شعر، گهڻو ڪري، پنهنجن مرشدن ۽ پيرن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. اڄ به سروري ٽوڙَ ۾ حضرت "پکن ڏٽيءَ" جو ڪلام، "ڏهرن" جي صورت ۾ پڙهيو وڃي ٿو ۽ روحاني حظ حاصل ڪرڻ جو هڪ وسيلو مڃيو وڃي ٿو.

ان کان سواءِ، امين محمّد سائينءَ جو ڪلام، بيان ۽ انداز بيان جي لحاظ سان به سنڌي سليمي ٻوليءَ لاءِ سونهن آهي. اهڙو پاڪيزه ۽ شيرين ڪلام، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ائين آهي، جيئن خواجه فريد جو ڪلام سرائيڪي ٻوليءَ ۾ آهي. اهوئي سبب آهي، جو حضرت امين محمّد سائينءَ جي ڪلام جو

تتبّع ڪرڻ، سندن معاصرين لاءِ فخر جو باعث رهندو آيو آهي.

علامه دائود پوٽو مرحوم، پنهنجي ڪتاب "سرها گل" ۾ امين محمّد سائينءَ جي ڪلام متعلق لکي ٿو:

"امين محمّد سائين، عرف "پکن ڏٺي" الاهي اسرارن جو عارف، الستي محبّت جو بحر مواج، فيوضات يزدانيه جو شارح ۽ ترجمان حضرت غوث الحق، صاحب فيض والفتوح جي سلسلهٔ عاليه ۾ تيرهون سجّاده نشين آهي. پاڻ حضرت مخدوم محمّد زمان رابع جا خلف الرشيد آهن."

سلسلهٔ عاليه

سندن سلسلهٔ عاليه هي آهي:

حضرت مخدوم امين محمّد ثالث، سجاده نشين ١٣، پنهنجي والد بزرگوار حضرت مخدوم محمّد زمان رابع رحمة الله عليه جا وڏا فرزند هئا. ڪين ٻيا ٻه ننڍا ڀائر هئا، جن جا مبارڪ نالا هي آهن:

(١) ميان شاهه محمّد عرف ميان شاهنواز (١٢٥٩-١٣٣٢هه، بمطابق ١٨٣٣-١٩١٣ع)، (٢) ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڊو (١٢٦٨-١٣٠٣هه، بمطابق ١٨٥٢-١٨٨٧ع). هيٺ پيش ڪيل شجري موجب، پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي يارهين پشت هئا ۽ افضل البشر بعدالانبياٗ باالتحقيق سيّدنا ابي بڪر الصديق رضي الله تعاليٰ عنه جي ٻائيتاليهين (٤٢) پشت هئا.

شجرهٔ نسب عاليه

سندن شجرهٔ نسب هي آهي:

(١) مخدوم امين محمّد بن (٢) مخدوم محمّد زمان رحه بن (٣) مخدوم امين محمّد بن (٤) مخدوم پنيلڊو بن (٥) مخدوم عثمان رحه بن (٦) مخدوم محمّد زمان رحه بن (٧) مخدوم مير محمّد رحه بن

(٨) مخدوم مٽن رحہ بن (٩) مخدوم مير محمّد بن (١٠) مخدوم ابوالخير رحہ بن (١١) مخدوم امين محمّد رحہ بن (١٢) حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليہ عرف لطف الله بن (١٣) مخدوم نعمة الله رحہ بن (١٤) شيخ محمّد اسحاق رحہ بن (١٥) شيخ شهاب الدين صغير رحہ بن (١٦) شيخ فخرالدين صغير بن (١٧) شيخ عزّالدين رحہ بن (١٨) شيخ اسماعيل رحہ بن (١٩) شيخ عبدالوهّاب رحہ بن (٢٠) پير مير عرف سرور پير رحہ بن (٢١) شيخ برهان الدين رحہ بن (٢٢) شيخ فخرالدين ڪبير رح بن (٢٣) شيخ ابوبڪر ڪتاني رحہ بن (٢٤) شيخ نصير الدين رحہ بن (٢٥) شيخ سراج الدين رحہ بن (٢٦) شيخ وجه الدين رحہ بن (٢٧) شيخ خيرالدين رحہ بن (٢٨) شيخ ابو عاصم رحہ بن (٢٩) فخرالدين رحہ بن (٣٠) شيخ عبدالله رحہ بن (٣١) شيخ شهاب الدين رحہ بن (٣٢) شيخ ابو محمّد عبدالله رحہ بن (٣٣) شيخ ابو حفض ابراهيم رحہ بن (٣٤) شيخ وجه الدين رحہ بن (٣٥) شيح محمّد عمر رحہ بن (٣٦) شيخ عبدالله رحہ بن (٣٧) شيخ رضي الدين رحہ بن (٣٨) شيخ مسعود رحہ بن (٣٩) شيخ ابوالقاسم رحہ بن (٤٠) شيخ محمّد اصغر رحہ بن (٤١) شيخ عمر رحہ بن (٤٢) سيّدنا عبدالرحمٰن رضہ بن (٤٣) سيّدنا حضرت ابو بڪر صدّيق رضہ (*).

(*) تحفة الڪرام جو شجرو درست نہ آهي. حضرت مخدوم نوح رحہ کي ٽيويهين پشت ۾ وڃي حضرت ابابڪر صديق رضہ سان ملايو اٿس. مسلم ادبي سوسائٽي جي ”سال ١٩٤٠ع جو ڇپيو ڪتاب ”حضرت مخدوم نوح“ جي عنوان سان شايع ٿيو ان ۾ بہ مخدوم صاحب جن جو شجرو تحفة الڪرام تان ورتل آهي. تحفة الڪرام، نمبر ٢٣ شيخ ابوبڪر ڪتاني کي شيخ ابوبڪر عتابي (نئون سنڌي ڇاپو ص ٣٨٣) ڪري ڏيکاريو آهي جو غلط آهي. ريلائي پير“ مؤلف علي محمّد سيال ص ١ ۾ جو شجرو ريلائي پيرن جو ڏنل آهي، ان ۾ شيخ ابوبڪر ڪتاني کان حضرت ابوبڪر صديق رضہ تائين شجرو ڏنل آهي جو تمام ناقص آهي انهن حقيقن کي هنئين ۾ هنڌائي قلمي ڪتابن ڏي توجه ڪيم.
(ڏسو حاشيہ صفحو ١٧)

ولادت

حضرت پکن ڏٺي رحہ جي ولادت باسعادت تاريخ ٧-شعبان ١٢٥٤ھ بمطابق ٢٦-آڪٽوبر ١٨٣٨ع جي واقعي ٿي. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار، حضرت مخدوم محمّد زمان رابع رحہ، جا وڏا فرزند هئا. پاڻ [حضرت مخدوم محمّد زمان رابع رح] پنهنجي خوش طالع فرزند ارجمند جي بابرڪت آثار کي محسوس ڪري، سندن نالو، پنهنجي والد ماجد جي اسم گرامي تي رکيائون. ۽ هن ڄمندي ڄام فرزند جي ولادت تي خير خيراتون ڪيائون، لنگر هلايائون، صدقا ڪڍيائون ۽ هزارن سائلن جي مشڪلڪشائي ڪيائون.

روايت آهي ته سندن والد سائين، کين ڪوڏ وچان، "بابا سائين" ۽ پيار وچان "امين" ڪري سڏيندا هئا (١).

تعليم ۽ تربيت

سندن تعليم ۽ تربيت جو بندو بست، خانداني روايات موجب رکيو ويو. ان زماني ۾، درگاهہ فلڪ پائگاهہ سروريہ جي مجاورن ۽ خدمتگارن مان

مون کي قبلہ طالب المولیٰ ۽ آخوند صاحبن کان "تحفة الاوليا و فرع الاصول" مولف آخوند حاجي محمّد صالح بن آخوند حافظ ويدو ١٢٩٧ھ جا ٻہ نسخا مليا. انهن جي متن ۽ شجره (شجره جي وڻ) ۾ ٻہ تفاوت ٿيو. متن ۾ شيخ فخرالدين ڪبير جو پٽ شيخ برهان الدين ۽ ان جو پٽ مير پير عرف سرور پير، ان جو پٽ شيخ عبدالوّهاب ۽ ان جو پٽ اسماعيل ڏيکاريل آهي، پر شجره جي وڻ ۾ وري قصّو اُبتو. شيخ فخرالدين جو پٽ شيخ عبدالوّهاب، ان جو پٽ مير پير، ان جو پٽ شيخ برهان ۽ ان جو پٽ شيخ اسماعيل، وري متن جو مضمون ٻہ سنئون سڌو ڪونہ هو. ان ڪري منجهي پيس، پر غيبي امداد هڪ قلمي نسخي جي وچڙيل پني مان ملي، جو شايد رسالي فتحي جو ڇنل پنو هو. (هي پنو مون کي محترم قاضي شفيع محمّد بن قاضي عبدالله ابڙي هالائي جي پراڻن ڪاغن مان هٿ آيو). هن ۾، شجري جو هي منجهيل ٽڪر تمام چڱيء طرح سمجهايل هو. جنهن مان الله ڪري، مذڪور شجري جون ڪڙيون ڳنڍي، مڪمّل ڪيو اٿم. — مؤلف

(١) خاندان سروريہ جي ٻين بزرگن جو شجرو ۽ احوال ضميمي نمبر ٣ ۾ ڏنو ويو آهي.

آخوند محمّد قاسم، علوم عاليه جي درس وتدريس ۾ وڏي شهرت جو صاحب هو. حضرت مخدوم محمّد زمان رحہ رابع، پنهنجي فرزند جي تعليم ۽ تربيت لاءِ آخوند محمّد قاسم کي مامور فرمايو.

حضرت امين محمّد سائين، وڏي جهد ۽ رياضت سان علوم متداولہ جي تحصيل ڪئي ۽ ان دور جي درس نظاميہ ۾ مقام تخصيص حاصل ڪيو. پاڻ قرآن، حديث، فقه ۽ تصوّف جي دقيق مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ خاص مرتبو حاصل ڪيائون.

اها بہ حقيقت آهي تہ اصل ۾ تربيت ۽ تعليم جو بلاواسطہ تعلق پنهنجي مرشد حق آگاهہ سان رهي ٿو. ان موجب، سندن والد ماجد جي نگاهہ، امين محمّد سائينءَ کي هر خيال کان ڪيميا بنائي ڇڏيو:

دين هوتا هي بزرگون کي نظر سي پيدا.

جي مصداق، پاڻ "صبغة الله" جي حسن ۽ رنگ ۾ رڱجي رڱنا ٿيا.

سجّاد نشيني

پاڻ اڃا پندرهن سالن جا مس ٿيا تہ حضرت مخدوم محمّد زمان رحہ رابع وفات فرمائي. والد بزرگوار ۽ مرشد حق آگاهہ جي وفات سندن جوانيءَ ۾ غم انگيز جهوراٽو پيدا ڪيو. حضرت سائين مخدوم محمّد زمان سائين رابع، ۱۹- صفر ۱۲۶۹ھ مطابق ۱۸۵۳ع عين عنفوان - شباب ۾ رحلت فرمائي ويا، سندن عمر فقط ۳۶ سال ۽ ست مهينا هئي.

امين سائينءَ، هن جهوريءَ کي حوصلي ۽ استقلال سان برداشت ڪيو. ڇا لاءِ جو درگاهہ فلڪ پائگاهہ جو سارو انتظام، جماعت سروريہ جي تربيت جو اهتمام سندن ڪلهن تي آيو. ان کان سواءِ، پنهنجن ننڍن ڀائرن، ۽ چئن معصوم ڀينرن جي ڪفالت ۽ خدمت جو بار بہ مٿن آيو. پاڻ، هر مسئلي کي مڙس ٿي منهن ڏنائون. دستاربنديءَ ۽ سجّاده نشينيءَ کان پوءِ، هڪ تجربيڪار ۽ ماهر روزگار وانگر سارو بار سنڀاليائون. مريدن جي حقن جي حفاظت ڪيائون، عزيزن جي واجبات کي حلّ ڪيائون ۽ سروري خاندان جي روايات سابقہ کي چار چند هڻي، طريقہ عاليہ

سهرورديہ جي سنڌ ۽ هند جي دور دراز حصن تائين تبليغ ڪيائون. سندن "دستار" طريقہ عاليہ جي فروغ جي سلسلي ۾ هڪ نمايان ۽ تاريخي مقام رکي ٿي.

ايّام جواني

حضرت امين محمّد سائينءَ جي جواني، ڏاڍي مستاني ۽ البيلي گذري. پاڻ نهايت پاڪيزه طبع جا هئا، پر خوش پوشاڪ بہ هئا. سندن باطن اگر "فقر" جي گودڙيءَ سان سينگاريل هو، تہ سندن ظاهر ڪلاهءِ سڪندري ڪان سنواريل هو. سندن جاه وجلال شاهاڻو هو، پر مزاج فقيراڻو هو. بدن مبارڪ پريل هوندو هون، پر حسين ۽ جاذب نگاهہ! سندن سراپا حسين ۽ دلڪش چهرو ڪتابي، پيشاني نُوراني، ماڻهو هڪ نگاهہ سان فريفتہ ٿي ويندا هئا. پوشاڪ اڪثر ڪري رنگين پهريندا هئا. دستار گلابي، گيڙو رنگي ۽ سائي پهريندا هئا. ڪڏهن تہ سارو لباس گيڙوءَ رنگ زيب تن ڪندا هئا. سندن ان رنگين زندگيءَ جو چُٽڪو بہ چار ڏينهن رهيو. جلدي پنهنجي اصلوڪي فقيراڻي طريقي ڏانهن رجوع فرمايائون. سندن لطيف طبع لاءِ روابت آهي تہ پاڻ، جنهن پاسي نڪري ويندا هئا، اهو پورو خطو واسجي ويندو هو. ڪين عطر ۽ خوشبوءِ سان تمام گهڻو اُنس رهيو.

اولاد

سندن شاديون چار هيون: ٽي هالن مان، ۽ هڪ پنهنجي عزيزن، قريشي و صدّيقي پيرن مان. اهو خاندان نورپور تعلقي نوشهره فيروز ۾ اڄ تائين آباد آهي.

ڪين پنهنجي خاندان جي حرم مان ٽي فرزند ٿيا: پهريون فرزند مخدوم ميان محمّد زمان رحہ، ٻيو مخدوم ميان ظهيرالدين رحہ ۽ ٽيون ميان فتح محمّد رحہ. اهي ٽيئي فرزند، پنهنجي دور ۾ برگزيدهءِ روزگار شمار ڪيا ويا. پهريان بہ بزرگ، سجّاده نشين پڻ ٿيا.

محبّت جو منڊ

جي اُٺي سَڌ سرڪ جي، تہ ونئن ڪلالڪيءَ ڪوءِ،
مهيسر جي منڊ جي، هت هڏهين هوءِ،
جان رمز پروڙيم روءِ، تان سروڻ سرڪي سگهٽي.
(شاهہ)

امين محمّد سائينءَ جي تعليم ۽ تربيت جي دور واري حياتي، اگرچ ظاهري نشونما جي لحاظ سان اميراڻي هئي، پر باطني طور فقيراڻي هئي. سندن باطني تربيت، پنهنجي والد بزرگوار حضرت مخدوم محمّد زمان رابع رحہ جي نگاهہ ڪيميا اثر جي مرهون منّت هئي. دستور موجب، پاڻ ورهہ جي وَٽي، پنهنجي مرشد ۽ والد جي دست حق پرست ڪان پيتي هوائون، جنهن اڳتي هلي، جوانيءَ ديوانيءَ جي ورق ڪي ورايو، ۽ منجهن سلوڪ ۽ طريقت جا آثار پيدا ٿيا. منجهن حق تعاليٰ جي فيوضات ابديہ جي واردات پيدا ٿي ۽ ظاهري حسن وزيبائش ۾ فرق پيدا ٿيڻ شروع ٿيو. حق تعاليٰ جي محبّت، سندن قلب ۾ واسو ڪيو. پاڻ علوم عاليہ جا متبحر عالم هئا، ان ڪري سندن طبع، اسرار الاهي جي موتين ميڙڻ ۾ لڳي ويئي. ذڪر ۽ فڪر منجهن خلوت پسنديءَ ڏانهن رغبت پيدا ڪئي. سادي ڪائڻ ۽ سادي هنداڻ تي اڪتفا ڪري، پنهنجي روح ڪي رب ڪريم ڏانهن رجوع ڪري ويهي رهيا. عبادت ۽ مجاهدي ۾ ڪمال حاصل ڪيائون. ايترو تہ جهد ۽ رياضت ڪيائون، جو ڪاٺيءَ وانگر سُڪي لاغر ٿي ويا. جڏهن مجاهدي سان مَڇي مانجهي ٿيا، تڏهن بدرقہ جي ضرورت محسوس ڪيائون. هن راهہ ۾ مرشد ڪامل جي دستگيري ضروري امر آهي. پاڻ اها ضرورت محسوس ڪيائون، تہ سلوڪ جي خاردار وادين جي سالڪ ۽ راهہ جي نشيب وفراز واقف ڪان سواءِ، سلوڪ ۽ طريقت جو ميدان طئي ڪرڻ مشڪل امر آهي. اگرچ سندن روحاني تربيت جو سلسلو پنهنجي والد ماجد سان وابستہ هو، پاڻ "بيعت طريقت" ڪري چڪا هئا؛ پر سلوڪ جي بابرڪت ميدان ۾، "صحبت" جو هجڻ لازمي آهي، ان سلسلي ۾ پاڻ

پنهنجي سروري جماعت جي هڪ سيلاني درويش، سهيل عرف سيلو جي صحبت اختيار ڪيائون ۽ ان جي صحبت ۾ طريقت جا مقامات ماڻيائون.

سهيل عرف سيلو، هڪ سروري درويش ۽ سيلاني فقير هو. فقير هميشه سيروسياحت جو ڪوڏيو رهيو، ان ڪري ڪيس سڀ "سيلاني" سڏيندا هئا. فقير صاحب، ذات جو "منگريو" هو. سندس مڪان، هالن کان اوير ۽ اتر طرف هالا براج وٽ، ميل - سوا تي آهي. اهو فقير صاحب، ميان مڱيلڏي ولد ميان الهه اوپائي وڏي جو صحبت يافته هو. ڪيس فيض به اتانهون مليو هو.

روايت

سيلاني فقير جي صحبت ۽ مجاهدي، رياضت ۽ سلوڪ متعلق حضرت مولانا مولوي غلام حيدر صدّيقي رحه کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن، ميان مڱيلڏي جن وٽان، کين هدايت ٿي ته:

"فقير، هاڻي وڃي روٽيءَ رڏيءَ جي ڪجي!"

سندن اها هدايت به مجاهدي لاءِ هئي. ان هدايت تي، فقير صاحب رخصتياب ٿي، اچي ہني ڪئي. جيستائين سندس پوک پچي تيار ٿي، تيستائين "فقر" ڪري، ان تي گذران ڪندو هو. آخرڪار ان مجاهدي مان به "فقير" سيلاني پار ٿيو ۽ سروري ٺوڙ ۾ "خلافت" حاصل ڪيائين.

ملاقات

امين محمّد سائينءَ جي ملاقات ۽ صحبت متعلق روايت آهي ته "هڪ ڀيري، امين سائين، فقير صاحب وٽ ڪَهي ويا. اتي وڃي کين عرض ڪيائون ته اسان سان به "حال ونڊجي" فقير صاحب، ٿاڌل (ڀنگ) گهوٽيل مان ڪجهه ڏيڻو ڪيو: پر پاڻ فرمايائون ته اسان کي شريعت شريف مطابق گهرجي. فقير ڳاڙهي مُستيءَ جو شربت پيش ڪيو، جنهن مان ٽي سُرڪيون پريائون. پهرين سرڪ پرڻ کان پوءِ، اُتي جي ماحول جي غيبي

معاملات جو ڪشف ٿيڻ لڳن: ٻي سرڪ پڙڻ کان پوءِ، مڪاشفي ۾ تيزي محسوس ٿين: ٽين سرڪ کان پوءِ، ڪشف جي واردات ايتري وڌي وين، جو هالن ڏانهن واپس ورندي، وات تي هڪ حامله عورت کي فرمايائون ته توکي پُٽ آهي! اڳتي هلي، سندن اهو ڪشف سچو نڪتو ۽ ان عورت کي واقعي پٽ ڄائو"(١).

فقير سهيل جي پهرين صحبت، "سروري امانت" کي حضرت امين سائينءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابت ٿي ۽

"آن را ڪه خاڪ را به نظر ڪيميا ڪنند."

آخرڪار سروري امانت، امين سائينءَ کي سونپي، سيلاني رمندو رهيو. سهيل فقير، ١٨-ربيع الآخر ١٣٠٢ھ مطابق ١٨٨٥ع جو وفات ڪئي، يعني امين سائينءَ کان فقط هڪ سال اڳ. فقير صاحب کي سندس مرشد غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي درگاهه ۾، ڏاڪٽي چئوڪنديءَ جي هيئين پِڙَ ۾، ٻيءَ قطار ۾ دفن ڪيو ويو.

امين سائينءَ جو اولاد

امين سائين جا ٽي گرامي قدر فرزند ٿيا، جيئن متي لکيو ويو آهي:
مخدوم محمّد زمان خامس ۽ مخدوم ظهيرالدين، يڪي بعد ديگري سجّاده نشين ٿيا ۽ ٽيون فرزند ميان فتح محمّد رحه ٿيو.

مخدوم محمّد زمان خامس

مخدوم محمّد زمان (خامس) امين سائينءَ جو پهريون جليل القدر فرزند ۽ پڳ جو وارث، آچر ڏينهن ١-جمادي الاول ١٢٧٨ھ مطابق ١٨٦٢ع تولد ٿيو. پاڻ ڏاڍي لاڏڪوڏ سان تربيت حاصل ڪيائون. بدن ۾ پريل هئا ۽ نهايت پرڪشش، حسين ۽ جميل شخصيت جا مالڪ هئا. سندن پيشاني نوراني هئي، ۽ چهره ڪتابي ۽ رعبدار. ڪين سونهاري، شرع جي

(١) اها روايت، حضرت مخدوم محمّد زمان صاحب "طالب المولىٰ" سجّاده نشين حضرت غوث الحق نوح رحه، بيان فرمائي آهي.

موافق هئي. گهوڙيسواريءَ جا شوقين هئا. پاڻ پنهنجي دور ۾ نهايت بهادر ۽ شجاع شمار ڪيا ويا آهن. الله تعاليٰ جي خوف کان سواءِ، غير جو خوف ڪڏهن به سندن دل ۾ نه سمايو. سندن عزت ۽ عظمت جو ڏاڪو، حڪومت تائين به پهتل هو. سندن دور جا امير ۽ پير، حاڪم ۽ افسر، نه فقط سندن شخصيت کان متاثر رهيا، پر مرعوب به رهيا. ڪيترا پيرا مٿن حملا به ڪيا ويا، پر دشمن ڪڏهن به ڪامياب نه رهيا.

پاڻ جودو سخا جا درياهه رهيا. سائلن کي ڏئي ڇڏيندا هئا: ڪو به ستايل، سندن خدمت مان بي بهره ۽ خالي نه موٽيو.

سندن پوشاڪ شاهاڻي هئي، يلي گهوڙي تي سواري ڪندا هئا. ۽ اڪثر تلوار ساڻ رکندا هئا.

هميشه گهوڙي تي سوار ٿي، اڪيلائي اڪيلا، ٻري ٻري هليا ويندا هئا.

سندن آواز رعبدار هوندو هو، سندن خشم آگين نگاهن جو تاب ڪير به برداشت ڪري نه سگهندو هو. وڏا وڏا ڏهيسر، سندن روبرو اچي ڪنبندا هئا. پاڻ پنهنجي دور ۾ سيني پيرن کان زور وارا پير هئا.

پاڻ، عبادت گذار ۽ متشرع، عالمن جي عزّت ڪندڙ، ديني مدرسن کي امداد ڏيندڙ، غريبن ۽ يتيمن ۽ بيواهن زالن جي سار سنڀال لهڻ وارا هئا.

عفو ۽ درگذر ۾ به سندن ڪو مَٽ ثاني نه هو. پاڻ، پنهنجي ذاتي دشمن کي به بخشي ڇڏيندا هئا: بلڪ کيس انعام اڪرام ڏئي اماڻيندا هئا. هڪ ڀيري، سنڌ جي هڪ وڏي پير، مٿن حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجا هٿيار بند مريد موڪليا. اهي ماڻهو، هالن جي موجوده وڏي رستي تي اچي، ڪٻڙن ۾ لڪي ويٺا. کين خابرن خبر ڏني ته شام جو حضرت مخدوم صاحب، سير تي نڪرندي، هتان ضرور لگهندو آهي. پاڻ دستور موجب، اڪيلا، گهوڙي تي سوار ٿي، گهمندي اچي لانگهائو ٿيا. حملہ آور ماڻهن وجهه وٺي، جيئن

کېڙن مان نڪري، حملي جي ڪوشش ڪئي، تيئن سندن نظر وجي مٿن پئي. فوراً کين هڪل ڪيائون، متان ويا آهيو! حملہ آور، سندن ان هڪل تي حواس باختہ ٿي بيهي رهيا. پاڻ، اڪيلي سر اچي کين ہڌي، بنگلي تي وٺي آيا بنگلي تي کين امن ۽ آرام سان مهينو کن شاهي مهمان ڪري رکيائون. مهيني کان پوءِ کين ڀلا گهوڙا، روپن سنجن سان ڏنائون، ۽ ان کان سواءِ، دستور موجب لنگيون پوتيون ۽ انعام اڪرام ڏئي، کين رخصت ڏيندي فرمايائون:

”ابا، پنهنجي پير کي سلام ڏجو ۽ چئجو تہ ائين نہ ڪبو آهي!“

پاڻ، پنجيتاليهہ سالن جي عمر ۾ چوڏهين سروري دستار تي آيا، ۽ ٽيونجاهہ سالن جي عمر ۾ ۲۸- رمضان ۱۳۳۱ھ مطابق ۱۹۱۳ع وفات فرمايائون.

مخدوم ظهيرالدين (دستار پندرهون)

حضرت مخدوم ظهيرالدين، حضرت امين سائين جا ٻيو نمبر فرزند هئا. سندن تولد آچر ڏينهن ۱۵- جمادي الاول ۱۲۸۰ھ مطابق ۱۸۶۳ع ٿيو. کين پريل چام ۽ ”پرو چام“ جي پياري نالي سان ياد ڪيو ويندو هو.

پاڻ، پنهنجي وڏي ڀاءُ جي دور ۾ سارو ڪاروبار سنڀاليندا هئا. حضرت مخدوم محمّد زمان خامس جي وفات کان پوءِ، ايڪونجاهہ سالن جي عمر مبارڪ ۾ پندرهين سروري دستار تي آيا ــ چالاءِ تہ حضرت مخدوم محمّد زمان خامس رحہ کي اولاد ڪونہ ٿيو. شريعت جا صاحب ۽ تعليم جا شائق هئا. ان سلسلي ۾، اسلامي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هالن ۾ ديني مدرسو پڻ قائم فرمايائون، جنهن مان هزارن طالبن علوم عاليہ تائين تحصيل ڪئي. ان سان گڏ، پنهنجي فرزندن ۽ عزيزن کي بہ تعليم جي زيور سان



حضرت امين محمد سائينءَ جي خط جو عڪس، جو پنهنجي فرزند
حضرت مخدوم ظهيرالدين "پروچار" ڏانهن لکڻ فرمايو هئائون

Scanned with CamScanner



حضرت امين محمد سائينءَ جي خط جو عڪس، جو پنهنجي نندي فرزند
ميان فتح محمد ڏانهن لکڻ فرمايو هئائون.

Scanned with CamScanner

آراسته ڪيائون. اڳاري ڏينهن ٦- رجب المرجب ۱۳۴۵ھ مطابق ۱۰-جنوري ۱۹۲٦ تي وفات فرمايائون.

ميان فتح محمّد صاحب قريشي

امين سائين جا ننڍا فرزند هئا. جڏهن ته درگاهه جي ڪاروبار سنڀالڻ وارا سندن وڏا ڀائر موجود هئا، تنهنڪري پاڻ دنيا جي هر ڪنهن ڀنڊڻ کان آزاد رهيا. سندن رهڻي ڪهڻي ڏاڍي رنگين هئي. امين سائينءَ وانگر پاڻ به رنگين پوشاڪ پهريندا هئا.

پاڻ صاحب الاخلاق هئا. ڪنهن به ماڻهوءَ کي رنج نه ڪيائون، سيني سان مهربانيءَ سان پيش آيا. ساري عمر بي فڪريءَ جي عالم ۾ گذاريائون ۽

"هينئون ڏجي حبيب کي، لڳ گڏجن لوڪ!"

جي حال وارو رهيا. جمع ڏينهن ۸-ذوالقعد ۱۲۸۸ھ مطابق ۱۸۷۲ع ڄاوا ۽ چنڇر ڏينهن ۲۰-شوال ۱۳۴۰ھ مطابق ۱۹۲۱ع وفات فرمايائون.

راهونبد ۾ روح رهاڻ

حضرت امين محمّد سائينءَ جي مجاهدي ۽ رياضت جي سلسلي ۾، "راهونبد" کي وڏي شهرت حاصل آهي. ان متعلق حضرت مخدوم محمّد زمان صاحب "طالب المولىٰ" جن جي هڪ مقالي جو اقتباس پيش ڪجي ٿو. لکن ٿا:

"سائين پڪن ڏٺي، رياضت ۽ مجاهدي لاءِ هڪ ويراني جي تلاش ڪري، اتي وڃي ويٺا ۽ الله جي عبادت ۾ مشغول ٿيا. ان سر زمين کي "راهونبد" چوندا آهن. ان کي " پڪا" پڻ سڏبو آهي، ڇالاءِ ته پاڻ هت پڪا اڏي سڪونت اختيار ڪري ويٺا. باقي

"ڪڙ-مڪان"، فقراء پنهنجي رهڻ لاءِ تيار ڪيا. هڪ "ڪڙ" خاص آهي. ان

۾ ھاڻ صبح وشام اچي، فقراءِ ۽ ٻين آيل ماڻھن سان روح رھاڻ ڪندا ھئا. ٻيو سمورو وقت "دونھين" ۾ اندر گذاريندا ھئا.

"دونھون" عام اصطلاح ۾ ان جاءِ کي چئبو آھي. جتي ڪو فقير دونھون دکائي، تورو "لوڙھو" ڏيئي ويھي ۽ الاھي عبادت ۾ مشغول ٿي ويھي. ڪي فقير دونھون ڪونہ دکائيندا آھن. فقط "لوڙھو" ڏيئي ويھندا آھن. ان ڪري عام اصطلاح ۾ "لوڙھو" چيو ويندو آھي.

گھڻا ماڻھو چوندا آھن تہ "دونھون دکائڻ" شرع جي خلاف آھي، مگر ائين نہ آھي: جيڪڏھن دونھون غير شرعي طريقو ھجي ھا، تہ اسان جو شاھہ ھيئن نہ چوي ھا:

"دونھان آھن سونھان، سندا سناسين!"

ٻئي ھنڌ فرمائي ٿو:

ڀنيءَ ٽيون پڙڪن، ٻاھيون ٻيراڳين جون،
ھل تہ سيڪيون ھتڙا، مَتي تِن مَچَن،
اھي ڪيئن اجھامن، جيڪي لاھوتي لائي ويا.

امين محمّد سائين، جيئن تہ پکن ۾ رھڻ پسند ڪيو. انھيءَ ڪري، کين "پکن وارا صاحب"، "پکن وارا سائين" ۽ "پَکَن ڏَٽي" پڻ سڏبو آھي. پکن ڏٽي، پکن تي اچڻ کان پوءِ. ھڪ "کبڙ" ھيٺ چار ٿلھيون ڪائيون، تقريباً اڌ-اڌ فوٽ جي فاصلي تي رکيون. ھر ھڪ ڪائيءَ جي ڊيگھہ ٻہ - اڍائي فوٽ ڪري تيندي، جڏھن کين سمھڻ جو خيال تيندو ھو، تڏھن انھن ڪائين تي سمھندا ھئا. مطلب ھيءَ ھو تہ "آرام" جي بجاءِ "آلام" ۽ غفلت جي ننڊ کان بچاءُ ٿئي. مطلب ھو نفس کي مارڻ. پرسان ھڪ دونھين ٻہ دکايانون جا اج تائين دکندي اچي ٿي. ان مان خورد نوش لاءِ ائين پھر

هڪ روني، اَني، لوڻ ۾ مِرئِن سان (ڪوڪِي) پچائي ڪم آڻيندا هئا."

بگهڙ به سلامي

روايت آهي ته اهڙي مرد خدا جي ڪَکن تي بگهڙ به سلامي ايندا هئا. اگرچ هن دور ماديات ۾ اهڙين روايتن کي وسهڻ وارا ڪي تمام ٿورا ليندا، تاهم جن اهل دل صوفين جي سيرت کي مطالع ڪيو آهي، اهي ڄاڻن ٿا ته سلف صالحين جي دور ۾ ابوالحسن خرقاني رحه وٽ شير به سلامي هئا. ٻيو نه ته قلندر تي به شيرن کي ايندي ويندي ڏنو ٻڌو ويو آهي.

هڪ روايت آهي ته جڏهن پکن ڏٺي، پکن تي هلي ويئا، تڏهن هڪ دفعي بگهاڙي وٽن ويجهو اچي، ڪوڪڙاٽ ڪرڻ لڳي. پاڻ ان وقت تنها، پنهنجي عبادت واري جاءِ (دونهينءِ) ۾ ويٺا هئا. هڪدم ٻاهر اچي، فقراءِ کي چيائون ته چوطرف ماڻهو وڃن ۽ معلوم ڪن ته ڪنهن وٽ بگهاڙيءِ جا ٻچا هجن ته ڏئي. جلدئي ٻچا ڪنهن هنڌان هٿ آيا. پاڻ اهي ٻچا کڻي "دونهين" (عبادتگاهه) ۾ وڃي بگهاڙيءِ وٽ ڇڏيائون، جا ٻچا وٺيو هلي ويئي.

ان وقت کان وٺي، اڄ تائين بگهڙ دونهين ۾ ايندا ويندا آهن، اهي اگرچ "راهوند" جي جُوءِ ۾ رهندا آهن، ۽ سنڌن هلڻ گهمڻ به ان جوءِ ۾ رهي ٿو، پر ڪڏهن به ڪو نقصان ڪونه ڪيو اٿن.

ان طرح، عليءِ نالي جَتَ (عمر نوي ورهيه)، جناب مخدوم طالب المولىٰ سان ڏوبرو ڳالهه ڪئي ته هن ٻڪريون پئي چاريون، هڪ رات هڪ ٻڪري راهوند ۾ رهجي ويئي. صبح جو ڳولڻ وڃي ته ڏسي ته ٻڪري ويائي آهي ۽ به قرير سان بيٺا اٿس، ۽ بگهڙ وٽس ويٺا آهن. چوي ٿو ته مان ڦرن سوڌي ٻڪري وٺي آيس ۽ بگهڙ هليا ويا.

حضرت طالب المولىٰ سائينجن جي والد ماجد، حضرت "گل سائين" به پکن تي ڪيترا سال چلہ ڪشي ڪئي.

سندن روايت آهي ته بگهڙ هميشه ايندا هئا، پر ڪجهه به ايذاءُ نه ڏيندا هئا. دستور موجب، اڄ تائين پڪن تي پاٽيءَ جون ڪونڊيون بگهڙن لاءِ پَري رکبيون آهن.

بچل فقير ڏيهو (عمر پنجهتر سال) جي روايت آهي ته هو جڏهن به دونهين جي صفائيءَ لاءِ ويندو هو، تڏهن هميشه بگهڙ ڏسندو هو. پر اهي ڪيس ڪجهه به نه چوندا هئا. بلڪ ڪيس صفائي ڪندي ڏسي، هليا ويندا هئا.

ان طرح، براڏي فقير ملاح (قبله طالب المولىٰ جو نوڪر جو زنده آهي) اهو تو ڳالهه ڪري ته ڪيترا ڀيرا "پَڪن" ڏي ايندي هن ڪي رات جو بگهڙ گڏيا هوندا، مگر ڪجهه ڪونه چيو هونداءون.

مرحوم علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي به پنهنجي ڪتاب "سرها گل" ص ۷۵ تي بگهياڙي جو ذڪر ڪيو آهي.

راهوند جا فقيراڻا آثار

علاقي راهوند ۾ نارَ، پڪا، گهوگهات ۽ سيّد حَسن جو مقام اچي وڃن ٿا. اسان کي هت فقط "پڪن" جو احوال ڏيڻو آهي، جو سائين "پڪن ڏٽيءَ" جو رياضتگاهه هو.

هي زيارتگاهه، هالا کان شهدادپور وارو رستو ميل - ڏيڍ وٺي هلبو ته ڏکڻ طرف پريان وڻن جا جهڳٽا نظر ايندا. رستو ڇڏي، وارياسي لاهين چاڙهين کي عبور ڪري، اچي ڪليل ميدان ۾ پهچبو؛ جتي مٿي دڙي تي هڪ ڪِرُ ڏسڻ ۾ ايندو، جو سائين "پڪن ڏٽيءَ" جي ڪچهريءَ وارو ڪِرُ هو. اسان جي مشاهدي جو مرڪز به اهوئي هنڌ آهي. ان کان پنجهتر قدم هلبو ته اسان کي "دونهين" جو هنڌ نظر ايندو، جو پڻ وارياسي پيچري جي لاهه کان پوءِ، هيٺانهون آهي. هڪ ڏَکَن سان پڪن جو مَنَهن ٺهيل آهي. جنهن جي هيٺان چار ڪائين جا ڏَڪ مٽيءَ سان لِتل نشان طور موجود آهن. هتي اسان جي "امين سائين" جو تڪيو هو.

ان جي اتر- اولهہ جي ڪُنڊ لاڳيتو هڪ "دونهون" هو، جو پريل صورت ۾ رهندو اچي ٿو.

ان جي اتر، ويهن قدمن تي ٻيو ننڍو دونهون آهي، جنهن کي "پنجتنَن" جو دونهون ڪري ٺا سڏين.

ڪچهريءَ واري ڪِڙَ کان ويهارو قدم اوير - ڏکڻ هڪ ڪِڙَ آهي، جتي مرحوم "گل سائينجن" چلهِ ڪشي ڪئي هئي.

ان ڪِڙَ جي اتر ۾ سٺ کن قدمن تي هڪ فقراءَ جو ڪِڙُ هو، جنهن جا نشان اڃا بيٺل آهن. جتي "گل سائين" جو ساٿي محمّد فقير ڪٽياڻ اچي جوڳ ڪندو هو.

وري "گل سائين" جي ڪِڙَ کان اوير طرف، متي پِٽَ تي، فقيرن جو ڪِڙُ ۽ ان جي پرسان ڪروت آهي، جتي فقير حسين ڏيهو رهندو هو. ان کان ٿورو اورتي وري هڪ کوهي آهي، جا سائين پروچام ڪٽائي هئي.

گل سائين جي ڪِڙَ جي ڏکڻ طرف هڪ ترائي آهي، جا براج کان اڳ پاڻيءَ سان پريل هوندي هئي، جنهن کي "مانُ ڪُنُ" ڪري سڏيندا هئا.

هن هنڌ جون مڇيون مشهور هونديون هيون. هت ٻہ هڪ فقير، حاضريءَ ۾ رهندو هو. هاڻي سومر فقير ويٺل آهي، جو گل سائين جي حاضريءَ ۾ چوڏهن سال رهيو.

فقيرن جو سلسلو هن ريت آهي:

سائين پڪن ڏٽيءَ جي ڏينهن ۾ فقير ڏيهو هو، ان کان پوءِ سندس پاءِ برهان فقير، ان کان پوءِ سندس پائٽيو سليمان فقير، ان کان پوءِ سليمان فقير جو پٽ بچل فقير. ان کان پوءِ بچل فقير جو پٽ الياس فقير، ان کان پوءِ موجوده سومار فقير راهوجو.

پڪا ۽ ڪِڙَ ڪافي ايراضيءَ ۾ چانيل آهن. ان کي چوڌاري لوڙهو لڳل آهي، ان کي هر سال "نئون" ڪيو ويندو آهي. اهو رجب مهيني جي پهرين اربع تي نئون ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ وڏيرو سليمان پنيرو ويٺل معروف پنيرو، سيّد وڏو اجناڻي عرف جڙيل شاهہ عرف غلام حيدر شاهہ جماعتون وٺي، لوڙهي کي نئون ڪندا آهن.

امين سائين، پاڻ پکن تي وڃڻ کان اڳ، ڪيترو وقت هن حال ۾ هوندا هئا، جو ظاهري لباس دنيوي هوندو هون، ۽ اندريون لباس فقيري هوندو هون. جڏهن جَلوت ۾ ايندا هئا، تڏهن ٻاهريون لباس زيب تن ڪندا هئا، پر جڏهن خلوت ۾ ويندا هئا، تڏهن فقيري لباس پهريندا هئا.

سندن رياضت جي مدت چار سال کن آهي، جيئن سندن معتقد آخوند الله بخش انصاريءَ جي هيٺئين بيت مان ظاهر آهي.

رياضت ۾ رهنما، ورهه گذريا چار،
جئن پارس پهڻ سان ڪري، ڪامل ڪئي سا ڪار،
جن داڻو دست نه رکيو، تن ڀڪيو وڏي ٻار،
هاڻي تان مون ڏيکار، ڪو هڪڙو مڙس ملڪ ۾.

امام بخش حاجاڻي، ڳوٺ سعيدآباد، جنهن جي چوڻ موجب، هن ”پکن ڏٽيءَ“ جي زيارت ڪئي هئي، اهو روايت ٿو ڪري ته هو آخوند، اسماعيل ميرڙاڻيءَ جهڙي گدام واري وٽ پڙهندو هو. اهو آخوند صاحب، پنهنجي خطابين کي وني - جن ۾ مذڪور امام بخش حاجاڻو به هوندو هو - پکن تي اگاري - اربع تي ايندو هو. اربع جي رات جو اتي رهي، وري اربع جي ڏيد پهر جو واپس ٿيندا هئا.

هن آخوند صاحب جي روايت موجب سيلاني فقير امين سائينءَ کي چوندو هوته ميلو ته جيئري هت نه هٽائجي، پر هالا هلي هٽائجي. پوءِ پاڻ هالا هليا ۽ پکن به پيا پيرو ڪندا هئا. هن پکن واري جوڳ، ڪين رباني جوڳي بنائي ڇڏيو، تنهنڪري جوڳ وارين شين جو جَجهو شوق هوندو هون. هڪ دفعي، ناري جي سفر تي نڪتا (١) ته هڪ هنڌ حڪم ڪيائون، ته سندن سواريءَ واري اُٺ جي پاڪڙي ۾ گورکيون (٢) چوڏاري لٽڪايون وڃن.

---

(١) ان ناري واري تڪيي جو احوال مون فقير يوسف ڏاهري خدمتگار ۽ فقير محمّد صادق ڏاهريءَ کان معلوم ڪيو، جن کي قبله طالب المولىٰ سائينجن مون ڏانهن احوال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو.

(٢) ننڍي تُنبيءَ کي گورکي چئبو آهي. اصل ۾ اها مُني ٿيندي آهي، جنهن ۾ سنياسي ۽ جوڳي ـاٽو وغيره وجهندا آهن.

امين سائينجن، سنياسين وارو سير بہ جام ڪيو. جو سرور جي لانڍين پٽ راهہ واريءَ جي آثارن مان ظاهر آهي.

جاگرافيائي ماحول

هاڻي اچون ٿا هن راهہ واري تڪيي جي جاگرافيائي احوال تي: اهي لانڍيون يا تڪيو راهہ واري پٽ تي واقع آهي ۽ جمڙائو واهہ جي راهہ واري بنگلي جي ايرنڊي طرف ميل ڪن پنڌ تي آهي؛ رئيس قوتل خان پرگڙيءَ جي ڳوٺ کان ساڍا ٽي ميل ڪن اتر طرف ۽ جام ڏاتار جي مقبري کان ساڍا ٽي ڪوهہ ڪن اوير طرف آهي. هي مقام تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ آهي. پٽ، جنهن تي تڪيو يا لانڍيون نهيل آهن، سا ويهہ پُرهہ ڪن متي آهي. سڄي پٽ اتر کان ڏکڻ، ٻن ـ ٽن ٻلاڪن جي منڊي ۾ آهي. ايڪڙ ڪن ۾ زمين سنورايل آهي. ٻہ ڪِڙ نهيل آهن ۽ هڪ اوتارو. ٻهريون ڪِڙ اويرائون منهن، سائين پڪن ڏٽيءَ وارو آهي، جو چيرائين ڪکن جو نهيل آهي. ٻيو وري طالب المولىٰ جي ارشاد تي فقير محمّد صادق (گلو فقير جي ڀائٽي جي پٽ)، نهرايو. ان جو بہ اويرائون منهن آهي. هيٺ بہ ٻہ اوتارا نهيل آهن، جي آئي وئي لاءِ نهرايل آهن. پٽ جي اولهہ طرف کان ڍنڍ قري ڏکڻ تائين وڪڙيل آهي. اوير طرف کان اچ وڄ ٿئي ٿي. ڍنڍ ۾ اونهاري ۾ پاڻي گهٽ ۽ سياري ۾ گهڻو آهي. گلو فقير ڏاهري اترادي، اصل ويٺل ڳوٺ ابن شاهہ ڪوٽ ڏيجي خيرپور رياست، سٽن پيڙهين کان وٺي، سرور سائين جي ٽوڙ ۾ داخل هئا. اتان لڏي اچي راهہ واريءَ تي ويٺا. هڪ دفعي گلو فقير جي دعوت تي سائين امين جن آيا. هي سمو جمڙائوءَ جي گسن کان اڳ جو هو. هر هنڌ ويراني ۽ غيرآبادي لڳي پئي هئي. هڪ ڏينهن مانجهاندو ڪري، گلو فقير کي موجوده لانڍين واري جاءِ تي وٺي آيا ۽ لڪڻ سان ليڪو ڪيائون. گلو فقير کي چيائون تہ "هن جڳهہ تي لانڍي نهرائجانءِ. هي اسان جي ڪچهريءَ جو هنڌ ٿيندو." هن فقير حسب الحڪم لانڍي نهرائي، ان جي هميشہ خدمت ڪندو رهيو. ان جي

وفات ڪان پوءِ، سندس مائي پائتي، صفائي وغيره ڪندي هئي. ان بعد دائم فقير ڏاهري ويٺل ٽنڊوالهيار، "گل سائين" حضرت مخدوم غلام محمّد رحہ جن جي اجازت سان ڪم ڪار سنڀاليندو رهيو. هاڻي يوسف ڏاهري خدمت ڪندو رهي ٿو.

گلو فقير جو شجرو

گلو فقير ڏاهريءَ جو شجرو هي آهي:

جهندو فقير

شير محمّد يا شيرو فقير

گلو فقير

جهندو فقير

فقير غلام حسين

حڪيم فقير

(سگهڙ)

فقير محمّد صادق

(زنده، عمر اٽڪل ٣٥ ورهيه)

حاجي فقير

(زنده، عمر ٧٠-٧٥ سال

ڪرامتون

ڪيتريون ڪرامتون ان خطي جون مشهور آهن. "امين سائين" جي متعلق مشهور آهي، تہ سندن ئي دعا سان ملڪ ۾ رنگ لڳي ويا. ان باري ۾ رمضان فقير ماڇيءَ ۽ حڪيم ڏاهري جا بيت ملن ٿا. هڪ ڀيري راهہ واريءَ لانڊيءَ هنڌ سائين پڪن ڏٺي فقير رمضان کي چيو تہ "فقيرا! ملڪ وَسي تہ سُئو!" فقير جواب ڏنو تہ "سائين! تنهنجي دعا سان وَسندو." هئي ڪنهن درويش ڪارو سمير نزديڪ استيشن لنڊو تعلقي شهدادپور جي ڪلرائي حالت ڏسي چيو تہ:

"ڪلري نہ ٽيندو ڪماند، سمير نہ ٽيندو ساري،
هَڙَئِي هاري ڏاند، هليا ويندا ملڪ مان."

سائين پکن ڏٺي دعائيہ جواب ڏنو:

"ڪلري ٿيندو ڪماند، سميرٿيندي ساري،
هاري ناري، ڏاند، وري ايندا وطن تي."

خدا جو شان، هن ڪاري ڪلرائي ملڪ ۾ ڪماند ۽ سارين جي سرسبزي لڳي ويئي.

"جمڙائو واهہ" ۽ "سدا واهہ"

جمڙائو واهہ، سائين پرو چام جي تولد يعني ١٨٦٤ع ڌاري کوٽايو ويو تو ياڻئجي، جيئن رمضان فقير ماڇيءَ جي هيٺين بيت مان ظاهر آهي:

پڳي بنڌ اروڙ جي، ٿيو نارو(١) نروار،
اِبو پير کان اٿلي، ڪيائين گڇري ۾ گارو،
پوءِ جڏهن چام پرو ڄائو، تڏهن دمڙيءَ ۾ درياهہ ٿيا.

"سدا واهہ" بابت هيٺيان بيت رمضان فقير چيا آهن:

زميندار زمين تي، آهي ڏهرياٽي ڏاتار،
جنهن آندو واءُ وطن تي، ڪري نَوَ لکي(٢) مان نروار،
گوڙ ڪيائين "گجراه"* تي، ڪيائين "ڪاجهري"* متي ڪاهہ،
"ٻچيري"* برساتون ٿيون، تي "ناتياٽي"* بہ نڌان،
جهوڙ ڪيائين "جهپ"* تي، ڪيائين "ڪنڊيءَ"* متي ڪاهہ،
موسمي موڪون لڳيون، ٿيو "سُهيلي"* سان سهاڳ،
رکيائين ڪاهہ "ڪرڙيءَ"* سان، ڪيائين "وانڊ"* سان بہ وڌاءُ،
مڙيئي ملڪ وسي پيو، پريو "ياناٽو"* پرپور،

(١) ناري مان مراد، سگهڙ جمڙائو واهہ ورتي آهي.
(٢) نو لکي مان مراد سرور سائينءَ جو طرف آهي.
*گجراهہ واهہ آهي ۽ ٻين نشانين وارا سڀ ڳوٺ آهن.

Scanned with CamScanner

"ڪونجاڻ"تي "ڪريون"تيون, جتي تيو آهہ سارين جو بہ ضرور,
"گهنڙن"مان گهڻي ڪري, ڪيائين "ڪبن"متي ڪاهہ,
پوءِ سهجا تنهن شاهپور سان, ڪيو سرور پير سهاڳ,
پوءِ تيا"ڪونهيري"*۾ ڪاج, جنهن ۾"امين محمّد"آئيو.

حڪيم ڏاهريءَ جا ٻہ بيت, مثال طور ڏجن ٿا, جي سندس ياڻتيي صادق فقير کان مليا آهن:

(۱)

اُنيون مهرون ملڪ تي, ڪيا سرور پير سڪار,
متيءَ جهڙي مارُن جا, هئا وٿن سان واپار,
وڏيو ستيو سويو آٽين, سگر ڏارون ڏار,
سي سانگي سرور شاهہ ڪي, ڏيڪارئين ڏاتار,
ڏٺي ڪرنہ ڏار, تن ڪون حضرت پير"حڪيم" ڪي.

(۲)

اُنيو مهرو ملڪ تي, واليءَ ڪئي وراڻ,
مارن سندي مال سان, آهي راتيو ڏينهون رهاڻ,
جهانگي هليا جهنگ ڏي, تن رهِي نہ تَنَ جي تاڻ,
رازق روز اسانهجو, اسان ڏي اماڻ,
حڪم بالا"حڪيم"چئي, اسان کي ڪنهن جي ناهي ڪاڻ,
الله اهي آڻ, آهي رمز جن سان روح جي.

راهوندڙ لاءِ ٻين شاعرن جا تاثرات

ان رياضت واري راهوندڙ لاءِ ڪيترن طالبن ۽ معتقدن, رمز وراين رهاڻين جو ذڪر برهہ وارن بيتن ذريعي ڪيو آهي, جن مان ڪي قارئين ڪرام جي حظ خاطر هيٺ ڏجن ٿا:

* گونن جا نالا
* گهنڙن جون ٻنون ۽ ڪُب شاهپور وارا.

سيد حيدر شاهہ اجناڻي

(۱)

رمين هل راهوند ۾، جت گهوٽ ڏنو گهيرو،
جنت مڙئي جاءِ تي، جت پير پريو پيرو،
دين سندو ديرو، "امين محمّد" آباد ڪيو.

(۲)

رمين هل راهوند ۾ جت جوڳين سندي جوءِ،
جتان عطر عنبير جي، اچي تي خوشبوءِ،
وڃي روبروءِ، "حيدر" پس پرين ڪي.

آخوند الله بخش انصاري

(۱)

اڃا ڏسڻ جيون بڪون، اکين کي آيون،
رڙهي ڏس راهوند ۾، جانب جيون جايون،
تنهن وَرِنَهَہ جون وايون، تيو سمر سارِيندن ڪي.

(۲)

چڏي هنڌ حويليون، پڪي ويئو پير،
تيو هوت هلال مان، برحق بدر منير،
"امين محمّد" امير، بيشڪ عشق جو تيو.

سيد فاضل شاهہ، حيدرآبادي

(۱)

آديسي ارداس ۾، آچر ڏينهن آهين،
سامين سگريون سور جون، سهسين سيبائين،
اوري تي اثبات ڪي، "لا" لاهوتي لاهين،
"مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ"، ناهہ اهو ناهين،
رمزون ريجهہ رهاڻ سنديون، راهوندي راهين،
واريءَ ۾ واهين، "فاضل" بحر فنا جو.

قاضي يار محمّد، هالا پراڻا

(١)

رڙهي هل راهوندڙ ڏي، متو پير ڪري،
ويهج واريءَ ۾، ته توکي سون سري،
پرچ ڪيم پري، ته اتي الک ماڻئين.

(٢)

رڙهج تون راهوندڙ ڏي، پاسي ير پئي،
"لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ"، سڄ اي صحي،
ڪانهي تن پئي، رهن جي راهوندڙ ۾.

قبله "طالب المولىٰ"

(١)

جي پائئين جوڳي تيان، ته جنت جاءِ مَر گهر،
وجهي رک وجود ۾، پلپل پَر ڏي پُرُ،
حب ۾ تجئن حرّ، "طالب المولىٰ" مرد ٿي.

(٢)

رات رهي راهوند ۾، ڪئيسون روح رهاڻ،
ويراڳي ورونهن لاءِ، پري آيا پاڻ،
سوا سوز فراق جي، ڪيئون نه ڪنهن جي ڪاڻ،
الله اهي آڻ، واريءَ واري وطن ۾.

(٣)

وري منهنجي وطن ۾، سي آديسي اچن،
رنگ لڳي راهوند ۾، ته محبّت مچ مچن،
"طالب المولىٰ" مرد سي، ڏسي نيڻ ٺرن،
واحد! شال ورن پانهون پرديسي پرين.

محبّت جا ميلا، رات هئا راهوند ۾،
پسي رمزون رندن جون، روح ڏنا ريلا،
وهائيون ويراڳ ۾، وهواه سڀ ويلا،
آچن البيلا، وري منهنجي وطن ۾.

(۵)

ويراڳن جي ورونهن کي، ساهه سندم ساري،
واحد! وتم شل اچن، واڳڙون واري،
ويا گوندر گذاري، رات رهي راهوند ۾.

(۲۷-نومبر۱۹۵۵ع، پکا شريف (راهوند) هالا)

حسين بخش "خادم" جو تاثر، ڪافي ذريعي معلوم ڪريو:

(سُر ڏناسري-ڪلواڙو)

هميشه سي حيات، جوڳي رڳي جُوءِ متائين،
مرڻا اڳ جي مئا، سي ڪيئن مرندا، مرد نه آهن ممات؛
"قَالُوْا بَلٰي" جو تا قرب ڪمائين.
پاڻ وڃائي پرين ڪي پسن تا، حقي ڏسي حسنات؛
قرب ۾ هو تا ڪنڌڙو ڪپائين.
راتو ڏينهان آهين روح ۾، تن جي وحدت وائي وات؛
رمز رنديءَ جي راند رچائين.
هردم مون کي تن جي آهي، طلب اندر ۾ تات؛
قرب ڪري مَنَ پاڻ پسائين.
"لَااِلٰهَ" وارا لانگها لنگهي سڀ، الله ڪن اثبات؛
حال حقيقيءَ جو هُل تا مچائين.
"خادم" هردم حب سان رهجي، راهوندن وٽ رات؛
پاڻ پيلا تا پيال پيلائين.

(۲۷-جنوري ۱۹۵۵ع، پکا)

شهباز علي "ملازم": هن يار جا راهوند بابت ٻول ٻڌو:

(۱)

رهي ڏس راهوند ۾، حب مان هڪڙي رات،
وارياسي وٽاڻ تي، تي برهه وسي برسات،
دونهان درد فراق جا، جاڳائن جذبات،
حقيقي حالات، آهي پکن منجهه پيار جي.

(۲)

ماٽيئون مري جيئڻ سان مزا محبوبي،
حاصل ڪيئون حق ڪان، اعليٰ اسلوبي،
صاف ڪيائون صفت ۾، ثابت مطلوبي،
خاص اها خوبي، آهي "ملازم" مردن جي.

(۳)

جيئڻ جڳائي تن ڪي، جي جيئڻ منجهه مئا،
مري هن جهان ۾، جوڳي جنگ جيئا،
آخر لڪا ڪين ڪي، پڌرا سي تي پيا،
"ملازم" تيا، اهي نشانبر ناسوت ۾.

مولف جا ٻه بيت: هڪ دفعي قبله "طالب المولىٰ" سائينءَ سان گڏ، هي ناچيز مؤلف ٻه، ۲٦-ڊسمبر۱۹۵۵ع تي، راهوند جي رمز واريءَ رات جو روحاني لطف حاصل ڪري آيو آهي. منهنجا تاثرات، هيٺيان ٻه بيت آهن:

(۱)

تي گڏجاٽي رندن جي، راهوند متي رات،
ادا ڪري نه سگهبي، تنهن رات جي ڪا بات،
جتي "تونهين تون" جي تات، تتي رند ٻه رمزن ۾ رهيا.

(٢)

رند ۾ رمزن ۾ رهيا، پسي رنداٽي رات،
"فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ" جي، هر ڪنهن هئي تات،
محويت استغراق ڪري، رندن چپ چپات،
قربن سندي ڪات، قريبن ڪي خم ڪيو.

محمّد بلاول "پرديسي" : جو ۾ ان رات اسان جو ساٿي هو، پنهنجا تاثرات ڪافيءَ ذريعي، هن طرح بيان ڪيا آهن:

تن ۾ سفر جي تات، آهيون اسين پرديسي.
ڪڏهين ڪريون پٽ شاهه ۾ پيرا، ڪڏهين راهوبڊ ۾ رات،
محبّت وارا ماڻهون موهيون، ڪري لطيفي لات،
رندن وارا راز تا چاٽون، ڏاتر ڏنيسون ڏات،

حسين بخش "خادم" : ۾ ان رنداٽي رات کي اهڙي طرح ياد ڪيو آهي:-

رات رندن راهوبڊ ۾، روحي ڪئي رهاڻ،
چاڻن لڌو چاڻ، حقيقي حال جو.
رات رندن راهوبڊ ۾، حقيقي ڪيو حال،
ڪوڙا پائنن قال، سَڄڻ لاءِ سوجهرو.
رات رندن راهوبڊ ۾، برهه جي ڪئي بات،
"فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْ كُمْ"، جي وائي هين وات،
رندن جي رسمات، نئون ڪيو نينهن کي.
سرهو سانگ ٿيو، رندن جي رهاڻ جو،
سڄو سات سروري، لنگهي پار پيو،
سبق هي سڄڻ وتان، هر هڪ آهه مليو،
مچي مرد ٿيو، محبّت جي ميدان ۾.

ٻکن ڏٺيءَ ٻُر ڪيو، "خادم" سندو خيال،
ڪيڏي ڇڏيائين قلب مان، ڪوڙائيءَ جو قال،
هاريءَ وٺان حال، حقيقي حاصل ٿيو.
"خادم" سندو خيال، "طالب مولیٰ" تار ڪيو،
ادلي گدلي جي مَتي، پلي ڪيڙو پال،
معرفت وارو مال هاديءَ کان حاصل ٿيو.
رات رندن راهوند ۾، محبّت ماريو مَچ،
پنهنجي "خادم" خاص تي، رهبر چاڙهيو رچ،
"طالب مولیٰ" جو چيو، سو سارو آهي سچ،
ڪوڙائيءَ جو ڪچ، ڪيڏي ڇڏيائين قلب مان!

سندن وفات ۽ مدفن

پاڻ، هن مجازي محلات مان انيتاليهه ـ اوڻونجاهه ورهين جي ڄمار ۾، مورخه ۲۷ـ رمضان ۱۳۰۳هه، مطابق ۲۹ـ جنوري ۱۸۸۶ع بروز اربع انتقال فرمايائون. سندن وفات حسرت آيات تي ڪيترن ئي مريدن معتقد ۽ متعلقن هنجون هاريون، جن مان ڪي وِرهه جا ورلاپ اوهان صاحبن ڪي آخوند الله بخش جي احوال مان ملندا. ان احوال لکندي، اسان ڪي محترم قاضي شفيع محمّد بن قاضي عبدالله ابڙو هالائي (۱) جي پراڻن ڪاغذن مان هڪ ڪاڏل ڪاغذ هٿ لڳو، جنهن ۾ امين سائينءَ جي وصال جون تاريخون درج هيون. ڇهن يارن قلم آزمائي ڪئي آهي: ٻه ديسي، ٻه پرديسي. هڪ قاضي يار محمّد جو عزيز، مرحوم قاضي عبدالمعالي، سڪنه هالا پراڻا، جنهن جو ذڪر قاضي يار محمّد جي ضمن ۾ ايندو؛ ٻيو آخوند الله بخش جو عزيز، قاضي مفتي سعدالله صاحب انصاري "نيازي"

(۱) قاضي عبدالله بن قاضي محمّد، سائين پروچام وڻ عام مختيار هو. تنهنڪري ان صاحب وٽ هن خاندان جا ناياب نسخا موجود هئا. افسوس ته هاڻي يا ته اڌوهي جو نذر ٿي ويا آهن يا ته دستبرد زماني ڪري نابود ٿي ويا آهن! مؤلف

ساڪن هالا نوان: ٽيون مخدوم محمّد ابراهيم نقشبندي ٺٽوي، مؤلف تڪمله مقالات الشعراء: ۽ چوٿون ميان عبدالله ماستر ساڪن ٺٽو.

تاريخ وصال ـ تصنيف قاضي عبدالمعالي سکنه، هالا کهنه

(ماده اول)

مرشدِ ما که ثانيء ادهم بود، سرورِ سروران عالم بود،
ترکِ دنيا چو ترکِ زاهد کرد، فاقه و فقر دولتش محمود،
وه که اسم امين محمّد داشت، بود في الحق امين صاحبِ جود،
چون بحکم قضائي عزّوجل، زين جهان شد بآن جهان آسود،
سينهٔ عاشقان ز هجرش سوخت، ديده طالبان بخون آلود،
سالِ وصلش چوجستم ازدل، گفت: لَيْلَةُ الْقَدْرِ روز، "اربع بود"،

١٣٠٣هـ

(ماده دوم)

عجب مخدوم صاحب ذوالوفا بود، که برقولِ خداومصطفيٰ ﷺ بود،
درودِ مصطفيٰ ﷺ وردِ زبانش، صلوٰةوصوم را بس آشنا بود،
اصول نسلش ازبوبکرصديق رضه، محّبت شه علي المرتضيٰ رضه بود،
ستايش بود دلق "فقر فخري"، که غوث الحق رحه را ازحق عطابود،
امام زمرهٔ اهل شريعت، طريقت رهروان را پيشوا بود،
ز رمضان بيست هفتمِ بود تاريخ، که آن شه عازم دارالبقا بود،
هزار افسوس کزدنيا گذر کرد، چه بايد کردي که اين حکم قضا بود،
چو جستم سالِ تاريخش زهاتف بگفت: اين قطب ختم الاوليا بود.

١٣٠٣هـ

* * *

تاريخ وصال ـ از مخدوم محمّد ابراهيم نقشبندي تهتوي.

(ماده اول)

دريغا شب قدر در ماهِ رمضان، عيان شد عزائي امين محمّد،
خرد گفت تاريخ تر حيلِ او را، بخلد است جائي امين محمّد.

١٣٠٣هـ

دلا گريہ را دام گير از رگِ ابر، کہ اينجا عزائي محمّد امين است،
بياموز از رعد يرتقب فرياد، کہ ماتم کہ اين سالکِ رشددين است،
درين وقت کز بوئي دين فارغ آمد، باين ترک دنياش صد آفرين است،
زرمضان چوشش بود افزون عشرين، برحلت غم افزائي روئي زمين است،
شب اربعا ليلة القدرخير...، بوصل حبيبش شب اولين است،
حديث خوانيم را عبرت آمد، بخوش وضع درصف امام مبين است،
هر آنکس کہ حالات او ديد گفتا: کہ اسپ مقامات او را برين است،
شنيد آنکہ اوضاع اخلاق او را، بگفتا کہ گفتار تحقيق اين است،
دوجائي علائق ز خود دور فرمود، بنورِ هُديٰ بر طريقِ تقين است،
بگو زان نشانش بغير از دجيٰ، شب قدر نزد محمّد امين است.

***

تاريخ وصال ـ از کمترين مريدان سعدالله نيازي سکنہ هالا نو.

شہِ ما ز دنيا چو تشريف برد، خدايش مکاليد جنت سپرد،
بہ هاتف رسيده ندائي چنين، شهنشاهِ جنت محمّد امين.

۱۳۰۳هہ

***

تاريخ وصال ـ از عبدالله ماستر سکنہ شهر تهتہ.

چو بر اوج جانِ جهان، ملائک نمودند قدرِ ادب،
ازان رو شبِ قدر گفتم بجان، محمّد امين گشتہ واصلِ برب.

۵۴ ۹۲ ۱۰۱ ۲۵، ۳۳۱=

۱۳۰۳هہ

مدفن

کين وڏي قبي ۾ حضرت غوث الحق رحہ جي پيرانديءَ ۾ رکيو ويو. هي قبو مخدوم محمّد زمان صاحب "پنج پاڳئي" جي دور ۾ سن ۱۲۰۵هہ ۾ مير فتح علي خان ٽالپر، حاڪم سنڌ تعمير ڪرايو.

ڀڪن ڏٽيءِ جا معتقد ۽ مريد

سندن فيض

سندن فيض ابيض جي رود روان مان ڪيئي اُڃايل سيراب ٿيا، جن مان ١- سيد حيدر شاهه اجناٽي، ٢- سيد فاضل شاهه حيدرآبادي، ٣- آخوند الله بخش انصاري، ٤- قاضي يار محمّد هالا پراڻا، ٥- فقير محمّد پريل مگسي، ٦- فقير محمّد پريل نوشهرائي، ٧- منٺار فقير راڄڙ ٨- فقير علي بخش ڀُٽو، ٩- قاضي عبدالله پورگر، ١٠- آخوند عبدالغني، ١١- آخوند عبدالمنعم، ۽ ١٢- سيٺ وشنداس جا نالا قابل ذڪر آهن.

ڦرِيان ٻه صاحب، ڦريائين ڦريائين ڀڪن واري صاحب کان سرد دل هئا، مگر جڏهن سندن جيءَ، سائين ڀڪن ڏٽيءَ سان جڙجي ويو ته پوءِ "ڪڙو منجهه ڪڙي" وانگر ڪڙجي ويا. سيني جو مختصر احوال سلسليوار هت پيش ڪجي ٿو:

سيد حيدر شاهه اجناٽي (١). سيد حيدر شاهه ولد سيد مير علي شاهه اجناٽي، مٽياري سادات جرار ڀوٽي جو نسلي سلسلو ڏهين ڀُريءَ ۾ حضرت امام موسيٰ ڪاظم جن سان گڏجي ٿو. شاهه صاحب جا وڏا جئين پنهنجو ڳوٺ اڇي ٻڏي ويٺا، تئين اتي ئي رهيا ۽ شاهه صاحب جو تولد به پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ٿيو. ڳوٺ جو نالو سندن وڏي ڏاڏي اڃن شاهه ڪري، "اڃن شاهه" مشهور ٿي ويو آهي، ۽ ان ڳوٺ کي "سيد جو ڳوٺ" به ڪري سڏيندا آهن. شاهه صاحب جي ڄمڻ بعد، سندس والده وفات ڪئي، ۽ ڳوٺ جي هڪ مائي موچياڻي شاهه صاحب کي نپائڻ لڳي. سال کن جي گذرڻ بعد، شاهه صاحب جو والد بزرگوار وفات ڪري ويو. شاهه صاحب جڏهن نَونَ يا ڏهن سالن جو ٿيو تڏهن سندس وڏي ڀاءُ، سيد ماڪن شاهه مست ڪين هالن ۾ حافظ تقيءَ جي مدرسي ۾ پڙهائڻ ويهاريو، جتي شاهه

(١) ڏسو ماهنامه "فردوس" (هالا - نوان) مئي ١٩٥٧ع: ص ١٩ بعنوان "سنڌ جو هڪ گمنام شاعر" از قبلهِ طالب المولٰي.

صاحب قرآن حڪيم حفظ ڪيو. ان بعد شاهہ صاحب دائري شريف ۾ (اڏيري لال جي پرسان) وڃي، تعليم وٺڻ لڳو. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد شاهہ صاحب جي ڪونڙيءَ ۾ قسمت ٿي، جتي هڪ عالم وٽ تعليم وٺي، وقت جي دستور موجب فارغ التحصيل ٿيو. ان بعد، شاهہ صاحب مير نورمحمّد جي ٽنڊي اچي، شيخ عبدالله ڪتب فروش وٽ ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو شروع ڪيو. مير حسين علي خان جي خواهش تي جامع مسجد جي پيش امامي قبول ڪيائين. ان مير صاحب جي خرچ تي شيخ صاحب جي دختر نيڪ اختر سان سندس شادي ٿي. حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ هڪ وڏو ڪتبخانو کوليائين. شاهہ صاحب کي ٽي فرزند تولد ٿيا؛ پر ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. ٿوري وقت کان پوءِ شاهہ صاحب حج ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ موٽي ٽنڊي نورمحمّد ۾ آيو. اتي کيس هڪ نياڻي ۽ فرزند تولد ٿيا. فرزند جو نالو مير علي شاهہ رکيائين. ٿوري عرصي بعد، شاهہ صاحب موٽي اچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ "اجن شاهہ" ۾ رهيو ۽ اعليٰ پيماني تي ڪتب فروشي شروع ڪيائين. اُتي بہ شاهہ کي ٻہ فرزند تولد ٿيا. هڪڙي جو نالو سيد مٺن شاهہ ۽ ٻئي جو نالو سيد يوسف شاهہ رکيائين. ڪتب فروشيءَ جو مرڪز لاڙڪاڻو بنايو ويو، جتي ڇهين - ٻارهين مهيني وڃي، شاهہ صاحب حساب ڪتاب صاف ڪندو هو. هالا ۾ بہ، شاهہ صاحب جي ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو هلندو هو.

مرحوم حاجي حيدر شاهہ هڪ شريعت جو پابند عالم هو. جڏهن کيس معلوم ٿيو تہ سندس ڳوٺ "اجن شاهہ" جي ويجهو راهوند واري ڊٻ ۾ مخدوم امين محمّد صاحب جَن دنيا کي ترڪ ڪري، فقير ٿي اچي چلہ ڪشي ۾ ويٺا آهن، تڏهن شاهہ صاحب انهيءَ ڳس کان هالن ڏي اچڻ ڇڏي ڏنو، جو خيال ڪيائين تہ بدعتي ماڻهن جو ڏسڻ بہ گناهہ آهي، ۽ اتي غير شرعي رسمون هونديون. حقيقت تہ هئي بلڪل ان جي برعڪس. هالن کان جيڪو شهدادپور رستو وڃي ٿو، ان رستي سان "اجن شاهہ" ٻن

ميلن كان متي آهي ۽ هالن كان وچون رستو جيڪو راهونڊ كان آهي، ان رستي وسيلي "اجن شاهه" هڪ ميل مس ٿيندو. ان ڪري، اڪثر اجن شاهه جا ماڻهو راهونڊ واري گسن كان هالن ڏي ايندا ويندا آهن. پکن وارن صاحبن، پنهنجو پکو به انهيءَ گس جي قريب هنيو. هڪ دفعي، شاهه صاحب هالن ڏي اچي رهيو هو ۽ ان ڏينهن اُٺ تي جَت هو نئون. جنهن کي هي معلوم ئي ڪونه هو ته ڪو شاهه صاحب راهونڊ كان هالن ڏي ڪونه ايندو ويندو آهي؛ سو هليو آيو راهونڊ كان. شاهه صاحب به ان ڏينهن هو ڪنهن پنهنجي ڏن ۾، سو ڪو به ڏيان ڪونه ڏنائين. اچي پکن جي ويجهو پهتو ۽ ذڪر "لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ" جو آواز ڪن تي پيس. اتي پاڻ سنياليائين ته ڪٿي اچي ويو آهيان! اُٺ واري کي چيائين ته هاڻي اُٺ تڪڙو هڪلي نڪري هل ۽ پاڻ چادر سان ڪٽي جُهنڊ هنيائين. انهيءَ خيال سان ته انهن فقيرن تي نظر نه پوي، متان گنهگار ٿجي. هوڏانهن پکن وارن صاحبن به فقرا سميت اچي، ڪچهري واري ٽلهي تي سويروئي ويٺا ۽ فقرا کي ٻڌايائون ته اج اسان جو دوست اچي ٿو. جڏهين شاهه صاحب اچي ٽلهي جي برابر ٿيو، ته پکن وارن صاحبن چيس ته "حاجي حيدر شاهه! اسين اوهان کي ڏاڍو ياد ٿا ڪريون." اهي لفظ شاهه صاحب جي ڪن تي پوندا ويا ۽ شاهه صاحب هلندي اُٺ تان پاڻ ڪٽي ڇڏيو ۽ ڊوڙندو روئندو اچي، مخدوم صاحب جي قدمين لڳو ۽ گوڏا ڀڃي، واريءَ ۾ ويهي رهيو. جَت کي چيائين ته "ابا، هاڻي توکي موڪل آهي، آئون منزل تي پهتس."

شاهه صاحب بيان ڪندو هو ته جڏهن هو صاحب حج لاءِ روانو ٿيو هو، تڏهن حرم شريف ۾ نماز بعد، سلام ورائڻ وقت هي آواز ٻڌندو هو ته "حاجي حيدر شاهه! اسين اوهان کي ڏاڍو ياد ٿا ڪريون." حيران ٿيندو هو ته هي آواز ڪٿان آيو. اج اهوئي آواز ۽ اهي لفظ ٻڌم.

شاهه صاحب جا وڏا تہ اصل کان حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جا مريد هئا. پاڻ بہ ان وقت ئي بيعت ڪري، ذڪر جي تلقين ورتائين. سندن پويان اڄ ڏينهن تائين سروري دروازي جا سلامي آهن.

شاهه صاحب هڪ دفعي، جيئن لاڙڪاڻي مان بيخوش ٿي ڳوٺ موٽيو، تئين ٻاروچي باغ وٽ، هالن کان اتر طرف، اٽڪل ڇئن يا پنجن ميلن تي زياده بيمار ٿي پيو، جو ڪيس ڪٽ تي کڻي ڳوٺ آيا، ۽ ان ڏينهن ئي شاهه صاحب ١٠ـ محرم الحرام ١٣٠٣هه وفات ڪئي: يعني سائين پکن ڏٽيءَ جي وفات کان ست مهينا اڳ.

شاهه صاحب پنهنجي وقت جي بهترين شاعرن مان هڪ هو. موزون ۽ غير موزون ڪلام لکيو اٿن، مگر افسوس آهي جو شاهه صاحب جو ڪلام چند سنڌي ڏهرن ۽ هڪ منظوم خط جي، ٻيو سڀ ضايع ٿي ويو! سندن جيڪو ڪلام اسان کي هٿ آيو آهي سو خدمت ۾ حاضر ڪريون ٿا. شاهه صاحب هيٺيون منظوم خط پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ موڪليو

"اڌر ڪانگا ڪَهي وڃ پار پرِيَن،
ڪنياتل خوش هجين چوءِ سوءِ سلامن،
ٻڌي ٻانهون وهج تون وينتيءَ سان،
اکين مان آب واهي ڇئج جيئن ڇُوان،
ڪروڙين ڪرنشون آزيون ادب ڪج،
رڙي روئي تون عالم کي عجب ڏج،
رهج راهوند ۾ ڪي روز راتيون،
لکيٽا لئج ات لله لاتيون،
ويهي ورنه اڳيان وائي ورائج،
يري پوئرا پلائيءَ جا پَلائج،
ادا، اُت حال هن مسڪين جو چوءِ،
سڪي ساري، اتس راهوند جو روءِ،

سڪڻ ساڙو، روئڻ راڙو ۽ راڙهو،
ڏسڻ کان بعد ڪئو هي قرب ڪاڙهو،
سڪي ساري سدا سامي سنياري،
اندر جي جوءِ جوڳي، جي اُجاري (١)،
بدن بيراڳ بيراڳيءَ (٢) سوا تيو،
هينو هنڌ(٣)ناهه، ڪنهن پرڪاپڙيءَ ڪيو،
دکن دونها سدا ساميءَ جا سيني،
ڪڍيو ڪچ، ڪاپڙيءَ ڪنئون قلب ڪيني،
گجي گوڙيون ڪري اوندهه آيو،
ورهه واسو وري ڪنهن پر ورايو،
محبّت مينهن ڪيا تي چينڀ جيئن چاٽ،
عقل اوجهڙ تيو، ويڙهيس هٽان واٽ،
وِهن واريءَ اندر جي جيءَ جيارا،
مِٺا محبوب، موهن(٤) منهن موچارا،
ڏسان ڏاتر، وجي سي (٥) ڏيهه ڏوري،
ڪڍيو جن قلب مان ڪيني کي ڪوري،
ادب آزيءَ سان ”حيدر“ حال چئجئين،
رڙي روئي وري پيرن تي پئجئين،
جيڪي جوڳيءَ اڳيان ڪن چير چيلا،
جهليا سيني اندر جن سور سيلها،
لڳين لنؤ لطف جي ويڻا وساري،
قبيلا ڪڙمَ ڇڏيئون ميس ماري،
سين کي سؤ سلامن چئج ساري،
وصالي واءِ والي مانَ واري،

(١) جيءِ جياري (٢) ساميءَ کان. (٣) حيران. (٤) منوّر (٥) ڏوڙي سي.

Scanned with CamScanner

هلي "حيدر" پڪا پرين ٻسي مانَ،
رهڻ راهوندڙ ۾، شاهي سندن شان،
ملي من محب جو مون کي سماچار،
ڪري من لطف ڪن ڪو ٻهج جو پيارا"

موزون آهي، تہ سائين پڪن ڏٺيءَ جو جواب بہ هت درج ڪجي:

"اَلْعِشْقُ نَارُاللهِ" کي، جي سالڪ سڃاڻي،
تان سر ڏئي سودو ڪري، نينهن وٺي ناڻي،
وري وَجْهَ اللهِ ڏي، پڌرو تي پاڻهي،
ڪنين سو ري سيج ڪئي، کي گهميا منجهہ گهاٽي،
کي "سر در قدمي يار" چئي، هليا ويا هاٽي،
انهيءَ اهڃاڻي اٿئي "حيدر" ڪم همت جو.

"حيدر شاهہ" همت سان، وٽ گاروڙين جو گس،
"لا" ۾ لاهوتين جو، ڏوري پڇج ڏس،
تي آڏوتي اڪڙين ڪان، نير وهايو وس،
پوءِ جوڳي چونڊءِ جس، اڇي آسڻ(١) تنهنجي.

جي پائنين جوڳي ٿيان، تہ جونجهي ڏسج جُوءِ،
مٽڪا مالها جا چئي، هل هنئين جي سُوءِ،
سيڪو داٺو دل جو، وڃي پنبڻين وٽان ٻُوءِ،
پوءِ "هو هو" منجهان هوءِ، پاڻهي ٿيندا پڌرا.

وڏائون وحدت جا، دل اندر درياهہ،
بابو ڪاهين پر ڏي، سامي سنجهہ صباح،
وٺي ويراڳين کي، صبر جي صلاح،
تن آديسين کي آهہ، ائي پهر الک جي.

(١) آديسي اڳڻ اچي،

انئي پهر الک ڏي، آءِ، "حيدرشاهه" هَلي،
جهنگم جي جمال کان، ڳوڻ جي ڳلي،
اها آديسين ڳالهڙي، سَوَن ساڻ سَلي،
راهوندِ ۾ رَلي، تڏهن جوڳين جُوءِ ڪئي.

سيّد حاجي حيدر شاهه جا چند بيت "مسڪن مبارڪ" جي ضمن ۾ ڏنئي آيو آهيان، باقي وڌيڪ، جيڪي قبلهه "طالب المولىٰ" ۽ فقير محمّد سومار راهوجي کان مليا، سي هت ڏيان ٿو:

(١)

رمي هل راهوندِ ۾، جت واريءَ وڇاٽا،
پاڪ پٽر پرين جا، سي پڻ سيباٽا،
سمهڻ اوڍڻ ان جو، ڪتا ڪِنياٽا،
سي رب بہ سيباٽا، هلي تڪيا پسو تن جا.

(٢)

رمي هل راهوندِ ۾، جت جوڳين سندي جاءِ،
مِڙيي تنهن ماڳ جي، لال لڱن کي لاءِ،
"حيدر" تون هيءَ هاءِ، سڳر تي ان ساٿ جو.

(٣)

رمي هل راهوندِ ۾، جت نسوروئي نينهن،
ساري رات سبحان جي، جت ڏوري ڪن ٿا ڏينهن،
محبّت سندو مينهن، وسي تنهن وٺڪار ۾.

(٤)

رمي هل راهوندِ ۾، جتي پرت ۽ پچار،
بک وڏائون بگريين، سُک نہ لڌائون سار،
جوڳي جيءَ جيار، هلي ڏسو "حيدر" چوي.

(۵)

رمي هل راهوند ۾، پيرين پنڌ ڪري،
جوڳين سندا جهوپڙا، ڏسيو ڏيل ڏري،
جوڳي بيٺو جوڳ تي، سامي سور چري،
"فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ"، دوله دل ڌري،
"قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدُ اَللّٰهُ"، جوڳيءَ جيءَ جڙي،
ٻَدم پرت پرينءَ جي، ڪاهوڙي ڪري،
"حيدر" هل هري، هت ناهه نهايت نينهن جي.

(٦)

رمي هل راهوند ۾، جت مچ ٻه مچايو،
ورنه ويهي ور ۾، جوڳ ٻه پچايو،
تنهن رب ريجهايو، سرور ويهي سچ ۾.

(۷)

سدا سنياسين ڪي، هينين ۾ هنگلاج،
وٽج ڪري وِرهه جو، ترڪ ڪيائين تاج،
ماءِ مون ڪي وٽيو، راهوندي رواج،
"وَالَّذِيْنَ آمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ"، سنياسيءَ جو ساج،
ڪوڙين ڪُنا قرب ۾، من ڪيائون معراج،
آديسي علاج، "حيدر" پسڻ پرينءَ جو.

(۸)

ناهه نهايت نينهن جي، جوڳي آهي جمال،
"مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ"، ڪاپڙيءَ ڪمال،
جَنَّتُ الْمَاْوٰي جاءِ ۾، ڪاهوڙي خوشحال،
ڏيئي ٽبي ڏوڙ ۾، لائق ٽيو لال،
ساميءَ جو سوال، "حيدر" آهي هنگلاج ۾.

(٩)

پرين ڏنم پڌرو، واريءَ اندر وير،
ڀلتيون هٽي ڀٽ ۾، سنياسي سڌير،
ترڪ ڪيائين تڪيا، ڇڏئين خرما کير،
آديسي امير، دولهه وهي ڏوڙ ۾.
حضور ڏٺي هالن ۾، آيو سرور سگهه پريو،
متس راز رسول ﷺ جو، قادر ڪرم ڪيو،
ريلون ٿيون راهوند ۾، اربعاٽو آيو،
دونهڙو دکايو، "امين محمّد" عشق جو.

سيد فاضل شاهه حيدرآبادي: سيّد فاضل شاهه ولد سيّد حيدر شاهه حيدرآبادي (١٨٣٦ع-١٩٠٠ع مطابق ١٢٥٢هه-١٣١٩هه) انگريزن جي اڳياڙي واري زماني جو جيّد عالم، مفتي، مفسّر، فقيه ۽ شاعر ٿي گذريو آهي (١).

شاهه صاحب طريقت جي تارن جي تارن جي تڪ تار تاٿيل هو، ۽ خداآگاهه فقير هو. پنهنجي ڪلام ۾ اڪثر پاڻ کي "فاضل" سان گڏ "فقير" ڇاٿائي ٿو. هيٺيان مثال ڪافي رهندا:

علم اوندهه، اهنج اولاڪا،
فرض فاضل ڪيا، فقير فراق،
تناول ڪري ترڪ فاضل فقير،
سڄاڻ نتا سي سنجهائي سهانگ
ويل، هر ڪنهن وتي هميشه ٿو،
دوست جي در فقير فاضل شاهه.

سائين فاضل شاهه جو تعلق ٽن متشرع طريقن سان هو، جن مان مخدوم نوح رحمة الله عليه هالن واري جو سهروردية طريقو ته اڃي وڃي ٿو.

(١) هن جو مفصّل احوال، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي سال ١٩٣٧ع جي ڇپرايل ڪتاب بعنوان "ديوان فاضل" ۽ "تاريخ سنڌي ادب" جلد ٢ ص ٢٦٣، از خانبهادر الحاج محمّد صديق ميمڻ، مان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

"ديوان فاضل" جي مرتّب مرحوم محمّد صديق مسافر جا الفاظ ڏجن ٿا:
"سنڌ ۾ مخدوم نوح عليه الرحمة جي هالن واري گادي، سهروردیہ طريقي جي وڏي ۾ گادي آهي. انهيءَ گاديءَ جي مسندنشين مخدوم امين محمّد صاحب عليه الرحمة سان بہ سائين فاضل شاھ جو گهرو عقيدتمندانہ رستو هو. مخدوم صاحب مرحوم جن، سائين فاضل شاھ جن جي پاڙي ۾ اوستي الياس نيروڻيءَ جي اوطاق تي گهڻي قدر اچي رهندا هئا، ۽ سائين فاضل شاھ بہ گهڻيءَ حب سان هالن وڃيو. مخدوم صاحب جن جي صحبت جو فيض حاصل ڪندو هو. جڏهن مخدوم امين محمّد صاحب رحہ جن دنيا جا لڳ لاڳاپا ڇڏي ڏنا ڪري، هالا شهر ڪان پري، راهونڊ مڪان ۾ وڃي، زهد ۽ رياضت ۾ مشغول ٿيا هئا، تڏهن سائين فاضل شاھ بہ دنيا جا سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڪري ساندھ ٻارهن مهينا مسجد جي ڪنڊ وسائي ويٺو.

مخدوم صاحب مرحوم جن، سڄوري حياتيءَ جا جيڪي پويان چار ـ پنج سال راهونڊ واري مڪان ۾ رياضت ڪندي صرف ڪيا، تن ۾ هين ڪلامن سان گڏ جيڪا "لولي" ڏاهي هئائون، سا گهڻو ورهين تائين عام خاص فقيرن جي زبان تي هوندي هئي. ان لوليءَ جا شروعاتي لفظ هي آهي:

"آءِ وري، آءِ وري، آءِ وري سڄڻ تو سري (١)،
دک ماري دردن جي، آءِ وري."

سروري فقراء ۾ سائين فاضل شاھ جي معتقدانہ تعلق لاءِ سندس ڏهر ۽ هڪ ڪافي ثبوت آهن. پر "ديوان فاضل" جي ورق گردانيءَ ڪرڻ تي اندروني طرح هيٺين ثابتي لڌي اٿم:

تاريخگوئي جن ضمن ۾ جناب مخدوم ميان غلام حيدر (٢) جي دستار بڌڻ جي منظوم تاريخ، شاھ صاحب آندي آهي، جنهن ۾ سائين پڪن ڏٺيءَ (٣) جو ذڪر هيٺئين مؤدبانہ لهجي آٽي ٿو:

---

(١) ديوان فاضل صفحو ٥٠ ـ ٥١. (٢) پير ميان غلام حيدر لاڙ وارو. لاڙ ۾ مير پور بٺوري جي طرف سروري پيرن جي شاخ آهيَ. (٣) ديوان فاضل صفحو ١٠٩

Scanned with CamScanner

سان عدالت "امين محمّد" جي، مرد مخدوم محب مشفق مير،
دُرَ ٻَڌايو ديانتي دستار، سر سهڻي "غلام حيدر" پير،
هي امين ڪنان لنگهي پيا لس، ۽ سڏائين سرت دار سڌير،
پر بہ هالن ڏٺيءَ ڪري هِمّت، ور وهاريو سنئي سچار سرير،
چست چوٿين رجب مهيني جي، پير پوري ڪين اداس اُڪير،
اي عرض آخرين سٺي صاحب، مرد مخدوم ڏي دلاسو ڏير،
فرض "فاضل" اصل امينن تي، ڪن ٿا خوشحال فيض ساڻ فقير

سندس هفتيوار ڏينهن تي مشتمل ابيات، جي سندس مرشد سائين پکن جي شان ۾ ناهيل آهن، سي مرحوم رئيس تاج محمّد خان نظاماڻي جي بياض تان وٺي، هت درج ڪجن ٿا:

(۱)

آديسي ارداس ۾، آچر ڏينهن آهين،
ساميءَ سگريون سور جيون، سهسين سيبائين،
اوري ٿي اثبات ڪي، "لا" لاهوتي لاهين،
"مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهُ"، ناهہ اهو ناهين،
رمزون ريجهہ رهاڻ جون، راهوندي راهين،
واريءَ ۾ واهين، "فاضل" بحر فنا جو.

(۲)

"فاضل" بحر فنا جو، ويراڳين واهيو،
سامين سورن سندرو، سومر ڏينهن ساهيو،
نانگن نئين سچ نات ڏي، ڪاپڙين ڪاهيو،
جوڳين جوڙي جان ۾، رام سدا راهيو،
"وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّداً وَّقِيَاماً"، ناهہ اتن ناهيو،
"لا" سان لنو لايو، وتن ويراڳي وڍيا.

(٣)

وطن ويراڳي وڍيا، راهوندي رڻ چوٽ،
سر ڏنائون سٽ ۾، آڏوتي اٽموٽ،
کين وٺن سي ڪاپڙي، اگاري ۾ اوٽ،
سهرا سورن سر تي، گهوڙي چڙهيا گهوٽ،
ڪاپڙين جا ڪوٽ، وَسن واريءَ وچ ۾.

(٤)

وسيا واريءَ وچ ۾، ڪوٺا ڪاپڙين،
آئي اربعا عيد تي، جِيجان جوڳڙين،
ريجهه رلائي رام سين، رلي راهوندين،
وَ"اذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً"،
وائي ويراڳين،
سونهي سناسين، سنگ سٽائو سچ ۾.

(٥)

سنگ سٽائو سچ ۾، خوشتر ڏينهن خميس،
جوڳيڙن جي جوڳ جا، جوڙ نہ جيها جيس،
"رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ"، ڪيهي تن سين ريس،
پاپوهڻ پاپيس، جوڳيڙن جي جوءِ ۾.

(٦)

جوڳيڙن جي جوءِ ۾، سهسين سرهايون،
الکون آيون ان ڏي، وحدت جون وايون،
جوت جمعي جي جَهرڪن، جوڳين جون جايون،
"وَاذْكُرُوا اللهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ"
اي آيتون آيون،
راهوندين رانئيون(١)، چوڙي چڏيون پانهنجون.

(١) باشي يا باز کي ڦاسائڻ دام وجهبو آهي. ان کي ڳلو چئبو آهي. ڳلي جي هيٺ مٿان سنهڙيون رسيون ٽينديون آهن. انهن کي "رانئيون" سڏيو آهي.

(٧)

سيپئي صاب پيون، چنچر ڏينهن چٽي،
اندر آديسين جي، وَحدت وات وٽي،
حاصل ڪيئڙو حق تن، ڊُريان پاڻ ڊٽي،
"مَن له المولىٰ فَله الڪُل" ويڙا گوءِ ڪٽي،
"فاضل" ان جي فيض لاءِ، پرزا تئي پٽي،
ڳِيسر ڪرمَ گهٽي، ويل وهڻ جي ناهه ڪا.

(٨)

چوڙي چڏيون پنهنجيون، جوڳين جتائون،
لاهوتين لاهوت ۾، لاتيون لتائون،
سامين سِتائون، سيپئي صاب پيون.

وائي

آديسين اچي اوري، بابوئڙن وڏو پوري پوري،
پوري پوري فراق کي.
سامين سڪڙا لاتا ڏڪڙا، ڪاپڙين وڏا ڪوري ڪوري،
ڪوري ڪوري فراق کي.
ووڙي واٽون جهاڳي جهاٽون، ڏوتيڙن ڏنيون ڏوري ڏوري،
ڏوري ڏوري فراق کي.
مال متاع آئون ان تان گهوريان، وڃهان گهوري گهوري،
گهوري گهور فراق کي.
"فاضل" فاقو اهک اولاڪو، جوڳيڙن چڏيو جهوري جهوري،
جهوري جهوري فراق کي.

آخوند الله بخش انصاري: هي آخوند صاحب هالا نوان شهرجي صادقاڻي مُلن جي خاندان مان آهي. اهو خاندان، جناب مخدوم صاحب جي ڪوٽ جي ٻاهرين ڏاڪڻي پر ۾ متصل ساڪن آهي، يعني سندن قريبي ٻاڙي وارا آهن. هن آخوند صاحب جو ڪجھ احوال اسان کي معلوم

تي نہ سگھيو، پر ڪجھ، سندس سپوٽ پونٽي، حڪيم حافظ عبدالڪريم صاحب کان معلوم ٿيو آهي، سو درج ڪجي ٿو. باقي سندس ڏھر، سي تہ اڳ ۾ ئي سروري ٽوڙن ۾ مشهور آهن.

آخوند الله بخش ولد آخوند حاجي محمّد قابل، سائين پڪن ڏٽيءَ جو سچو ساٿياري ۽ مريد هو. اهو حال، سندس ڪلام "وِرھ جي ورلاپن" مان معلوم ٿيندو: جي هن صاحب، سائين پڪن ڏٽيءَ جي وفات بعد چيا آهن. شريعت جو پابند، صوم وصلواة تي متسحڪم ۽ روحانيت جي ريجھ جو راٽو هو. پاڻ ڏينهن ۽ رات ذڪر ۽ فڪر جي صحبت ۾ گذاريندو هو. الله جي نيڪ ٻانهن وانگر پنهنجو پيٽ۔ گذران هٿ جي پورهئي وسيلي ڪندو هو. انهيءَ ڪري سندس ڏينهن جو ڪجھ وقت، ٽوپ سبڻ ۽ تيل ڪڙي جي سودڻ ۾ گذرندو هو. آخوند مرحوم جي وڏي پونٽي، آخوند الله بخش (جنهن تي سندس نالو پيل آهي) کان معلوم ٿيو تہ آخوند مرحوم جي وفات، سندس تولد ٿيڻ کان هڪ سال اڳ تي آهي آخوندالله بخش جي ولادت ١٨٩٧ـ١٨٩٨ع جي وچ ڌاري مطابق ١٣١٥ھ تي آهي. ان حساب موجب، اسان جو وڏو آخوند صاحب ١٨٩٧ع مطابق ١٣١٤ھ ڌاري فوت ٿيو آهي. هاڻي سندس ڪلام، جو اسان کي هٿ آيو آهي، اهو درج ڪجي ٿو:

(١)

رحلت رفيقن ڪئي، ستاويهين رمضانُ،
لڏائون لطف سان، شب قدر جو شانُ،
ايڏا "امين محمّد" سان، آڳي ڪيا احسان،
"لَيْلَةُ الْقَدْرِ خَيْرٌ مِّنْ أَلْفِ شَهْرٍ"، ليڪڻ ناھ لسان،
فنا کان بقا ڏي، پُريا پهلوان،
ڪل پيئي ڪانَ، هلندي حبيبن جي.

(٢)

ستاويهين رمضان جي، ڪئي رحلت رفيقن،
لڏي لاڏاٽو ڪيو، اربعا عجيبن،

هَئي هَئي حاذق اهڙا، ڪٿان لعل لين،
دارون دردن جو هٿا، سڀ ڪنهن طرح سين،
پڄاڻان پرين، سالڪ سڀ سڙي رهيا.

(٣)

ستاويهين ۽ رمضان جي، ڪئي رفيقن رحلت،
حاذق جي هلڻ ڪان، هنڌ هنڌ ٿي حسرت،
"الله بخش" عجيب جي، عالم ۾ عبرت،
اصلي اربعا تي هئي، رکي هوت حجّت،
اي ۽ قريبي ڪثرت، راضيهو رحمٰن جو.

(۴)

ستاويهين ۽ رمضان جي، ڪيو هوتن هالاڻون،
هئي هئي حسرت ۾ پيا، مِروُن ۽ ماڻهون،
پکي سڀ ڪو پور ۾، وتي ويڳاڻون،
"الله بخش" عشق جو، اڄ آتڻ اجهاڻون،
سالڪ سڄاڻون. هو صاحب جي سرڪار ۾.

(۵)

ستاويهين ۽ رمضان جي، سالڪ سِڏاريو،
هڪ درد درويشن کي، پيو سِالڪ ساريو،
هاڻي هنجون هاريو، ڪري قصّا ڪامل پيرجا.

(٦)

رياضت ۾ رهنما، ورهه گذاريا چار،
جئن پارس پهڻ سان ڪري، ڪامل ڪيئي ساڪار،
جن داڻو دست نہ آئيو، تن پهڪيو وڏي پار،
هاڻي تان مون ڏيکار، ڪو هڙو مڙس ملڪ ۾.

(٧)

جڏهين لطيفن لڏيو، تڏهين تون پڻ لڏ،
اَجهو عاشقن سان، نيئي "الهہ بخش" اڏ،

گوندر گمراهيءَ ۾، هتي ﭘاڻ نه ﮔڏ،
هوتن ڏاران هڏ، جيئڻ جدا نه گهرجي.

(۸)

ستاويهينءَ رمضان جي، ويو بلبل باغ ڇڏي،
ڪري ﭘَهَه ﭘڪئين، ويو گوندر منجهه گڏي،
فنا ڪان باقيءَ ڏي، ويو لعل لڏي،
هاٿي ڪير سڏي، ڏئي ياري يتيمن کي.

(۹)

ستاويهينءَ رمضان جي، گهوٽ چڙهيو گهوڙي،
جَنَّتُ الْمَاوٰي ڏي، واڳ هليو موڙي،
دنيا ۽ عقبيٰ کي، جانب ويو جوڙي،
”اللهبخش“ آزار ڪيو، ورنه وڇوڙي،
نرمل نهوڙي، ﭘوين کي پرزا ڪيو.

(۱۰)

ستاويهينءَ رمضان جي، ڪئي ورنه ﭘير وداع،
تيرهن سؤ تي سَنَ ۾، هليا خالق ڏانهن خداءِ،
اربع ڏينهن ادا، ﭘرين ﭘڳهه ڇوڙيا.

(۱۱)

ستاويهينءَ رمضان جي، هليا هوت حضور،
ڇڏي محل ماڙيون، ڏيه ڇتايائون ڏور،
تنهن سڄڻ سندي سور، ٿيو مرڻ مريدن کي.

(۱۲)

ادا، ﭘير ”امين“ لئي، اکيون اُڄ مرن،
ساريو سپرين کي، تا ڳريو ڳچ ﭘون،
سي وري ڪيئن ورن، جي ﭘُريا انهيءَ ﭘار ڏي.

(١٣)

جانب جماعت وچ ۾، سي نہ ڏسجن هاڻ،
آگا "امين محمّد" کي، واحد وري آڻ،
جهڙي ءَ جُهري ٿو، هنيون ڪامل ڪاڻ،
وڃي ٿي واصل جي، راحم ساڻ رهاڻ،
عاشق جي اهڃاڻ، ڪامل ڏسجي ڪونڪو.

(١٤)

"امين محمّد" آءُ، تون سماع ۾ سردار،
ماڻهو منتظر ٿيا، تولئي هوت هزار،
پر ۾ پڇيو تا پڇن، پرين تنهنجا پار،
حضرت اڄ هيڪار، تہ اکين جي اڄ لهي.

(١٥)

پرينءَ ويهي پَٽَ ۾، ڪيئي حاصل حقيقت،
طالب کي تڪرار ٿي، توڙان طريقت،
"امين محمّد" کي انعام ٿي، مڙيئي معرفت،
صاحب شريعت، آهي پُرائتو پڌرو.

(١٦)

هڪ صاحب شريعت جو، ٻيو طريقت جو طول،
مولا سان معرفت جو، وري ٿيس وصول،
حاذق حقيقت ۾ هو، آڳاٽو اصول،
قادر ڪئي قبول، سيڪا وک وريام جي.

(١٧)

موچاري مخدوم جو، ماڳ ٿيو ملڪوت،
آگي آهه عطا ڪيو، نرمل کي ناسوت،
لائق لطف سان لڌو، لعل وڃي لاهوت،
جاءِ ڪري جبروت، واريءَ ۾ ويهي رهيو.

(١٨)

موچاري مخدوم جو، ٽيو حقيقي حال،
دنيا ۽ عقبيٰ ڇڏي، ڪيائين واحد ساڻ وصال،
"فَلْيَضْحَكُوا قَلِيلًا وَّلْيَبْكُوا كَثِيْرًا"،
ويو خوشيءَ جو خيال،
"الله بخش" اهڙو ٽيو، عاشق جو احوال،
پاڻ ڪري پامال، پرين سڃاتائين پانهنجو.

(١٩)

دوست دنيا کي ڇڏي، جدا ٽيو جاني،
ابراهيم ادهم سندو، سالڪ ٽيو ثاني،
لنگهي ڪان دعوا ٽيو، ڪرامت ڪاني،
"كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ"،
ٽيس رمز ربّاني،
فائق ڪي فاني، ماسوا معلوم ٽي.

(٢٠)

دوست دنيا کي ڇڏي، عاشق ٽيو آجو،
راضي متس رحمٰن ٽيو، صاحب سپاجهو،
ڏاتر ڪان ڏاجو، "امين محمّد" کي انعام ٽيو.

هن احوال ختم ٿيڻ تي ڪنهن حبيب کان هڪ فرسوده بياض هٿ آيو، جنهن ۾ آخوند الله بخش انصاريءَ جو هڪ ناياب ڪلام لکيل هو، جنهن جو هت ڏيڻ ضروري سمجهيم:

(١)

خالق خاوند خلقڻهار، جنهن خلق ۾ خلقيو ملڪ مهندار،
تنهن ناءُ نبيءَ جو آهي نروار، تنهن کي ساري صحيح سنيار-
هاري، ڪر موچارو ڪار!

Scanned with CamScanner

(٢)

جهنگ "هڻڻ" جو وڏ تون واڍا، ڪُهڙڪيي ڪر ڪرڙا ڪانڍا،
ڏئينس ٻاهہ ٻرهہ جا ٽانڍا، تنهن ۾ پاڻ ٻيائي ٻار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(٣)

ٻاجهہ سان ٻانها ٻنا ٻڌُ، ڏَغا ڏَڙيءِ جو ٻني هند،
ڪوڏر هڻ، ڪري هيٺ ڪند، سِٽا سڌاري سنئين سنوار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(٤)

هيٺ مٿانهين ڪر هڪجيهي، مِٽو پاڻ پنجهو وجهہ ويهي،
نهورَ ڪڍ نئين تون نيهي، سخت زمين ڪي ترڇي تار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(٥)

اڏون نائڪا ٽُڪيو ٿاهہ، نارُ تنهين تي نينهن جو واهہ،
رُوڻ اُتل جو ڊپ نہ لاهہ، پاٽي اجايو هار مَ هار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(٦)

حُبَ جو هاري هر جوڙاءِ، غمر جو ڳھوبو تنهن جو ڳهڙاءِ،
فڪر جو ڦار اُتِس ڦهڪاءِ، محبت جو منجهہ انّ ڇٽار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(٧)

"امين محمّد" جي واه اراضي، شهر ڇڏي تيو ٻڪن تي راضي،
"الله‌بخش" اُت خاص نيازي، سنگ صفا ڪر نفس جو جهار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

مرحوم قاضي يار محمّد هالا پراڻا:- اسان جي محترم اديب دوست، قاضي غلام محمد صاحب، ساڪن هالا پراڻا، مرحوم قاضي يار محمّد صاحب

Scanned with CamScanner

جي باري ۾، جو ڪجهه لکي موڪليو آهي، اهو درج ڪجي ٿو:
"تاريخ ولادت متعلق ڪو به تصديق وارو احوال معلوم ٿي نه سگهيو آهي.
سندس والد بزرگوار جو نالو، قاضي محمّد روشن هو. سندن نسب ٽين پيڙهيءَ ۾ قاضي محمّد قابل هالن پراڻن واري سان وڃي ملي ٿو. هي "هالن پراڻن وارن قاضين" جي نالي سان مشهور آهن. ڪين ڪو به اولاد ڪو نه ٿيو.
تاريخ وفات ۲۵- شعبان المعظم ۱۳۱۶ھ بمطابق ۸-جنوري ۱۸۹۹ع ڏينهن آچر آهي.
سندن زندگيءَ جا پيا ابتدائي احوال اسان کي معلوم ٿي نه سگهيا آهن ته پاڻ، سرڪار جي ڪهڙي ملازمت ۾ هئا.
آخر عمر ۾ کين پينشن ملندي هئي، جنهن مان خير جو گذارو ڪندا رهندا هئا. فارسي تعليم نهايت اعليٰ ورتل هين ۽ پاڻ فارسي شعر به چيو اٿن، جو زماني جي دستبرد ڪري، دستياب ٿي نه سگهيو آهي. ان وقت، سندن هڪ ويجهو عزيز، قاضي ابوالمعالي، هڪ وڏو اديب ۽ شاعر موجود هو، جنهن سان سندن ادبي محفلون نهايت آب وتاب سان ٿينديون هيون.
مرحوم قاضي عبدالمعالي فارسيءَ جو مستند عالم هو، جنهن جو ڪلام فارسيءَ ۾ موجود هو. پر هاڻي عنقا وانگر غائب آهي. سندن تاريخ وصال اڳ آيل آهي.
قاضي مرحوم يارمحمّد صوم وصلواة جو بيحد پابند هو. جيئن ته هالن پراڻن وارا قاضي صاحب اصل کان حضرت مخدوم نوح رحہ جن جا مريد هئا، تيئن ان وقت سائين پکن ڏٽيءَ جي زماني ڪري، قاضي صاحب به پنهنجي مرشد سان حد ڪمال محبّت ۽ عقيدت رکندو هو. اڪثر سندن حاضريءَ ۾ رهندڙ هو.
هڪ دفعي جي روايت آهي ته قاضي صاحب، دستوري طرح، سائين پکن ڏٽيءَ جن جي خدمت ۾ وينو هو. اوچتو سائين پکن ڏٽيءَ، هڪ نظر فيض اثر ڏانهنس ڪئي. بس هيءَ نظر نه هئي، ڪو راز هو يا الستَ جو اواز هو. نظر سان اچي اکين مان آب وهيو. پاڻي هو يا عشق جي برسات

هني، سا خبر ته طالب ۽ مطلوب كي. ان بعد ٻاڻ، سائين ۾كن ڏٺيءَ جي شان ۾ سنڌي ڪلام چيو اٿس، جو سروري نوڙ ۾ "ڏهر قاضي يار محمّد" جي نالي سان مشهور آهي. ان بعد ايترو معلوم ٿيو آهي ته هميشه سندس اکيون آليون رهنديون هيون. سندس اندر جا آلاپ هيٺين طرح پيش ڪجن ٿا:

(١)

رمز راهوندين جي، مون كي ماريو ماءِ،
وهڻ مون وهِه ٿيو، سُتي اچي نه ساءِ،
كو جو وريو واءِ، جو دكيو دونهون درد جو.

(٢)

دكي دونهي درد جي، مَگر مچايو،
بنان ساجن سيكنهن، سار ٿي سجهايو،
ديرو دمايو، اچي مورت من ۾.

(٣)

مورت رهي من ۾، باقي كين بچيو،
"كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهُ"، انهيءَ رمز رسيو،
جڏهن سائينءَ سبب كيو، تڏهن گُر كي رَسيو گودڙيو.

(٤)

گر كي رسيو گودڙيو، رڙهي ۾ راهوند،
سدا سارنگ جئن وسي، سندي برهه بوند،
هلي ڏسي كو هوند، ته موڻ جي مس كري.

(٥)

رهن جي راهوند ۾، تنين وڏو ڀاڳ،
قادر كرم سان كري، منهنجو اتي ماڳ،
سَريو تن سهاڳ، رهن جي راهوند ۾.

(٦)

رهڻ راهوندين سان، نسوري نعمت،
طلب ڪن نہ طعام جي، فاقي ۾ فرحت،
واري وچاٽو ڪري، رهن ۾ راحت،
ڪڍيائون قلب مان، ڪوري ڪي ڪلفت،
سدا رهن سور تي، مَيا ۾ محبّت،
رهي اٿن روح ۾، سائينءَ جي صفت،
الڪ جي الفت، اوجاري اوجل ڪيا.

(٧)

الڪ ڪي اڪيين ڪيو، اُپيائي آهين،
ذاتيءَ سندي ذڪر جا، تا واڄٽ وڄائين،
اهڙائي آهين، سدا سنياسي سنرا.

(٨)

سدا سنياسين ڪي، سورن جو سبق،
فڪر جي فرحيءَ جو، مطالع مرڪ،
واچين تا ورق، ويچارا وصال جو.

(٩)

واچي ورق وصال جو، ساڄن سونيائون،
"لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ"، ايءَ اُهَيچ آندائون،
صبر سِٽيائون، ويا وجودان نڪري.

(١٠)

ويا وجودان نڪري، پري رکيائون پير،
جاءِ نہ جبرئيل جي، جتي ساميڙن سير،
ڪري سگھندو ڪير، بابوءَ جي بيان ڪي.

(١١)

بابو ٽيو بيذات، ويو واڪاٽان نڪري،
"عِنْدَ مَلِيْڪٌ مُقْتَدِرٍ"، ويو ان ولات،
تنين سندي تات، توشو ٽيندو توڙ جو.

(١٢)

توشو توڪّل جو ڪري، "قاضي" قدم اٺاءِ،
ٻڌ سيلهي ڪڻ ڪُتڪو(١)، ڪنين ڪنر پاءِ،
جيئن سياٽي سندياءِ، گُر وٺ گلا نہ ٿئي.

(١٣)

گلا غيبت گام جي، سيئي سَهيج،
وڻيو وجج واڻڙي، ڪنهن سان ڪيم ڪُچيج،
اها راهہ رَميج، تہ گُر وٺ گلا نہ ٿئي.

(١٤)

گلائن جي گبري، ڳڇيءَ ڳانو ڪَر،
مجوسيءَ ڪي ماٺ سان، ماري مِٺي ڪر،
اها پارج پر، تہ سنمڪ ٿيين سامين سين.

(١٥)

جي سنمڪ ٿيين سنياس ۾، تہ پنهنجو پاڻ وڃاءِ،
محبّت سندي مچ ۾، جيئري جان جلاءِ،
پسمين بدن لاءِ، تہ خوديءَ ڪي خاڪ ڪري.

(١٦)

خوديءَ ڪي خاڪ ڪري، پيرا پلو ڪيج،
ٻڌي سورن سندرو، ڏوري ڏس لهيج،
سڌون سڀ سٽيج، تہ وحدت جي واٽ ٿئي.

---

(١) ڪُتڪو = ورن وڪڙن وارو ڏنڊو.

(١٧)

وحدت سنديءَ واٽ ۾، وَتن ڪي وڪٽيچ،
هڏ ۾ ڪٽج هوت ڏي، هلڪو تي هليچ،
سودو اي سِنيچ، ته پارس پلئي پائيين.

(١٨)

پارس پائي پاند ۾، پنجڪٽي پنت،
اِن النيءَ ڳالهه جو، عام نه آهي اَنت،
روئيو روئج رَت، متان ياڳ پر ڏئين.

(١٩)

متان ياڳ پر ڏئين، ليلائيو ليلاءِ،
"وَاذْكُرْرَبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرَّعًا" اهو ڪن ڪجاءِ،
پورا پاڻ نه پاءِ، متان رهجين راهه ڪان.

(٢٠)

ڇڏ گندا، ڇڏ گبري، ڇڏ گندي، ڇڏ گراهه،
"لَنْ تَنَالُوْالْبِرَّحَتّٰي تُنْفِقُوْا"، سانڍ پنهنجي ساهه،
رمج اها راهه، ڪهي ڪاپڙين سان.

(٢١)

ڪهج ڪاپڙين سان، نڪري مان ناسوت،
ماڳ مَ ڪر ملڪوت ۾، جنبي ڇڏ جبروت،
لنگهي ڏنهن لاهوت، وڃائي وجود کي.

(٢٢)

وڃائي وجود کي، پاٽان پاسي تيءُ،
"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"، ايءُ پيالو پيءُ،
وحدت سندو ويءُ، مري جيءُ نه مائٽين.

Scanned with CamScanner

(٢٣)

سانگو ڪرمَ ساهه جو، مَري ماڻُ وڏاءِ،
سگ، سياڪا، سيٽپا، وسيلا وڃاءِ،
تهان پوءِ پونديا، هاوانا هاهوت جا.

(٢٤)

هيجان هل هاهوت ڏي، لاهه مَ لڏو لڏ،
متان ويهين ويسلو، هلج هاريا هڏ،
اتي وڃي اڏ، جتي نظر نات جي.

(٢٥)

عجز ۽ عاجزيءَ سان، نانگا نات نماءِ،
ڪِيرتن جو ڪينرو، ڪوڏان ڪلهي لاءِ،
وڃي اُت وڃاءِ، جتي نظر نات جي.

(٢٦)

جتي نظر نات جي، اُتي وڃائج ويهي،
"وَاذْكُرِاسْمَ رَبِّكَ..وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ.."،ٻيون ٻن ڏيئي،
رهج رت روئي، "ظَلَمْنَا" زاري ڪري.

(٢٧)

زاري ڪري ذليل ٿي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ،
سينو ساهج ڪينڪي، ٻانهون ٿي ٻاڏاءِ،
نيٽين نير وهاءِ، ته وري وير وصال جي.

(٢٨)

شاها صلو سفر جو، اهو ڪر امداد،
مايا جي محبت جو، ٻِنهين وڃي بنياد،
ايها من مراد، جيئن غافل ٿيان غير کان.

Scanned with CamScanner

(٢٩)

غافل ٿيان غير کان، وڏي ذوق ۾ ذڪر،
طاعت جي تعليم جي، نُوري ڪر نظر،
جيئن فضا منجھ فڪر، رهان رهاٽي روح سان.

فقير حاجي محمّد پريل مگسي (١٨٥٢-١٩١١ع) : هن صاحب جو اصل وطن ڀاڳناڙي هو ۽ بعد ۾ هن محبت جي پرواني، امين سائينءَ جي شمع تي فدا ٿي، هالا شريف کي پنهنجو مسڪن بنايو. هي صاحب، اوّل پوليس کاتي ۾ جمعدار هو، پوءِ سائين پکن ڏٽيءَ جي صحبت ۾ نوڪري ترڪ ڪري، آخر تائين مخدوم صاحب جن جو خاص خدمتگار ٿي رهيو ۽ وفات به اتي ئي ڪيائين، جو ڪيس خدمتگارن جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. مرحوم، مرثيه گو شاعر هو. سندس گھڻو ڪلام گم آهي، باقي ٻه - ٽي بيت ۽ هڪ - ٻه مرثيا موجود آهن. (١) مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

اول نانءُ الله جو، قادر ربّ قهار،
خاوند پنهنجي خلق ۾، سيّد ڪيو سردار،
سڀ تي نبي سرور ٿيو، مڙني جو مهندار،
ڪريو هَي! هَي! مير حسين لاءِ، جو اڙين جو آڌار،
"پريل" تنهن پينار، آهي روز الست کان.

سائين پکن ڏٽيءَ جي ٿاهيل مشهور "لولي"، جا ڀاڻ پنهنجي ننڍي ڀاءُ ميان غلام نبي عرف پنيلڌو جي حيدرآباد دکن ڏي اُسرڻ کان پوءِ، جدائيءَ جي جھوراٽي ۾ ٺاهي هئائون، ان جي ٽن بندن ۾ به پريل جو نالو اچي ٿو. لوليءَ جو مطلع هي آهي جو وراٽي طور هر بند بعد ۾ اچي ٿو:

آءُ وري تو سري، واهر ڪريار، آءُ تولئي چري،
دک ماري دردن جي، آءُ وري!

(١) "ياد رفتگان" - قبله مخدوم "طالب المولیٰ" صاحب صفحو: ١٢.

اهي ٽي بند هي آهن:

(١)

الف آديسين جي، ماءِ نهوڙيس نينهن،
وري واريءِ تي وُٺا، مون کي محبّت مينهن،
پهچان مان "پريل" چئي، ماءِ سنياسين سينئن،
ڏني تيڙم ڏينهن، کينر کاپڙين جا.

(٢)

ظ ظهوريءِ يار جي، راهوند رچايو،
ان کي مچ مجاز جو، الستئون آيو،
هلڻ جو هنگلاج ڏي، راول کي رايو،
"پريل" پچائيو، اندر عشق عجيب جو.

(٣)

ف فياضي ڳالهڙيون، دل کان کر مَ دور،
فهم فکر کان کيو، آديسين عبور،
ادنيٰ کان اعليٰ رسي، نرمل ٿيا نُور،
"پريل" تنهنجو پور، دردئون پوي دل ۾.

رئيس مرحوم تاج محمّد نظاماڻيءِ جي بياضن مان مرحوم پريل جا هيٺيان بيت مليا آهن، سي درج کجن ٿا:

(١)

چيائين اڳيان اسدالله جو، آهي فرزند فتحياب،
جنهن جي شرف شان جو، نکو حد حساب،
فرامين فرقان جي، انهيءَ کاڻ کتاب،
ان تي آيت "اِنَّمَا" جي ۽ بحر انهيءَ جو باب،
"يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا"، اهو نُور نواب،
"وَالضُّحٰي وَ"جْهَكَ"،جنهن جوساري سگھ سحاب،
هڪ هڪ گوهر گڏيو، انهيءَ جو اصحاب،
کُسي ٿئي کباب، "پريل" پيرانديءِ تن جي.

(٢)

طالب "طٰهٰ" جو هجين، تان پاڻ مَر پاسي ڪر،
حسن مير حسين جي، پُريو ونج پر،
تان "يَهْدِيْ مَنْ يَّشَاءُ" جو، ورق پوئي ور،
انهيءَ جي اوصاف تي، ڪمر قابو ڪر،
سڪج سراسر، تان "پريل" پري نہ ٿئي.

(٣)

آءِ روز الست کان، پِنان تنهنجو توهہ،
سڻ ميدان جو معرڪو، تان ڪوفين ڪيو ڪوهہ،
يا در سر "يٰس"، ڪ گيتن لڳو لوهہ،
ساڻ سيد جي ڊوهہ، ڏس شامين شريرن ڪيو.

(٤)

خط لکي خاطين مُڪا، ڪري دعوت بردغا،
چيائون يا وارث الانبيا، آءِ تان بيعت ٿئي بجا،
پوءِ واريائون وغا، ايندي ئي امامن سان.

(٥)

قضيي ڪربلا جو، مڙني ٿيو معلوم،
شامين شريرن ڪيو، اچي هل هجوم،
پاڙي ٻڌو پير جو، مردودن معدوم،
اول شمر شُوم، ٻيا مڙيا مرتد ڪيترا.

(٦)

شريرن شفيع تي، آرانيو آندو،
حضرت مير حسين تي، ڪري حملو هيڪاندو،
عمرو انهيءَ وقت ۾، ٿيو مردودي ماندو،
فڪر جو ڦاندو، جوڙي پنهنجيءَ جان ۾.

فقير پريل نوشهرائي: پير ميان قربان علي ولد ميان جمال الدين عرف فقير "جمال" نوشهرائيءَ کان، جو فقير صاحب بابت احوال معلوم ٿيو، سو هي آهي: فقير ميان محمّد پريل ولد ميان غلام محمّد، مخدوم مرحوم عبدالرحمان گينبڙائي نوشهرائيءَ جي خاندان جو فرد فريد هو. جيئن سندس خاندان اصل فقيراڻو هو، تيئن ان صاحب به فقيريءَ جي پاڪ پيروي اختيار ڪئي. هي صاحب مخدوم صاحب هالن واري جي خليفن مان هو. انهن ڏينهن ۾ مخدوم امين محمّد سائين سجّاده نشين هو ۽ فقير صاحب سندن معتقد مريد، حڪيم ڪمال وارو ۽ شاعر شعور وارو هو. سندس ڪلام ته گهڻو پيو هوندو، پر هت ڪجهه قبله طالب المولىٰ ۽ حاجي محمّد بچل جلباڻي کان معلوم ڪري، ۽ سيد فاضل شاهه واري ڪافين جي ڪتاب مان چونڊي، خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان:

بيت

جي پانئين جوڳي ٿيان، ته بَر ۾ بني چاڙهه،
جيرا جگر ڦوڙهي، ڦقڙ ڦوڪي ٻار،
پسجين دوستاڻي دربار، انهيءَ پر "پريل" چوي.

ڪافي ۱-

اکيون ڪين مڃين، ڪنهين جون متيون،
جيڪي رمز سڄڻ جيءَ منجهه رتيون،
اکيون عشق واريون عريان ٿين، سرگوئي ٿي ميدان ڏين،
ڀوڙهيون ڪين مڃن، ڪنهين جون ڳتيون.
جڏهن عشق اچي امام ٿيو، تڏهن هوش عقل حيران ٿيو،
جيڪي پرت رکن، تن ڪي ڪري پتيون.
جيڪي مڄ ڏسي مستان ٿين، سي ته "پريل" چوي پروان ٿين،
سي ته نرڻ مشڪل، آهن توڙ تتيون. (۱)

---

(۱) مذڪور بيت ۽ ڪافي، حاجي محمّد بچل جلباڻي ساڪن جلباڻي ڳوٺ پريا کان مليا.

ڪافي ٢-

ڪير ويندي ڪي جَهلي جَهلي، عشق ڪنئي سهڻي يار جي.
مت نه ڏيو مون سرتيون، هرڪا ٻاڻ ڪي ٻَلي ٻَلي.
يار ٻنان هن ديس ۾، جيءُ جُسو منهنجو جَلي جَلي.
آءُ نصيحت ان جي ٻڌندي، جا ٿي مون سان هَلي هَلي.
خوش "پريل" آهي هرحالت ۾، يار ته منهنجو ٻَلي ٻَلي(١).

ڪافي ٣-

ڪر خبر مان سان خابرو، آءُ ڪا ياد هيڙس يار ڪي،
مون سندي ميلاپ جي، ڪا سمن(٢) هئي سردار ڪي.
دل سڪي دلدار لءِ، ديدون سڪن ديدار ڪي،
دائما دم دم سڪن، منهنجا گوش ان گفتار ڪي.
ويچ ڪيم وڏاءِ تون، هن برهه جي بيمار ڪي،
ڪيئن ڪريان ڪاڏي نيان، هن عشق جي آزار ڪي.
سُڌ سڄڻ سردار جي، ڪهڙي ڪَرهن قطار ڪي،
مڙئي منجهه مصحف جو، ڪهڙو قدر آهه ڪفار ڪي.
پلڪ ۾ ميان پانڌيا، تون آڻ اُن اخبار ڪي،
اڄ اڱڻ ايندو پرين، "پريل" چمي پيزار ڪي (٣).

منٺار فقير راڄڙ (١٨٦٥ع - ١٩٣٨ع): منٺار فقير ولد قبول

محمّد ذات راڄڙ، ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، ضلعو سانگهڙ سنڌ.

مرحوم جي طبيعت ننڍي هوندي کان وٺي فقيريءَ ڏي مائل هوندي هئي. سندس آباءواجداد حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه جا مريد هئا، ۽ پاڻ حضرت غوث الحق جي تيرهين سجّاده نشين مخدوم محمّد امين

(١) هي ڪافي مرحوم سيّد فاضل شاهه "ڪافين جي ڪتاب" صفحو ١٥٣ تان نقل ڪئي وئي.
(٢) سڌ سڄڻ (ٻي پڙهڻي)
(٣) هي ڪافي، قبلہ طالب المولیٰ سائينءَ کان عنايت ٿي.

Scanned with CamScanner

صاحب "امين" رحہ جي هٿ تي بيعت ڪيائين. هڪ سچو طالب ۽ فقير ٿي پيو. پنهنجي مرشد جي وفات بعد، بيحد اُداس ٿي پيو، ۽ سندس ڏينهن سخت بيچينيءَ ۾ گذرڻ لڳا. هڪ رات پنهنجي مرشد کي خواب ۾ ڏٺائين. پاڻ، کيس هڪ ڪاغذ ڏنائون، ۽ چيائونس تہ "پڙهہ!" فقير چيو تہ "اڻپڙهيل آهيان." پاڻ وري چيائونس تہ "توکي پڙهايون ٿا، ۽ پڙهہ!" پوءِ پاڻ لکيل اکرن تي آڱر رکندا پڙهندا هليا، ۽ فقير بہ اهي لفظ چوندو ويو. صبح جو فقير کي اکرن جي شناس هئي، ۽ ڪوشش سان سنڌي لکڻ پڙهڻ ۾ چڱو ٿي ويو، ۽ پنهنجي وقت ۾ شاعر بہ چڱو ٿيو.

هي اها ڪافي هئي جا فقير کي خواب ۾ پڙهائي ويئي:

لاهي ويهہ مَ لڏ، هل تہ پهچين هوت کي!
ڪم نہ ايندئي ڪيچ ري، ڪا ٻي اڏاوت اڏ. .هَلُ تہ...
پنيا هن پنيور جا، نيئي رسائيندءِ ڪڏ...هَلُ تہ...
ٻانيڻ عشق ٻروچ جو، بيٺو ڪريئي سڏ...هَلُ تہ...
هل تہ ڪيچ قبول ٿئين، هت رُلاءِ مَ هڏ...هَلُ تہ...
متان مُنجهين "مننار" تون، ڏينهن وڃني ٿا، ڏڏ!(١)...هَلُ تہ...

مننار فقير، سائين امين محمّد جي شان ۾ جي ڏهر چيا آهن. انهن مان چند هيٺ ڏجن ٿا:

(١)

ميان "امين محمّد" اجرا، سَگهہ پريا سروَر،
پلي خاوند خلقيئي، پاڪ ڏٺيءَ پروَر،
توکي نَر نوازيو، ڏيهہ ڏٺي ڏاتر،
تون تَن جي پاڪر آهين، جنين تي چادر،
اتر ڏٺي اجاريون، ڪوڏ منجهان قادر،

(١) "يادرفتگان" از قبلہ "طالب المولیٰ" صفحو ٢٩

ڪر مهر "منٺار" سان، ميان نِمن ڏٺي نر،
ڪامل تنهنجا ڪر، مولي مٿانهان ڪيا.

(٢)

ميان "امين محمّد" اجرا، دل وٺيا دلدار،
طلب تنهنجي تات ٿم، سِڪ گهڻي سردار،
"منٺار" چئي منهنجا پرين، تون پيرو ڪج پتار،
تون نہ وسرين يار، مون نہ وسارج وَلها.

(٣)

ميان "امين محمّد" اجرا، سخي شاهنشاهہ،
تون بحر خدا جو بادشاهہ، دُر منجهان درياهہ،
ڪيئي نوازيئي ڪيترا، نظر ساڻ نگاهہ،
ڪر مهر "منٺار" سان، يا سخي سرور شاهہ،
دليئون پِير داناهہ، سڄ منهنجا سڄڙا.

فقير علي بخش پنهور: علي بخش فقير پنهور، ساڪن هالا، پکن ڏٺيءَ جي خاص حاضريءَ جو ملازم ۽ درويش صفت ماڻهو هو. سندس مڪان (اوتارو)، اڄ تائين هالن ۾ موجود آهي. علي گنج واهہ جي ڏاکڻين ڪپ تي، درگاهہ جي اُتر ۾ اهو واقع آهي.

سندس والد جو نالو امام بخش هو. سندس خاندان اصل پنهور جي ملڪ جو ٻڌڻ ۾ تو اچي. سندس وڏا بازداري جو ڪم ڪندڙ هئا، ان سبب، سندن رهائش حضرت مخدوم نوح رحہ جن جي اولاد سان ٿي ۽ ان جاءِ تي رهڻ ٿين، جتي اصل درگاهہ هئي. سندن هجرت سبب، پنهور خاندان بہ ساڻن گڏجي، هت هالن نَون ۾ آيو.

علي بخش فقير جو تولّد، هت هالن ۾ ٩- ذي القعد ١٢٥١هہ ۾ ٿيو ۽ سندس وڏن جي ڏنڌي ڪري، سندس رهڻ سائين پکن ڏٺيءَ جن وٽ ٿيندو هو، جتي سندن وڏن وانگر ڪين شڪار ڪرائيندو هو. ساڻن گڏ رهڻ ڪري، ڪيس فقيريءَ جو لقب حاصل ٿيو. جيئن پاڻ پکن تي رهڻ لڳا، تيئن فقير

۾ پنهنجي سڪونت مرشد جي اوتاري ۾ اختيار ڪئي. پاڻ ٻه هن اوتاري ۾ مدفون ٿيل آهي. فقير ائٺ ورهين جي ڄمارَ ۾، ٢٧- رمضان المبارك ١٣١٩هه ۾ انتقال ڪيو.

قبله طالب المولىٰ، فقير بابت، هڪ ڳالهه پنهنجي والد صاحب جن ڪان ٻڌي هئي، اها هيٺ درج ڪجي ٿي:

هڪ دفعي پڪن وارا صاحب، شڪار تان موٽندي، هالن پراڻن ۾ آيا ته پاڻي پيئڻ جي ضرورت ٿين - پاڻ بيهي رهيا ۽ فقير کي چيائون ته ڪٽان پاڻي آڻي ڏي. فقير، اتي جي شاهن وٽ ويو ۽ پاڻي گهريائين. شاهن، پاڻي ته ڪونه ڏنو، پاڻ فقير کي بيعزتيءَ سان موٽايائون ۽ پکن ڌڻيءَ جي باري ۾ به، سنا الفاظ ڪم ڪونه آندائون! فقير موٽي اچي، ڪين ٻڌايو ته هتي پاڻي سنو ڪونه تو ملي، تنهنڪري هلي ڳوٺ پيئجي. پاڻ به هليا آيا.

ڪجهه وقت بعد، انهن شاهن تي سرڪاري طرح انڪوائري ٿي. شاهن سمجهيو ته اهو ڪم پکن ڌڻيءَ ڪرايو آهي. شاهه، ميڙ وٺي، پکن ڌڻيءَ کان معافي وٺڻ آيا. پکن ڌڻيءَ چيو ته "اسان جي ته ڪاوڙ ئي ڪانه آهي." شاهن، اُهو واقعو ٻڌايو. پاڻ چيائون ته "اسان کي فقير اها ڳالهه ئي ڪانه ٻڌائي آهي."

فقير کي سڏي، احوال پڇيائون. فقير سچي حقيقت پيش ڪئي. پاڻ فقير کان دريافت ڪيائون ته "بروقت اسان کي تو چو نه انهيءَ راز کان واقف ڪيو؟" فقير جواب ۾ عرض ڪيو ته "قبله، اها ڳالهه ٻڌايان ها ته اوهان کي دل ۾ به - تَڪا خيال ٿي پوي ها ۽ نتيجو سهڻو نه نڪري ها. نوڪر جو ڪم آهي ته پنهنجي رئيس کي سهڻيون ڳالهيون ٻڌائي ۽ سهڻيون صلاحون ڏئي -" ان تي پکن ڌڻي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪيس انعام اڪرام ڏنائون. ان واقعي کان پوءِ شاهن سان قرب جو نئون ناتو شروع ٿيو.

قاضي عبدالله پورگر: هالا شهر جي باشندن مان، جي سائين پکن ڏٺيءَ جا مقرب ۽ معتقد هئا. انهن مان قاضي صاحب بہ هڪ آهي. قاضي صاحب، پورگرن جي خاندان مان هو ۽ تمام متقي ۽ صوم وصلوات جو پابند ـ رياضتي بہ هڪڙو هو. ميان محمّد دائود پورگر، جنهن جي عمر هن وقت اٽڪل پنجهتر ورهيہ آهي، ان کان معلوم ٿيو تہ آخوند عبدالمجيد مجاور، قاضي صاحب وٽ، مسجد شريف ۾ پڙهائيندو هو. مرحوم قاضي صاحب، آخوند وٽ هر وقت مراقبي ۾ ويٺو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پکن ڏٺي، پنهنجي فرزند مخدوم ظهيرالدين صاحب سان گڏ، مرحوم قاضي صاحب وٽ صحبت لاءِ پڻ ويندا هئا. جڏهن قاضي مرحوم جي شادي ٿي هئي تڏهن پکن ڏٺي، خاص طرح وٽس مستورات سميت ويا هئا. آخري عمر ۾ قاضي صاحب حج تي ويو ۽ مديني منوره ۾ ١٣٠٧هہ ۾ وصال ڪيائين.

درگاهہ جا مجاور

مرحوم آخوند عبدالغني ۽ مرحوم آخوند عبدالمنعم: لازم آهي تہ هت درگاهہ شريف غوث الحق مخدوم نوح رحہ جي مجاورن جو پڻ تاريخي ذڪر ڪجي، جن مان اسان جا ٻئي آخوند صاحب آهن. انهن جي احوال جي اپٽار، سندن احوال بعد ڪبي(١)

هرات مان بہ يائر، قاري حافظ عبدالواحد ۽ قاري حافظ عبدالسلام، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جن جي زيارت لاءِ، هالا ڪنڊي پهتا. جنهن ڏينهن هي يائر، هالا ڪنڊيءِ پهتا، ان کان بہ ڏينهن اڳ، حضرت غوث الحق جن جي والد ماجد، مخدوم نعمت الله رحہ جن کي فوت ٿئي ٽيو ڏينهن هو. مذڪور قارين کي مخدوم صاحب پنهنجي والد صاحب جن جي مزار مقدس تي ڪلام پاڪ جي ختمن ڪڍڻ لاءِ ويهاريو. چهلم گذرڻ بعد، ٻنهي يائرن، حضرت غوث الحق جن کان وطن واپس ورڻ لاءِ

(١) هي احوال اسان کي محترم آخوند محمّد قاسم، مير منشي قبلہ مخدوم صاحب جن کان مليو.

اجازت گهري. پاڻ فرمايائون تہ "اوهان تا قيامت، پشت بپشت، اسان ۽ اسان جي اولاد سان گڏ رهندا. اوهان جو رزق، اسانجي رزق سان گڏيل آهي." ان وقت کان وٺي، تقريباً چار سؤ سال تي ويا آهن، جو متين ٻنهي ڀائرن جو اولاد، غوث‌الحق رح جي اولاد جي خدمت ڪري رهيو آهي ۽ "مجاورن" جي نالي سان مشهور آهي. هنن جو شجرو حضرت عبّاس ابن علي رضہ سان وڃي ٿو ملي. ان ڪري مجاور صاحبان خانداني نقطۂ نگاهہ کان "علوي" بہ آهن.

هن خاندان مان آخوند حاجي حافظ عبدالغني ۽ سندس ننڍو ڀاءُ، آخوند حاجي عبدالمنعم ٿي گذريا آهن. هي صاحب، حضرت امين سائينءَ جا همعصر ۽ مجاور هئا.

آخوند حاجي عبدالغني، اٺانوي ورهين جَي عمر ۾، بروز جمعہ، ١٣- ذي‌الحج ١٣٥٢هہ جي فوت ٿيو.

آخوند حاجي عبدالمنعم، ١- محرم‌الحرام ١٣٥٩هہ ۾، چورانوي سالن جي عمر ۾ انتقال ڪيو. ٻنهي ڀائرن، سائين پڪن ڏٽيءَ جي حاضري دل جي عقيدت سان ڏني. حاجي عبدالغني پڪن تي سندن حاضري ڏني ۽ مسافريءَ ۾ بہ سندن نوڪريءَ ۾ مصروف رهندو هو ۽ سندن منشي بہ ٿي رهيو. حاجي عبدالمنعم، سائينجن جي حاضريءَ تي حاضر هوندو هو. سائين پڪن ڏٽيءَ سان ظهر جي نماز درگاهہ تي پڙهي، پوءِ ساڻن راهونبد تي ويندو هو. خاص ڪري سائين جن جو ڪلام، سندس ورد - زبان هوندو هو. سيّد حيدر شاهہ جو ڪلام، سائين پڪن ڏٽيءَ کي پڙهي، ٻڌائيندو هو. سائين پڪن ڏٽيءَ جي خط جو جواب، جو نظمي صورت ۾ هوندو هو، سو سيّد حيدر شاهہ ۽ سيّد فاضل شاهہ ڏي کڻي ويندو هو.

حاجي عبدالمنعم غير شادي شده هو. باقي حاجي عبدالغنيءَ کي بہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. انهن مان بہ پٽ سندس حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويا، باقي ٽن نياڻين مان، ٻن کي اولاد آهي. وڏي نياڻيءَ کي بہ پٽ - حافظ عبدالفتاح ۽ مولوي حافظ عبدالعزيز آهن; ۽ ننڍي نياڻيءَ جو اولاد، آخوند

Scanned with CamScanner

محمّد قاسم، (مير منشي قبله مخدوم "طالب الموليٰ") ۽ مولوي حافظ ربڏنو آهي.

سيٺ وشنداس مانجهوءِ وارو: سنڌ جي هڪ انمول هستي، سيٺ

وشنداس ولد سيٺ نهالچند پارواڻي مانجهوءِ وارو، سائين پکن ڏٽيءِ جي ڏٽيءِ ڏوئل درٻار جو هڪ رتن هو. سيٺ وشنداس جو جنم سن ١٨٤٣ع ۾ ڪوٽڙي تعلقي جي مانجهوءِ ڳوٺ ۾ ٿيو(١). سيٺ وشنداس جو پتا سيٺ نهالچند ـ لکميچند، هڪ واپاري هو: پر ساڳئي وقت هڪ درويش ۽ شاعر هو. سندس ڪيترا سارا مريد هئا. سکر جو درويش شاعر بچل شاهه پڻ سيٺ نهال جو مريد هو. سيٺ صاحب کي مريد، صدق ۽ لاڏڪوڏ وچان، "ڀڳت نهال لال" ڪري سڏيندا هئا.

ننڍپڻ ۾ سيٺ وشنداس جون ڪچهريون، سندس باغ "بلاس" ۾ ڪيترن مهنتن پنڊتن سان ٿينديون هيون، جنهن ڪري ننڍي هوندي کان وٺي، سندس طبع ۾ ويراڳ جو سَلو پيدا ٿيو. جنهن هن کي وطن جا وڻ ڇڏائي، ڳوٺ جليانوال ضلعي قصور، پنجاب ۾ ستگر گلابداس جي چرنن ۾ پهچايو. مرشد جي روحاني رنگ، سيٺ وشنداس تي گهرو اثر ڪيو، جنهن ڪري پاڻ فرمايو اٿس:

انئي پهر عجيب جي، ارواح سان من لڳو،
سنگ ساجن شاهه جي، پَوَ پرم سي پولو پڳو.

پاڻ روحاني اپياس ۾ پڙ تي، هيئن ٻولڻ لڳو:

"نامئن هندو، نامئن تُرڪا، نامئن پنڊت قاضي ري،
نامئن سيّد، شيخ، مُسلا، نامئن پيا غازي ري،
سچ بات مي اوران اوري، بيڪ بني سي بازي ري،
"وشنداس" جب آپ پڇانيا، سرورنگ ۾ راضي ري.

وشنداس کي مرشد پاران موڪل ملي. ٻارهن مهينن جي عرصي بعد، ڳوٺ پهتو. سندس ديانت ۽ سچائيءِ جو ناماچار وڌي ويو. انهيءِ زماني ۾ هالن

(١) ڏسو رسالو "مهراڻ" نمبر١، جلد٥، صفحو ٢٣٩. "سنڌ جو شاهاڻو درويش" از موتيرام. ايس. راموائي ۽ ساڳئي صاحب جو ڪتاب "رتن جوت".

جا پير مخدوم امين محمّد صاحب اڃا ننڍي عمر جا هئا. مخدوم صاحب جن جي ڏيڍيءَ تان وشنداس کي آڇ ٿي ته مختار ٿي سندن سمورو ڪاروباز هلائي. وشنداس آڇ قبولي، سندن ڪاروبار ۾ مصروف ٿي ويو. تمام ديانتداريءَ سان نوڪري ڏنائين. سندس ديانت جون ڳالهيون ضرب المثال آهن. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سائين پکن ڏٺي، رات جو ١١-١٢بجي ڏاري ننڊ مان اٿي ڳناس پاڻي پيئڻ لاءِ گهريو. جيتر ديوان صاحب پاڻي آندو تيتر پکن ڏٺي ننڊ ۾ سمهي رهيا. ديوان صاحب پاڻيءَ جو گلاس ترِيءَ تي جهلي بيهي رهيو. جڏهن سائين صبح جو نماز تي سجاڳ ٿيو ته هڪ ماڻهو پاسي کان بيٺل ڏٺائين. پڇيائونس ته ڪير آهين؟ جواب مليو، ”قبله، غلام وشنداس“ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ دعا ڪندي چيائون ته ”تون سيٺ وشنداس آهين.“ پاڻ به ان وقت کان وٺي، کيس ”سيٺ وشنداس“ سڏيندا هئا. پکن ڏٺيءَ جي وصال بعد، ٿوري وقت اندر نوڪري ترڪ ڪري، وڃي پنهنجي ڪاروبار کي لڳو ۽ ٿوري وقت اندر سنڌ جو ناميارو ”سيٺ“ ٿي ويو. هن جا ڪارخانا ۽ مشنيون باڊه، ڪنڊو، ڪراچي، ۽ حيدرآباد ۾ برک هئا. سخاوت جو به سائين هو، پنگتي سڏارن ۾ به هڪڙوئي هو، سندس سماجي خدمتون خاصيون آهن.

سنگيت جو ڪوڏيو هو. هن وٽ راڳ روپ جون محفلون گرم هونديون هيون. هن وٽ هِدُوخان ۽ ان جو پٽ سينڌوخان مکيه گويا ٿي گذريا آهن. مرحوم سينڌو خان هڪ بهترين خوشنويس، شاعر ۽ موسيقيءَ جو ماهر هو. هن پنهنجي حياتيءَ جا آخرين لمحات قبله طالب المولىٰ سان گذاريا. موسيقي ۾ سندن راهنمائي ڪري، پاڻ ١٩٤٨ع ۾ گذاري ويو، ۽ ”محمّد فقير“ ڪتياڻ جي مقبري، ”ميخانه منصوري“ ۾ کيس دفن ڪيو ويو.

سيٺ صاحب، ساهت جو به مشتاق ٿي گذريو آهي، ۽ ڪيترائي ديني ڪتاب شايع ڪرائي، مسلمانن خواهه هندن ۾ مفت تقسيم ڪندو هو. اهڙيءَ ريت ٧-جنوري ١٩٢٩ع ۾، پنجاسي ورهين جي عمر ۾ پرلوڪ پڌاريائين. سنڌ جي هر ڪنهن ٻچي جي وات ۾ هن جي وائي هئي. ڪنهن

صاحب هن جي مشين جي راس ٿيڻ تي ڪافي ٺاهي، جو هرڪو ڪافير پيو ڳائيندو هو. ان جو ٿلُ هيءُ آهي:

ٿلُ: واهه ڙي وشنداس، تنهنجي مشن ٿي راس،
ڪَلون ڪن ڪُوڪار - پلو اَلا!

هن جو ناماچار، سنڌ جي هر ڪنهن رسالي ۽ اخبار ۾ ايندو هو. سنڌ مدرسي جي هڪ مشهور مدرس، مولانا احمد خان نورنگزادي جو هڪ قابل داد قصيدو سيٺ صاحب جي شان ۾ تهيل آهي، ان جو مطلع ڏيئي، سيٺ وشنداس جو ذڪر ختم ڪجي ٿو:

"هجي شال سرهو وشنداس سيٺ،
رهي غم کان آجو وشنداس سيٺ.

ڪرم خان نظاماڻي جا نياز وارا نظاماڻي بلوچ، سروري سنگِ در تي سدائين سرخم ڪيو هڪيا ٽڪيا تيار هوندا آهن. انهن مان هاڻي ٻه ڪونه ڪو رئيس، مرشدن جي حاضريءَ ۾ رهندو آهي. انهن ڏينهن ۾ رئيس شير خان حاضريءَ ۾ رهندو هو، ۽ ڏيڏيءَ جو ڪاروبار، ڏيتي ليتي سندس بلي هو. امين سائين جن اجا ڪم سَن هئا، تنهنڪري ڪاروبار سنڀالڻ جهڙا نه هئا. ان ڪري، ٻاهريون سارو ڪم ڪار سيٺ وشنداس جي هٿ ۾ هو، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

انهن نظاماڻين منجهان، رئيس ولي محمّد خان، امين سائينءَ جو وڏو معاصر ۽ سندن فرزندُ رئيس غلام نبي خان سندن همعصر ۽ ان جو فرزند رئيس فقير الله بخش خان وري سندن ننڍو معاصر هو.

سندس ڪلام

سندن عصر جو اثر، سندن ڪلام فصاحت فرجام تي ضرور پيو هوندو. سندن متقدمين ۾، پير اشرف شاهه ڪاماري وارو، خليفو گل محمد سانوٽي هالن وارو، فقير قادر بخش "بيدل" عثمان فقير سانگي، حمل فقير لغاري، سيّد قطب علي شاهه "قطب" ديوان آسورام "آسو" فقير خير محمّد

هيسباٽي ۽ پير پاڳارو سائين علي گوهر شاهه "اصغر"، جهڙا قادرالڪلام شاعر ٿي گذريا آهن. اها حقيقت آهي ته سندس ڪلام تي هڪ خاص نوعيت جو رنگ رچيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ سندن انفرادي حيثيت نمايان آهي. سندن خداداد لياقت ڪنهن جي نقاليءَ جي محتاج نه آهي؛ ٻه - ٽي مثال ان لاءِ ڪافي ٿيندا. پير ميان محمّد اشرف ڪاماري وارو فرمائي ٿو:

آيو سڄڻ آيو، ٿيون شاديون شهر ڀنڀور ۾.
ڪي ڏينهن ڪنعاني ٿي چاهت ڪر چوايو،
نه ته مالڪ هومصرشهر جو،آٽي نينهن نمايو.
"اشرف"اَنَاالْحَقُّ جو ڏس وارو عشق وڄايو،
عالم ليکي آدمي، اي حق ٿي حقُ هلايو.

شادين وارو مفهوم کي امين سائين هيئن ٿو نيائي:

ٻاروچا ٻيهار، اڱڻ آءِ ته عيد ڪريون.
اچي ويهج اوڏڙو، منهنجا تون مننار، ديد ۾ تا ديد ڪريون.
"امين" تنهنجي عشق جي ٻئي آهي ٻچار، هوءِ محبّ ملن تان رسيد ڪريون.

بيدل سائين پنهنجي "سرور نامه" ۾ عشق ۽ عقل جو مقابلو هن طرح ٿو بيان ڪري:

عقل جو ويو اختيار، عشق اَنَاالْحَقُّ جو دم ماريو.
عشق عقل جي لڳي لڙائي، عشق ڪٽي، جنگ عقل هارائي،
هيڪل هڪ هسوار، ڪيڏي ڪٽڪ کي برهه پڄايو.
دست ڏري آيو حُسن جو پالو، چنچل چشمن جو ڪري چالو،
گوءِ ڪٽي نروار، باهه برهه جي سَڌن کي ساڙيو.

Scanned with CamScanner

يار بيرگي نُور نهاني، ڀري ڀوش آيو انساني،
عشقون تي اظهار، سهس ويسن سان پاڻ سينگاريو.
ڪاٿي پِير مريد سڏائي، ڪاٿي پاڻ لنئوڙي لائي،
ڪاٿي ڪري ڪم ڪار، "قم باذني" مئو جياريو.
ڏس تون باولي برهه جي "بيدل" لامڪانون تي ڪري نازل،
نوڙ دوالي يار، بيخوديءَ جو باز اُڏاريو.

امين سائينءَ جي ڪلام جو زور ملاحظه ڪريو: ڊاڪٽر اقبال جي هيٺين شعر ۾ امين سائينءَ جي شعر جي عڪس ڪشيءَ ٿيل آهي:

"سپاه برانگيزيم از ولايتِ عشق،
ڪه درحرم خطري ازبغاوتِ خرد است."

امين سائين فرمائي ٿو:

عشق آندا سامان سينگاري، جلد بهادر جنگي، يارو!
عقل هليو اسباب اٽاري، مرد مبارڪ ننگي، يارو!
عشق آٽي ڪيا دل ۾ ٽاٽا، تسبيح تقويٰ اُتي اُڏاٽا،
مور چڏي ويا ماٽا ٽاٽا، راز ڏسي سڀ رنگي، يارو!
ڪريا ڪوٽ مغز جا محلا، ڏٺيا دور دليل جا دهلا،
پيش اچي پيا ورنه وهلا، سينا جن جا سنگي، يارو!
عشق عقل جا ڪلس ڪنبائي، آڙ عشق سان ڪنهن جي ناهي،
سيڪو پنهنجو پاڻ ڇپائي، توٽي رومي زنگي، يارو!
عشق عقل جا شهر اُجاڙي، باهه برهه جي سڀ گهر ساڙي،
آٽي آتش اوڙي پاڙي، جڻن سو پور پشنگي، يارو!
"امين محمّد" عشق جا آيا، سڀ سپاهي سرس سوايا،
جنهن منهن چڙهياسي گهٽ گهايا، روسي رخت فرنگي، يارو!

Scanned with CamScanner

مذڪوره ڪافيءَ مان معلوم ٿيندو ته عشق ۽ عقل جي جنگ جي ضمن ۾، امين سائين جنگ جي جولانن جو حقيقت افزا نقشو چٽيو آهي. جنهن ۾ رومي، زنگي، ايران جو پور پشنگ، روسي توڙي فرنگي سمائجي ويا آهن. زبان دانيءَ جو ڪمال نوٽ ڪريو.

ٻين صاحبن به عشق جي ايٽ، نينهن جي نار ۽ پرت جي پوڪ جو ذڪر ڪيو آهي؛ پر امين سائين جو نار ۽ پوڪ جو احوال زياده جاذب آهي. اوّل خليفي گل محمّد جي ايٽ جو پرو ٿا لهون، ان بعد امين سائينءَ جي ايٽ جو ارو لهنداسين. خليفو گل محمّد صاحب فرمائي ٿو:

اُٻاڙي چاڙهه عاشق عشق جو ايٽ،
ڪَٽِي پوڪي وڏائي ڪر متس چيٽ.
وسي مينهن محبت ۽ موهبت جو،
ڀڏي پوئن تي بند پوءِ ڪيڙ تون ڪيٽ.
ڪائي پاٽي ڪناري جو جڏهن ڪو،
متر مهري چڏي، پرڪٽڪ سان ريٽ.
لهي درياهه جت لانگها ڪري لس،
چٽي ٻج ترت هلڪو پوڪ تون ٻيٽ.
صفا وجهه ٻج نيّت جو سيت ۾،
ڪنڏيون پوڪي ڪنارا، پوءِ م چڏ پيٽ.
خدا ڏي وج خُدائي چڏ خوديءَ کي،
مَ لَب ۽ لوڀ لالچ جي متي ليٽ.
آهي هر جاءِ حق حاضر مَ ڪر سڏ،
اڳياڻ بيهي ڪري جوڪوڪ چوُ ڦيٽ.
درد سان روئي روئِي، ڪر صفا دل،
متي پايو م وجهه "گل" مهٽيو ميٽ.

امين سائين کي ٻڌو:
ڇا ڳاڏي ڇا ڳتڪار، ڇا، اسان جو آرٽ وهي آڌار تي.
وهندا روز وڃن تا يارو، ٻُڌئون ڏاند بگو هيو ڪارو،
پاٽيءَ پاڙ ڇ يرئو نيسارو-
آٽي آنديءَ جي وار، ڇا،اسين ڪاهي پياسين ڪوڏارتي.
نوان نائڪا ٻنا ٻهاري، تي ٻروٽي هرهڪ ٻاري،
هاري هر هٿ چونيان واري-
سلن سندو سينگار، ڇا، اسين ڪوڏيا جوئر جي ڪارتي.
پنهنجي پوک رسائيون راهي، هرهڪ هاري سينو ساهي،
ڍڍئي چونڪ ڪٽا پيا ڪاهي-
لڳو واءُ وٽڪار، ڇا، اسين مُوڙين ٻڌڻ جي مار تي.
آخر ڪي سنگ نسري آيا، مٿان مڪڙن مورچا لايا،
هيئيان هارين هُل مچايا-
دونهن جا ڏُندڪار، ڇا، سڀ ٿيا سٿڻ جي سار تي.
پوک پرت جي ثابت هوندي، ڏکو ڏومو مورنہ ڪيندي،
هر برک ڪان بازي نيندي-
پاٽيءَ جي پلٽار، ڇا، رک نيٽڻ واري نار تي.
"امين محمّد" عبرت آهي، نيٺ وڏئون لابارا لاهي،
ڳاهہ ٻڌائون ڳوڏا ڳاهي-
وائر جا وسڪار، ڇا، اسان داٽا نيا درڪار تي.
امين سائينءَ جي مذڪور ڪلام ۾ اسان ڪي پريت جي پوک جي استعاري ۾ هڪ طرف، اهي موزون قافيا ۽ الفاظ ملن ٿا، جي سندن شعريت زبانداني‌ءَ جي خداداد صلاحيت جو دليل آهن. ٻئي طرف پوک جو صحيح نقشو حقيقي طرح سان، پرت جي پوک جي استعاري ۾ ڇنڻ، آخرت جي پوک کي بيان ڪن ٿا. اها آهي شاعرن جي بلاغت.

"ڪليات حمل" ۾ عشق جي عنوان مان هڪ بيت عرض رکجي ٿو:

لوڪ ڪنون لڪ عشق نہ سگهندا، توڙي سهس ڏينوس سرپردي،
آپئون آپي بوءِ ڏيندا هي، وانگي مشڪ عطر دي،
درد ڪنون دم سرد نڪل دي، دونهي درد اندر دي،
"حمل" هر گز مول نہ چپدا، آڙهہ وچ اندر دي.

حمل فقير جي زبان سرائڪي هئي، ۽ امين محمّد سائينءَ جي سنڌي: پر امين سائينءَ جي هيٺئين مثال مان معلوم ٿيندو تہ کين سرائڪيءَ تي بہ سوکو عبور هو:

عشق عجائب التيان باتيان هئي هئي هل مچايا،
هئي هئي حال حقيقت والا، سارا حرف سٽايا،
"نحو" دي نيڙي جهگڙي جهيڙي، جزوڪل، قلب ڪنبايا،
ماسوا ڪون مار سٽيوني، هڻ هڻ "هو هو" دا رايا،
تي "هُو" وچ غرق تان غرض ٿيو ئي سِرّ سبحاني سايا،
"وَفِيْٓ اَنْفُسِڪُمْ" سرّ سيوئي، سيني وچ سمايا،
"اَنَا الْحَقُّ" حلاّج الايا، جنهن ڪل ڪنڌ ڪپايا،
هئي هئي آک تہ هُو هُو ٿيوئي، اوُ ڪثرت اي ڪايا،
هووي عشق "امين"اسان ڪون، جنهن ملدي ملدي مايا.

مذڪور مثال مان معلوم ٿيو تہ امين سائينءَ جو اظهار پنهنجن اڳواٽن يارن کان نرالو آهي. اها هن صاحب جي ڪلام جي خاص خصوصيت آهي تہ هن صاحب اندر جا آلاپ پنهنجي جذبن ۽ لفظن ذريعي الايا هئا.

واقعي سنڌن ڪلام بلاغت نظام هڪ معنيٰ خيز اٿاهہ ساگر سمان آهي، جنهن مان سيڪڙن ڪي وِرهہ جا ونڌيل موتي ملن ٿا. ازان سواءِ پاڻ هڪ باشعور شاعر وانگر هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿن. سنڌن شاعريءَ ۾ بيت، ڏوهيڙا، ڪافيون، مولود، حمد، مرثيا، لوليون، سہ حرفيون اچي وڃن ٿا. سنڌن نازوند زماني تي فارسيءَ جي موزون شاعريءَ جو گهرو اثر هو. گويا هر هڪ سنڌواسيءَ فارسيءَ جي موزون شاعريءَ ۾ يدِ طوليٰ تي رکيو، ۽ ڪيترا سنڌي شاعر اهڙا برک ٿيا، جو مادري ايراني شاعريءَ

کي شھ ڏيئي ڇڏيائون. اھڙي دور ۾ امين سائين سنڌيءَ جي خالص صنفن واريءَ شاعري کي استعمال ڪيو آھي، تاھم سنڌن شاعريءَ ۾ عروض جي نسبت سان بہ ڪافي موزون ڪلام موجود آھي. چند مثال ڏجن ٿا:

١ـ بحر رمل مثمن مقصور (فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلات)

زلف جي ڦاسيءَ ۾ ڦاسڻ جي طَلَب في الحال آھ،
ساھ سر صدي ڪريان ھي محب تنھنجو مال آھ.

٢ـ بحر مضارع مثمن اخرب (مفعول، فاعلاتن، مفعول، فاعلات.)

بانگي الست ربّي، چئي عشق جن تي آيو،
ميدان_معرفت ۾ ڪونتل تنين ڪڏايو.

٣ـ بحر رجز مثمن سالم (مستفعلن، مستفعلن، مستفعلن، مستفعلن.)

ھن ڪاڪلِ ڦھري ڪمند ۾ برھ جي بازار ٿئي،
عاشق ھجين تان سر اچل درشن جِي، جي درڪار ٿئي.

٤ـ بحر ھزج مثمن سالم (مفاعلين، مفاعلين، مفاعلين، مفاعلين.)

جنين کي عشق جو آھي نشو نروار اثباتي.

وزن سنڌن ڪلام ۾ عيان آھي. فارسيءَ ۽ اردوءَ جا بہ_ٽي ناقص غزل ھٿ آيا آھن، انھن مان بہ موزون ڪلام جي شاھدي ملي ٿي. ملاحظہ فرمايو:

فارسي :

اي زاھدا چہ داني، تو شيوھائي رندان،
شھباز بر شڪارم تو ڪيءَ ز اھل رندان.
ما مالڪيم "سرّي" اسرار راز عشقيم،
ما خسرويم اجابت، ما خوشدليم خندان،

Scanned with CamScanner

اردو:

اس دام سي اب دل کو چڙا کون سکي گا،
تقدير کي لکهّي کو مٽا کون سکي گا.
وه لائي ميري حق سيٰ چري سيني ۾ ميري،
اس هاٿ حنائي کو هٽا کون سکي گا.

هاڻي اچان ٿو سندن ڪلام جي هين صفتن تي: ڦريائين سرائڪيءَ کي ٽا ڪٿون، ان بعد سنڌي. مٿي ڄاڻائي آيا آهيون، ته امين سائينءَ سرائڪي زبان کي به پنهنجو ڪري ڇڏيو. ان زبان ۾ سندس دل ڏاريندڙ ڏوهيڙا، قرب واريون ڪافيون، دل ۾ درد رکندڙن لاءِ روحاني حظ جو سامان آهن. ملاحظه ڪريو:

ڏوهيڙا:

عشق جو شطرنج

اوّل ڪؤن انصاف ڪري وچ سيني شطرنج جوڙي،
تخت اتي چا شاه ٻلهاوي، آڻ رخي تي گهوڙي،
وچ پهلو دي ويک وزير، جو مار مريندا ڏوڙي،
الٽ پلٽ گهٽ گهوڙي، جڏان آ سر تي پوندي سوڙهي،
جي ڪوئي وت وزير مرا وي، سو ڪٿي بازي ٻوڙي،
ري وزير شهه ڪون ڏي، مٿان نفس نهوڙي،
آءِ"امين"چڙهه عشق دي ٻيڙي، تان رس نا راند نه ڇوڙي.
خفي جلي اتي ڪشف ڪرامت اي سڀ اوري خالي،
دل ڪون ننگ ديدار سڄڻ دا، وچ جلوي دي جالي،
روح رلاون رمزان وچ، ويکو عشق اگهئي ٻرنالي،
مردان ڪون معراج وکيندا، جتا پڙکن يالي،
مئن بن تاري ترڻ نه ڄاڻان، من تيوم سوز سمالي،
مانَ ماهي ميلاپ ڪري، شالا تر کي نديان نالي،
"امين محمّد" عشق او راندي، هن نازڪ ڪم نرالي.

"وجودي" وٽڪار جو ذڪر "وجودين" وانگر هيئينءَ ڪافيءَ ۾ ڪيو اٿس:

بردي دا ڪر بيک بھان، آڪي عبد وچ سمايم،
بردامئن بادشاهه بہ مئن هون، هر هڪ دا سَنڌ ساهه بہ مئن هون،
رهبر تي گمراهه بہ مئن هون، هر مظهر ميڏا مئخان،
هر ميگون وچ موج مچايم.
باهه برهه آسمانئون آيم، عاشق "هو" ڪر احد الايم،
طور تجلي نال جلايم، بحري بدل وچ گهت گمسان،
بت خاڪي وچ ورهه وسايم.
آدم هو فردوسئون آيس، موج محبّت لهر لوڙهايس،
حوت بطن بن يونس آيس، هود حذر وچ ڪر حيران،
باد برق دا برقعا پايم.
نار نسنگ گلزارون گل هئي، ماه ڪنعاني ميڏا ملهه هئي،
قصد ڪليم دا ڪيڏا هل هي، بنما بنما تي بيران،
نئي نئي نزدئون ڪوهه ڪنبايم
سولي سهه ڪر موت مچايم، آک "اَنَاالْحَقّ" آپ ڪهايم،
"قُمْ بِاِذْنِيْ" دا حڪم هلايم، پوست پري سٽ بن برهان،
رمز رندي وچ رنگ رچايم.
عشق "امين محمّد" سٽ سيني، کهندا قرب ڪهيندي ڪيني،
بيرنگي دي راز رنگيني، سر ڏيوڻ دا ڪر سامان،
ڪربل دي وچ ڪنڌ ڪپايم.

سندن سرائڪي ڪلام تي ڪن ڪن هنڌن تي، هنديءَ جو رنگ چڙهي ٿو وڃي. امين سائين بابو بيکاريءَ جي بيس ۾ بابوءَ کي پيو وينتيون ڪري. ملاحظہ فرمايو:

Scanned with CamScanner

كٿ هندو ڪٿ مومن مذهب،
مين هون ٺاڪر دواري ۾ دَل هون.

گيان گرو هو ميرا آوڻ، ستگر جڳ سنگت پر ٿم پاوڻ،
جنم جراڪت مرمر ماوڻ، دواپر ڏرمڪ مئن رَل هون.
جسد مين دم سنگت تيرا، سنت سلا پرتا من ميرا،
ڪچي مچي مانگهن هر گهٽ گهيرا، هر پنٿ دي وچ مئن پل هون.
اندر آنوڻ سارا جڳ سانوڻ، هر برهمن ڪون پيد بتاوڻ،
گنگا گورک هر گهٽ ڪاوڻ، جمنا دي وچ مئن جل هون.
ڪلپ ڪهت ڪر رام ريجهايا، هر هر دي وچ هر نون پايا.
رام ملي سڀ مِل وي مايا، هر مايا وچ مئن مَل هون.
ارتبہ عشق "امين محمّد" انتہ، ڀونيد رهي سڀ پٽر پنتہ،
بديان پرڪر هون مئن هر هنتہ، هر هنتہ دي وچ مئن هل هون.

ان کان پوءِ سندن سنڌي ڪلام جي ڏار ڏار ڪڙين کي پيش ڪجي ٿو.

سنڌي بيت: ڪليات ۾ امين سائينءَ جا سنڌي بيت پنجن سرن تي مشتمل آهن، اهي سر هي آهن: سر رامڪلي، سر سسئي، سر راڻو، سر ڪيڏارو، ۽ سر ڍهر. سڀ کان اوّل سندن همعصرن جي بيتن مان محظوظ ٿيون ٿا، جيئن پکن ڏٺيءَ جي پريت وارن بيتن جو موازنو ڪري سگهون.

شاهه نصير:

ويا جي وڻڪار، ٻاروچو ٻيلهہ ڪٽي،
ويندس ٻنيءَ تن جي، ڇڏي ڪم ۽ ڪار،
ٻَليو مون نہ سرتيون، صاحب لڳ ستار،
ٿئي ساهہ جسي کان ڌار، جيتر ڏسان نہ ان کي.

مولوي غلام محمّد:

امڙ مت مَ ڏي، مني مون موتڻ جي،
ڪڻ فراسي ويڙهہ تڏو، تون پڻ هل لڏي،
جانب سان گڏي، گوندر لاهيون دل جا.

امين سائينءَ جي ورهه جا ورلاپ سٽو:

سڪي سگ ٿيوم، جيڏيون ذات جتن سان،
ستيس سنجهي سيج تي، تڏهن هٿان هوت ويوم،
"امين محمّد" عشق جو، پرو پوءِ پيوم،
ڪيچين ساڻ ڪيوم، پيرين پاهڻ پپ جو.

هٿان پاڻ پهڻ سان، جيڏيون لاءِ جتن،
آرياڻيءَ جي اوج، خبر ڪئي خطن،
جي هليون نان هوت ڏي، ٿيون ويچاريون وتن،
مونجهارو ماءُ تن، آيم اوٺيڙو جو.

مولوي غلام محمّد صاحب سر رامڪلي ۾ فرمايو آهي:

ڪاله لڌي ويا ڪاپڙي، بابو بيڪاري،
سَين هنيائون سُج ۾، حُب وارن واري،
"اَلْكُفَّار فِيْ جَهَنَّمْ"، هي جنت جواري،
تڪيا تواري، چڏي هليا اوهري.

سائين پکن ڏٽيءَ جو قلب رامڪلين لاءِ رام هو. واه جو جوشِ طبع اٿن!
پڙهندڙ ائين پيو پرجهي ته جڻ گاروڙن سان گوڏو پيچي گڏيو وينو ستگر
کي ستائي ۽ ريجهائي. حظ وٺو:

آه الم تيو اوچتو، ساميئڙن کي سڌ،
لاهوتين لبيڪ چئي، هيٺو ڪيو هڌ،
گاروڙي گر ساڻ تيا، گوڏا پيچي گڏ،
"ذَالِكَ الْكِتَابُ لَارَيْبَ فِيْهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ"-
مرڪي جوڙيائون مڏ،
گرتنين سان گڏ، جي وچي گڏيا گرنات سان.

گر سان گڏجي گودڙيا، ٿيا گاروڙي گلزار،
وڏا تن وجود ۾، وحدت جا واپار،
اکڙيون الک پار ڏي، نيڻ وهائڻ نار،

بي تي بانور ڪينَ ڪَنِ، وجه جا وينجهار،
اورڻ ٿين الف سين، ساري سڀ ڇمار،
"امين محمّد" ان سندا، پرجهي ڏنا پار،
ڪن ڪنهن سان ڪانه ڪا، ريءِ گروءِ گفتار،
ميسري مخلوق ڪان، ڏريان ڏارو ڏار،
سوالي پنهنجي سر جا، پرجانان پينار،
جوڳين جا جنسار، ڇئي ڇوان ڪيترا.

بيت: بيت سنڌي ادب ۾ اعليٰ حيثيت رکن ٿا. سنڌ جا سڀاڄها ڏٺي ڏوئل هن صنف جي ذريعي پنهنجي روح ڪي رحمان جي ريجهه سان ريجهائيندا هئا. بيت انهن جي اندر جي آهن جو سنئون سڌو وسيلو هو. اهوئي سبب آهي جو قارئين ڪرام ملاحظه ڪندا ته بيتن ۾ جي برهه واريون باتيون آيل آهن، سي سنڌي عوامي نظم جي ٻيءِ ڪنهن صنعت ۾ مشڪل ليندبون. امين سائين ان ڏس ۾ پنهنجي روزگار جي راڻن ۾ راڻو هو. سندن بيتن ۾ واهه جو اثر آهي!

ڪافي: سندن ڪل ڪافيون الاهي عشق جي رنگ سان رنگيل آهن. حقيقي فيض لاءِ هنن مان ڪيتريون روحاني رمزون معلوم ڪجن ٿيون. اڳ ۾ ذيڪاري آيو آهيان ته امين سائينءَ جي ڪلام ۾ انفراديت آهي، ڪنهن متقدم يا معاصر جي نقالي ڪونه ٿو ڪري: پاڻ، سندن معاصرن مان ڪن سندن تتبع ڪيو آهي. اهڙو اشارو محترم "عارف المولیٰ"، ڪلام حَسن بخش جي صفحي ١٢ تي ڪيو آهي ته "اهڙيءَ طرح سائين حسن بخش ٻين هيئين شاعرن جي تتبع تي پڻ ڪلام چيو آهي" ۽ پهريائين مثال سائين امين محمّد جن جو آندو اٿس. ٻنهي جو ڪلام پيش ڪجي ٿو. پهريائين امين محمّد سائين جو، ان بعد سائين حسن بخش شاهه جو تتبع ڪيل.

Scanned with CamScanner

سائين پکن ڏٽي:

جنين کي عشق جو آهي نشو نروار اثباتي.

ڪنيئون هٿ برهه جا پيالا، رسيا عبديءَ ڪنان اعليٰ،
ڪَنين ويراڳ جا والا، وڌائون فڪر کي قاهي-
سا لائي "لا" سندي ڪاتي.

ڪتي سا راند تيا راسا، پَئون پارهن بئي پاسا،
خفيءَ ۾ خان تيا خاصا، ڇڏيئون گهر ڏاوَ جا ڏاهي-
رکي هڪ رمز ڏينهن راتي.

اندر ۾ عشق جا ڪورا، مچائون محب جا تورا،
پچي ڪئين بت ڪيئون پورا، تنين جي شرف شڪ ناهي-
ڪين ظاهر ذات ۾ ذاتي.

"امين محمّد" اهي آندا، جي "هو" ۾ هوءَ هيڪاندا،
نہ هڪدم وِرهه ڪان واندا، تي ماريا موت مت چاهي-
مَ چئو سي مرد ممّاتي.

سائين حسن بخش شاهه:

جنين جي جان ۾ آيو، آ حضرت عشق اثباتي.

ڇڏيائون نفس کي نائي، ڪاتي سا "لا" سندي لائي،
خفي ڪان خيال تي پائي، اتن روحيءَ سندو رايو-
وڃي تيا ذات ۾ ذاتي.

آڌوتي الک سان اورن، ڪلهن ڪان ڪنڌ تا ڪورن،
ويٺا پنهنجي ڏيل ۾ ڏورن، متو مونن متي پايو-
رکن رند رمز ڏينهان راتي.

نفي ثابت آ جن ڪيڙو، صغريٰ سير تن تيڙو،
پرو ڪبريٰ انهن پيڙو، "مُوْتُوْا قِبلَ الْ" جنين چايو-
نہ تيا سي مرد مماتي!

جڏهن هي چاڻ چاتائون، الک سان پير پاتائون،
پلو سيءِ برهه پاتائون، تنين جي گهور هڪ گهايو-
چني تو چوهه مان چاتي.

سرّي ۾ سر سجاتائون، "حسن بخش" چاڻ چاتائون،
اتي وجي نينهن لاتائون، جتان وري ڪونه ڪو آيو-
وڌائون "وَجه حقّ" ۾ جهاتي.

هيو مثال سندس همعصر نوّاب ولي محمّد خان ولد غلام حيدر خان لغاري (١٨٣٩ع-١٩١٧ع) صوفي القادريءَ جو آهي. جنهن صاحب امين سائينءَ جي هيٺين ڪافيءَ واري زمين ۾ صوفيانه ڪلام ڀڏو آهي.

امين سائين:

بانگ اَلَستُ رَبِّيُ، چئي عشق جن تي آيو،
ميدان، معرفتَ ۾ ڪونتل تنين ڪڏايو.

نوّاب ولي محمّد:

جوڙي قلب بيت ربّي، انسان ۾ سمايو،
ڏسي ذات کي صفت ۾، مَلَڪن تي سرنمايو.

سندين ڪافين ۾ جو سوز ساز ۽ گداز رکيل آهي سو به هن صاحب جي رنگ جو آهي ۽ هين کان نرالو. سندين ڪافين جي ڪڙين ۾ محبّت جا ميخ اهڙا ته پختا مڙهيل آهن، جو "من تو شدم تو من شدي" جو آواز پيو اچي ۽ نفس اماره کهڙو به ڏو زور لڳائي ته به بندي جو "نفس لوامه" ائين چوندي نظر ٿو اچي ته:

دلبر دل کي دام وڌا ڪيئن، "لاعبدي" چئي لاهيان لاهيان.

ادنىٰ کان منجهه عبدي آيا، وحدت جا تن ورق ورايا،
قرب قرابت رمز ريجهايا، پير پرت ڏي پايان پايان.
جان جگر ڪري پارا پارا، نايا نينهن اندر منجهه نارا نارا،
وِرهه اچي ڪيا وارا وارا، ڳالهه تنين جي ٿو ڳايان ڳايان.
باهه برهه جي ڪيون گلزارون، تن طلب ۾ تارون تارون،
ڇا بتخانه مسجد وارِيُون، ڇا ڪعبي ڏي مان ڪاهيان ڪاهيان.
"امين محمّد" عشق جون ڳالهيون، هونِ هميشه سي هم حاليون،
ٻرت وارن جون چرڪيون چاليون، آءٌ ته عجب ۾ آهيان آهيان!

مولود: مولود, حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ هستي لاءِ نذر عاجزانہ آهي. "مولود" لفظ مان ظاهر آهي تہ اهو نظم, جو رسول ڪريم ﷺ جي ولادت جي موقعي ملهائڻ لاءِ چئجي; پر سنڌي ادب ۾ ائين نہ آهي. ان صنف ۾ سنڌين پاڻ چڱو موڪيو آهي. ڇو تہ سنڌ, هن خطي لاءِ "باب الاسلام" آهي ۽ هن ديس جي واسين جي دل, حبِّ رسول ﷺ سان ٽمٽار آهي, ۽ گنبد خضرا جي پلاري زيارت جي امنگ انهن جي دلين ۾ هميشه جاگير رهي ٿي. ان ڪري, ان صنف ۾ سلام بہ هوندو آهي, عرض بہ هوندو آهي, ساراهہ بہ هوندي آهي. مطلب تہ فنافي الرسول جي منزل جو پرو "سنڌي مولود" مان پوريءَ طرح پوندو آهي. هي سمو مولود شريف جي محبتي ميا جو هو. اسان جا سادا سودا شاعر گنبد خضرا کي پنهنجن نگاهن جو مرڪز ڪري, ڪلام جي توسن کي رام ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي جو انهن يارن جو ڪلام قرب وارو ۽ هاٺوڪو ٺاٺ ٺوٺ کان دور آهي. رمضان ڪنير, الله سائين مرهيس, وصال وقت, ڪيئن نہ وصالِ رسول ﷺ جي اشتياق ۾ هيئيون مولود ٺاهيو آهي:

مون کي مولا ميڙين مصطفيٰ ﷺ, ڏسان دوست سندو ديدار,
منهنجو محب منو منٺار, مون کي مولا ميڙين مصطفيٰ ﷺ

هاڻي امين سائينءَ جي محبِ مرسل ﷺ جي نمار پرجهو:

ريءَ جانب جيئڙو جلي, ساهہ سڪي ٿو سيّدا ﷺ!
منزل رسائج مدعا, هي تنهنجو توهي سيئن.
واري وصل وصال جو, ڪو حيلو ڪريان هيئن.
ڪاف ڪشالا ڪيترا, ريءَ لطف لنگهنديس ڪيئن.
عشق احمد ڄام جي, ننگ نهوڙيس نينهن.
وسن شال وجود تي, من ميڙائي جا مينهن.
ورج وسيلا واهرو, هيڪڙائيءَ ۾ هيئن.
دور دلين جا وريا, رڳي چوڏس شرطن سيئن.

وڏايون ٻه وندر ۾، منجهه جفعَل جوڙي جيئن.
"امين" اوهانَ جي آسري، ويئو ڏکيا ڳهاري ڏينهن.

مرثيو: جيئن ته هر مسلمان لاءِ يادِ ڪربلا عبرت و موعظمت آهي، تيئن، هي سائين ته هن محبّت جي معمّي کي حلّ ڪرڻ ۾ همه تن مصروف هئا. وڏي مسرّت جي ڳالهه آهي ته هن معمّي جو حلّ ٻه ڳولي لڌائون ته "پاڻ وڃائي هُو لهه." سندن وقت ۾ مرثيه گو شعراءِ ٻه چڱا تي گذريا آهن، جن مان شاهه نصير، غلام محمّد شاهه "گدا" مرتضائي نتوي، ۽ سيّد مصري شاهه جا نالا نشانبر آهن. سندن حاضريءَ جو نوڪر پريل منگسي ٻه، وقت جو چڱو مرثيه گو شاعر تي گذريو آهي. پير نصير جي مرثيي جو مثال اڳ ڏنل آهي. هت امين سائينءَ جي متقدم بيدل سائينءَ جي مرثيي مان چند بند ڏجن ٿا:

ڪربلا ۾ شَه جڏهن مهمان ٿيو،
درد غم جو اُت وڏو گهمسان ٿيو.
ڪربلا ۾ آيو جڏهن ابنِ رسول صہ،
جانشين مولاَ، جگر گوشئہ بتول،
درد واريءَ دل ۾ ڪيو نرمل نزول،
سوز سورن جو سيو سامان ٿيو.
برهه جي برسات سائين سر جهلي،
سر وڏائي سرخرو ٿيا ات هلي،
مقبلن منصف لڌو قربئون ڪلي،
ان مٿئون عشقئون عطا احسان ٿيو.
يا امام العارفين نيهؤن نهار،
شاهه "بيدل" کي برهه ٻهرو ڏيار،
سوز سڪ جي سيّدا سرکي پيار،
درد تنهنجو دل سندو درمان ٿيو.

Scanned with CamScanner

امين سائينءَ جو مرثيو، جو ڇهه بندن تي مشتمل آهي، انهيءَ مان چند بند خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا:

(۱)

السّلام، اي سرّ "سُبۡحٰنَ الَّذِيۡ اَسۡرٰي" امير،
السّلام، اي سيد يٰس - طٰهٰ، مهر منير،
السّلام، اڙين اجها، اي دل ڏکين جا دستگير،
السّلام، اي مرسلن جا مقتدا صدر سرير،
السّلام، اي سر جدا، سردار سرور السّلام،
السّلام، اي شافع في اليوم محشر السّلام،

(۲)

جڏهن حسين رضہ ابن علي رضہ پيدا ڪيو پروردگار،
حڪم تيو ان وقت جبرائيل کي از ڪردگار،
ڏي مبارڪ مصطفيٰ صہ کي وڃ مديني جي ديار،
لوڏ ان پياري جو پينگهون ويهي نيڻن واهي نار،
"فِي الۡجَنَانِ نَهۡرَ لَبَنٍ" هيءُ لال کي لولي ڏجانءِ،
هَي حسينا هَي حسينا، هيئن چئي ڪورنش ڪجانءِ.

(۳)

ڇا لکان تيغ و تبر ۽ ڇا هنن ڇاتي چوان،
هي حياتيءَ ۾ هميشه صرف صفاتي چوان،
"كُلُّ شَيۡءٍ يَرۡجِعُوۡنَ" جيئن ذات ۾ ذاتي چوان،
يا "امين محمّد" اهي ئي سِر سماواتي چوان،
هي مدد تنهنجي ڪندا دوجڳ ۾ ۽ دنيا و دين،
ڪر صبر سرّ ڇاڻ "اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ".

لولي: لوليءَ جي صنف بہ سنڌي ادب ۾ نرالي پسچي ٿي. اهڙي صنف ٻئي ڪنهن ادب ۾ ناهي. اهي صنفون پنهنجيون آهن. پر افسوس

Scanned with CamScanner

جو ديسواسين انهن ديسي داٽن کي پنهنجن ڪچڪولن ۾ داخل نه ڪيو آهي. "لولي"، درد، فراق، سوز ۽ ڦوڙائي جي انساني محسوسات جو اهم ذريعو آهي. امين سائينءَ جي وقت جي ورونهن هن صنف کي پاليو ۽ وڌو ڪيو. ڏسو مولوي غلام محمّد صاحب جن ڪهڙي نه دلڪش پيرايي ۾ لولي چئي آهي. (لوليءَ ۾ بند الف - بي وارا هوندا آهن، ازان سواءِ ان کي وراڻي به هوندي آهي. جا هر هڪ بند بعد ايندي آهي.)

الف. اُيلن کي ڏني خمر خماري،
سرڪي سري صرف جي جن پيتي پياري.
آيا "اناالعرف" مان تي ورهه واپاري،
تن کا ڏيکاري، مايا ملڪ عميق جي.
لک تورا سچڻ لک تورا، تنهنجي موٽي ملڻ جا!

ب. بس ٿيا بس ۾ جتي بس نه بهيرن،
فڪر فقيرن جو فنا پرک نه پيرن.
ڪل قروبت جي نڪو عقل اکيرن،
سر نه سفيرن، سڌ نه صيادن جي.
لک تورا سچڻ لک تورا، تنهنجي موٽي ملڻ جا!

امين سائينءَ جي لولي ٽيهن بندن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ستاويهه سنڌي الف - بي جا حرف آهن، ان جي وراڻي آهي:
آءُ وري تو سري واهر ڪر يار، آءُ تولئي چري،
دک ماري دردن جي، آءُ وري.
وڌيڪ بيت هي اٿس:

ب. براتون يار جون اجهي مون آيون،
بابو بهرياب ٿيا آين اوساهيون.
سپ سُهاوا سئرٿيا، ڪَنجي ڪارايون،
پڌرتا پايون، ڳجهيون ڳجهيڙيون ڳالهيون.

ڪ ڪثافت دور ڪريو، جوڳي جلائين،
انئي پهر الک سان آديسي آهين،
"لا" لانگوٽين کي وٽي، آڻ ۾ آهين،
"هُو هُو" هُلائين، ٽلي ڏانهن ٽري ويا.

ل لباسئون دور ٿيا، ڏاڍا ڏريائون،
هٿ ڪنگڻ، ڪن ڪيوٽيون قابو ڪڙيائون.
ويراڳي وصال کي، چت ۾ چِتيائون،
منگهڻ ماڻيائون، هاڻي هليا هنگلاج ڏي.

مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته هن لوليءَ جو حوالو "ديوان فاضل شاهه" جي مقدمي، صفحي ۵۱ تي محترم محمّد صديق مسافر به ڏنو آهي. پر ان ۾ لوليءَ جي چوٽي هيءَ لکي اٿس:
"آوري، آ وري، آوري، سڄڻ تو سري،
دک ماري دردن جي، آ وري."

سه حرفيون: سه حرفي کي سنڌيءَ ۾ ٽيهه اکري چئجي ٿو. هن ۾ الف ـ ب جا ٽيهه حرف ڏنا آهن، هر هڪ بند ان حرف جي آواز سان شروع ٿيندو. هي به ويچارن وڏڙن جي ورلاپن جي آلاپڻ جو واجب وسيلو هو. ان ۾ فقيري رنگ جي علاوه محبّت مرسل ﷺ وغيره جو به اظهار ڪندا آهن. امين سائينءَ جو زمانو به سي حرفين ڪري نامر ڪَيو هو. پهريائين فقير احمد عليءَ جي سي حرفي جا ٻه بند ڏئي، ان بعد امين سائينءَ جي سي حرفيءَ کان محظوظ ٿيو. فقير احمد علي فرمائي ٿو:

الف الفئون احد هڪ سان، اڙيون آدوتن انگ،
پڳا ظاهر ذڪر کان، ٿيا تسبيح ڪنان تنگ،
پيهي ويا پاڻ ۾، ڏنائون رحماني رنگ،
"وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ"، جيءَ سان لاتئون جنگ،

ڪين نينهن نسنگ، اچي احد کي اوڏو ٿيا.

ب بيٺون بنب هاشمي، قريشي قريب،
"لَوۡلَاکَ لَمَا" جي لقب سان، ٿيو خاوند خاص حبيب.
عرش فلڪ ارضين اُتي، ٿيو اظهر شاهہ عجيب،
اِنس جنّ حيوان ڪل، مڃيو دلئون ماه مجيب.
ٿيو امت واهہ نصيب، صَلو عليہ وآلہ!

امين سائينءَ آر پروڙيو:

"الف" "بي" "تي" بات جي، "ٿي" ۾ ثباتي،
"جيم" جٺاري جندڙو، "حي" ۾ حياتي.
"خي" خوشيءَ جون خبرون، پهتيون پرياتي،
سنوارو ساتي، اٿي جيئاريو جوڳ کي.
"دال" دليري دائما، دل کان ڪرڻ دور
"ذال" ذڪر ذاتيءَ جو، ڏيهہ نہ اٿئي ڏور،
"ر" رياضت سان رهو، تان پهچو پهرين پور،
"ز" زمين ضرور، ڪئي ڪاهوڙي ڪپائيا.
"س" سدّر سرڪار جو، اٿئي ايءَ ڪتاب،
"ش" شريعت سان رهو، برهہ پڙهايو باب.
"ص" صبوريءَ جو اچي، خاوند کان خطاب،
"ض" ضروري ضاب، طرح طريقت ۾.

امين سائينءَ جي ظرافت:

سنڌن ڪچهري بہ روحانيت جي ريجهہ رس سان پُر هوندي هئي. بعضي بعضي کِل چرچو بہ هوندو هو. هڪ دفعي ڪنهن ڪوڏِني ڪچهريءَ ۾ مذاقيہ طور چيو تہ "قبلا، "عشق نہ شدَ چِني شدا!"" هڪدم امين سائين چار سٽون تيار ڪري حاضرين مجلس کي ٻڌايون، جن ۾ ڏاڍو حظ ڏنو. حقيقت بہ ائين آهي تہ ڪلام جي موزونيت جو

زور، ٻئي فارسي ڪلام کان انهن ۾ زياده نمودار ٿئي ٿو. اوهان به محظوظ ٿيو!

قطعه

آتشِ عشق تو در سينهٔ من "ٻني" شد،
هرڪ شيرين جهان بود، همہ "ڪني" شد،
جان و دل دادم و باقي چہ دگرمي طلبي،
دلبرا! راست بگو: "عشق نہ شد "چٽي" شد."

سندن ڪلام جي مقبوليت: ڪنهن به شاعر جي مقبوليت جا چند نمايان اسباب آهن. هڪ تہ سندس شعر اهڙو بامحاوره، عام فهم ۽ جاذب هجي جو عوام ڪيس جلدازجلد پنهنجو ڪري ڇڏي، هر ڪنهن صغير خواهہ ڪبير جي وات سندس ڪلام هجي، ګوئن جا ڀڳڻ ان جي ٻولن کي ٻولين، ۽ عوامي ڳائڻا ان جي ڪافين ۽ بيتن کي ڳائين، ۽ عوام ۾ اهو جذبو پيدا ڪن تہ شاعر "اسان جو" آهي، ۽ هن جو ڪلام به اسان کي پنهنجو آهي. جڏهن اها پنهنجائيءَ جي ريت پيدا ٿيندي تڏهن شاعر مقبول عام ٿيندو. ان ڏس ۾ امين سائينءَ جو ڪلام عوام کي ڏاڍو پسند آهي. اهوئي سبب آهي جو امين سائينءَ جو ڪلام فقيرن ۽ صوفين جي سٿ جو ساٿي آهي ۽ ادبي مجلسن جو مور. سندن ڪافيون، ملڪ ۾ ايتريون مقبول عام ٿيون، جو ڪافين جي ڪتاب جو هر ڪو انتخاب، امين سائينءَ جي ڪافين کان خالي نہ هو.

چڱو اچون ٿا انتخاب جي تحقيق تي: ڪافين جو پهريون مجموعو بعنوان ڪافين جو وڏو ڪتاب، امين سائينءَ جي دوست ۽ معتقد فاضل شاهہ ۱۹۰۰ع ۾ گڏ ڪيو. ان ۾ امين سائينءَ جون به ڪافيون ڏنل آهن. انهن جا مطلع هي آهن:

- دلبر دل کي دام وڌا، ڪيئن لاعبدي چئي لاهيان لاهيان،
- جي مئخاني ملندو مولا، بتخاني ۾ چاهي چاهي.

ٻيو انتخاب، ان بعد پوڪرداس تاجر ڪتب، شڪارپور واري جو شايع

ٿيل آهي، جنهن ۾ ٻه امين سائينءَ جون ٻه ڪافيون شايع ٿيل آهن. هڪ نمبر ڀريون اڳ واري ۽ ٻيءَ جو مطلع هي آهي:

نيٺ اچي نيندا الا، مون کي ماڳ مارن جي.

ٽيون انتخاب "سرها گل" آهي، جو اسان جي سنڌ جي سهاڳي سڄڻ ڊاڪٽر دائود پوٽي (مرحوم) جو چونڊيل آهي. اهڙو معياري انتخاب ويجهڙائيءَ ۾ ان بعد نظر نه آيو. ان ۾ ڊاڪٽر صاحب، امين سائينءَ جي ساراهه ڪندي، جيڪي ٻه ڪافيون ڏنيون آهن، انهن کي ناياب سڏيو آهي. انهن ناياب موتين جا مطلع هي آهن:

● بيرنگي بازار ٿئي هن عشق جي اصلات جي،
مرد ٿي محلات پيچ ته واٽ ٿئي وصلات جي،

● ڪاڪلِ قهري ڪمند ۾، برهه جي بازار ٿئي،
عاشق هجين تان سر اچل، درشن سندي درڪار ٿئي.

ٻين گهڻن ئي صوفين، فقيرن ۽ بزرگن امين سائينءَ جي ساراهه جا ڏڪ پريا آهن. هت فقط مان ويجهي ڇڪ واري مشهور صوفي مشرب واري مستاني فقير محمّد ڪنياڻ (١٢٩٦-١٣٥٩هه) جو فقيراڻو فڪر پيش ٿو ڪريان. فقير صاحب سائين پڪن ڏٽيءَ لاءِ چوندو هو ته "حضرت پڪن ڏٽيءَ جو ڪلام جڏهن مون ٻڌو، تڏهن مون کي دل ۾ عشق پيدا ٿيو. ان بعد خيال آيو ته پڪن ڏٽي، جي حيات هجن ها ته ساڻن ملاقات ڪريان ها!" فقير صاحب جن، پڪن ڏٽيءَ جي قبر تي اچي هڪ ماهه مراقبو ڪيو هو. فقير صاحب ائين چوڻ لڳو ته "اسان کي حضرت پڪن ڏٽيءَ وارن صاحبن کان باطني عشق جي راهه ۾ امداد ٿيل آهي." اها ثابتي فقير صاحب جي هن بيت ۽ ڪافيءَ مان ملي ٿي.

بيت

"امين محمّد" عشق جو، سبق ڏنو سچ،
ناچو ٿي جيئن نچ، نعرو هڻي نينهن جو.

ڪافي

رنگ راهونديءَ ۾ رتو رتو، آهي راڳ رقص رفتار سان.
ٻڪن واري ٻڙ تي ٻڌرو، ٻيو ٻاڻ ٻسڻ جو ٻتو ٻتو،
ٻائي ٻيچ ٻکو ٻگدار سان.
سهي ساز صراحي سر جو، ڪري تاب حسن آهي تتو تتو،
سهڻي صورت جي سينگار سان.
صفت واري سِير سوٻارو، تي ساغر سر ۾ ستو ستو،
سنگ ساقي سر سردار سان.
مچي "محمّد" موج منڌل ۾، رکي محبّت مَي جو متو متو،
ملي ماهر تي مهندار سان.

ٻيو سبب شاعر جي مقبوليت جو اهو آهي ته همعصر يا ننڍي ٿهيءَ وارا معاصر تتبع ڪن. همعصرن جي تتبيع ڪرڻ ته وڏي ۾ وڏي مقبوليت آهي، جا امين سائينءَ کي قدرت طرفان عطا ٿي هئي. اوهان مٿي پڙهي آيا آهيو. هاڻي اچون ٿا سندن ننڍن معاصرن جي تتبيع تي:

سندن پسند عام ڪلام مان هڪ ڪافي جنهن جو مطلع اڳ ۾ ڏئي آيا آهيون، سا هيءَ آهي:

امين سائين:

بانگي اَلَسْتُ رَبِّيْ، چئي عشق جن تي آيو،
ميدانِ معرفت ۾ ڪونتل تنين ڪڏايو.

ان جي تتبيع تي سائين صالح شاهه راٽيپور واريءَ مرحوم مرزا قليچ بيگ جون ڪافيون آهن. سڀ گڏ ملاحظه ڪريو:

صالح شاهه مرحوم:

مطلع: معراج ليل جاني، صاحب توکي سڏايو،
ڪونتل براق ڪاهي، جبرئيل جلو تي آيو.
مقطع: "صالح" سيئي پيغمبر، بردا غلام بردر،
هردم چون ٿا هر هر، سردار اسان جو آيو.

Scanned with CamScanner



ابو محمّد سعيد صالح شاهه رحه سجاده نشين درگاهه راٽيپور شريف جي
ڪافيءَ خط جو عڪس (ڏسو صفحو ١٠٢)

Scanned with CamScanner



شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم جي ان ڪافيءَ جو عڪس، جا سائين صالح شاهه رحه جي خط لکڻ تي، امين محمّد سائينءَ جي تتبع ۾ لکيائون (ڏسو صفحو ١٠٥)

مرحوم مرزا قليچ بيگ:

مطلع: دردن جو دل ۾ دلبر، دونھون اچي دکايو،
محبت جو مچ مچائي، جيرو جگر جلايو.

مقطع: جي عشق توکي آهي، وچ تون "قليچ" کاهي،
سر ڏي هٿن سان لاهي، پورهيو ٿيئي سجايو(١).

تصوّف ۽ شعر و شاعري

پکن ڏٺي، حضرت امين محمّد سائينءَ جو ڪلام، معنوي خيال کان تصوّف جي دقيق خيالات سان لبريز آهي. راز ۽ نياز، سوز ۽ گداز جي پالوٽ سندن ڪلام کي هر نقطه نظر سان سه آتشه ڪري ڇڏيو آهي.

امين سائينءَ جي ڪلام جي سڀ کان وڏيڪ خصوصيت اها آهي ته سندن ڪلام ۾ اصلّيت ۽ حقيقت آهي. سندن معاصرين ۾ اگرچ خواجه فريد ۽ پير پاڳارو پير علي اصغر شاهه (تخت ڏٺي بادشاهه) موجود آهن، تاهم سندن "فن" سيني کان جداگانه حيثيت جو آهي. سندن شعري اصناف ۾ بيت ۽ ڪافي کي نمائندگي حاصل آهي، پر مواد ۽ پيشڪش ۾ ڪائنن اڳ گذريل صوفي شاعرن جو ڪوبه صوري ۽ معنوي اثر نظر نٿو اچي، اهو سندن فني ۽ ادبي پختگيءَ جو ثبوت آهي. ان کان سواءِ، سندن معاصرين مان ڪيترن قادرالڪلام شاعرن، سندن تتبع ۾ ڪلام چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر سندن منفرد اسلوب، ۽ دلڪش انداز بيان، ٻئي ڪنهن جي به حصّي ۾ نه آيو آهي. سندن روح پرور ڪلام جو رنگ سڀ کان جدا آهي.

(١) ان جي ثابتي سامهون صفحن جي عڪسن مان معلوم ڪندا. هڪ طرف سائينءَ صالح شاهه راڻيپور واري جو خط ۽ ڪافي ڏنل آهي، جا ڪافي امين سائين جي تتبع ۾ لکي، مرزا قليچ بيگ ڏي ارسال ڪئي ويئي آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي ويئي آهي ته مرزا صاحب به، اهڙي نوع تي ڪافي لکي موڪلي، ٻئي طرف وري مرزا صاحب جي ڪافي ساڳئي تتبع تي عڪس ڏنل آهي. ـ مؤلف

عالمن ۽ ناقدن جي راءِ آهي ته جيستائين ڪنهن ادب جي ڪمال ۽ پختگيءَ جو تعلق آهي، اهو تيستائين قابل تحسين وآفرين نه چئي سگهبو. جيستائين ان ۾ اصليت پسند ۽ اوريجنل مواد نه پيدا ڪيو ويو آهي. اصليت ۽ جزالت "فن" جي جان آهي، ان جي فني پرورش، تشڪيل ۽ تعمير ۾ جتي زبان ۽ لغت، مواد ۽ موضوع جا ڪيئي وسيع ۽ فني مسئلا سهيڙيل ٿين ٿا: اتي شاعر جي افتاد طبع، دلڪش ۽ شيرين انداز بيان، محبت آفرين ۽ وجدانگيز واردات ۽ خيالات جي آميزش به رهي ٿي. ان خيال کان به پکن ڏٺيءَ جو ڪلام، پنهنجي معاصرين شاعرن ۾ ائين آهي، جيئن هيرن ۾ ڪوهه نور.

ان طرح، ان اصليت پسند ۽ جزالت آميز فن ۾ به شعروشاعريءَ واري حصي کي ترجيح حاصل آهي.

شعر، استعاري ۽ ڪنايي جي آڙ ۾ انسان جي ذهن ۽ فڪر، اخلاق ۽ جذبات، تمدن ۽ ثقافت جي جيتري ڀرپور، صحتمند ۽ سالم ترجماني ڪري سگهي ٿو، اها نثر ۾ نٿي سمائجي سگهي. اها ناممڪن نه، ته ڪنهن حد تائين دشوار ضرور آهي. ڇو ته شعر پيدا ٿئي ٿو طبع جي روانيءَ ۽ جولانيءَ مان، جذبات جي سرچشمي جي طغيانيءَ مان، قلبي ڪيفيات ۽ وجداني واردات جي جوش بيانيءَ مان. ان جي مقابلي ۾، نثر لاءِ ڪيترن خارجي اثرن ۽ مسئلن جو هجڻ لازمي امر آهي. عبارت آرائيءَ سان گڏ صنايع ۽ بدايع جي رعايت، لغت جي رعايت، روز مره استعمال جي پابندي، صرف ونحو جي اصولن جي گرفت. فصاحت ۽ بلاغت جي قانونن جي خارجي تسلط کان سواءِ، جڻ ته نثر جو لکڻ ئي ناممڪن آهي. اهڙن خارجي ۽ هٽرادو پيدا ڪيل اثرن جي ڪري ئي شعر جي مقابلي ۾ نثر اهڙو نڪو دلنشين ٿو ٿئي، نڪو اثرانگيز، نه روح پرور، نه دلاويز.

اسان جي سنڌي زبان ۾ به، سيني زبانن وانگر ادب جي ابتدا شعرو شاعريءَ سان ٿي آهي ۽ نثر گهڻو پوءِ پيدا ٿيو آهي.

سنڌيءَ جو شعري ادب، اوّل اوّل هن علائقي جي قابل فخر عالمن پيدا ڪيو آهي. ان ڪري لازمي طور تي سنڌي شعر جي بنيادي ۽ اوائلي تعمير، دينيات ۽ تصّوف سان ٿي آهي.

ان سلسلي ۾، سنڌ جي پراڻن بزرگن جي فقهي ۽ ديني تاليفات کي سَنَد طور پيش ڪري سگهجي ٿو. انهن فقيهن ۽ عالمن، ديني مسئلن کي نه فقط نيٺ سنڌي زبان ۾ پيش ڪيو آهي ۽ ان طرح، دين جي فروغ ۽ اشاعت جوڳو ڪم پڻ ڪيو آهي؛ پر ان سان گڏ سنڌي زبان کي تبادلہ خيالات لاءِ اسلوب ۽ مواد به ڏنو اٿن. حضرت مخدوم نوح، قاضي قاضن، شاهه ڪريم ڪانِ وٺي، لطيف ۽ سچل، خواجہ محمّد زمان لواري واري ۽ مخدوم عبدالرّحيم گروهڙيءَ تائين، اسان جي بزرگن، بيت ۽ ڪافي، ڏوهيڙي ۽ وائيءَ کي ديني مسئلن ۽ خاص طرح سان تصّوف جي ترجمانيءَ لاءِ پئي استعمال ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي ادب ۾ شعر ۽ شاعريءَ جو پورو ذخيرو سمن، سومرن، ترخانن ۽ ارغونن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دورن سميت ديني ۽ اخلاقي، روحاني ۽ مذهبي رهندو آيو آهي. ٻاهرين صنفن مان اگر ڪٿي سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي وئي آهي، ته به عشق مجازيءَ جي بيان ڪندي، تصّوف جي مسئلن جي شرح ۽ ترجماني پئي ڪئي ويئي آهي.

ان حقيقت کي اڳيان رکي، سنڌ جي بهترين شاعر، امين محمّد سائين "امين" جي ڪلام کي پرکڻ گهرجي. سندن ڪلام مان صاف طور ظاهر ٿو ٿئي ته سندن ڪلام، الله تعاليٰ جي محبّت، ۽ رسول ڪريم ﷺ جي طاعت لاءِ، صوفيائي ڪرام جي خيالات کان سرشار آهي. لفظن جي چونڊ، ۽ بندشن جي پختگي، سندن ڪلام جو ٻاهريون لباس آهي، ورنہ معنوي طور، تصوّف جي اهم مقامات کي بيان ڪيو ويو آهي.

سندن ڪلام، نيٺ سنڌي صنفن تي مشتمل آهي، سندن بيت نهايت رقت انگيز آهن ۽ ڪافيون وجد آور آهن.

سندن ڪلام، راڳداريءَ جي فن سان پڻ وابستہ آهي. سندن ڪلام، آسا، ڀيروين، ڪلنگڙو، گنڌاري، تلنگ، ڪاريهل، جوڳ، ڪوهياري، ڀاڳ، يوهالي ڪلياڻ، ڪنيات ۽ ڀاڳيسريءَ تي آهي.

ان طرح، سندن مولود، "بِهاڳ" راڳ ۾ ڳايا وڃن ٿا، ۽ ڪافيون مختلف سُرن ۾ ڳائجن ٿيون. اها ترتيب نہ فقط راڳ جي فن موجب آهي، پر ان کان سواءِ، سروري جماعت جا فقير "سماع" وقت پڻ امين سائينءَ جي ڪلام کي ڳائيندي، سُرن جي ترتيب ۽ مَهلن جي رعايت ملحوظ رکندا آهن.

سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ سندن بيت، ڪافيون، لوليون، سي حرفيون، مولود ۽ مرثيا زبان زد عام وخاص آهن؛ جن کي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر بهاولپور ۽ پنجاب، مارواڙ ۽ جيسلمير، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تائين، رمتا ۽ ڳائڻا فقير بہ ڳائين ٿا ۽ سروري جماعت سان وابستہ مريد بہ ڳائين ٿا.

امين سائينءَ جو سارو ڪلام نهايت شيرين ۽ دلنشين، پختو ۽ شستو آهي تہ معنوي طور بہ نهايت روح آفرين آهي. سندن ڪلام جا بنيادي عناصر آهن، عشق حقيقي، سرورِ ڪائنات جي مدح ۽ تعريف، ۽ تصوّف جا مقامات.

سندن ڪلام کي، سنڌ جا ڳائڻا، نهايت ادب ۽ احترام سان ڳائين ٿا. تنهنڪري هر محفل ۾ رنگ ڄمائين ٿا. سندن ڪلام جي زبان ۽ هيئت پاڪيزه ۽ مِٺي آهي، تنهنڪري ٻڌندڙ جي دل تي نقش ٿي وڃي ٿي.

سندن چند بيت پيش ڪجن ٿا:-

"امين محمّد" آيا، جوڳي جهونجهي جوءِ،
ڪل شيءِ يرجع...، ثابت سنڌي سوءِ،
ڳاروڙي ڳرنات کان، رانول رَتِي روءِ،
"هُو" ۾ ٿيا هوءِ، معرفت جي معرڪي.

فرمائين ٿا تہ ”عالم ارواح، اسان جو اصل ۽ ماڳ آهي. ”روح“ پنهنجي مصدر ارواح کان ٽٽو آهي، اهو كُلُّ شَيْءٍ يَرْجِعُ اِلَيٰ اَصْلِهٖ، موجب پنهنجي اصلي ماڳ تي پهچندو. ان حقيقت کي بيان ڪندي، ٻڌائن ٿا تہ اهي گاروڙي يعني سالڪ، گرنات يعني مرشد ڪامل کان رڱجي، ”فنا في الشيخ“ جي منزل کي مَٽي، بقا باالله جي منزل ۾ پهتا آهن، ۽ ”هوءِ ۾ هو“ ۽ ٿيا آهن. اهو سيڪجهہ ”معرفت“ جي معرڪ آرا مقام جي حاصلات کان پوءِ ٿيو آهي.

پيو بيت ڏسو:

معرفت جي معرڪي، آديسي آيا،
دونهان دواپر جا، جوڳين جاڳايا،
سر سناسين پانهنجا، نات اڳيان نايا،
”فَسَجَدُوْآ“، في الحال تي، ”امر“ ۾ آيا،
ڪال نہ ڪنبايا، ڪالُ ڪنبايو ڪاپڙين.

فرمائين ٿا تہ آديسي، معرفت جي معرڪي ۾ آيا آهن، ۽ انهن ڪلجڳ ۾ دونهان دکايا آهن، ۽ مرشد ڪامل جي اڳيان سِرُ جهڪائي، ”سجدو“ ڪري ۽ طاعت مڃي، فَنا ٿي، ”فنافي الامر“ ٿيا آهن، يعني خود ”اَمُر“ ٿيا آهن. اهڙن فاني ماڻهن حيات جاوداني حاصل ڪئي آهي، ايتريقدر، جو هو ڪال کان بہ نٿا ڪنبن، اُلٽو ڪالُ کائنن ڪنبي ٿو.

شريعت جي تقليد متعلق، اهل تصوّف سالڪن کي هن طرح ٿا تلقين ڏين:

پورب ڪجو پڌرا، طريقت جا تانَ،
آهِن جتاهين جوڳ ۾، سيڪاهوڙي خانَ،
پاٽي پوربين کي، نفرت ڪنان نانَ،
سامين کي سرير ۾، شريعت جا شانَ،
پينر پَلا مانَ، وِجهل ويراڳين جو.

حقيقت جي حال جي حاصلات لاءِ فرمائين ٿا:

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪِرتئون مارج ڪال،
"وَنَحْنُ اَقْرَبُ" ويجھڙو، ٿئي واحد جو وصال،
چاڙھج نه جاتائن ڪي، رڱج نا رومال،
ڪيئي گذرن گُرَري، سامي توکي سالَ،
حقيقت جا حالَ، پورب ڪجو پڌرا.

فرمائين ٿا ته الله تعاليٰ جو وصال ويجھو آهي. ان راهه ۾، نڪو جتائڻ پڌرڻ جي حاجت آهي، نڪو رومال رڱڻ جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ پنهنجي مجازي گروءَ جي صحبت اڪسير آهي، ان جي وجود ۾ فنا ٿيءُ، ۽ پوءِ، پوربَ (قيامت) ۾ حقيقت جا حال وڃي پڌرا ڪجو.

هڪ بيت ۾ فرمائين ٿا:

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته واتئون وِرد وسار،
موت منجهيئي مار تون، ماري جِيءُ جيار،
دُود دکائج دل ۾، نيٽين ننڊ وسار،
پنجئي حِسَ حبيب سان، چُسنت عناصر چار،
وائي ٻي ناوار، آدوتي الک ريءُ.

فرمائين ٿا ته جوڳي ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته ورد ظاهري ڪان مٽي وڃجي. ورد ۽ وظيفي کي دل ۾ حلّ ڪرڻ گھرجي. ان طرح موتَ کي پاڻ ۾ مارجي، ۽ ان واٽ سان جيءَ کي جيارجي. پنهنجي پنجنئي ظاهري ۽ باطني حواسن ۽ پنهنجي مادي جسم جي چئن عنصرن کي "حبيب" سان حلّ ڪجي. دل ۾ دود دکائجي ۽ ننڊ وسارجي ۽ اَلک (الله) کان سواءِ ٻي ڪابه وائي نه وارجي.

مقام "عبديت ۽ احديت" کي هن طرح ٿا بيان ڪن:

وحدت جا وجود مان، ڀنگا ڀڃي جڏ،
جهڳا جبيرين سين، وڃي عبديءَ ۾ اَڏ،

ڪا، فقيريءَ جو، حال نہ پوئي هَڏِ،
منجهہ ويهہ ماٺ ڪري، سڄي پوءَ مَ سَڏِ،
اڪيون ان سان گڏِ، جي اوڏا ڪين احد ڪي.

حضرت امين محمّد سائينءَ جو مقام، "عبديت" سان اُنس آهي. پاڻ نبي ڪريم ﷺ جن جي طاعت ۾، اَنَا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ کي ٻين جي "سبحاني ما اعظم شاني" ۽ "اناالحق" جي نعرن تي ترجيح ڏين ٿا، ۽ فرمائين ٿا تہ "وحدت" جا وجود مان سڀ ڀنگا ڀڄي، جبيرين، يعني عابدن ۽ شرع وارن صاحبن سان "عبديت" جي مقام ۾ وجي ڀڪا اڏي ويهہ، ۽ ٻئي پاسي تاڻون تاڻ نہ ڪر: پر پنهنجي خوديءَ ۽ مَنجهہ ۾ ماٺ ڪري ويهہ، ۽ جي "احديت" سان اوڏا ڪين آهن، پر "عبديت" ۾ مقيم آهن، تن سان ئي اکيون گڏِ.

قرآن جون تلميحات: امين محمّد سائينءَ، قرآن جي تمليحات کي پنهنجي بيتن ۾ ائين جَڙيو آهي، جيئن منديءَ تي ٽِڪ. مثلاً هڪ بيت آهي:

"امين محمّد" انهن جي، رڪوع ڪيو روح،
نيڻ وهائي نار ڪيا، جيئن ڪاهوڙين ڪوهہ،
منجهان فيض فتوح، "الم" ٿيو انهن کي.

امين محمّد سائين فرمائين ٿا تہ انهن صاحبِ فيض و فتوح بزرگن جي "روح" روز اَلست تي رڪوع ڪيو هو. ان ڪانَ پوءِ، فرمائين ٿا تہ انهن جي علامت آهي، نيڻن مان نير وهائڻ. آخر ۾ چون ٿا تہ منجهان "فيض فتوح" الم ٿيو انهن کي.

ظاهر بين نظر، نيڻ وهائڻ سان گڏ "الم" ڏسي، ائين ئي سمجهندي تہ اتي "الم" معنيٰ غم آهي، پر ائين نہ آهي. پاڻ قرآن ڪريم جي تلميح، "سوره انشراح" مان ورتي اٿن. "اَلَمۡ نَشۡرَحۡ لَكَ صَدۡرَكَ" چا اوهان جي سيني کي انشراح نہ بخشيو ويو. فرماين ٿا تہ فيض جي فتوحات مان انهن بزرگن کي "شرح صدر" حاصل ٿئي ٿو.

تضمين: ان طرح پاڻ، آيات کي پنهنجي ڪلام بلاغت نظام ۾ تضمين بہ ڪن ٿا. فرمائين ٿا:

آهه "الم" ٽيو اوچتو، ساميڙن کي سَڏُ،
لاهوتين لبيڪ چئي، هيٺون ڪيو هَڏُ،
گاروڙي گُر سان ٿيا، گوڏا پيچي گَڏُ،
"ذَالِكَ الْكِتَابُ لَارَيْبَ فِيْهِ، هُدًي لِّلْمُتَّقِيْنَ"،
مرڪي جوڙئيون مَڏُ،
گُر تنين سان گَڏُ، جي گڏيا گرنات سان.

هن بيت ۾ پاڻ، "نزول وحي" جي ڪيفيت بيان فرمائي اٿن. اتي به "الم"، "انشراح" تان اخذ ڪيل آهي، ڇا لاءِ ته اها سوره مبارڪ، "اقرأ" کان پوءِ، جلد نازل ٿي آهي. ڪي عالم ان کي ٻيو نمبر ڏين ٿا. پر ڪي مفسر ٽيون نمبر لکن ٿا.

فرمائين ٿا ته جڏهن متن "انشراح" جي ڪيفيت وارد ٿي، تڏهن الله تعاليٰ گويا ڪين سڏيو، "اَللهُ يَدْعُوْاِلٰي دَارِالسَّلَامِ" جي مصداق. ان سَڏَ تي لاهوتين لبيڪ چئي، ۽ اسرار معرفت کي قبول ڪرڻ لاءِ رياضت ۽ گوشه نشيني اختيار ڪري، ظاهري ۽ مادي قوتن کي متائي، ملڪوتي صفات سان متصف ٿيا. ان طرح گاروڙي، پنهنجي گُر سان گڏ ٿيا. ظاهر بين نظرون جبرئيل عليه السلام جي آمد ڏانهن وينديون. پر هت اشارو "قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنيٰ" ڏانهن آهي، انهن جو مقام آهي "قرآن"، جنهن ۾ ڪوبه ريب نه آهي، ۽ اهو متقين لاءِ هدايت آهي. آخر ۾ فرمائين ٿا ته جي حق تعاليٰ سان وصال حاصل ڪن ٿا، تن سان "حقيقت محمّديه صه" به شامل حال آهي. اتي "گُر" "حقيقت محمّديه صه" ۽ عبديت لاءِ اشارو آهي، ۽ "گرنات" "حقيقت احديت" ڏانهن ڪنايو آهي.

هن چند بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته امين محمّد سائين، ڪهڙي قال ۽ حال وارا هئا. پاڻ طريقت جا مقامات، ڪهڙي نه ماثر طريقي ۾ بيان ڪيا اٿن. سندن مقصد هو ماڻهن کي دلنشين ڪرائڻ، ان لاءِ گر، گرنات، جوڳي، آديسي، سامي، پوربي ۽ گاروڙي لفظ آندا اٿن. جن مان مراد ڪٿي حق تعاليٰ آهي ته ڪٿي حقيقت محمّديه صه آهي ته ڪٿي مرشد ڪامل آهي ته ڪٿي مريد صادق.

ان طرح سندن سارو ڪلام، ڪافيون، بيت ۽ مولود، تلميحات صوفيہ سان ڀريل آهي.

امين سائينءَ جو نظريہ حسن: "امين" سائينءَ جو نظريۂ

حسن، صوفيائي ڪرام جي نظريي موجب آهي. صوفي، "حق، حسن ۽ خير" جا متلاشي ٿين ٿا. سندن نظر ۾ حق بہ "حسن" آهي، خير بہ "حسن" آهي، ۽ "حسن" هڪ ابدي حقيقت آهي.

"امين" سائينءَ جي نظريۂ حسن ۾ جا باليدگي ۽ زندگي آهي، اها اهل تصوّف جي نظريات ۽ تصوّرات جي هڪ عمدي ڪڙي آهي. هن سلسلي ۾ اهل تصوّف شاعرن جي نظريۂ حسن جي چند ڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ، صاف نظر اچي ٿو تہ امين سائينءَ جي ڪلام ۾ ان جي تعبير ۾ "جمال حقيقت" جي نہ فقط تلاش موجود آهي، پر حسن پسند معيار ۽ پرک جو پڻ "حسين" تصوّر موجود آهي.

قدرت جي طرفان، هر ڪنهن انسان کي جبّلي طرح سان ڪي خاص قوّتون مليل آهن. اهڙين نعمتن مان "احساس" جي لطيف ۽ نفيس نعمت بہ آهي، جنهن سان "انسان" "انفس ۽ آفاق" ۾ "حسن ـ ڪُل"، جا مظاهر ۽ نظارا ڏسي پَسي ٿو ۽ انهن جي حقيقت ۽ ماهيت کان متاثر ۽ منفعل ٿئي ٿو. ان خيال سان، ڪِيٽس (Keats) جو ائين چوڻ تہ "هر حسين شئي ۾ اَبَدي مسرّت سمايل آهي" ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. اها حقيقت، گهڻو اڳ، اهل تصوّف جي مختلف مڪتبِ فڪر وارن توڙي ويدانيتن ۽ اشراقين بہ چئي آهي.

"حسن" ۽ ان جو احساس، انساني تاريخ جي سيني مختلف دورن ۾ موجود آهي. تاريخ کان اڳ بہ ا ڻ سڌريل ماڻهن ۾، "احساس جمال" موجود آهي. هن سڌريل ۽ علمي دور ۾ بہ "حسن ۽ جمال" جي پرستش موجود آهي. ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ هر انسان، حسن ۽ جمال کان متاثر رهي ٿو. پر جڏهن اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ "خود حُسن ڇا آهي؟" "حسن" ۾ انساني مسرّت جو پُرڪيف ۽ وجدانگيز تاثر ڇو آهي؟ تڏهن جواب

ڏيندي، انساني فڪر ۾ اختلاف ۽ تنوع جو هڪ پُر بهار داستان چٽڙي ٿو
پوي. حُسن ۽ ان جي تعريف تي پيدا ٿيل رايا ۽ نظريا اگر گڏ ڪيا وڃن،
ته پوءِ جيڪر هڪ دفتر تيار ٿي پوي.

هن سلسلي ۾ مفڪرن ۽ حڪيمن به تعريفون ڪيون آهن. اهي
سڀ هڪٻئي سان اختلاف رکن ٿيون. شاعر جو خيال پنهنجو آهي، ته
حڪيم جو پنهنجو؛ سائنسدان جو رايو پنهنجو آهي ته فيلسوف جو پنهنجو؛
صوفيءَ جو نظريو پنهنجو آهي ته ظاهر پرست جو پنهنجو؛ بهرحال "عقل"
جي توضيح پنهنجي آهي ته علم جو استدلال پنهنجو آهي. انهن سيني جي
مقابلي ۾، صوفيءَ جي "وجدان" جو تاثر پنهنجو آهي.

مختصر طور اگر انهن سيني راين ۽ خيالن کي جمع ڪجي ته پوءِ هوند
هيئن چئجي ته "عينيت پرستن" جي نظر ۾ حسن ۽ جمال آهي هڪ
"خيال". ان طرح "ماده پرستن" وٽ مادي تناسب ۽ ظاهري توازن جو نالو
آهي "جمال". مذهب ۽ اخلاقيات جي ڄاڻن وٽ جمال ۽ حُسن آهي،
خيرمحض! افاديت پسند ماڻهن وٽ "حسن" آهي، ان شئي جو نالو، جا
ڪم ۾ اچي سگهجي. ان طرح طبعيات جي ماهرن، ڪيميائي تجزيي ڪان
پوءِ حسن ۽ جمال جو تعبير ڪيو آهي، مقناطيسي ڪشش. ان طرح اهل
تصوّف وٽ، حسن ۽ جمال آهي، حق تعاليٰ ۽ سندس "صفاتِ حسنه"، ۽
"الله جَمِيلُ ويُحبُّ الجمال" جي مصداق، خود حق تعاليٰ جميل آهي!

بهرحال، تاريخ جي هر دور ۾، هر مڪتبِ فڪر ۾ حسن ۽ ان جي
ماهيت، انساني فڪر لاءِ خاص الخاص موضوع رهندا آيا آهن. سڀ
ڪنهن پنهنجي حال ۽ بساط آهر ان جي تعريف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
آهي. اڄڪلهه مابعد الطبعيات ۾، "حسن ۽ جمال" کي مستقل فلسفي
جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي.

ان سلسلي ۾ "جماليات" تي مستقل طرح بحث لکيا ويا آهن. حتيٰ
ڪ جماليات تي قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾ به ڪتاب لکيا ويا آهن.

Scanned with CamScanner

اسان جي سنڌي ادب ۾، سپرين ۽ ان جي سونهن، هڪ مستقل عنوان رهندو آيو آهي. لطيف "جان جمال" چئي، "حق" جي تعريف ڪئي آهي. ان طرح ٻين صوفي شاعرن "پرين ۽ سپرين"، "يار ۽ دلدار" جي ڪنايي ۾ سراپا بيان ڪئي آهي. ڪي ته حسن کي حق تعاليٰ جي مظاهر حسنه ۽ صفات ڪماليه مان هڪ "صفت" قرار ڏئي چڪا آهن.

هت ڏسڻو آهي ته امين محمّد سائين جهڙي حسن ڪار ۽ صاحبِ فن، اهل دل ۽ صاحب - بصيرت شاعر، پنهنجي شاعرانه تصوّرات جو بنياد ڪهڙي نظريي تي قائم رکيو آهي؟ پاڻ "حسن ۽ جمال" کي ڪهڙي خيال سان ڏٺو اٿن، ۽ پوءِ ڪهڙي انداز سان بيان ڪيو اٿن؟

امين محمّد سائينءَ جي شخصيت، هڪ متشرع صوفيءَ جي آهي. پاڻ طريقهِ سهرورديه عاليه سان نسبت رکن ٿا. ان طرح فلسفيانه تصوّف جي سلسلي ۾ پاڻ "وحدت الوجود" جا قائل آهن. ان نظريي جو باني حضرت شيخ اڪبر محي الدين ابن العربي اندلسي آهي. جنهن "نوفلاطونيت" کي قرآن جي آيات بينات جي روشنيءَ ۾ پيش ڪري، انساني فڪر جي تاريخ ۾ عظيم ڪارنامو انجام ڏنو آهي.

"وحدت الوجود" کي "همه اوست" پڻ چيو ويو. ان فڪر جي قائلن ۽ ترجمانن ۾ حضرت جنيد بغدادي، حضرت شبلي، حضرت منصور بن حلّاج، حضرت غوث اعظم سيّد عبدالقادر جيلاني، حضرت شيخ المشائخ شهاب الدين سهروردي ۽ سندن چاچو نجيب الدين سهروردي، (جنهن جي اولاد امجاد ۾ حضرت مخدوم نوح رحه ۽ سندن ذريات طيبات اچي وڃن ٿا)، ۽ حضرت خواجه غريبنواز معين الدين چشتي اجميري پارا برگزيده روزگار ۽ اساطين-زمانه اچي وڃن ٿا. مختصر طور ائين چئجي ته قادريه، سهروردیه، ۽ چشتيه حضرات سڀ وحدت الوجود جا قائل ۽ شارح آهن.

ان طرح، صوفي شاعرن ۾ فريدالدين عطار، جلال الدين رومي، عبدالرحمان جامي ۽ محمود شبستري اچي وڃن ٿا. انهن جا ڪتاب،

بترتيب منطق الطّير، مثنوي رومي، لوائح ۽ تحفة الاحرار ۽ مثنوي گلشنِ راز، "وحدت الوجود" جي شرح ۾ سَنَد جو درجو رکن ٿا.

اسان جي سنڌي ادب ۾ حضرت مخدوم نوح، شاهه ڪريم، لواريءَ جا بزرگ، مخدوم عبدالرّحيم گروهڙي، شاهه لطيف ۽ سچل بادشاهه به "وحدت الوجود" سان وابسته آهن. مشهور عالم دين، شاهه ولي الله محدث دهلوي، ان نظريي کي "فلسفي" جي حيثيت سان بيان ڪري، "وحد الوجود" ۽ "وحدت الشهود" جي نظرياتي اختلافن کي رفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

"وحدت الشهود" جو باني مُباني حضرت امام ربّاني مجدد الف ثاني آهي، جو "همه ازوست" جو قائل ۽ شارح آهي. "وحدت الشهود" جي فلاسافيءَ ۽ ان جي استدلال کان علم وارا چڱيءَ طرح واقف آهن.

حضرت امين محمّد سائين، "وحدت الوجود" کي "ايمان" تو سڏي. سندن ڪلام ۾ هر هنڌ ان قسم جا اشارا موجود آهن. سندن نظريي جمال موجب، حقيقي محبوب حق تعاليٰ جي ذات آهي.

سندن هڪ مشهور ڪافيءَ ۾ آيل آهي:

"اَدنيٰ" کان منجهه عَبدي آيا،
"وحدت" جا تن ورق ورايا
قرب قرابت، رمز ريجهايا...
پير پرت ڏي پايان پايان.

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

بانگ، "اَلَسْتُ رَبِّيءُ" چئي عشق جن تي آيو،
ميدانِ معرفت ۾ ڪونتل تنين ڪڏايو.

ڪِٿِ مصرماه ڪنعان، لائي پرت پوءِ ٿيو پنهان،
رکي بار برهه بَه نِهان، مالڪ ٿي ملهه چڪايو.

ان ڪافي جي آخر ۾ چيو اٿن:

لاشڪ "لباس" لائي، "ڪثرت" ۾ پير پائي،
"احمد" اچي سڏائي، "محمّدامين" ٿي آيو.

Scanned with CamScanner

ٻئي هنڌ، اڃا به کولي چون ٿا:

"اَحَدًا رَّائيتُ" پسڻ ٿيو پرينءَ جو،
پنهنجو پاڻو پيٽيدا.

اَحَدً رئيتُ، هڪ ڏسڻ ۾ پنهنجو پاڻو پيٽڻ، وحدت الوجود جي نظريي ڏانهن اشارو آهي، جيئن لطيف چيو آهي:

پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور ٿيا.
يا
ٿيڏي پَسي ٿي، هوت نه آهي هيڪڙو!

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

الف اعليٰ آهه، اکبر اسم الله،
دوکا دلين جا دور ڪري، "لا" سين هٽي لاهه،
اَنا اَحمد بلا ميم، رمز اهائي راهه،
اَڳانديي اِلَّااللهُ جي، اتي ڪونتل ڪڏاءِ،
"احد" اَڌو آهه، جي پاڻ سڃاڻين پانهنجو.

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

عشق "امين محمّد" کون آيا، اَنحد از خود آپ الايا،
مين جهولي پاڪي جهليندا هون،
"وَنَحنُ" وحدت سر سمالي.

هڪ هنڌ، منصور بن حلاّج ۾ سندس دعويٰ "اناالحق" متعلق فرمائين ٿا:

سر تي حال "حلاّج" دا چايوسي،
جڏان ساغر عشق پلايوسي.

دل ڪون، دستئون دلبر دي جام مليا،
سر ڪون سوري دا سر انجام مليا،
اسان ڪون "احديت" دا انجام مليا،
وچ سر واري ورهه ولايوسي.

وڇئون سؤ لهريان لياڪا پاونداهي،
هر گهر گيت "اناالحق" ڳاونداهي،
ساڏي جان جگر من ياونداهي،
تڏان چا "حق" هل هلايوسي.

—

سرڪون سانگ سينگارون چا جوڙ ٻڌين،
مِلڪي "ما سبحاني" دا موڙ ٻڌين،
هر ڪنهن شاخ ڪنون گل توڙ ٻڌين،
هر باس "باالله" دي آيوسي.

متين چند مثالن ۾، "وحت الوجود" ڏانهن ظاهر ظهور اشارا آهن: "بانگِ الست ربّي"، ادنيٰ کان عبديءَ ڏانهن نزول، مصر ۾ ماهِ ڪنعاني هجڻ، مالڪ تي مُلهه وڪجڻ، لباس وحدت کي لاهي ڪثرت ۾ پير پائڻ، احد مان احمد سڏائڻ. اَحَدً رايتُ يعني هڪ ڏٺم چوڻ، پنهنجو ياڻو پيتڻ، انا احمد بلاميم ـ چوڻ، اَحَد کي اوڏو قرار ڏيڻ، اَنحد از خود آپ الاوَڻ" چوڻ، وَنحن ۽ وحدت چوڻ، سر تي حلاّج جي حال ڪٽڻ جو اعتراف ڪرڻ، "احديت" جي انجام تي پهچڻ، سَوَن لهرن مان لياڪن پائڻ جو اظهار ڪرڻ، هر گهر ۾ "اناالحق" جو گيت ڳائڻ ۽ بيان ڪرڻ، "ماسبحانيٰ" جا موڙ ٻڌڻ، وغيره.

اهي استعارا ۽ ڪنايا، فلسفۂ وحدت الوجود کي بيان ڪرڻ جي سلسلي ۾ لازمي چيزون آهن: جن کي امين محمّد سائين پنهنجي انفرادي ۽ دلنشين، سوزآور ۽ وجد انگيز نموني ۾ ڳايو به آهي ۽ وڄايو به آهي.

امين محمّد سائينءَ جي عقيدي موجب، صور ۽ اشڪال جي تنوّع، ۽ رنگارنگي، ڪثرت ۽ مظاهر، صفات ۽ آيات جي پردي ۾ هڪ "حسنِ واحد" ئي ڪارفرما ۽ ڪارساز آهي. وجود مطلق هڪ آهي، باقي سڀ ظلال ۽ توهمات آهن. اهو وجود مطلق ئي آهي جو نت نوان ويس تو پهري، وحدت مان ڪثرت ۾ نزول تو ڪري: تخليق کان وٺي خاتمي تائين، عدم

ڪان ونئي وجود تائين، ازل ڪان وٺي اَبَد تائين، سندس "وجود" جا "مظاهر" پيا پسجن: اهوئي آهي، جو مصر ۾ وڪاڻو: اهوئي آهي، جو احمد بلا ميم ٿي آيو: اهوئي آهي، جنهن "ما اعظم شاني ۽ سبحاني" چيو: اهوئي آهي، جنهن "اناالحق" جو اعلان ڪيو.

اهوئي آدم ۾ جلوه فگن هو ۽ اهوئي محمّد ڪريم ﷺ ۾ جلوه ريز رهيو. اهوئي شمس و قمر جي ضوفشاني ۾ آهي، اهوئي درياءَ جي لهرن ۽ طغيانيءَ ۾ آهي، اهوئي فراق جي راهُن ۾ پنهان آهي، اهوئي وصال جي وادين ۾ سلسلهٔ جنبان آهي، اهوئي صحرا نوردِ آهي ۽ اهوئي محمل نشين آهي، اهوئي فريادِ جرس آهي، اهوئي راهرو ۽ رهبر آهي، اهوئي نشان راهه ۽ مقامِ منزل آهي. ڪائنات ۽ ان جي ڪثرت، سندس وجودِ مطلق جي "تجلّيات ۽ صفات" جو مظهر آهي. سڀ صورت ۾، سڀ رنگ ۾، پوشيده بہ اهو ۽ ظاهر بہ اهو آهي.

"امين" جي بابصيرت نگاهه ۾ "حسنِ ازل"، هر راهه، هر مقام ۽ هر منزل تي جلوه فگن آهي. هر هنڌ، متي ۽ هيٺ، قرب ۽ بعيد، پرسان ۽ پرتي، مطلب تہ هر طرف "فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْافَثَمَّ وَجْهُ اللهِ" جو نظارو آهي. نگاهه ان "حسنِ ازل" جي ڏسڻ کان معذور، ڪَنَ ان نغمهٔ سرمدي جي ٻڌڻ کان عاجز هو "نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" جو مصداق آهي، ان راهه ۾ هر وادي، "وادي ايمن" آهي، ۽ هر ڪوه، ڪوهِ طور" آهي، جيئن پاڻ چون ٿا.

نانگن ڪي ناسوت ۾، ٿيا قرب ڪمال،
حاضر ڏٺا حال، ويراڳين وصال جا.

ٻئي هنڌ چون ٿا:

ويراڳين وجود جو، درست ڪيو ديدار،
پوئي پاتئون پاڻ ڪَي، حقيقت جو هارُ،
ماڳ ڏٺو ملڪوت جو، ناسوتين نروار،
معرفت مدار، آديسين اندر ۾.

اندر ۾ انهن کي، ٿيو قبلہ نما قَلب،
سُڄي ساميئڙن جي، سدا سيج صلب.

ان طرح فرمائين ٿا:

قبلہ نما قلب ٿيو، ڪافن ۾ ڪاهي،
طور تجلّي تن کي، اندر ۾ آهي.

ان اندر واري "طورؔ" تي هر وقت جلوه ريز اها ذات آهي، بلڪ هر واديءَ ۾ اها ذات همڪلام آهي. طور جي تجلّيءَ ۾ بہ اهو، شجر جي اعلان ۾ بہ اهو، زمان جي وسعتن ۽ مڪان جي بلندين ۾ بہ اهو آهي، حتيٰ ڪ، ڪجل جي ڏار ۽ سرمي جي ڪاراڻ ۾، سرخي - لب ۾، اپسرا جي سينڌ ۾، تانَ ۾، لئي ۾، سُر ۾ بہ اُهو ۽ ان جو آواز. ڇا لاءِ تہ بصيرت جي نگاه ۾ سارو ڪاروبار، ان هڪ حسنِ ازل جو پَرتو آهي، عڪس آهي، ظل آهي ۽ پاڇو آهي. پراتي اڇي ڪابہ غلط فهمي نہ پيدا ٿيڻ گهرجي. اهو حسن ازل، اضافي نہ آهي پر حقيقي آهي، مجازي نہ آهي پر مطلق آهي، نہ ان کي ابتدا نہ انتها، نہ بلندي نہ پستي، نہ ظاهر نہ باطن، نہ مثبت نہ منفي! سيني تعينات ۽ اضافيات جي حدن کان بالاتر ۽ ماورا.

ان حقيقت کي ڪير سمجهي سگهي ٿو؟

بانگِ الست ربّي، ڇئي عشق جن تي آيو.

اهي ئي معرفت جي ميدان ۾ ڪونتل ڪُڏائين ٿا.

عشق ڇا؟ هڪ بيقرا ڪيفيت، اها مقناطيسي ڪشش، جا ناقص کي ڪامل ڏانهن، ناتمام کي تمام ڏانهن، ۽ جز کي ڪُل ڏانهن ڇڪيندي ٿي رهي. عشق، حسنِ ازل ڏانهن ويندڙ طالبن ۽ سالڪن جو مير ڪاروان، راهبر، زادراه ۽ قائدا.

پر، اهو عسق بہ حسنِ ازل جي زد کان ٻاهر نہ آهي. عشق بہ منزل نہ آهي، هڪ ذريعو ۽ وسيلو آهي. حسن، ڪُل تي حاوي آهي، حسن محيط آهي؛ پر عشق، سالڪ جي اَنا جي اظهار جو فقط هڪ پهلو آهي. "حسن"، سرچشمو آهي، پنهنجي ئي قلب مان پيدا ٿئي ٿو؛ ۽ "عشق"، طلب

تمنّا جي ڏارا آهي، جا بہ اُن قلب مان ترڪي نڪري ٿي. ڪائنات جي ۽ ڪا بہ اَنا، حسن جي "محيط انا" کان خارج ۾ وجود نٿي رکي. اها "اَنا"، اها تلوار آهي، جا نفي بنجي، پنهنجي وجود کي ڪاٽي ٿي رکي.

امين محمّد سائينءَ جي ڪلام جي مطالعي ڪان پوءِ، سندن نظريئہ حسن متعلق ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ پاڻ متشرع صوفين جي ساٽ ۾هوندي بہ، "وحدت الوجود" جي نظريي جا قائل آهن. سندن نظر ۾ ڪائناتءِ تخليقات، سڀ "عالمِ محسوسات" ۾ داخل آهن، ۽ عالمِ محسوسات ان عالمِ تصوّرات جو هڪ عڪس آهي، جنهن جو "مبدءِ اَعليٰ" "حسنِ ازل" آهي. فارسي صوفين ۽ امين سائينءَ جي نظريي ۾ فقط هي هڪ فرق آهي: جو فارسي صوفي شاعر، ان عڪس کي مجازي سڏن ٿا، ۽ "عڪس" پاڻ هڪ اهڙو حقيقت نما آئينو آهي، جنهن ۾ "حقيقت" خوداچي منعڪس ٿئي ٿي. ٻيو تہ "مجاز" جي هيءُ اها راهہ آهي، جا "حسنِ ازل" جي نقش پا جي پاڻ امين آهي، جا "منزل لاهوت" جو پڻ رستو صاف ڪري ٿي.

محققن جو چوڻ آهي، تہ ان نظريي جو دخل ايامن ڪان وٺي، جيئن شاعريءِ ۾ ٿيندو آيو آهي، تيئن فنون لطيفہ، سنگتراشيءَ ۽ مصوّريءَ جا قدر بہ ان ڪان متاثر رهندا آيا آهن.

تشبيهہ ۽ استعاري جو فني راز بہ ان ۾ پوشيده آهي، جنهن خيال سان شعر جي نظر ۾ محبوب جي چهري، چنڊ ۽ گل، ٽنهي ۾ هڪ قدر مشترڪ آهي. ان ڪري، هو مجبوب جي منهن کي چنڊ ۽ گل چوندي بہ ڪا هٻڪ محسوس نٿو ڪري.

ٻئي طرف، عاشق جي بيقراريءَ ۽ آه و زاريءَ ۽ پرواني جي سوز و گداز بہ هڪ وجداني ڪيفيت محسوس ڪري ٿو. تنهن ڪري هو "عاشق" کي "پرواني" جي سوز و گداز سان بہ تشبيهہ ڏئي ٿو ۽ سندس ڪيفيات ۽ واردات کي "پروانہ وار" چئي ٿو.

ان سلسلي ۾ اهو بہ ياد رهي تہ شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾، حقيقي

حسن کي "مجاز" جي صفات سان متصف ڪرڻ جو ہتو تہ هندي و يدانت ۽ يوناني فلسفي ۾ بہ موجود آهي؛ پر فني حيثيت سان، سڀ کان اوّل حضرت ابو الخير ابو سعيد آهي، جنهن "حسنِ ازل" کي "مجاز" جي آڙ ۾ بيان ڪرڻ جي ابتدا ڪئي، ۽ ان کي هڪ صوفيانہ ۽ شاعرانہ روايت بنائي ڇڏيو آهي. اڄ ان "روايت" موجب، خدا جي ذات ۽ صفات لاءِ بحر ۽ موج، ساقي ۽ ساغر، شمع ۽ پرواني جا ڪنايا ۽ اسعارا عام جام بيان ڪيا ويا آهن.

امين محمّد سائين، هڪ صوفيءَ ۽ شاعر جي حيثيت سان شاعريءَ جي ان متواتر روايت کي بہ نباهيو آهي. پر امين سائين وٽ، ان روايت جي پيشڪش ۽ مواد ۾ ڪجهہ فرق آهي، جنهن کي صاحب فهم نقاد ئي محسوس ڪري سگهن ٿا. اهو فرق اهو آهي تہ امين سائينءَ وٽ، فارسي شاعرن وارا مصطلحات ۽ ڪنايات ڪين آهن. هت "مئي ۽ ساغر" نہ ملندو، پر انهن جي جاءِ تي هندي ويدانت آميز اصطلاحات ۾ تشبيهات ۽ استعارات، اسماً ۽ علائم ملندا، جي حضرت امين جي مشاهدي، تخيّل ۽ وجدان گهڙيا آهن، جي ڪنهن بہ ٻئي هنڌان مستعار نہ ورتا ويا آهن، جن جو استعمال عام طرح سان فقراً ۽ جوڳي ڪندا اچن ٿا، لطيف، جن کي سامي، جوڳي، اداسي ۽ آديسي تو سڏي. امين انهن جي انداز بيان کي اخذ ڪيو آهي ۽ انهن ۾ پنهنجي شرعي نقطہ نظر واري نظريہ تصوّف کي پلٽيو اٿس. اهوئي ڪارڻ آهي جو انهن تشبيهن ۽ استعارن جو مرجع ۽ مشارُ اليہ ظاهري طرح سان تہ "مجازي" آهي، پر حقيقي طرح سان ان محبوب ۾ الوهي صفات آهن. اهوئي جلال ۽ اهوئي جمال، اهائي پاڪيزگي ۽ اهوئي تقدّس، اهائي بزرگي ۽ اهائي ماورائيت. امين جي فن ۾ "محبوب"، مجازي هوندي بہ حقيقي آهي. منجهس "مجازي محبوب" وارا اوصاف ڪين ٿا ملن. اتي اچي، فارسي شاعريءَ جو شاهد رعنا، ۽ امين سائينءَ جو محبوب ڌار ڌار ٿي وڃن ٿا. روميءَ جو حسن مطلق، جاميءَ جو همہ گير مظهر، عطار جو دلدار ۽ يارُ محمود شبستريءَ جو "صنم" لطيف جو ٻاروچل، سچل جو سپرين، فريد جو ماهي، ميران جو

موهن ۽ امين محمّد جو پنهل، فني ۽ حقيقي حيثيت سان جدا جدا ٿي وڃن ٿا. امين محمّد پنهنجي محبوب جو حسن، اهڙي تہ نرم ۽ سنجيده نموني ۾ بيان ڪيو آهي جو مٿس مجاز جا ڪي بہ غلاف چڙهہ تہ نظرئي ڪين ٿا اچن. نڪو مبالغي جي حيثيت سان "صنم" ۽ "ذات" تائين، سندن فن وچي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو محبوب ۾ جلال ۽ جمال تي آهي، پر ان ۾ تقدس ۽ ماورائيت بہ آهي. ان جي مقابلي ۾ سپرين ۽ پرين، يار ۽ دلدار، ٻاروچل ۽ رانجهن جي آڙ ۾ پيدا ڪيل مبالغہ آميز روايت ڪي هٿ بہ نہ لاتو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو "امين" جو محبوب، ٻين کان يڪتا ۽ منفرد نظر اچي ٿو. امين جي فن ۾ تقدّس ايترو آهي، جو سندس ڪلام ۾ محبوب، سرتاپا "تقدّس" بنجي ويو آهي، ۽ سندس "محبوب" اهڙو تہ حسين ۽ موزون قالب اختيار ڪيو آهي، جنهن ۾ مجاز جي ڪابہ ظاهرداري، ڪابہ ڪثافت ۽ ڪابہ آرائش نظرئي نٿي اچي. سندس آفاقي محبوب، آئيني ۽ عڪس جي درمياني ڪَڙي بنجي چڪو آهي. نہ ان ڪي رڳو آئنو چئي سگهجي ٿو ۽ نڪو ان ڪي "عڪس مجسم" چئي سگهجي ٿو. ان طرححقيقت ۽ مجاز جي وچ تي هڪ اهڙي مقدّس ربط جو پتو پوي ٿو، جنهنجي موجودگيءَ ۾ امين سائينءَ هميشہ "مجازي استعارات" ڪيفيت، ۽ ذات جي بجاءِ صفات کي مستعار طرح سان بيان ڪيو آهي، اهوئي سبب آهي، جو امين جي ڪلام ۾ ڪٿي بہ خارجيت ۽ سطحيت نظر نٿي اچي. "امين" جي محبوب ۾ پنهل ۽ ٻاروچل، رانجهن ۽ يوسف تہ نظر اچي ٿو، پر انهن ۾ گوشت ۽ پوست جو مرڪب محبوب نظر نہ ايندو نڪو مجازي محبوب وارو تصوّر ۽ استلذاذ ئي پيدا ڪري سگهجي ٿو.امين جو محبوب، تقدّس جي عالم ۾ آفاقي بہ آهي ۽ ماورا بہ آهي، امين جو محبوب، حق تعاليٰ جي ذات آهي. ان جو جلال ۽ جمال سندن ڪلام ۾ هر هنڌ نمايان آهي.

امين سائينءَ جو ذوق جماليات: ان متعلق مختصر طرح ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ سندن ڪلام ۾ جو ميناج آهي، جا نرمي آهي

سندن طبيعت جي پيداوار آهي. منجهن مبالغہ جوش ۽ شدت ڪين آهن.
امين سائين ڪان اڳ، لطيف ۽ سچل موجود آهن. پر پاڻ انهن جي تقليد نہ ڪئي اٿن. انهن جي مقابلي ۾ پنهنجو گسُ پاڻ گهڙيو اٿن.

امين سائينءَ جي اها راهہ، سندن ذاتي جذبي جي پيداوار آهي، ان سلسلي ۾ پاڻ ڪنهن بہ فارسي يا سنڌي شاعر جي تقليد ڪانہ ڪئي اٿن. اهوئي سبب آهي، جو سندن بيان ۾ صداقت آهي، نرمي آهي، ميٺاج آهي، ۽ اثر انگيزي آهي. پاڻ جذبات جي شدت ڪان مغلوب ٿي، مبالغ آميز بيان ڪان گهٽو ڪري پاسو ڪيو اٿن.

اهوئي سبب آهي، جو لطيف ۽ سچل جي ڪلام جي شائقين کي امين جي ڪلام ۾ جوش ۽ شدت، حدت ۽ حرارت گهٽ نظر ايندا. پر ان جي مقابلي ۾ جمال آفرينيءَ ۽ حسن ڪاريءَ جو اهو "فن" جو نرم ۽ ملايم آهي، شيرين ۽ دلنشين آهي، اثرانگيز ۽ وجد آور آهي، "امين" جي ڪلام ۾ سرس نظر ايندو. پر سندن مقابلي ۾ جن شاعرن ٻين جي تقليد ڪئي آهي، انهن ۾ تقليد محض جي ڪري، ڪا جدّت ۽ اصليت نہ پيدا ٿي آهي.
ان نقطہ نظر کي سمجهڻ لاءِ فارسي شاعريءَ جي روايت، "اناالحق" کي سمجهڻ گهرجي. منصور جي "اناالحق" کي عطار بيان ڪيو آهي، پر ان کان پوءِ ايندڙ شاعرن روميءَ، جاميءَ، محمود شبستريءَ ۽ حافظ شيرازيءَ ان کي هڪ رنگ ۾ ئي آندو آهي. ان طرح سنڌي ادب ۾ "لطيف"، پنهل، ٻاروچل ۽ راڻي جي استعاري ۾ محبوب کي بيان ڪيو آهي، سندس تقليد ۾ سچل بہ اهي ئي استعارا قبول ڪيا آهن. ان طرح غالب کي ڏسو: غالب جو نظريہ حسن، اگرچ سندس فلسفيانہ طبيعت جي خيال ڪان نرالو هو، پر تقليد جي روايت ۾ ڦاسي، ڪٿي ڪٿي، نَفي ڪندو ويو آهي. ان طرح خود اقبال جو حال بہ ساڳيو رهيو آهي. اقبال شروعات ۾ تہ ان تصور جو قائل نظر اهي ٿو، پر پوءِ اڳتي هلي "استفهام ۽ اثبات" جي ڪشمڪش اچي چڙهي ويئو:

Scanned with CamScanner

آه! موجود يي وه، حسن کهين هي ڪ نهين؟
خاتمِ دهر مين يا رب، وه نگين هي ڪ نهين؟

بلڪل ان طرح نظيري ۽ حافظ جي فن ي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته سندن ڪلام، قال ۽ حال جي وحدت ۽ يڪرنگيءَ کان خالي آهي. هو مشاهدات ۽ واردات جي تنوّع کي تجربي جي وحدت ۾ ملائي نه سگهيا.

ان سلسلي ۾ ڪمال اهو آهي ته "موضوع ۽ معروض" ٻنهي جي ميلاپ سان هڪ حسين ۽ جميل مجسمو ناهڻو آهي - پر شرط اهو آهي ته ان ۾ "مجاز" جو رنگ ايترو غالب ۽ ظاهر نه رهي جنهن ۾ "بازاري شاهد" جون وصفون پيدا ٿي وڃن.

امين جب فن ۾اها وحدت ۽ تناسب، اهو جمال ۽ جلال "وحدت، حسن" جي نظريي مان پيدا ٿيو آهي، جو سندس "وجدان" ۾ آيو آهي، جو آفاقي ۽ لولاڪي آهي. اهو "محبوب" ئي سندن "فن" جي زندگيءَ آهي، اهو محبوب ئي سندن "فن" لاءِ روح روان آهي. سندن نرمي ۽ سنجيدگيءَ "فن" ۾ نڪو اختلاف پيدا ڪيو آهي ۽ نڪو انتشار.

وحدت الوجود

هن کان اڳ، بيان ٿي چڪو آهي ته حضرت امين محمّد سائين وحدت الوجود جو قائل آهي. حضرت پکن ڏٺي نه صرف پنهنجي سلوڪ ۽ طريقت جي راهه ۾ "وحدت الوجود" تي گامزن آهن، پر شاعرانه لحاظ سان به ان نظريي متعلق اشارا ۽ ڪنايا ڪيا اٿن. وجودي صوفين جو چوڻ آهي ته "وحدت الوجود" جو مشرب ۽ مسلڪ "فرض" آهي، ان کان سواءِ باقي سڀ مسئلا ۽ مسالڪ، فروع ۾ داخل آهن. اسان يقين ۽ وجدان جي اک سان حقائق کي ڏٺو آهي ۽ عشق الاهيءَ ۾ اهائي راهه اختيار ڪئي آهي. حضرت امين سائينءَ جو ڪلام، توحيد وجوديءَ جي ان نغمهء سرمدي جي گونج آهي.

Scanned with CamScanner

هت مختصر لفظن ۾ اهو ظاهر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته صوفيائي ڪرام وٽ "وحدت الوجود" همہ اوست ۽ توحيد وجودي، جو تعبير ڪهڙو آهي؟ ٿورن لفظن ۾ چيو ويو آهي ته الله تعاليٰ هڪ هستي مطلق ۽ وجود محض آهي، جنهن جو ڪنهن به چيز تي مدار ڪين آهي، نه ڪا سندس ڪا شڪل شباهت آهي، سندس هستي مطلق، ساري موجودات ۾ جاري ۽ ساري آهي . ان خيال ڪان ساري موجودات، وجود جي حيثيت سان عين باري آهي، پر تعين ۽ مقام جي حيثيت سان غير باري آهي. ان مان واضح ٿيو ته غيريت اعتباري آهي، ۽ اصل ۾ "همہ اوست" آهي.

منهنجي ذاتي راءِ ۾ وحدت الوجود جي مٿين تشريخ نهايت آسان آهي. جو ته صوفين وٽ، ڪائنات جي ساري موجودات جي حيثيت، پنهنجي تشڪيل ۽ تعين جي حيثيت سان محض اعتباري ۽ خيالي آهي، پر معنويت ۽ حقيقت جي حيثيت سان وجود ڪان محروم آهي - ڇا لاءِ ته معنويت ۽ حقيقت رڳو هويت مطلقہ ۽ وجود مطلق کي حاصل آهي.

هڪ صوفيءَ جو چوڻ آهي ته هن عالم ۾ جيڪي مظاهر اسان جي سامهون اچن ٿا، انهن جي حيثيت، محض "وهم ۽ خيال" جي آهي جيئن غالب چيو آهي.

اصل شهود و شاهد و مشهود ايڪ هي
حيران هون پر مشاهده هي ڪس حساب مين
هي مشتمل نمود صور پر وجودِ بحر،
يانُ ڪيا دهرا هي قطره وموج وحباب مين.

هت اهو پڻ سوال پيدا ٿي سگهي ٿو ته توحيد وجوديءَ جي عقيدي کي تسليم ڪرڻ، يا ان کي ايمان ڪري مڃڻ مان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟ آخر صوفين، ان عقيدي کي ايتري اهميت ڇو ڏني آهي؟

ان جو جواب اهو آهي ته صوفين جي وجودي توحيد کان سواءِ خالق ۽ مخلوق، عبد ۽ معبود، ربِّ ۽ مربوب جي رشتي ۽ تعلق جي ڪا به وضاحت ٿي نٿي سگهي. آخر هن ڪائنات جي مظاهر ۽ اعيان جي حقيقت ڇا آهي؟

Scanned with CamScanner

خالق ڪائنات سان هن موجودات جي نسبت ڪهڙي آهي؟ اها نسبت حقيقي آهي يا محض اعتباري، خيالي ۽ مجازي.

ڇا ڪن ظاهر پرست ماڻهن وانگر اهو يقين ڪرڻ جڳائي، جيڪو ڪنهن ڪاريگر ۽ هنرمند جو تعلق پنهنجي ٺاهيل چيز سان ٿئي ٿو! الله تعاليٰ جو تعلق به هڪ ڪاريگر وارو تعلق آهي، يا ڪن سطحي بين صوفين وانگر اهو عقيدو رکڻ گهرجي ته "واجب" عين ممڪن آهي ۽ ممڪن عين واجب آهي. اگر ائين مڃيو وڃي ته پوءِ، شرعي احڪامات جي حيثيت ڪهڙي رهندي، ثواب ۽ گناهه ڇا؟ نيڪي ۽ بَدي ڇا؟ جزا ۽ سزا ڪنهن لاءِ؟ ۽ ڇو؟ جي ماڻهو خالق ۽ مخلوق حي وچ ۾ هنر مند ۽ چيزن وارو تعلق مڃين ٿا، سي غلطيءَ تي آهن. ۽ جي ماڻهو وحدت وجود جو مطلب اهو ٿا سمجهن ته "اعيان ۽ مظاهر" توڙي ڪائنات ۽ موجودات سڀ پنهنجي تشڪيل ۽ تعين جي لحاظ کان "عين حق" آهن، اهي ملحد ۽ زنديق آهن.

هر امر جدا گانہ حڪمي دارد،
گرفرق مراتب نہ ڪني، زنديقي!

اهو مرتبن جو فرق نہ ڪرڻ ئي الحاد ۽ زندقو آهي.

هوڪو ڇاڻي تو ته مظهر ۽ تعين تي ئي حڪم لڳندو آهي، مثلاً پاڻي ۽ ان جي مختلف صورتن تي ويچار ڪرڻ گهرجي. "پاڻي"، پاڻي آهي، پر ڳڙو، برف، ماڪ ۽ برسات به پاڻي آهي - توڙي جو انهن جون صورتون بدليل آهن. ان طرح صورتن جي بدلجڻ ڪري، هر شيءِ جي ڪيفيت به بدلجي ٿي ۽ ملهه ۽ اثر به بدلجي ٿو. ڳڙي ۽ برف ۽ ماڪ جي صورت ۾ ڳڙو، برف ۽ ماڪ ئي سڏجي ٿو؛ پر جڏهن اهي رجي پاڻي تي وڃن ٿا، تڏهن انهن کي نہ ڳڙو سڏبو نہ برف چئبو ۽ نہ ماڪ.

انهن مختلف حالتن ۾ پاڻيءَ جا نالا به جدا آهن ته تاثير به جدا آهي. وزن ۽ رنگ، ذائقي ۽ اثر ۾ به فرق آهي. ان "فرق" تي ئي حڪم لڳائبو آهي ۽ مُلهه ڪَثبو آهي. ورنہ آهي ته سيڪجهه پاڻي!

مطلب هي آهي تہ صوفيائي ڪرام، وحدت الوجود جي تعبير ڪندي، واحب الوجود ذات باري تعاليٰ کي ٿا چون، ۽ ممڪن الوجود ڪائنات ۽ ان جي مظاهر کي ٿا ڪوٺين. انهن ٻنهي جو تعلّق اهوئي مقرّر ڪيو اٿن جو "واجب ۽ ممڪن" جي وچ ۾ آهي.

وجودي بزرگ، افراط ۽ تفريط کان بالا ٿي، حق تعاليٰ جي "مرتبہء احديت" تي ايمان آڻين ٿا. ان جي مقابلي ۾ ڪائنات ۽ ان جي هر مظهر کي پنهنجي مقام تي رکن ٿا، ۽ "انسان" کي ان سلسلي جي تلقين ڪن ٿا، تہ هو وجود ۽ ممڪن جي فرق کان آگاهہ ٿئي، معرفت پيدا ڪري. "من عرف نفسه فقد عرف ربه" ۾ اها مام سمجهايل آهي. جيئن برف ۽ ڳڙي، ملڪ ۽ برسات جو تعلّق پاڻيءَ سان آهي، تيئن هر "نفس" جو تعلّق الله تعاليٰ سان آهي. اگرچ اهو "تعلّق" تمام لطيف آهي، روميءَ چيو آهي:

اتصالي بي تڪيفّ بي قياس،
هست رَبِّ النَّاسِ را باجانِ ناس!

ان تعلّق ۽ اتّصال، قرب ۽ نزديڪيءَ جي معرفت حاصل ڪرڻ ئي صوفين سڳورن جي جهد ۽ رياضت جو مقصد عظيم آهي.

اوهان، حضرت امين محمّد سائينءَ جو سارو ڪلام مطالع ڪريو، اوهان کي هرهنڌ "وجودي توحيد" جو درس ملندو. امين سائين، ان تعليم جي مرڪزيت ۽ آفاقيت ۾ محو ۽ گم، مستغرق ۽ فنا نظر ايندو. سندن "فن ۽ فڪر" ، "وجود" ۽ "وحدت الوجود" جي تعبير ۽ تفسير ۾ محدود نظر ايندو. علم ۽ فن، دينيات ۽ اخلاقيات، جُهد ۽ رياضت جا سڀ سلسلا ان هڪ دائري ۾ سميٽجي گم ٿيندي نظر ايندا.ان سلسلي ۾ سندن پيش ڪيل شاعرانہ توجيهات کي حقيقي ۽ معنوي لحاظ سان ڏسڻ گهرجي.

Scanned with CamScanner

سندي كافيون

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

ڪافي-١ (آسا)

راهوندي رهاڻ

ماندو(١)* مون مهمان، ڪالهه هئا جي ڪاپڙي.
سنگ ساميڙن جا، هالين ٻجهن(٢) هاڻ.
ساري منهنجو جندڙو، راهوندي(٣) رهاڻ.
بسم بيراڳين جا، سانديا † مون سيني ساڻ.
مادر منهنجي من کي لاهوتين(٤) جي لاڻ(٥).
"امين" آندا عشق جا اُتاهين اهڃاڻ.

ڪافي-٢ (ڪلنگڙو)

ساهڙ جي سڪ

سڪ ساهڙ جي سِڌاري(٦)، وڌي سيني عشق اياري.
سُرڪي پيتائون سُور جي،
تنهن ڳاراٽي تي ڳاري، ڪيائون پرت پناري.
ڪَچي پڪي جي وِٿي(٧) ڪانهه ڪيائون،
برهه لڳس باري، تنهن تاٽي آندي تاري.
ڪَچن ڪاهَن ۾ لسن ليٽن تي،
ڪُن ڏَسي ڪپر ڪاري، سڌ ساهڙ ڪيو پڪاري.

---

(١)ماندو = رنج - بيزار. (٢) ٻجهن = معلوم ٿين. (٣) راهوِند = راهوند واري - انهن ڀَڪن يا جاء ڏي اشارو، جتي مخدوم امينؒ محمّد رحہ ذڪر و رياضات ڪندا هئا. (٤) لاهوتي = للّهيت وارا - سچا صوفي فقير. (٥) لاڻ = داغ. (٦) سڌارڻ = فنا ڪرڻ. (٧) وِٿي = تفاوت - خال.

* ماندو (گ - ص). † سانديم - (غ - ت) "سانديم" سُر توڙي بحر جي لحاظ کان صحيح آهي.

Scanned with CamScanner

جڏهن آيس جان ڪيڏانهن جي،
توريءَ ڪين تاري، ٻڌي ٻاجهارو ٻاڪاري.
عشق جون آهن ڳوريون ڳالهيون،
"امين محمّد"سڌ ساري، ڪري جي پنهنجي سي پاري.

ڪافي- ٣

(پيروين)

نيڻن جو جادو

تنهنجي نيڻن جادو لايو يار، رمزن رسزون* رليون(١)، يار.
اکيون تنهنجون ڪجليون ڪاريون،
ڏاري ڪاڻ دلبر ڏاريون،
هو گهر اجاڙن ڳليون، يار.
دليون دلبر ڪارڻ سَڌايون(٢)،
ووڙڻ ويئون وري نہ آيون،
او گهٽ نهارن گهٽيون، يار.
اکيون آيون اکڙين آري،
وارن وَرَ وَرَ وڏڙو واري،
هو جت ڀڳيون تت جهليون، يار.
جانب جنگي جادو لايو،
سِرَ ڏيڻ جو تن ڪيو سعيو،
هردم حاضر هليون، يار.
"امين محمّد" اکڙيون اڙيون،
زلف زنجير قلابين(٣)* ڪڙيون،
وَہ ڪين ڇڙن سي جهليون، يار!

---

(١) رَلُن = گڏجڻ. (٢) سَڌايون = سڌ ڪرڻ. (٣) قلابا = ڪانٽا ـ ڪڙيون.
* رمزن (غ ـ ت).

ڪافي-۴

(پروين)

پريم پٽر ناهي ناهي

جي ميخاني ملندو مولا، بتخاني ۾ چاهي چاهي!

هنودي(١) بتخاني آيا،
ترڪن طعنا تن تي لايا،
پريم پٽر ۾ ناهي ناهي.

بيک برهمڻ دل ۾ دورا،
واسنگ* واهگروءِ(٢) جا تورا،
دال چپاتي چاهي چاهي.

منهن ۾ ملياٽي چوٽ سان چوري،
اهڙي پيت(٣) چڏي ڏي پوري،
رمز رکيو دل راهي راهي(۴).

ميخاني جا چون مَوالي،
خيال خوديءَ هٿ پيالا خالي،
وات وجائن واهي واهي.

سنگ سنياسي پنن وجاٽيون،
ڳولن راجا ۽ پيون راٽيون،
ٺاهه ٺگيءَ جا ٺاهي ٺاهي.

"امين محمّد" آهي انهن جو،
مَنءُ(۵) † ماري جن ساجن سمجهيو،
الک انهن سان آهي آهي.

---

(١) هنودي = هندو. (٢) واسنگ واهگرو = اهو ديوتا جنهن جي ڳچيءَ ۾ واسنگ نانگ هجي. (٣) پيت = طرز - نمونو. (۴) راهي = ڀلائي - گمراهه ڪري. (۵) مَنءُ = مغروري - پاڻ.

* وارسنگ (ت) † مَنُ (ص)،

Scanned with CamScanner

ڪافي-٥

(پيروين)

وصال جب اميد

جانب جدائي لاهي، ڪر مون اچي ملڻ جي.
ساجن اوهان کي ساريان، نت واتڙيون نهاريان،
ڏينهڙا گهنگهر(١) گذريان، اچي واهه ڪر ولهين جي.
اکڙيون ڏسي غزالان(٢)، شرمندگي سين تالان(٣)،
پائي ڪبڪ زوالان(٤)، ڏسي تور هي تلڻ جي.

[اٽپوري]

ڪافي-٦

(پيروين)

پنهنجو پاڻ سڃاڻ

هن تہ حياتيءَ ساڻ، مر تہ مري مزا ماڻئين.
"مُوتُوْا قَبْلَ اَلْمَوْتِ"(٥)جا، اهي آنڌائون اهڃاڻ(٦).
صورت ۾ سلطان جي، پئي پڇائج پاڻ.
هن حياتيءَ جي حال ۾، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ.
سانگ(٧) اتئي ساعت جو، ويهي ڪر مَ وٿاڻ(٨)
ترج تار طلب ۾، نينهن اتيئي نياڻ(٩).
"امين محمّد" عشق جا ڏاهن ورتا ڏاڻ(١٠).

---

(١) گهنگهرو گذارڻ = (محاوره) غم ۾ گهارڻ. (٢) غزالان = هرڻ جهڙيون. (٣) تالان =لُٽَ ڦُر. (٤) ڪبڪ زوالان = تترن کي فنا ڪندڙ. (٥) موتوا قبل الموت = (حديث)، موتوا قبل ان تموتوا = مرڻ کان اڳي مرو. (٦) اهڃاڻ = نشان - ڏَس. (٧) سانگ = سانگو - سفر - جاءِ (٨) وٿاڻ = رهڻ لاءِ جاءِ - ياڻ. (٩) نياڻ = پاڻيءَ جو تڙ. (١١) ڏاڻ = ڏانوڻ - انعام.

ڪافي-٧

(توڙي - گنداري)

دلبر جو دام

دلبر دل کي دام وڌا،
ڪيئن "لاعَبدي"(١) چئي لاهيان لاهيان.
ادنيٰ(٢) کان منجهه عبدي(٣) آيا،
وحدت جا تن ورق ورايا،
قرب قَرابت رمز رجهايا،
پيرِ پرت ڏي پايان پايان.
جان جگر ڪري پارا پارا(٤)،
نايا نينهن اندر منجهه نارا نارا(٥)،
وِرهه اچي ڪيا وارا وارا(٦)،
ڳالهه تنهين جي تو ڳايان ڳايان.
باغ برهه جي ڪيون گلزاريون،
تن طلب ۾ تاريون تاريون،
ڇا بتخانا مسجد واريون(٧) ⁕،
ڇا ڪعبي ڏي مان ڪاهيان ڪاهيان.
"امين محمّد" عشق جون ڳالهيون،
هونِ هميشه جي هر حاليون⁕★،
ڏسي پرت● وارن جون چوڪيون چاليون،
آءُ ته عجب ۾ آهيان آهيان.

---

(١) لاعبدي = مان ٻانهو نه آهيان. (٢) ادنيٰ = گهٽ حالت (انسان کان پيون جيڪي حالتون گهٽ آهن، مثلاً حَيَوانات - نباتات - معدنيات). (٣) عبدي = عبديت - ٻانهپ. (٤) پارا پارا = ٽُڪرَ ٽُڪرَ. (٥) نارا نائڻ = واهڙ واهائڻ. (٦) وارا ڪرڻ - هَر هَر اچڻ - وار ڪرڻ - حملا ڪرڻ. (٧) واريون = گرد وارا.
⁕ واڙيون (ت - م). ⁕★ جيءَ ۾ جاليون (ت - م). ● نت نت پير انهن ڏي پاليون (ص).

ڪافي-٨

(تلنگ)

عشق و عقل

عشق آندا سامان سينگاري، جلد بهادر جنگي، يارو،
عقل هليو اسباب اُتاري، مرد مبارڪ ننگي، يارو!
عشق آئي ڪيا دل ۾ ٽاٽا،
تسبيح تقويٰ اُتي اُڏاٽا،
مور چڙي ويا ماٽا ٽاٽا،
راز ڏسي سڀ رنگي، يارو!
ڪريا ڪوٽ مغز جا محلا،
ڍہيا دور دلين جا دهلا(١)،
پيش اچي پيا ورنه(٢) وِهلا(٣)،
سينا جن جا سنگي، يارو!
عشق عقل جا تو ڪلس(٤) ڪنبائي،
آڙ(٥) عشق سان ڪنهن جي ناهي،
سيڪو تو پنهنجو پاڻ ڇپائي،
توڙي رومي(٦) زنگي(٧)، يارو!
عشق عقل جا تو شهر اجاڙي،
باهہ برهہ جي سڀ گهر ساڙي،
آئي آتش اوڙي پاڙي،
جيئن سو پُور پُشنگي(٨)، يارو!

دهلا = ڍَپَ. (٢) ورنَهَ = بهادر. (٣) وهلا = جلد - سگهو. (٤) ڪلس = گنبذ جي ڪلنگي جي چوٽي. (٥) آڙ = اوٽ. (٦) رومي = روم ولايت جو بهادر. (٧) زنگي = حبش ملڪ جو بهادر - حبشي يا شيدي. (٨) پورپشنگ = پشنگ جو اولاد (پشنگ، افراسياب بادشاهہ ، ايران واري جو پيءُ هو، جو ڏاڍو پهلوان هو.)

"امين محمّد" عشق جا آيا،
سپ سپاهي سرس (١) سوايا،
جنهن منهن چڙهيا سي گهٽ (٢) گهايا،
روسي (٣) رخت (۴) فرنگي (۵)، يارو!

ڪافي-٩ (تلنگ)

بانگ الستي جو اظهار

بانگِ اَلَستُ ربّي (٦)، چئي عشق جن تي آيو،
ميدانِ معرفت ۾ ڪونتل (٧) تنين ڪڏايو.

ڏسي عشق جا اشارا، وِهندا سي ڪيئن وچارا،
نيٽين وهائي نارا (٨)، هَيءِ هَيءِ جو هُل مچايو.
آڙاهه ڪؤن اپائي، رائي (٩) ڪنهين ترائي،
پٽ پيءُ هتان ڪُهائي، بَطحيٰ (١٠) ۾ گهر بنايو.

---

(١) سرس = سخت. (٢) گهٽ گهٽائڻ = ماري مات ڪرڻ. (٣) روسي = روس ملڪ جا. (۴) رخت = ساز و سامان. (۵) فرنگي = انگريز. (٦) بانگ الست ربّي = هي ڏٿي تعاليٰ جي هن سوال ڏي اشارو آهي، جو روحن کان دريافت ڪيو ويو هو: قرآن ڪريم ۾ فرمايل آهي ته سوال ٿيو ته اَلَسُتُ بربّڪم (آءٌ اوهان جو ربّ نه آهيان ڇا؟) سڀني هڪ آواز ٿي جواب ڏنو "بَلىٰ" (هائو). (٧) ڪونتل ڪڏائڻ = هٿ ۾ لغام وٺي گهوڙي کي هلائڻ. (٨) نيڻ نارا وهائڻ = زار زار روئڻ. (٩) رائي = راهه - رستو. (١٠) بطحيٰ = اکري معنيٰ پٿريلي ۽ هيٺانهين فراخ زمين (هت مڪّہ معظمہ جي هڪ وادي يعني مڪّہ شريف ڏي اشارو آهي.)

ڪٿ مصر ماه ڪنعان(۱)، لائي پرت پوءِ ٽيو پنهان(۲)،
رکي بار برهه بہ نهان، مالڪ ٽي مُلهه چڪايو.

جفعل(۳) ۾ جوڙي جاني، ڪيائين ڪل تي ڪامراني(۴)،
لاَرَيبَ(۵) ''لَنْ تَرَانِيْ(٦)''، ''اَرني(٦)'' تي ڪنهن آلايو(۸).

ڪربل ۾ خيمون ڪوڙي، ڪندَ ڪات ڪان نہ موڙي،
تيغ و تبر(۹) سان توڙي، سر بر سِنَان(۱۰) سهايو*

هر هڪ جي جاءِ ناهي، هت ڪير سينو سَاهي،
ڪيئي فَرّخَياب(۱۱) قاهي، ڪاپار ڪَرتَ لايو.

''قَالُوا بَلَيٰ'' ڪهاٽي، ثابت صحيح سجاٽي،
ان وقت کي چاٽي، تنهنجي روح ڪهڙو رايو.

لاشڪ لباس لائي، ڪثرت ۾ پير پائي،
احمد اچي سڏائي، ''محمّدامين'' تي آيو.

---

(۱) ماه ڪنعان = ڪنعان ملڪ جو چنڊ ـ حضرت يوسف ڏي اشارو. (۲) پنهان = لڪل. بہ نهان = لڪل. (۳) جفعل = هي لفظ اصلي جَفّرُ آهي جو مڪہ معظمہ ۾ هڪ هنڌ جو نالو آهي ، مگر هت غلط استعمال ڪري جفعل سڏجي ٿو. (۴) ڪامراني = حڪومت. (۵) لاريب = بنا ڪنهن شڪ جي. (٦) لن تراني = تون مون کي ڏسي نہ سگهندين . (قرآن شريف ۾ حضرت موسيٰ جي حق ۾ آيل آهي تہ جڏهن حضرت موسيٰ بارگاه ايزديءَ ۾ سوال ڪيو). (۷) اَرني = مون کي (پنهنجو ديدار ڏيکار) تہ بارگاهہ باري تعاليٰ مان مذڪوره جواب ''لَن تَرانيءَ'' جو آيس. (۸) الائڻ = ڳالهائڻ ـ چوڻ. (۹) تبر = جنگ جي ڪهاڙي. (۱۰) سنان = نيزو ـ ڀالو. (۱۱) فرخياب = بختاور.

*سنيايو (غ).

ڪافي-١٠ (تلنگ)

سرڪ ساقيءَ جو اثر

سرڪ ساقيءَ کان ڇَڪَڻُ، تنهنجو دائما ديدار ٿيو.
روز رمزن ۾ رچڻ،(١) تنهنجو مرتضيٰ مهندار ٿيو.
صاف سرّيءَ(٢) جا اشارا، راز سمجهڻ رمز وارا،
تن تَجَلّيءَ ۾ تِڇَڻُ(٣)، تن جو وحدتي واپار ٿيو.
پاڻ کي پر(٤) ۾ پچائج، پير پوئتي ڪيم پائج،
مچ ڏسي موٽي اچڻ، تَنهنجو عاشقن کي عار ٿيو.
پرت کان پاسي جي ٿيندين، پوءِ جانب ري نہ جيئندين،
دام کان دل کي لچڻ(٥)، تنهن جو لامرگ(٦) لاچار ٿيو.
نانگ آفت عشق آهي، خبر ري ڪاچڻ ٻي ناهي،
پار تنهنجا ڇا پڇڻ، تنهنجو خود زلف خمدار(٦) ٿيو.
سوز سانگو سر جو لاهي، وڃ پرينءَ جي پار ڪاهي،
اٿ "امين" توکي اچڻ، محمّد مهند مهندار ٿيو.

ڪافي-١١ (تلنگ)

آءٌ مهل هيءَ ملڻ جي

جانب جدائي ڇاهي، آءٌ مهل هيءَ ملڻ جي.
اميد اوهان جي آهيان، سا لوڏ ڪيئن لڪايان،
سهٽا سچي سخن جي.

---

(١) رچڻ = رڱڻ - رڱجڻ - برابر يا درست ٿيڻ - ڳاڙهو ٿيڻ. (٢) سِرّي = هن حديث قدسيءِ ڏانهن اشارو: الانسان سرّي وُانا سرّه (انسان منهنجو ڳجهہ آهي ۽ آءٌ سندس ڳجهہ آهيان). (٣) تِڇڻ = ڦٿڻ - ڪپڻ - وڍڻ. (٤) پر = ڳجهہ - رمز. (٥) لچڻ = بي آرام ٿيڻ.
(٦) لامرگ = بنا موت جي - موت کان سواءِ (٧) خمدار = پيچ وارو.

اڪڙيون اوهان ڪي سارن، نت واڻڙيون نهارن،
ڪر واهه ڪا ولهين(١) جي.
منجهه باغ گل بهاريا، ساجن اڇي سينگاريا،
رک خوءِ(٢) خوش گلن جي.

ڪافي-١٢

(ڪاريهل)

نان وڇوڙي جي ويل

نان وڇوڙي جي ويل، ڪيچي مون سان قهر ڪري ويا.
آيل اوٺيڙن سان، هئا هيڪاندي پيل(٣).

سج سپيرين ري، اُلهي(٤) ڪئي بہ اويل(٥).
هلڻ خاطر هوت جي، دل ڪي ڪَيَرَم ڊيل(٦).

پيرين پاهڻ پٻ جا رائو(٧) پانيان ريل(٨).
"امين" اندر ويا هٽي، سيني اندر سيل(٩).

ڪافي-١٣

(ڪاريهل)

عشق جو اوچڻ

روئندي راتو ڏينهن، ويئي وهامي راتڙي.
آيل آريءِ ڄام جي، ڪئي نماڻي نينهن.
ويلو(١٠) ڪر نہ وچ ۾، ويندي سيڻن(١١) سيئن.

---

(١) ولهين = بيواهن. (٢) خوءِ = بوءِ ـ عادت. (٣) پيل، پيلهہ = گَڏُ. (٤) اُلهي = لهي. (٥) اويل = اوير (ضد: سوير). (٦) ڊيل، (ڊيلڻ = ڇڏڻ. (٧) رائو = واري. (٨) ريل = ساوڪ وارو پٽ ـ گاهہ جو ميدان ـ سائي جُوءِ (٩) سيل، سيلهہ = ڪنڊا. (١٠) ويلو ڪرڻ = دير ڪرڻ. (١١) سيڻ = مائٽ

آيل آرامي ٿيان، ڪوھياري ري ڪينئن.
"امين" اوچڻ عشق جو، جوڙي(۱) پاتائين جينئن.

ڪافي-۱۴ (ڪاريھل)

سرور جا ساٿي

سرور(۲) جا ساٿياءِ، جي پيئندا پُر ٿيندا،
نرمل(۳) جي نُورا.
سختي ڪا سڪرات جي، پنھنجي ھاديءَ جي ٻہ ھٿاءِ*،
طالب تان نہ ڏسندا، نرمل...
ھوندا ھٿ ڪريم جا، تن محبن جي تہ مٿاءِ،
جي سر گھوريو ڏيندا، نرمل...
ايندي پانڌي پير ڏانھن، ڪندا ڪانہ ڪٿاءِ،
تن جا پورھيا پلئہ پوندا، نرمل...
ڪڏھن ھوندا ڪينڪي، ميرا تن مٿاءِ،
جي در ھو "اِلاَّ اللہ" جي ايندا، نرمل...
"امين محمّد" ان جا ھردم، سينان صاف سچاءِ،
جي "ھو ھو" ۾ حاضر ھوندا، نرمل...

ڪافي-۱۵ (جوڳ)

عشق جي حصلات جي واٽ

اھا بيرنگي بازار ٿئي، ھن عشق جي اصلات(۴) جي،
ھاٿي مرد ٿي محلات پيچ، تان واٽ ٿيئي وصلات(۵) جي.

---

(۱) جوڙي = ناھي. (۲) سرور = سردار - ھت مخدوم نوح رحہ ڏي اشارو. (۳) نرمل = پاڪ - روشن. (۴) اصلات، (واحد: اصل) = پاڙون - بنياد - جڙون. پرھت واحد جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آھي. (۵) وصلات، (ضد: فصل) = ميلاپ - سنجوڳ.
* ھٿانءِ - (ت-م)

هاڻي پِير چايو تو پٽو پڏين،
سڏ ڪيو مريدن کي سڏين،
اهڙي اندر چو تو آڏين،
ماڙي مڪر مصلات (۱) جي.

رک گوءِ تا ميدان مچي،
سودو سراسر ڪر اچي،
سِر ست تہ ڪين باقي بچي،
نَسَ نينهن جي نسلات جي.

هاڻي برهہ کان بيزار ٿي،
پنهنجي حرص تي هسوار ٿي،
"اَنامِن النّاس" (۲) ۾ نروار ٿي،
توکي آهي فڪر فڪر فصلات (۳) جي.

"اَرنِي" کان منهن موڙج مَڪين*،
تان ڪين مان تون ڪجھ تہ ٿين.
سڻ ڳالھ منهنجي باليقين،
هيءَ رمز ٿئي رسلات (۴) جي.

اي دل "امين محمّد" ملين،
هر دوجهان خوش تي کلين،
سِرُ پير ڪيو پِرَ ڏي پلين★،
پوءِ هام (۵) ٿئي★* حصلات (٦) جي.

(۱) مصلات = (صلواة مان) عبادتگاھ - پر جيڪڏهن مصلحت مان ڦريل لفظ ونجي تہ = ان جي معنيٰ صلاح ٿيندي. (۲) اَنَامِنَ النَّاس = مان ماڻهن مان آهيان. (۳) فصلات = فصل - جدائي (ضد: وصل). (۴) رسلات = پهچڻ. (۵) هامَ = خواهش - دم - دعوا. (٦) حصلات = حاصل ٿئي.

* مَڪِي - (ت - م). ★ هلين - (س). ★* هَڻُ - (غ - ص).

Scanned with CamScanner

ڪافي-١٦

(جوڳ)

پياريءَ جو ساٿي

رائي (١) منجھ رهاڻ،
ڪيچي ويا منهنجي ڪاڻ ڪري.
پياريءَ جو پنڌ ۾، ساٿي ڳُھرجي ساڻ،
پريم آءٌ تون پير يري.
ڪوهياري (٢) لئي ڪيچ ڏي، هلي ويندا سين هاڻ،
ويچاري سا ڪيئن وري.
هن سورن جي سسئي، ٿي ڪتياٽي ڪاڻ،
ڏونگر منجھ سا ڪيئن ڏري.
توڏا (٣) وجن ٽا تڪڙا، جتن ٽاٽو ٽاڻ (٤)،
هلان آءٌ ڪيئن هري.
"امين" آڏيون لڪيون، آرياڻي تو آڻ،
تو ڪان منهنجي سپ سري*.

ڪافي-١٧

(جوڳ)

اصل آرياڻيءَ جي آھ زوراور ذات

رائي رهي رات، واٽ وندر جي وٺي ويا.
اصل آرياڻيءَ جي، آھِ زوراور ذات.
ويا سُٽائي سُپرين، بِرهن واري بات.
راتيان ڏينهان روح ۾، مون ڪي تن جي تات.

(١) رائي = ريگستان - واريءَ جو عُلاقو. (٢) ڪوهيارو = جبل وارو، اشارو پنهونءَ ڏي يا پياري ڏي. (٣) توڏا = اُٺ - گورا. (٤) ٽاٽو ٽاڻ = ڇِڪ ڇڪان، اُٺ تڪا ڪاهيندا ءُ ڇڪيندا وجن ٽا.

* تہ سوا تنهن جي ڪيئن سَري (غ - ص).

ميلاهي جي مون کي، ڏير ڏيارن ڏات.
"امين محمّد" اُن لاءِ، هَيءَ هَيءَ ڪئي هيهات(١).

ڪافي-١٨

(جوڳ)

مارئيءَ جي اُميد

نيٺ اچي نيندا، مون کي شل ماڳ مارن جي.
"يَرزُقُ"(٢) ڏس سومرا،
سونگو ڏوئرن جا ڏيندا.
"لاَتَخفُوا"(٣) هل ملڪ مارن جي،
چست اچي چيندا*.
"مَحبُوسُ مَن يّشَاءُ"(٤) چئي،
مون کي واهه وٺي ويندا.
"ڪُلُوْاوَاشرَبُوا"(٥) پلر(٦) جو پاٽي،
ڪٺي اسان ڏي ايندا.
"اَحداَرَايْتُ"(٧) پسڻ تنيو پرينءَ جو،
پنهنجو پاٽو پيٽيندا(٨).
قول "امين محمّد" سان پنهنجا،
پرتئون پاڻ پاڙيندا.

(١) هيهات = هاءِ - افسوس. (٢) يَرزُق = قرآن شريف جي آيت جي هڪ لفظ جو استعمال - يعني هو (الله) ڏي ٿو. (٣) لاتَخفُوا = خوف نہ ڪريو (قرآن). (٤) مَحبُوس مَن يّشَاءُ = عربي ۾ هڪ سٽ چيل. (جنهن کي چاهي ان کي قيد ڪري). (٥) ڪلوا واشربوا = کائو ۽ پيو (قرآن). پلر = مينهن جو پاٽي. (٧) احداً رايت = هڪڙو ڏٺم. (٨) پاٽو پيٽڻ = جاءِ ۾ گهمڻ - پاڻ ۾ لهڻ.
* چوندا - (ت - ص).

ڪافي-١٩ (جوڳ)

هنيڙو ناز نهاري

جيئري جدائي منهنجي توسان ڪڏهن نہ ڪاري(١)،
توسان ڪڏهن نہ ڪاري جيسين جياري.
اصبعين(٢) اوهان جا، هينڙو ناز نهاري.
ساهہ سري صدقو ڪريان، وَجهہ ڪَ ڏي واري
لَاتَتَحَرَّڪُ(٣) تو هٿان، اذنئون(۴) تنهنجي اوتاري.
"امين محمّد" عشق جا، ٻار ٻچو ٻنڌ ٻاري.

ڪافي-٢٠ (ڪوهياري)

سسئي جي اميد

آرياڻي شل ايندا، ساري سٽندا اهي بات نماڻي.
ٻانهين ٻاروچي جي اصلئون* آهيان،
ساڻ تنين چا سينو(۵) ساهيان،
دوست دلاسو ڏيندا،
نيندا پنهنجي ساٿ سجاڻي.
عهد آرياڻيءَ(٦) سان آهي منهنجو،
جيءُ جسو آهي طالب تنهن جو،
سي مون کي ڪين مٽيندا،
آءُ وائيءَ پنهنجي وات وڪاڻي.

---

(١) ڪاري = جڳائي. (٢) اصبعين = آڱريون. (٣) لاتَتَحَرَّڪُ ذَرَّةَ الّاباذنِ الله (عربي محاورو) = هڪڙو ذرو بہ الله تعاليٰ جي حڪم کان سواءِ نٿو چُري. (۴) اِذنُ = اجازت - موڪل. (۵) سينو ساهڻ = سامهون ٽيڻ. (۵) آرياڻي = آري ڄام - پنهونءَ جي ذات.
* اصل کان - (غ).

آءُ سُتي هُو ساجهر هليا،
منهنجي ٻاران ڪنهن نا ٻليا،
سي چوري ڪين ڇڏيندا،
جن نُن آهيان رات رنجائي.
عشق آرياڻيءَ جو ٻرڇيون* پالا،
سوز چِڪي سپ ڦٽ ٿيا آلا،
سي واري ڪين وڍيندا،
جنهين آهيان ڪاڻ ڪوماڻي.
شرف پنهل جي شان سيئي،
جيهي تيهي(۱) پلئہ جا پيئي،
سا چوري ڪين ڇڏيندا،
احدW(۲) "امين محمّد" آهي وڪاڻي.

ڪافي-۲۱ (ڪوهياري)

سانول ڪي سارڻ

ڪير گهڙيون هت گهاريندا،
منهنجو ساهہ سِڪي تو سانول(۳) ڪي.

مون تان ائين نتي ڀانئيو، تہ ماڻن ساڻ ماريندا.
ڪرم ڪيچيئڙا ڪري، واڳ وطن تي واريندا.
وڻ وندر(۴) جا جيڏيون، چانگن ڪي اچي چاريندا.

(۱) جيهي تيهي = جهڙي تهڙي. (۲) احد = ربّ تعاليٰ (پر جيڪڏهن ٻي ٻولي مطابق عهد آهي تہ ان جي معنيٰ انجام يا وعدو ٿيندي). (۳) سانول = پيارو. (۴) وندر= مرزا قليچ بيگ جي چوڻ موجب، جبل ۽ نئي جو نالو. مسٽر پيرومل مهر چند ٻنهنجي شهرهٔ آفاق ڪتاب "لطيفي سير" ۾ جو ڪجهہ وندر بابت آندو آهي اهو زياده محقّق آهي. (ڏسو حاشيہ ص ۱۴۷)

* ٻڙڇيون - (ت - م). W. عهد - (غ - ت).

پورهيت پرڻياڻي(١) جو، کو سگ ساجن سارينداِ.
"امين محمّد" ان لئي، واٽ وندر جي وارينداِ.

ڪافي-٢٢

(ڪوهياري)

حقيقي عيد

پاروچا پيهار، اگڻ آءِ تان عيد ڪيون.
اچي ويهج اوڏڙو، منهنجا تون مٺار،
ديدن ۾ تا ديد ڪيون.
هلڻ واريون من ۾، هلي ڪر هيڪار،
خوشيءَ ڪي ته خريد ڪيون.
اهي اسان ڪي ڳالهڙيون، سيڪاريون سنسار،
هلائي ته حميد(٢) ڪيون.
هل ته گهمون ڪي گهٽيون، بِرهن جي بازار،
شهرن ۾ ته شنيد(٣) ڪيون.
"امين" تنهنجي عشق جي، پئي آهه پچار،
هوتان(٤) رسيد(٥) ڪيون.

اسان ان مان ڪجهه اختصار پڙهندڙن لاءِ ڏيون ٿا. (مؤلف) "وندر" هڪ نَئي جو نالو آهي جا پب جبل مان نڪري پٽيهه ڪوهه وهي، سونَ مياڻيءَ جي ڏکڻ پاسي عربي سمنڊ ۾ اچي چوڙ ڪري ٿي. هن جو پيٽ ڪراچيءَ واري لياري نئي کان ٻه وڏو آهي. حب نديءَ کان وندر ڏي وڃبو ته اول بردو لڪ ۾ پوءِ ڪارڙي ناڪو ايندا. انهيءَ ناڪي تي لسٻيلي جي ڄام طرفان محصول ورتو ويندو آهي. وندر کان سون مياڻي ٻه ڪوهه پري آهي."

---

(١) پرڻياڻي = ڏوهياڻي. (٢) حميد = تعريف. (٣) شنيد ڪرڻ = ٻڌڻ. (٤) هوتان = هوت کان - پياري کان. (٥) رسيد ڪرڻ = پهچڻ.

ڪافي-٢٣

(ڪوهياري)

ويچاريءَ جو وڦلڻ

ڪيائين ڪونہ قياس، ٽَڪَر مون کي ٽولي(١) ويو.

هيڪلڙيءَ جو حَب(٢) ۾، مرون ڪائيندا ماس،
رندن(٣) ۾ جنهن کي رولي ويو.

وَس نہ ويچاريءَ جي، وچوڙي وسواسُ،
پينر مون ڪان✻ پولي(٤) ويو.

پسڻ خاطر پرينءَ جي، هينئڙي منجهہ اُداس،
ادا ڪنهين★ اولي(٥) ويو.

تپي پاهڻ پب جا، ساڙن مُئيءَ جو ساس،
جهنگن ۾ سو جهولي(٦) ويو.

ڪيم ڪيچئڙن لئي، رهاڻِن کي راس،
چيري منجهہ چولي(٧) ويو.

پُني پرٽياٽيي جي، آيل اهڙي آس،
ڏونگر مون کي ڏولي ويو.

"امين" اوڻيئڙن جي، اِندر منجهہ الاسُ(٨)،
ٻاروچل مون کي ٻولي(٩) ويو.

---

(١) ٽڪر ٽولڻ = (محاورو) ڇپر چاڙهڻ = ڏونگر ڏورڻ يا ڏولڻ. (٢) حب = نديءَ جو نالو.
(٣) رند = رستا. (٤) پولي وجهڻ = خطري ۾ وجهڻ. (٥) اولڻ = لاهڻ - اچلڻ - ڦاسڻ.
(٦) جهولڻ = نساڙڻ. (٧) چولڻ = چوليءَ ۾ - ٻاراٽي وهيءَ ۾. (٨) الاس = لاٽ. (٩) ٻولڻ
= ٻولاٽي - چناٽي سان چنبي وجهڻ.
✻ مون کي - (ت - م) ★ ڪير - (غ - ص)

ڪافي-٢٤ (ڪوهياري)

اميد

چو تي آهين چري، ايندم وري،
اجهي منهنجا اوٺي يار اچن ٿا.

ڪالهونڪر تو ڪانگ لنوي، اڄ منهنجي اک آهي ڦري.
پيرون چونديندس پاند(١) ۾، ڪيڙن پاس ڪڙي(٢).
”امين محمّد“ چوي عشق مان، توريءَ ساعت نه سري.

ڪافي-٢٥ (پوپالي ڪلياڻ)

وجي ٿيا ذات ۾ ذاتي

آيا ڪثرت(٣) ڪنان ڪاهي، وٺي وحدانيت واتي؟
دلان دلدار سين دائم، توڙي بيدار يا نائم(٤).
هميشه حرف هو صائم(٥)، ڏريئو* لاڳاپا سڀ لاهي،
ڇڏائي چرڪ ڪان ڇاتي.

نفي(٦) نائي ڪيا نائف(٧)، خفيءَ(٨) جي خيال ۾ خائف(٩)،
ثباتيءَ(١٠) ۾ سدا صائف(١١)، پرت ۾ پنج وشش(١٢) چاهي،
وجي ٿيا ذات(١٣) ۾ ذاتي

(١) پاند = پَلَوُ. (٢) ڪڙي = بيهي. (٣) ڪثرت = گهڻائي. (ضد: قِلَّتَ - ٿورائي؛ وحدت = واحدانيت - هيڪڙائي). (٤) نائم = ستل (ضد: بيدار) (٥) صائم = روزه دار - روزي رکڻ وارو. (٦) نفي = انڪار - روڪڻ - عدم. (ضد: اثبات - هاڪار - ثابت ڪرڻ - ثبوت). (٧) نائف = ڪوشش ڪندڙ. (٨) خفي = پوشيده - لڪل (ضد: جلي - ظاهر). (٩) خائف = ڊڄندڙ. (١٠) ثباتي = اثباتي، مٿي معنيٰ ڏنل. (١١) صائف = سرگرم. (١٢) پنج و شش = (پنج ۽ ڇهه) وسوسا. (١٣) ذات = (مراد) ذات حقيقي.
* ڏرئون - (ت - ص).

پناري پرت پاتائون، قدر قربت،(١) جو ڄاتائون،
سڄڻ ساڳي*(٢) سڃاتائون، وڏي هو وڻ جو ڏاهي،
ڪيئون ميدان مثباتي(٣).

سَنئون★ لک لهر جا لوڏا، اچي تيا احد کي اوڏا،
ڏڪي "ميم" م، تاٽيائون توڏا، ولايت وريا ڪاهي،
وجهي "وَجۡهكَ"(٤) منجهان جهاتي.

"امين محمّد" جڏهن آيو، اَلِف تنهن لامر(٥) سان لايو،
هَي هَي*★جو حرف فرمايو، لباس "النّاس"(٦) جو لاهي،
الاّاللهُ(٧) ڪيائون اثباتي.

ڪافي-٢٦ (ڪلياڻ)

مَ چؤ سي مرد مماتي

جنين کي عشق جو آهي، نشو نروار اثباتي.
ڪيئون هٿ برهه ڀالا، رسيا عبديءِ(٨)، ڪنااَعليٰ،
ڪنين بيراڳ(٩) جا والا، وڏائون فڪر کي ڦاهي،
سا لائي "لا"(١٠) سندي ڪاتي.

(١) قربت = قرب - ويجهڙائي. (٢) ساڳي = ڪشش ڪري. (٣) مثباتي = ثابت. (٤) وجهڪ = (عربي لفظ) تنهنجو منهن. (٥) الف + لام = الله. (٦) لباس الناس = ماڻهن جو لباس. (٧) الاالله = ڪلمي شريف جي پهرين حصي جو ٻيو ڀاڱو - يعني سواءِ الله جي. [ڪلمي شريف جي پهرين ڀاڱي لااله (ناهي ڪو الله) کي نفيءِ وارو حصو سڏبو آهي؛ ٻئي ڀاڱيّ الاالله (سواءِ الله جي) کي اثباتي وارو حصو سڏبو آهي.] (٨) عبدي = ٻانهپ. (٩) بيراڳ، ويراڳ = وڇوڙو - ترڪ ڪرڻ - پريشان - ويران - حيران. (١٠) لا = نفيءِ جو ڪلمو.

* ساڳيو (غ-م)★ سنئون (ط-غ) = هَئِي هَئِي (ص).

كٿي سا راند ٿيا راسا(١)، پنئون ٻارهن(٢) ٻني ٻاسا،
خفيءِ ۾ خان ٿيا خاصا، ڇڏيئون گهر ڏاوَ جا ڏاهي،
رکي هڪ رمز ڏينهن راتي.

اندر ۾ عشق* جا كورا(٣)، مچيائون محب جا ٽورا،
پڇي ڪيني★ بت ڪيئون پورا، تنين جي شرف(۴) شڪ ناهي،
وڃي ٿيا ذات ۾ ذاتي.

"امين محمّد" اُهي آندا، جي هُو(۵) ۾ هوءِ هيڪاندا(٦)،
نہ هڪ دم وره(٧) ڪان واندا، ٿي ماريا موت مت چا هي،
مَر چئُو مرد ممّاتي(٨).

ڪافي-٢٧

(ڪنيات)

نينهن جو نار

آهي دم دم جو ديدار، آهي پلپل جو ديدار،
منڊل اسان جي نار تي.

بگا ڏاند ٻڌاسون ٻيئي، هڪل تني جي ٻري وڃي ٻيئي
وهن ٿا ڏارو ڏار، ڳاڏيءِ واري ڳنڪار تي

چوئي پاسي چڪريون سيئي، ارا تني جا ساڳيا سيئي
لوڻن جي لارو لار، لنڙي وهي للڪار تي

(١) راسا = راس - ڪامل. (٢) پنئون ٻارهن ٿيڻ = بازي کٽڻ - ڪامياب ٿيڻ. (٣) ڪورا = هڪ نہ آهي ڪُورا: بنيون؛ ٻيو آهي ڪورا = هورا ڪورا - فڪر - هول. (۴) شرف = عزت - شان. (۵) هُوَ = الله جي ذات جو نالو. (٦) هيڪاندا = ڳڏيل - مليل - واصل. (٧) وره، برهہ = فراق - ڏک - عشق. (٨) مماتي = مٿل.

* جِي (ت). ★ ڪيئن (غ).

ٻڍا چونڪ(١) جهلي وچي نسريون، ڳنا تني جا ماڪي مصريون،
ٻچي ٿئا تارو تار، ٻيهي واريءِ ٻوڪار تي.
"امين محمّد" اميّد آهي، لَسَ لابارا ڇڏيائون لاهي،
ڳوڏن ڳاهه ڇڏئا وچي ڳاهي، وائر جي وسڪار داٽا ڪٽو درڪار تي.

ڪافي-٢٨ (ڪنيات)

پرت جي پوڪ

ڇا ڳاڏي ڇا ڳنڪار، ڇا اسان جو ارٽ(٢) وهي آڌار(٣) تي.
وهندا روز وجن تا يارو، ٻڌائون ڏاند بگو(۴) ٻيو ڪارو،
پاٽيءِ پاڙچ پرٽو نيسارو، آئي آنڌي جي وار،
ڇا اسين ڪاهي پٺاسين ڪوڏار تي.

نوان نائڪا٭(۵) ٻنا ٻهاري، ٻروٽي(٦) تي هر هڪ ٻاري،
هارين هرَ هٽ چونيا واري سَلن جو سينگار،
ڇا اسين ڪوڏيا جوئر جي ڪار تي.
پنهنجي پوڪ رسايائون راهي، هرهڪ هاري سينو ساهي،
ٻڌي چونڪ ڪِنان★ ٻيا ڪاهي، لڳو واءِ وٽڪار،
ڇا اسين موڙين $ ٻيڻ جي مار تي.
آخر ڪي سنگ نسري ايا(٧)، مٿان مڪڙن مورچا لايا،
هيٺان هارين هُل مچايا، دانهُنِ٭★ جا ڏڏڪار،
ڇا سپ ٿئا سَٽن● جي سار تي.

---

(١)ٻڍو = جڏهن ڪانُو انّ تي ورڻ جي ويجهو ٿيندو آهي ۽ ان ۾ گل وانگر مڪڙي ظاهر ٿيندي آهي، اُن کي ٻڍو ڇٻو آهي؛ وري ٻوران جو جهليندي آهي، يعني ٻڍي کان بعد، ان کي چونڪ سڏبو آهي. (٢) ارٽ = نار. (٣) آڌار = آسرو - توڪل. (۴) بگو = پورو- اڇو. (۵) نائڪا = اڏون. (٦) ٻَروٽي = ٻه پيرا ريج ڪرڻ؛ پڪو ريج (٧) نُسوري آيا = ايري آيا.
٭ نائڪا (ص). ★ ڪنيا (ت - م)، ڪَٽا (ص). $ مُڙهين (ت) ٭★ دونهن جا ڏنڏڪار (ت - م) ● سَٽڻ (ت - م).

پوک پرت جي ثابت هوندي، ڏڪو ڏومون مور نہ ڪيندي،
هر برک بازي نيندي، پاڻيءَ جا پلتار،
چا رکَ نيڻن واري نار تي.

"امين محمد" عبرت آهي، نيڻ وڏئون لاابارا لاهي،
ڳاھ ٻڌائون ڳوڏا(١) ڳاهي، وائر جي وسڪار،
چا اسان داڻا نئا درڪار ني.

ڪافي-٢٩

(ياڳيسري)

جان جانب سان ملي حاصل ٿين هر دوجهان

زلف جي ڦاهيءَ ۾ ڦاسڻ جو فڪر في الحال آهہ،
ساھ سر صدقو ڪريان هيءَ محب تنهنجو مال آهہ.
بنده* باشنده★ ٿيا سڀ خسرو(٢) ۽ خاور(٣) جا شاهہ،
ڪاڪل(٤) ڦهري ڪمند(٥) ۾ طوس(٦) چا طهپال(٧) آهہ.
تيز نيزان مثل مرگان(٨) ابرو(٩) هن آنجا● ترار،
رزم(١٠) رستم(١١) چا ڪندو اُن گريزان(١٢) زال(١٣) آهہ.

---

(١) ڳوڏا = وڏا ڏاند. (٢) خسرو = عادل بادشاهہ. (٣) خاور = اولهہ جو بادشاهہ (سج).
(٤) ڪاڪل = زلف - سر جا لٽڪيل وار. (٥) ڪمند = ڦنڊ - وڪڙ - ڦاهي. (٦) طوس = ايران ۾ طوس جو شهر جتي فردوسي ڄائو هو، مگر هت خود فردوسيءَ ڏي اشاروآهي.
(٧) طهپال = طهماسپ ايران جو بادشاهہ. (٨) مزگان = پنبڻيون. (٩) ابرو = ڀرون (١٠) رزم = جنگ. (١١) رستم = سهراب جو پيءُ ۽ زال جو پٽ. ايران جي مشهور ٻارهن بهادرن مان هڪ: جنهن اسفند يار ترڪستان جي بادشاهہ کي جيتيو. هي ڪيڪاوش جو جنرل هو. پر هي لفظ ڪنهن بہ بهادر لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. (١٢) گريزان = ڀڄندڙ. (١٣) زال = رستم جو پيءُ ۽ سام جو پٽ.
* بندا (ت) ★ باشندا (ت) ● اُن جا (ت - ص).
نوٽ: پهرينءَ ۽ ٻيءَ سٽ ۾ صنعت تلميح ڪم آندل آهي.

نيم بسمل نَين ڪِيا سي ڪنن جَين جان تشننهٔ لب،
عشق جي عينَن اُجاين حو حيئڻ جنجال آهه.
ڪالهه تينءَ قربان اي دل، اڄ اها ناهي سو چا،
يا دلاسو دوست ناهي يا قرب جو ڪال آهه.
جانِ جانِب سان ملي، حاصل ٿين هر دوجهان،
اي "امين محمّد" سچڻ لئي، سڪندي سورهون سال آهه.

ڪافي-٣٠

(ياڳيسري)

موتوا قبل مرڪي مرج

هن ڪاڪل قهري ڪمند ۾ برهه جي بازار ٿئي،
عاشق هجين تان سر اچل درشن جِي جي درڪار ٿئي.
ٻيا ڊوا ڊَپ ڪيم ڪَج، "مُوتُواقبل" مرڪي مرج،
مرندي به وَجهَڪ ڏي ورج، ڪامل ڪسڻ جي ڪا ٿئي.
ترڪي تکي وجهه* تار ۾، هڻ ٻانهن پوءِ هن يار(١) ۾،
ڏس نيڻ نائي نار ۾، ٻڏندي ته پيڙو پار ٿئي.
اڄ مچ ڏسي موٽيو اچين، چو برهه جي باهيئون بچين،
ٿي مرد محبت ۾ مچين، اهو نينهن اٿئي نا نار ٿئي.
آءُ اي "امين" اسرار ڏس، هڪ پير پٽتي★ ڪيم ڪِسُ(٢)،
بازار ۾ بانگي(٣) جي● رس، هت*★ جيت ۽ تُ هار ٿئي.

(١) ٻار = اونهو پاڻي. (٢) ڪِسُ = هٺاء. (٣) بانگو = موذن يا منادي ڏيندڙ. جيڪڏهن هن جي ٻي پڙهڻي بانگِ جرس ڪري ڪم آڻجي ته ان جي معنيٰ ٿيندي گهنډ جو آواز.
* پَوءُ (ت - م) ★ پرتي (غ) ● بانگِ جرس (غ) *★ هُت جيت ۽ هِت هار ٿئي (ص)وڏيڪ محقّقُ هي آهي: هِت جِيت ۽ هِت هار ٿئي.

ابيات سنڌي

١

(رامڪلي)

(١)

"امين محمّد" آئيا، جوڳي جهونجهي(١) جوءِ،
"ڪُلُّ شَيْءٍ يَرْجِعُ(٢)"، ثابت سنڌي سوءِ،
گاروڙي گرنات ڪان، رانول رڱي روءِ،
"هوُ" ۾ ٿيا هوءِ، معرفت جي معرڪي(٣).

(٢)

معرفت جي معرڪي، آديسي آيا،
دونهان دوا پَر*(۴) جا، جوڳين جاڳيا،
سر سناسين پانهنجا، نات اڳيان نايا،
"فَسَجَدُوْا" في الحال ٿي، امر ۾ آيا،
ڪالَ نہ ڪنبايا، ڪالُ ڪنبايو ڪاپڙين.

(٣)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪِرتئون مارج ڪال،
"وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ" ويجهڙو، اتئي واحد جو وصال،
چاڙهج تہ جاٽائن★ ڪي، رڱج نا رومال،
ڪيئي گذرن ڳُرَ ريءَ، سامي توڪي سال،
حقيقت جا حال، پورب ڪجو پڌرو.

---

(١) جهونجي = ڳولي تو لهي. (٢) ڪل شيءِ يرجع. الخ = يعني سڀ شيون پنهنجي اصل ڏي موٽن ٿيون (حديث). (٢) معرڪي = مجلس. (۴) ڏُواپر (د+وا+پَر) هندو عقيدي موجب دنيا جي عمر جو ٽيون دوَر، جنهن جي مدت ٦۴٠٠٠ سال هئي.
* دواپور (ت) ★ جٽائن (ص).

(۴)

پورب ڪجو پڌرا، طريقت جا تانَ(۱)،
آهن جتاهين*(۲) جوڳ ۾، سڀ ڪاهوڙي خان(۳)،
پاٽي پوربين ڪي، نفرت ڪنان نانَ،
سامين ڪي سرير ۾، شريعت شان،
پيئر پلا مانَ، وِجَهل(۴) ويراڳين جي.

(۵)

وِجهل ويراڳين جي، ماءُ منهنجي من،
پوي ڪوڪ قلات ۾، ڪاپڙين جي ڪَنِ،
ماءُ منهنجي من، ڪِجَهڻ ڪاهوڙين(۵) جو.

(٦)

ڪِجهڻ ڪاهوڙين جو، آيل مون اندر،
پسمر ساڻ پيوت تي، بابو ويا بر،
هليا هنگلاج(٦) ڏي، وري پون نہ وَر،
ناٿ(۷) ملي نارائڻ(۸) ۾، سامين پوري(۹) سر،
جوڳي جاٽائون پَر، "امين" انهن سان ٿئي.

(۷)

جوڳي جاٽائون ڪري، آديسي آيا،
ڳاروڙين ڳٽيش جا، سامين ڪيا سعيا،

---

(۱) تانَ = آواز ـ آلاپ. (۲) جتاهين = جَتن جا جَتا ـ گهٽا. (۳) ڪاهوڙي = فقيرن جو قسم، جي مَ چڏ آهن يعني رياضت ۾ سدائين رڌل. (۴) وجهل = ڏک ـ ڳاراٽو ـ رنڻ ۽ راڙو. (۵) ڪجهڻ = سوز. (٦) هنگلاج = جبل جو مڪان، جتي هندو فقير زيارت لاءِ آهن. (۷) ناٿ = ڏٽي. (۸) نارائڻ سر = هندن جي تيرٿ جي جاءِ (۹) پوري = هلي.
* جُتاهون (ت ـ م)

ڪن نمايو ناٿ ڪي، ڪي ناٿن ٻه نمايا،
پرين ڀرايا، "امين" اوچن عشق جا.

(٨)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته پيرين پنڌ وسار،
"قَالُوا بَلَىٰ" قول ڪيئي، عهد اهيئي پار،
گڏجي گورک ناٿ(١) کي، ٽلا مور نه ٽار(٢)،
دائم تو دربار، اجهي اگهوري(٣) آئيا.

(٩)

ايندي اگهورين جا، ڏوري پڇج ڏَس،
ونج واٽ وصال جي، ٻئي پاسي ڪيم ترس،
اوڏوئي اکڙين کان، نيڻ نهاري ڏِس*،
ته جوڳي ڀانئيُي★ جَسُ، ايندي آڏوتين(۴) کان.

(١٠)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪِرتئون مارج ڪال،
اٿي اور الک سين، هيٺو وٺي حال،
جي پُوئَي وَٽ وصال کي، ته جٽڻ ڇاڻ جنجال،
مُوڙي تنهنجو مال، جي گُرسين گڏجين ڪاپڙي.

(١١)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته واتون ورد وسار،
موت مَنجهيئي مار تون، ماري جيءُ جيار،

---

(١) گور کناٿ = جوڳين جو وڏو مرشد. (٢) ٽلا ٽارڻ = (محاورو) ڦيرا ڦيرڻ. (٣) اگهوري = اهي جوڳي جي مشڪل ۾ اڙانگي پنڌ تي وڃن ٿا. (۴) آڏوتي = سنياسي ۾ جوڳي فقير.
* وس (ص) پائين، ★ ت) - ڀانئن (م).

دود (١) دکائج دل ۾، نيڻن نند وسار،
پنجئي حس (٢) حبيب سان، چست عناصر (٣) چار،
وائي ٻي نا وار، آڏوتي الک ري.

(١٢)

وحدت جا وجود مان، پُنگا پيچي چڏ،
جهڳا جبيرين (٤) سين، وڃي عبديءَ ۾ اڏ،
ڦڪا فقيريءَ جو، حال نه پوئي هڏ،
منجهه ۾ ويهه مات ڪري سُڄي پوءَ مَ سڏ،
اکيون ان سان گڏ، جي اوڏا ڪين احد ڪي.

(١٣)

"الف" الله عليم تون، راحم ربّ رحمان،
الف (اَلَسْتُ بِرَبِّکُمْ" فرض ٿيو فرمان،
"قَالُوْا بَلٰي" ڪل ٿيو، جزء (٥) تي جرمان (٦)،
"جَزَا ئُـهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ" (٧)، اهوئي احسان،
"محمّد" لڌو مان، عالم تي "امين" تي.

(١٤)

اَلَسْتئون آيو،
عالَم تي امين تي،
تنزل النبّي اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا" فائق فرمايو،

(١) دود = دونهون. (٢) پنجئي حس = پنج حواس: ڇهڻ، سنگهڻ، ڏسڻ، چکڻ ۽ ٻڌڻ.
(٣) چار عناصر = تَنت - اصلي مادا جهڙوڪ: هوا، باهه، پاڻي ۽ مٽي. (٤) جبيرين = جهڀير
- مهاڻن جي هڪ ذات. (٥) جزء = حصو. (٦) جرمان = جرم وارو. (٧) جزاء هم عند
ربّهم = قرآن شريف جي آيت - يعني هنن جو انعام سندن ربّ وٽ آهي.

Scanned with CamScanner

"تُكَلِّمُوا النَّاسَ عَليٰ قَدرِ عُقُولِهِمْ"(١)،
راحم جو رايو،
شرف شريعت جو وني، حاميءَ هلايو،
ناٿن(٢) سرنايو، انهن جي آواز تي.

(١٥)

انهن جو آواز تيو، مقدّر منهن جي من،
(اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَا اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّه"(٣)،
قلب ڪيو مون ڪن،
انهيءَ جو "امين" چئي، تڪيو رهيو تن،
مان مونهين تي ڪن، ڪو ڦيرو فيض فضل جو.

(١٦)

الف آديسين ڪي، وحدانيت وصال،
"ڪُلُّ يَوْمِ الْڪَثْرَةِ"، جوڳين تيو جمال،
قربت جو "قُمِ اللَّيْلَ"(٣) ۾، حاضر ڏنائون حال،
انهن ڪي احوال، جامع ٿيو جان ۾.

(١٧)

جڙي آئي جان ۾، ڪاهوڙين خبر،
وحدانيت وجود تيو، قلب ڏني هي ڪر،
"جَامِعُ الْمُتَفَرِّقِيْنَ"(٥)، انهن جا اثر،
منجهان پرت پڌر، ڏنائون عين الڪ جا.

(١) تڪلموا الناس علي قدر عقولهم = (حديث) اوهان ماڻهن سان، سندن عقل مطابق ڳالهايو. (٢) ناٿن = وڏن - جوڳين جي مرشدن. (٣) آمن الرّسول.... الخ = قرآن شريف جي آيت - معني رسول ان سڀ تي ايمان آندو جو ڏانهس سندس ربّ طرفان نازل ڪيو ويو. (٣) قم الليل = رات جو (نماز لاءِ) اُٿ (قران). (٥) جامع المتفرقين = ڌار ڌار ڪي ڳنڍڻ وارو.

(١٨)

ڏسي عين الڪ جا، ٿيا لاهوتي لال،
"صُمٌّ بُڪمٌ عُميٌ"(١)، جوڳين ٿيا جمال،
نالڳن ڪي ناسوت ۾، ٿيا قرب ڪمال،
حاضر ڏٺا جا، ويراڳين وصال جا.

(١٩)

ويراڳين وجود جو، درست ڪيو ديدار،
پوئي پاتائون پاڻ ڪي، حقيقت جو هار،
ماڳ ڏٺو ملڪوت جو، ناسوتين نروار،
معرفت مدار، آديسين اندر ۾.

(٢٠)

اندر ۾ انهن ڪي، ٿيو قبلہ نما قلب،
سُڄي ساميئڙن جي، سدا سيج صلب (٢)،
راحم تنهين ربّ، هادي ٿيو هڪ رات ۾.

(٢١)

قبلہ نما قلب ٿيو، ڪافن(٣) ۾ ڪاهي،
سامين سر عرفان(۴) جو، سُنگ(۵) ٻڌو ساهي،
طور تجلّي تن ڪي، اندر ۾ آهي،
لَيس ِ يَمِينڪَ يَعرِفُونَ"(٦) ناز وڏائون نائي،

(١) صمّ بڪم عُمي فهم لايعملون = سڄي آيت سوره بقره جي آهي - معنيٰ ته منافق؛ ڪافر ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا آهن پوءِ راهہ حق ڏي نٿا موٽن. (٢) صلب = صليب، تياس. (٣) ڪاف = قاف جبل. (۴) عرفان = معرفت، خداشناسي. (۵) سُنگ = سندرو - چيلهہ - ميڙ. (٦) ليس يمينڪ يعرفون = تنهنجو ساڄو طرف نٿا سڃاڻن.

"يَسَارُكَ يَبقَىٰ"(١)، تيا لاڳاپا لاهي،
"حِلّت حَاجَتُكَ"(٢)، جي ڪمي ڪا ناهي،
آڳانيدو آهي، احد احمد انهن ڪي.

(٢٢)

احد احمد انهن ڪي، رهيو روح اندر،
"فَسِيْرُوْافِي الاَرْضِ"، تيا ويئي پونن* ور،
ويراڳي ڪنهن واٽ تيا، بابو ڪاهي بر،
هنن ڪي هنگلاج جي، قصدئون آهي ڪمر،
لائي عين الڪ سين، ڪيائون تميزا تر،
وضو ڪيو "وَنَحنُ"★ جو، آديسين اپر،
يسمر ساڻ پيوت تي، سامي ڪدي سر،
رڪوع روح اندر، "امين" آهي انهن ڪي،

(٢٣)

"امين محمّد" انهن جي، رڪوع ڪيو روحَ،
نيڻ وهائي نار ڪيا، جئن ڪاهوڙين ڪوهَ،
منجهان ٠فيض فتوحَ، الم تيو انهن ڪي.

(٢٤)

آهه الم تيو اوچتو، ساميئڙن ڪي سڌ،
"ذَالِكَ الْكِتَابُ لَارَيْبَ فِيْهِ هُدًى
لِّلْمُتَّقِيْنَ(٣)"، مرڪي جوڙيائونَ مَڏ،
گرُ تنين سان گڏ، جي گڏيا گرنات سان.

---

(١) يَسَارُكَ يبقىٰ = تنهنجي ڏائي طرف باقي آهن. (٢) حلّت حاجتڪ = تنهنجي ڪم جي ڪشادگي يا درستي. (٣) ذالڪ الڪتاب ... للمتقين = قرآن شريف جي پهرين آيت - معنىٰ: هي اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪو شڪ شبهو ڪونهي ۽ پرهيز گارن لاءِ هدايت آهي.

*پون نہ (ص). ★وَنَحر (ت).

(٢٥)

ڳُر سان ڳنڍجي گودڙيا(١)، ٿيا گاروڙي گلزار،
وڏا تن وجود ۾، وحدت جا واهار،
اڪڙيون الڪ پار ڏي، نيڻ وهائن نار،
"بي" تي ڪن نہ بانور، وجه جا وينجهار*،
اورڻ ٿين "الف" سين، ساري سڀ ڄمار،
"امين محمّد" ان جا، پُرجهي ڏٺا پار،
ڪن ڪنهن سان ڪانہ★ ڪا، ريءِ گرو گفتار،
مَيسَري(٢) مخلوق ڪان ڏريان ڏارو ڏار،
سوالي پنهنجي سر جا، پر جانان پينار،
جوڳين جا جنسار، چئي چوان ڪيترا.

(٢٦)

هنن حال حسن جي، پائر(٣) پَرِ مَ خَسُ،
انبورا سي ارمان جا، پهچن گاروڙي گس،
ڪرابت(٤) قلات ڪان، ويا لاهوتي لس،
انهن سان الڪ جا، روز رهاٽيون رس،
وصالئون وڻجار ٿيا، ورد وجود وس،
ڏُور پون تا ڏس، "امين محمّد" اُن جا.

(ابيات متفرقه)

الله آڳج عشق جا، سيئي سامان،
هجي حال همّت سان، باري برهہ بيان،
منصب موجودات ۾، ڪہ پوي ٿي ڪان،
هن شاعر جا نشان، موليٰ وٽ مقبول پيا.

---

(١) گودڙيا = گودڙيءِ وارا فقير. (٢) مَيسرَي = غرور واري - هٺ واري. (٣) پائنر = نر جو مڪان. (٤) ڪرابت = جبل جو نالو.
*وڻجار (م). ★ڪينڪي (غ).

وائي -١

آيو آديسن جو متي راهوند راز،
وريو واريءُ مان اچي الستي آواز.
وري ويراڳين کي نينهن ڏيکاريو ناز،
ڪمربندقلابا ٻڌي آٽي سنڪ(١) ڪيائون ساز.
اي ڪبوتر جندڙا! آيو برھ متي ئي باز،
"امين محمّد" عشق جو ٿيو آھ آواز.

وائي -٢

مـانـڈو مـون مـهـمـان،
ڪالھ ڪَهي ويا ڪاپڙي،
سنگ(١) ساميڙن جا هالين ٻجهن هاڻ،
ساري منهنجو جندڙو راهوندي رهاڻ،
يسر بيراڳين سانديا سيني ساڻ،
مادر منهنجي من کي لاهوتين جي لاڻ،
"امين" آندا عشق جا اُتاهين اهڃاڻ.

—

(١)سنگ = وڄائڻ جو ڪوڏ.

٢

(ديسي)

(١)

سڪي سگ تيوم، جيڏيون ذات جتن سان،
سُتيَس ِ سنجهي سيج تي، تڏهن هٿان هوت ويوم،
"امين محمّد" عشق جو، پرو پوءِ پيوم،
ڪيچين ڪاڻ ڪيوم، پيرين پاهڻ پٻ جو.

(٢)

پيرين پاهڻ پٻ جو، پيچي ڪيم پورا،
سرتيون وسيا ساهه تي، گوندر جا گوئرا(١)،
اچي ِآرياڻي ڪندا، تڪيءَ تي تورا،
ڪاٽي ڪي ڪونئرا، اچن اوٺيڙن جا.

(٣)

اچن اوٺيڙن جا، اندر تي اوير،
ذرو جي ظاهر ڪريان، ته سڙي وڃن سَرَ،
ڪنين پون ڪيچين ڪي، من آهون ڪن اثر،
ڪافن ۾ ڪوڪر، ٻاروچو ماڻَ ٻُڌي.

(٤)

ٻاروچا ٻاجهه ٻئي، من آرياڻي اچن،
جيڏون جن جا جيءَ تي، پلپل پور پون،
ڪوهياري جا قلب تي، وري مچ مچن،
تن قوڙائي قتن، اندر منهنجو اڏ ڪيو.

---

(١) گونرا = ننيدا گدا اُٺ.

(۵)

قوڙائي قتن کي، آٽي اُڪيليو،
واري وات وندر جي، ويئي رتن سان ريليو،
جيئڙو منهنجو جيڏيون، پينر جن پيليو(١)،
سينو سُيءَ سوراخ تي، سورن سان سيلهيو(٢)،
ڏس ڪتياڻيءَ ڪيليو، "امين" آڙهه عشق جو.

(٦)

اچي آڙاهه عشق جو، پئڙس پناري،
راتو ڏينهن رندن ۾، تي ڪٺل ڪوڪاري،
ٻانيڻ ٻاروچن سان، پلئو تي پاري،
گهٽن ۾ گهاري، آرياڻيءَ جي آسري.

(۷)

آرياڻيءَ جي آسري تي، ڏونگر ڏوريائين،
ساهه سر صدقو ڪري، تي گهٽين گهوريائين،
ريءَ دعا جي دوست لئه، چَپُ نه چوريائين،
محبت جي مجاز جا، سڳا سوريائين،
ڪپي ڪوريائين، هئي هئي ڪيو ماس هڏن جو.

(٨)

اديون! ڪا هلندي، هن ڪمينيءَ سان ڪيچ ڏي،
سور سيئي سرتيون، ساجن سان سلندي،
"امين محمّد" عشق جي، جوشن ۾ جلندي،
ملي مان ملندي، نه ته مرندي مارڳ وچ ۾!

(١) پيلڻ = لتاڙڻ. (٢) سيلهڻ = (ڪنڊن سان) چلڻ.

(٩)

مرندي مارڳ وچ ۾، سور ڪنيائين ساڻ،
پيس رات پٽن ۾، تن اونيڙن اهڃاڻ،
جيئري شال جبل ۾، ٿئي آرياڻي اڳواڻ،
جڏهن پٿون(١) ڪيائين پاڻ، تڏهن پريَس پت پنهونءَ سان.

(١٠)

پري پت پنهنل سان، ٿيو ويچاريءَ وصال،
چلي پيئي چپرين(٢)، هيٺو وٺي حال،
"امين محمّد" عشق جو، ٿيڙس قرب ڪمال،
دردن جي دڪان جو، درشن ٿيس دلال(٣)،
سڪ سَڃيائي سسئي، پنهون جل جلال،
جُهلي تنهن جهوليءَ پيو، پينر بدر(۴) هلال(۵)،
جيڏيون ٿيس جمال، هاڙهي ۾ تنهن هوت جو.

(١١)

سپ ڪنيائين سُڃَ ۾، ڪري سور ثمر،
ڪندي ڪوهيارل لئي هاڙهي منجهه حشر،
پاروچل پاڄهه ڪري، شل واري اچي ور،
ٿيان مان مگر، ڪيچين سندي ڪڙم ۾.

(١٢)

ڪيچين جي ڪڙم ۾، وڃي مرڪان مان،
هتان هوتن جا ڪٽان، سور ڪري سامان،

---

(١) پٿون ڪرڻ = ذرا ذرا ڪرڻ. (٢) چپرين چلڻ = ڏونگر ڏورڻ - جبل جهاڳڻ. (٣) دلال = راهنما. (۴) بدر = پورو چنڊ. (۵) هلال = پهرين تاريخ جو چنڊ.

ٽيا ڏير ڏکيءَ جا، هيٺي لئه هامان(١)،
جيڏيون لڳم جيءَ ۾، ڪوهيارل جا ڪان،
اي مرڪائينم مان، ڪميٽيءَ ڪي ڪيچ ۾.

(١٣)

هٽان پاڻ پهڻ سان، جيڏيون لاءِ جتن،
آرياڻيءَ جي اوج جي، خبر ڪئي خطن،
جي هليون نان هوت ڏي، ٽيون ويچاريون وتن،
مونجهارو ماءِ! تن، آيم اوئيڙن جو.

(١٤)

آيل اوئيڙن جو، ٽيم مونجهارو ماتام،
هاڙي نيائون هوت ڪي، ڪري ڪاله قيام،
ڏنم تن ڏيرن ڪي، عمر سي انعام،
قلب منجهه قرب جي، ڪيچين هنيم ڪامُ،
رائو ٽيس رام، پنهل ڪارڻ پنڌ ۾.

وائي -١

روئيندي ڪيچين ڪاڻ، وئي وهامي راتڙي.
جتي رهن راتڙي، اچي تنهن آ وٽاڻ،
مون ڪي ريلڻ(٢) آئيو، پاهڻ پٽرن ساڻ،
هاري آب اکين مان، نيٽين نير نياڻ،
ٻاري مچ مجاز جا، ٽي پچائي پاڻ،
"امين محمّد" عشق جي مٽي ڪتياڻيءَ ڪاڻ.

---

(١) هامان = ظلم ڪرڻ وارا - هامان، فرعون جو وزير ليکيو وڃي ٿو، جنهن بني اسرائيل قوم تي ڏاڍا ظلم ڪيا هئا. (٢) ريلڻ = ڏسڻ.

وائي-٢

روئندي راتو ڏينهن، وئي وهاڻي راتڙي.
آيل آريءَ ڄام جي، ڪَئُي نماڻي نينهن،
ويلو ڪونہ وچ ۾، ويندي سيڻن سينئن(١)،
آيل آرامي ٿيان، ڪوهياري ري ڪينئن،
”امين“ اوچڻ عشق جو جوڙي پاتائين جيئن.

—

(١) سنئين = سان - سوڌو.

٣

(سر راڻو)

(١)

راڻا رهاڻيون، توريءَ کندي کن سان،
ڪڙيون ٽيون ڪاڪ جون، ڪُه ماڙيون ڪاٽيون،
سوڍا توريءَ سرتيون، مڙئي مونجهاڻيون،
ناحق نماڻيون، ڍول مَني تون ڏت وئين(١).

(٢)

راڻا ڪين رنجاڻ، جي توکي پلئه پييون،
دونهان درد فراق جا، مينڌرا مونهين ڪاڻ،
سوڍا سواءِ تنهنجي، هيڪلڙي تي هاڻ،
ڪر هر ڪاڪ ڪنڌين تي، وَلها واري آڻ،
مينڌرا مون ساڻ، ٻول ٻڌي تو چو چنا؟

(٣)

راڻا رسامڻ جو، کهڙو وريو واءُ،
رقيبن جي راز تي، سوڍا مَتِ مَر ساءِ،
موٽائي ماڳن تي، آڻيندءِ الله،
الله ڪارڻ آءُ، ته سوڍا مُڪياڻي ٽيان.

(٤)

سوڍا سڪياڻيءَ جو، راڻا پُڇ مَر راز،
ميڙائي جو مينڌرا، اندر اتم آز(٢)،
ٻهچي مانَ ٻارت جو، ڪو الستي آواز،
ناتر(٣) توريءَ ناز، ڪندي کهڙو ڪاڪ ۾!

---

(١)ڏت = ٽر جو هڪ حصو. (٢) آز = لالچ ـ طمع. (٣) ناتر = مومل جي ٻانهي.

(٥)

ناتر تو نياز جي، ڪَل رهي هئي ڪانَ،
هاري حميرن کي، ڪيو هوءِ مهمان،
مڪر پڳئي مينڌري، سوڍي سرت سجان،
وَاللهُ خَيْرُالْمَاكِرِيْنَ(١)، انهيءَ اهڃاڻ،
تڪيل ڪيئي ٿاڻ، طلسم جي تنبوءَ تي.

(٦)

ناتر کي نياز جي، ڪَل پوي تي ڪانَ،
سوڍا سکياٽي ٿئي، مومل سُوڍي مانَ،
ڪرهو واري ڪاڪ تي، ڪر اچڻ جا احسان،
مينڌرا مجاز جو، پڌو جَڳَ جهان،
موٽي آءِ محلات ۾، اچڻ جوڳي آن نَہ،
رک مومل جو مانَ، برهہ ڪئي جا بانوري.

(٧)

برهہ ڪئي جا بانوري، تنهن کي مينڌرا مرڪاءِ،
مڙهيو سارا ماڳ ٿيا، سُڃا تو سواءِ،
راءِ رسڻ تي تنهنجي، هردم ڪريان هاءِ،
سوڍا سک سنداءِ، وِلهيءَ وسرن ڪينڪي.

—

(١) وَالله خَيرُالماڪِرينَ = يعني خدا تعاليٰ سيني تدبيرن ڪندڙن کان چڱو آهي (قرآن).

(۴) (ڪيڏارو)

(۱)

"يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ"(۱)، چئي اتيا امانتدار،
زين(۲) ذوالجناح(۳) تيو، شاهنشاهه سوار،
ڪربلا جي ڪوڪ تي، اوندهه انڌوڪار،
هن جي هدايت لئه چڙهيو، محمّد جو مختيار،
ان تي امانت جو، عليءِ ڪان اختيار،
اڳيئون ڪوفين ڪئن ڪيو، تيرن جو تڪرار،
امت جو آڌار، شريرن شهيد ڪيو.

(۲)

"بَرْدًاوَّسَلامًاً" صاف هو، انهن لاءِ اصيل،
مينا جي مقابلي، تيو خوش خليل،
پوءِ جهولي جهلي آئيو، محمّدﷺ جي مِنديل،
اڄ اهو اسماعيل، شريرن شهيد ڪيو.

(۳)

زين ذوالجناح، بيشڪ بدرالدُّجَين،
جيئن تيو مجاهد مصطفيٰ، حاضر وقت حُنَين(۴)،
تيئن* ڪربلا بَدْرُالدُّجَيٰ(۵)، احد تيو طرفين،
راڪب(٦) سفينة النوح(٧)، تيو ڪربلا ڪونَين،

---

(۱) يجا هدون في سبيل الله = هو خدا جي واٽ ۾ جهاد ڪن ٿا. (۲) زين = سجاوٽ - سينگار. (۳) ذوالجناح = امام حسين عليه السلام جي گهوڙي جو نالو. (۴) حنين = حنين جي جنگ جا پاڻ سڳورن جي زماني شريف ۾ ٿي هئي. (۵) بدرالدجيٰ = انڌيريءِ رات جو سج. (٦) راڪب = سوار. (٧) سفينة النوح = نوح نبيءِ جي ٻيڙي.
* ڪيئن (س).

فترت(١) جبرائيل تي، هئن پڙهيو حرفين،
يا ذبيح ابن ذبيح، اجهو تنهنجو عَين،
رڻ رسي دِن رَين(٢)، نفي ۽ اثبات ڪيو.
(٣)

هئي هئي ڪريو هاءِ آه، اها عرش ڪئي،
سڙي رهيا سوز ۾، تيون حورون بهشتون* باهه،
ماسويٰ ماتام تي، هڪ ابر ايريو آهه،
آه و آه ان لئہ، رسي روز سماءِ،
"امين محمّد" آهه، هر ويلي حسنين جو.

---

(١) فترت = مهلت ـ فاصلو ـ ملولائي ـ ضعف. (٢) دن رين = ڏينهن رات.
* بهشت (ت).

۵

(۱)

(الف) اعليٰ آهه، اڪبر اسم الله،
دوڪا دلين جا دور ڪري، ”لا“ سين هٽي لاهه،
”اَنَا اَحمَدُ بِلامِيم(۱)“، رمز اهائِي راهه،
آڳانديي ”اِلّاَالله“ جي، اتي* ڪوئتل ڪاهه،
احد اوڏو آهه، جي پاڻ سڄاٽين پانهنجو.

(۲)

(ب) جو چڙ بانور، جو آهي ذات الف جي،
بڪيا ڪر مَ بدلي، رک سؤدو سراسر،
تہ بيشڪ باب بدوح جو(۲)، ورنه اچئي وَر،
پري بار برهہ جو، ڏس دوست اتئي در،
پاڻ مَ پاسي ڪر، تہ منجهان بي بهار ٿئين.

(۳)

(ت) تَر تارو تار، تہ وحدانيّت ويجهي اتئي،
ٻڌ توڪّل ترهو، ٻاهون چڙي ٻار،
توبي توڪر چا ڪندي، آهي چڱي ڪنن ڪار،
گهڙي پؤ گهمسان ۾، نائو★(۳) پچ مَ نار،
تہ تون پهچين پار، جي سرور سگاٽين*(۴) وتين.

---

(۱) انا احمد بلاميم = صوفين جو عام زد مقولو يعني تہ احد (الله) ۽ احمد (رسول) جي وچ ۾ ”م“ جو حجاب آهي (احمد بلاميم). معنيٰ احمد ميم کان سواءِ يعني احد. (۲) بدوح = ظاهر ٿيڻ. (۳) نائو = ٻيڙي. (۴) سگاٽين = ڳنڍين.
*اتي (غ). ★ نائو (غ). * سگائين (غ)، سڃاٽين (ت).

(٤)

(ث) ثابوتيءَ سندرو، جوڙي ٻڌ جوان،
"اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَ اَنَا سِرُّهٗ"(١) اهو نہ* ٿئي نشان،
سام رهج سرور جي، تہ مهت لهندين مان،
اهي سڀ احسان، آگي اوهان سين ڪيا.

(٥)

(جيم) مَ جدا ٿيءُ، هڪ پل پاسي پير ڪان،
سرور سندي سٿ ۾، ويهہ تہ ماڻين ويءُ(٢)،
پري جام جنّت جوّ، پاڻان چونديئي پيءُ،
هنڌ اتيئي هيءُ، چڪين جي چيت ڪري.

(٦)

(حي) حياءَ حلم جو، وٺ پير سندو پاسو،
من ڪو ڏئي محبت سان، دلبر دلاسو،
پري چو ٿئين پير ڪان، ناحق نراسو،
هٿان وٺ حبيب جي، قرب جو ڪاسو،
جنهن سان وري واسو، تہ سيني ٿئي سوجهرو.

(٧)

(خي) خبر ساري، اتئي عجيبن جي،
پانڌي سرور پير جا، نُوريءَ ناري،
طالب ٿي توڪل جو، گهڙ مَ وجهہ گهاري،
تہ ڪامل ڏينهن قيام جي، يار ڏيئي ياري،
جت اوندهہ انداري، اتي سرور ڪندو سوجهرو.

---

(١) الانسان سرّي واناسرّہ = هڪ قدسيّ حديث ڏانهن اشارو - معنيٰ تہ انسان منهنجو راز آهي ۽ آءٌ سندس راز آهيان. (٢) وي = وَڪرُ.
* نرو (م).

Scanned with CamScanner

سرائكي كافيون

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

ڪافي-١ (گجري)

برهه رنگي دا رنگ

برهه رنگي رنگ رمزان لايان، بيرنگ بات ڪهينداڀ(١)
وَنحن وَجهَڪ وٽج ڪريندئين،
طور اتي چڙهه طبل وڄيندئين❋،
"اري" "اري" سانگ سريندئين،
نئي نئي ناد وڄيندا★،
قمُ(٢) ليليٰ دا قصد ڪتوئي،
نصف(٣) ثلث(۴) سپ وند(۵) ڏِتوئي،
مجبت❋★ دي وچ رنگ رتوئي،
تون لائق لاج لڄيندا.
آک "اَناالَحق" وحدت وڙهندئين،
ڪثرت دي وچ ڪاوڙ ڪرندئين،
آپي اصلح آپي لڙندئين،
سولي ڪؤن سجيندا(٦).
ناز نهي(٧) ڪر ڪٽڪون داٽين،
موج اتي چڙهه، موجان ماٽي،
جهولي جهلدي آتش آٽي،
ڪَرڻئون ڪونه بچيندا.

---

(١) ڪهيندا = وڄائيندو. (٢) قُمر = اُٿ. (٣) نصف = اڌ. (۴) ثلث = ٽيون حصو. (۵) وند = حصو - ورهاڱو. (٦) سجيندا = چڪيندو يا ساهيندو. (٧) نهي = نفي.
❋ مريندئين (غ). ★ بجيندا (ص). ❋★ مجمل محبت دي (غ).

عين "امين" هن برھ دي باري،
هانوءَ كليجي ڪڙڪن ڦهري،
عشق اکين رک لھ سڌ ساري،
وه رمزين يار رچيندا.

ڪافي-۲ (گجري)

هر حقيقي مجازي هو

حال تہ استقبال تمهين هو ڪونہ ڪهي تم ماضي هو.
هئي رنگ هئي بيرنگّ تمهارا هر رنگ دي وچ راضي هو.
مات حيات(۱) تمهارا ديرا،
هر رنگ رنگي هر دا ڦيرا،
هر وچ حال تحيرّ(۲) ميرا،
هر حقيقي مجازي هو.
سهسين سُرندي سرود وڄاون،
ڪي لڪ جهڪ ڪي جهاتيان پاون،
ڪٿ ڪي راڳ رنگي دي ڳاون،
ڪٿ ول عشق ايازي هو.
ڪٿ سليمان ريح (۳) رساوي،
ڪٿ مسيح ڪليم ڪهاوي،
ڪٿ خليل ذبيح الاوي،
ڪٿ وچ آتشبازي هو.
موسيٰ تي فرعوني جهيڙي،
تو سوا ٻيا ڪون نبيڙي،
تون رکين طوفانئون ٻيڙي،
تسان ڪنعان دي قاضي هو.

---

(۱) مات = موت. (۲) تحيرّ = حيرت ـ صوفين جي هڪ منزل واريي حيرت ذي اشارو.
(۳) ريح = هوا ـ سليمان عليه الصّلواة والسّلام حضرت دائود نبي جو فرزند، تمام مشهور ٿي گذريو آهي.

بار برهه دي چنگل چکاون،
عاشق آ ميدان مچاون،
آ سر و سر راند رلاون،
تسان شهبازان دي بازي هو.
”فَاذ کُرونِي“ فيض ڏنوسين،
وحدت دا واپار ڪيتوسين،
”امين محمّد“ اُلٽ پيتوسين،
هُڻ تان نيڪ نمازي هو.

ڪافي-٣

(پيَروين)

عشق دا آوَڻ ناز نرالي

مئن مولا عشق منيندا هون،
مهر ڪِنون مُڙ مئن ڏهون پالي،
مئن وچ مئي ڪونہ پلينديا هون،
عشق دا آوڻ ناز نرالي.
عشق هتون هڻ جام پيتوسين،
هرهڪ دعويٰ دور ڪيتوسين،
مئن رمزين روح ريجهيندا هون،
ڪول اسان ڏيٰ من جالب جالي.
عشق اتون ڪڙ ڪيتي اشاري،
قَالُوابَلَيٰ ڪنون ٿيوسين ڪناري،
مئن بانگ الست اليندا هون،
هڻ وَج ٿيو سي عشق حوالي.
قلزم(١) ڪثرت دا موجان ماري،
لڪ لڪ لهريان توڪل تاري،
مئن راوي(٢) سنڌ(٣) رلينديا هون،
عشق آٽيندا نديان نالي.

(١) قلزم = سمند. (٢) راوي = راوي ندي. (٣) سنڌ = سنڌو ندي.

عنقا(١) عشق اسان كني آوندا،
جسم جگر جڏان خوش تي كاوندا،
مئن واري جند ولينداِ هون،
لايا ندي لڄ پرور پالي.
عشق "امين محمّد" كون آيا،
انحد(٢) ازخود تي آپ الايا،
مئن جهولي پا كي جهليندا هون،
"وَنَحنُ" وحدت سر سمالي.

كافي-٤

(توڙي - گنداري)

ساغر عشق

سر تي حال حلاج دا چايو سي،
جڏان ساغر عشق پلايو سي.
دل كون دستئون دلبر دي جام مليا،
سرمَيَكون سوري دا سرانجام مليا،
اسان كون "اَحَدِيَّتَ" دا انجام مليا،
وچ سو وادي ورهه ولايو سي.
وچون سؤ لهريان لياكا پاوندا هي،
هر گهر گيت "اَنَاالحَقّ" ڳاوندا هي،
ساڏي جان جگر من ڀاوندا هي،
تڏان چا حق حق هُل هلايوسي.
سري كون سانگ سينگارون چا* جوڙ ٻڌين
مِلكي "مَاسُبْحَانِيْ" دا موڙ ٻڌين،
هر كنهن شاخ كنون گل توڙ ٻڌين،
هر باس "بِاللّٰه" دي آيو سي.

(١) عنقا = پكيء جو نالو، جنهن كي هماء به سڏيندا آهن. (٢) انحد = جنهن كي كا حد نه هجي.
* تان - (غ).

دل تي برهه والي بازار لڳي،
ساڏي رڳ رڳ دي وچ تار لڳي،
ڪليجي ڪاٽ ڪٽاري پار لڳي،
تڏان چا قتل تي ڪنڌ نوايو سي.
آکي عين "امين" اظهار ڪرين،
وچ تون محبت هي مختار ڪرين،
اپني نيڻ نهر(١) يا نار ڪرين،
دل دا منصب مظهر پايو سي.

ڪافي - ٥ (ٽوڙي گنداري)

هجر دي راتڙيان

آوين يار اساڏي ويڙهي ول(٢)،
دک درد دي ڏيوان مئن ڪنهن نون ڪل.
دل درد دي ڪنهن در دانهن ڪران،
هي هي هجر دي ماري مئن مونجهه مران،
هو وي يار جنهين ڪون* مئن پيار ڪران،
جنهن ڏارون هر دم هي وقت اجل.
هڻ هجر ديان آيان راتڙيان،
ميڪون ڪُهَن قرب ديان ڪاتڙيان،
من ڪي ماهي پاويم جهاتڙيان،
جهندي ڪاڻ ڪڙي هان مئن مارڳ مل(٣).
جهٽڪان جنيان تان سيِ سِر سهسان،
پر ڪي پريم ننگر ڏهون ول ويسان،
راڳ رانجهي دا هر دم ڪهسان،
هڻ تان ڪالي ڪريسان ڪفني ڳل.

---

(١) نهر = پاڻيءَ جي نهر. (٢) وَل = وري. (٣) مارڳ = واٽ، رستو.
جنڪون (ت).

چا ورهه وكوڙيا واندي كون،
ڏيوين جاني دلاسي دل جاندي كون،
من سو ماهي ملي مئن ماندي كون،
هووان رات ڏينهان وچ راوي رل.
اڄ تان سيج سجي پئي خالي هي،
نكو گلمر غاليچا نهالي(١) هي،
ميڏي محب دي منزل عالي هي،
اهو تان اعليٰ عجائب هي عين(٢) اكمل(٣).
جڏان عشق "امين" هو آيو سي،
كر بسمرالله سر چايو سي،
سر سيني سارا* سمايوسي،
ڏرمان ڏوتيان كيتا هي كيها كر ڳل.

كافي ـ ٦

(تلنگ)

ونحن اقرب عهد اهوئي

دل چاك چكن تان چلو چلو،
متان آڙهه عشق دا ٻلداهي.
عشق اسان كون ايوين فرمايا،
مئن دي مئن وچ ملو ملو،
دمر دنيا پاسخ(٤) پلداهي.
نفي اثباتون ايوين اشارا،
خيال خودي وچ گلو گلو،
جتان راز رمز وچ رلداهي.

(١) نهالي = ٻوڻن وارو. (٢) عين = اصل. (٣) اكمل = تمام كامل ـ تمام پورو. (٤) ٻاسخ = جواب.
* سيوني (ت).

"وَنَحْنُ اَقْرَبُ" عهد* اهوئي،
وَجِهَڪَ دي وچ ولو ولو،
سهڻا گهاٽ انهين ڏهون گهلداهي.
هڻ اگڻ وچ وحدت دي وچ،
توڙ دوئي دا دلو دلو،
قزح قَابَ قَوسَيْنِ (١) وچ کهلداهي.
عشق "امين" وچ پلڪين پالين،
چاڻ رمز اها رلو رلو(٢)،
رخ رلدي رانجهن ملداهي.

ڪافي - ٧ (تلنگ)

سُرت اور پرت

رک سُرت پرت(٣) وچ پلي پلي،
انهين پِرت دا پَرتُ نہ جلدا هي.
پَرت پِرت دا هڪ هٿ ڪيتم،
اکر اکياندي شبنم نيتم،
ڳوڙها نال پيا ڳلي ڳلي،
وت ڳلندي ڪون مس ملداهي.
دل وچ داٽا پرت دا پوکيم،
ڪاڻ آرياٽي اِتِلا(٣) اؤکيم،
آکي سنيالي سلس سلس،
مَئن نون خوف خزان دا کلداهي.

(١) قزح قاب قوسين = قاب قوسين جي انڊلٺ. "قاب قوسين اَو ادنيٰ" - قرآن شريف مان، يعني ٻن ڪمانن جي وچوٽي، بلڪ انهيءَ کان بہ ويجهو. معراج جي رات جو جڏهن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام عرش تي ويو تہ ايترو تہ حرِيم جلال جي ڀرسان هو جنهن جو ذڪر مٿي آيو آهي. (٢) رلو رلو = ڳرو ڳرو. (٣) پَرتُ = پنو. (٣) اتلا = ايترا.
* احد (ت).

رسڻ رانجهي دا جگر جليسي،
پرچ پوي تان وَل نا ويسي،
سو ڪڏان چڙهيسيم ڳلي ڳلي،
سهڻا هيڪلڙي ڏهون هلداهي.
رو رڙ(۱) رانجهن رات ريجهايم،
پلڪ پليڙي(۲) دل وچِ پايم،
اور و نديان نال يي رلي رلي،
رخ رونديا(۳) تئون گهر ڪِلداهي.
عشق "امين" پايم هڪ پل وچِ،
دوست دِلاساهي دائم دل وچِ،
ول ول تئن* ڏي ولي ولي،
ول وچِ وَجهَڪ ولداهي.

ڪافي - ۸ (ڪاريهر ڪڏار)

ڪربل دي وچ ڪنڌ ڪپايم

بر دي دا بيڪ بهان، آڪي عبد وچ آپ سمايم*
بردا(۴) مئن بادشاه بہ مئن هون،
هرهڪ دا سنڌ ساه بہ مئن هون،
رهبر تي گمراه بہ مئن هون،
هر مظهر*★(۵) ميڏا مئخان،
هر مئيگون(٦) وچ موج** مچايم.
باه برھ آسمانون آيم،
عاشق "هو" ڪر احد الايم،

(۱) رو رڙ = روني. (۲) پليڙي = پوش. (۳) رونديان = رئندڙ. (۴) بردو = ٻانهو - غلام.
(۵) مظهر = ظهور جو هنڌ. (٦) مئيگون = شرابي.
* تو (م - ت). * چهايم (غ). *★ مذهب (ت - م). ** مست (ص).

طور (١) تجلّي نال جلايم،
بحر بدل بَرُ گهت (٢) گمسان،
بت خاڪي وچ وِرهه وسايم.

آدم هو فردوسئون آيس،
موج محبت لهر لڙهايس،
حوت بطن (٣) بن يونس آيس،
هود (٣) حدر* وچ ڪر حيران،
باد برق دا (٥) برقعا پايم.

نارِنسنگ (٦) گلزارون گل هي،
ماه ڪنعاني ميڏا مد هي،
قصد ڪليم (٧) دا ڪيڏا★ هل هي،
بنما بنما تي بيران،
نئي نئي نزدؤن (٨) ڪوه ڪنبايم.

سولي سهڪر موت مچايم،
آڪ اَنَاالْحَقُّ (٩) آپ ڪهايم،
"قُمْ بِاِذْنِيْ" (١٠) دا حڪم هلايم،
پوست (١١) پري ست بن برهان (١٢)،
رمز رندي وچ رنگ رچايم.

---

(١) طور = طور سينا جبل، جتي حضرت موسيٰ ڪليم الله ربّ تعاليٰ سان هم ڪلام ٿيندو هو. (٢) گهت = وجهي. (٣) حوت بطن = مڇيءَ جو پيٽ - اشارو حضرت يونس ڏانهن، جو مڇيءَ جي پيٽ ۾ وڃي واسو ڪيو هئائين. (٣) هود = نبيءَ جو نالو. (٥) باد برق = هوا وچ. (٦) نسنگ = بيڊپو - بيخوف. (٧) ڪليم = حضرت موسيٰ. (٨) نزدؤن = نزديڪ. (٩) اناالحق = منصور جو قول، مان حق (خدا) آهيان. (١٠) قم باذني = قرآن ڪريم مان. اٿ منهنجي حڪم سان. (١١) پوست = کل. (١٢) برهان = ثبوت.

* خضر (ص) ★ ڪيهيا (غ - م).

عشق "امين محمّد" ستِ سيني،
كهندا قرب كهيندي كيني،
بي رنگي دي راز رنگيني،
سر ڏيوڻ دا كر سامان،
كربل ڏي وچ كند كپايم.

كافي - ٩

عشق جنهان گهر آوندا

عشق جنهان گهر آوندا، مل كر ٻولن ماهي ماهي،
برهہ تنهان نون پاوندا، شان جنهان دا شاهي شاهي.
روز الستئون مئن برهہ دي بنديان،
يار رانجهي دي مئن ٻولڙيون ٻنديان،
لات اها مئن* لوئنديان،
نال كيڙيان ميڏي ناهي ناهي.
هوش عقل ساڏا پل گيا ٻهران،
نال رانجهي دي لڳا نينهن نيران.
برهہ كيا باز بچيندا،
عشق عقل كيتا راهي راهي.
مِل كي سهيليان ويكڻ آئين،
رانجهڻ تخت هزاري دا سائين.
برسر تاج ڏريندا،
كيڙي جيهي لك گاهي گاهي.
چاك نہ آكو ميڏي سِر دا سائين،
"امين محمّد" آيا اتاهين،
راز رمز مَنَ ماوٴندا،
"اِلَّا اللهُ" دي آيا آهي آهي.

---

* جيوين (غ).

كافي-۱۰ (جوڳ)

عشق دي مهماني

اڄ عشق اسان ڪني آيا هي،
ڪر بسم الله سر چايا هي.

ڪيتي عشق دي مئن مهماني هي،
ڪل قالب اڄ قرباني هي،
سر ساهه محب دي ماني هي،
ڪڍهان خون شراب ملايا هي.

جڏان نينهن اسان نون نروار ڪيتا،
هر رنگ وچ هٺ هموار ڪيتا
هڪ داٽي ڪون خروار ڪيتا،
"سرّ سُبحَاني"(۱) سڪلايا هي.

آکي عين "امين" اظهار اتئي*،
وچ نينهن نشي نروار اتئي،
ابرو تيز تبر تلوار اتئي،
مزگان تير تفنگ چلايا هي.

كافي-۱۱ (ڪنيات)

مَحَبّت مٺ پريوي

سو ڪوئي ڪام ڪريوي،
جنهن وچ خاص خدا خود ٿيوي.

"اَنفُسُ" سِرّ اسرار دلين وچ، دل وچ ڏيان ڏريوي
هردي من وچ هر هو آوين، هر سنسار سريوي

---

(۱) "سِرّ سبحاني" = "سبحاني ما اعظم شاني" جو ڳجهه. هن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيل آهي.

* ٿئي (ص)

ماڙيء تي منصور حوران دي، چڑھ كر چاش چكيوي*،
الله هو كر عبدي والي، من كي مرگهه(۱) مريوي،
مني دا مني دي نال لبالب(۲)، محبت مٹ پريوي،
احد "امين محمّد" هك جاٽي، برسر بار كٿيوي

كافي-۱۲ (كنياتِ)

هو هك احد الاوين

سو كوئي بيك بناوين،
جنهن وچ جامان(۳) جند جلاوين.

آدم هو اسرار الستي، بار برهه سر★ چاوين
نمرودي(۴) دانائُن★*پري كر، هو ابراهيم آكاوين
سِردي شطرنجبازي برهون، آ كي راند رلاوين
جسمي حال "حلاج" سڏاكر، آڻ "اناالحق" ڳاوين
يُنگِي پن ستّ عبدي والي، هو هك احد الاوين
سِرُّ ثبوتي سمجه سيوئي، لادي نال نہ لاوين
الف "امين" هكو هك جاٽي، مَنُ كون "ميم" مناوين

كافي-۱۳ (كنياتِ)

هو هو هردم - هر جا هتيندا

آک "اناالحق" تي اظهار،
وچ وحدت وچ ملك متيندا.

وحدت وجود وجا كر ويكو، اي صبيّان جوانو شيخو
"لا" دي لذت پاوي جيكو، جان جسم كري ننگ نثار
همت هوڻ دي پاڙ پٽيندا.

---

(۱)مرگهه = هرڻ. (۲) لبالب = ڀريل. (۳) جامان = جامون - پوشاك. (۴) نمرود = حضرت ابراهيم جي وقت جو بادشاهه.
* جريوي (غ). ★ ڀر (غ). ★* نانوء (غ).

اکو عشق الست هي آن وچ، طور تجلّي تارڪ تن وچ،
محبت دي ميخاني من وچ، ڀُر ڪر پيوين مئي ڪون مار،
هو هو هردم هرجاءِ هتيندا.

الحق تي اثباتنون پاسي، ناز نفي دا برهه نه باسي،
عشق الڪ دي نين نراسي(١)، تنهن دا طالب تي تڪرار،
جنهن دا جڳ وچ جلوه جتيندا.

ريڪ عشق آفتاب اياري، الٽ عقل دي چپ گئي تاري،
سارا سپهر گهتيان گهاري، لؤن لؤن دي وچ لاوي لار،
من وچ مزگان سانگ ستيندا.

احد "امين محمّد" هڪوحق چاٽي، وحدت دي وچ موجان ماٽي،
ڪيا ڪثرت دي وچ پيسي پاٽي، نيل نيٽان دِي ڪر نروار،
وچ واقف تي گهات گهتيندا.

ڪافي-١٤ (ڪنيات ڪماچ)

عشق دي آمد

عشق ميڏي گهر* آوندا، ملڪو مئينو ڏيئو مبارڪ،
برهه ميڏي من ياوندا،(٢) مئن سلطان مغرب تي مشارق.
عشق عقاب چڪي ڏي چاري،
جان جگر پٽ پرزه پاري،
مرغ مجيب(٣) مريندا،
ڪيا گنجشڪ(٤) تي طوطي شارڪ (٥).
عشق عقل دي ورد وڃائي،
دام دلين ڪون التي آئي،

(١) نراسي = نا اميد. (٢) ياوندا = وٹندو. (٣) مجيب = قبول ڪندڙ. (٤) گنجشڪ = جهرڪي (٥) شارڪ = ڪبر.
* در (ع).

لک لالي لتکيندا،
چاڙھ چنبا نوچ برھ دي بارق(١)،
تسان اسانڏيان رمزان رليان،
ماءِ پيءُ آکي مول نہ وليان(٢)،
سودا سُود سرينداِ
يار دليان دا ثابت صادق(٣)
مئن ماهي تَئون اولي گهولي،
دل نفعان نقصان نہ ڳولي،
گهاٽا وٽج گهڙينداِ
رانجهن دي هن تاب تبارک(٤)
"امين محمّد" عشق ديان ڳالهين*،
ست سيني وچ جئي دي جالين★
محب موهني(٥) مليندا،
فکر کنون دل کرکي فارق(٦)

کافي-١٥ (کـنيات)

اسرار الستي

عشق اسان ڏي کول، الاکي(٧) انحد آيا.
جهاتي پاکي جهات کيتوئي، ناز نيٽان دي نال نيتوئي،
"اَنفُسِ" سر وچ سر ستوئي، جان ڏيوان جند گهول،
کريمي کر کار آيا

(١) بارق = بجلي. (٢) مول نہ وليان = کڏهن نہ ڏيون. (٣) صادق = سچو. (٤) تبارک (عربي) = برکت وارا. (٥) موهني = جادوگر يساٽي ـ هت خطاب محبوب ڏي. (٦) فارق = ڌار ـ جدا. (٧)الاکي = ڳالهائي.
* ڳالهيان (غ ـ ت). * جاليان (غ ـ ت).

مُنن اهو منصور کُهايا، جنهن "اناالحق" آڻ الايا،
"ماسبحاني" ملهه ملايا، هڻ گهتوئي هول،
مُنن شاهي شملا(١) پايا.

نال ثبوتي سينا ساهيم، سولي دا سردار سڏايم،
جڏان "وَجهڪ" دا وِنج وهايم، پن ستيوني پول،
سِري سرمد سلايا(٢).

آڻ الف اقرار ڪيتوسي، آپي ساقي آپ پيتوسي،
الاّ اللهُ دا اسرار نيتوسي، ماسي تولي تول.
"لا" دي نال نہ لايا.

آک "امين محمّد" اسرار الستي، هڻ ڪيون ڪيتوئي مئي دي مستي،
اهيا مئي دي مستي، پُندي وستي، چپ چپاتي چول،
چپين چپ چال چلايا.

ڪافي-١٦ (ڪنيات)

برهه دي باهه

مُنن وچ مؤج مريندا، عشق البندا آري آري(٣)،
ڪيا وت ڪيس ڪريندا، جانَ جگر پٽ پاري پاري،
قبس(٤) ڪنين پائي* بانگ جرس دي،
ڪوهه ڪَن(٥) قصد ڪيتي رنگ رس دي
تيشہ ڪار ڪريندا،
سپ لگ لوهو(٦) دي ناري ناري

(١) شملا = دستار - پڳ - طُرهہ. (٢) سلايا = ڪيرايو . (٣) آري آري = هائو هائو .
(٤) قيس = مجنون جو اصلي نالو. (٥) ڪوهہ ڪَن = جبل ڪوٽيندڙ، اشارو فرهاد ڏي،
جنهن کي شيرين لاءِ بي سِتون جبل ٽاڪڻو پيو. (٦) لوهو = رت.

سَيّان * سهليان ڪِيون ڪوڙ الاون،
رانجهي دي سهٽي سڏڙي سيباون،
جي ماهي(١) يار مريندا،
ڊوند دا چا ڪري چاري چاري چاري

عشق اصل ڪنون بات بنائي.
"يَهْدِي" (٢) "يُضِلّ" (٣) دي ڪار نہ ڪائي،
سڀ سنسار سڙيندا،
باه برهہ ير ياري ياري.

وچ مسجد منوّر ميخانا
آيا "امين محمّد" مرد مردانا
واقف گهات گهوڙيندا،
ناز نيڻ سڀ نياري نياري نياري

(ڪنيات)

ڪافي-١٧

رندون ڪا سودا

دم دم دلبر دور نهين هي، مذهب مؤمن هندو ڪا،
هرشي دي وچ جهاتي پاوڻ ، اي راز رمز رک رندو ڪا(٤)
وچ مسجد ميخاني اوئي،
بتخانہ وچ اور نہ ڪوئي،
جس ول ويکون سمجهون سوئي،
چوڏس چارا(٥) هي چندو(٦) ڪا.

(١) ماهي = چنبد. (٢) يهدي = هو هدايت ڪري ٿو. قرآن شريف جي هڪ آيت جو ٻهريون اکر. (٣) يُضِلّ = هو گمراهہ ڪري ٿو. قران شريف جي هڪ آيت جو ٻهريون اکر. (٤) رندون ڪا = رندن جو (٥) چارا = رستو - راهہ. (٦) چندو = چنڊن - چنڊ.
* سهيان (غ). سهٽيان (م). سکيان (ص).

ٺاڪر(١) دواري(٢) وچ دل آوندا،
راڳ رانجهن(٣) دا هرڪوئي ڳاوندا،
جي ڪوئي ڳاوندا ميري من ڀاوندا،
سودا سارا هي زندو*(۴) ڪا.

ڏُکڙ ڏمامين ڪيئي ناڏَ وڄاون،
جوڳي هو ڪر جوت جڳاون،
جٿان لئون لاون اٿان پئي آون،
آتش باران(٥) هي رندو ڪا.

تن تجلّي مک مول نہ موڙن،
جبر(٦) نقص(٧) دا چرک نہ جوڙن،
عشق "امين محمّد" وچ ووڙن،
بخرا★(٨) پا ڪر بندو ڪا(٩)

ڪافي-١٨ (ڪنيات)

هرهنتہ دي وچ مئن هل هون.

ڪٿ هندو ڪٿان مؤمن مذهب،
مئن هون ٺاڪر دواري مئن دل(١٠) هون.
گيا گرو هي ميرا آوڻ،
ستگر جڳ سنگت پرتم(١١) پاوڻ،
جنم جراکت مرمر ماوڻ،
دواپر ڏرمڪ(١٢) مئن رل هون.

---

(١) ٺاڪر = صنم - محبوب. (٢) دواري = مڙهي. (٣) رانجهن = پرين. (۴) زند = بزرگ. (٥) آتش باران = آتش جو مينهن. (٦) جبر = زور. (٧) نقص = عيب. (٨) بخرو = حصو - ڀاڱو. (٩) بندون ڪا = بندن جو. (١٠) دل = دولتمند. (١١) پرتم = پريتم - پرين. (١٢) ڏرمڪ = ڏرمي - مذهبي.

*رندوڪا (ص). ★ بهرا (م - ت).

جسد مين هي سنگت تيرا،
سنت سُلا پرتا من ميرا،
ڪچي* مچي ماگهن هرگهت گهيرا،
هر پنت دي وچ مئن پَل هون.

اندر آوڻ سارا جڳ سانوڻ(١)،
هر برهمڻ ڪون پيد بتاوڻ،
گنگا گورک گهر گهت کاوڻ،
جمنا دي وچ مئن جبل هون.

ڪلپ(٣) ڪر رام ريجهايا،
هر هردي وچ هر نون پايا،
رام ملي سڀ ملدي مايا،
هر مايا وچ مئن مل هون.

اربتہ(۴) عشق "امين محمّد" انتہ(۵)،
ڊونيد رهي سڀ پتر پنتہ(٦)،
بديان پرکون هون مئن هر هنتہ(٧)،
هر هنتہ دي وچ مئن هل(٨) هون.

---

(١) سانوڻ = آباد. (٢) ڪلپ = عمل (٣) ڪدت = چوڻ. (۴) اربتہ = البت. (۵) انتہ = انت. (٦) پنتہ = مذهب. (٧) هنتہ = هند. (٨) هل = سماعيل.
*ڪچ مچ (غ).

Scanned with CamScanner

سرائڪي ڏوهيڙا

(۱)

اول ڪوئي انصاف ڪري، وچ سيني شطرنج جوڙي،
تخت اتي چا شاه ٻلهاوي*، آڻ رخي تي گهوڙي،
وچ پهلو دي ويک وزير، جو مار مريندا ڏوڙي،
اُلٽ پلٽ گهت گهوڙي، جڏان آ سر تي پوندي سوڙهي،
جيڪوئي وت وزير مراوي، سو ڪتي بازي ٻوڙي،
ري وزير شه ڪون شه ڏي، متان نفس نهوڙي،
آءِ "امين" چڙهه عشق دي ٻيڙي، تان رَسُ نان راند نه ڇوڙي.

(۲)

خفي(۱) جلي(۲) اتي ڪشف(۳) ڪرامت، اتي سبِ اوري چالي،
دل تُون منگ ديدار سڄڻ دا، وچ جلوه دي جالي،
روح رَلا رمزان وچ ويکو، عشق اڳي پر نالي★،
مردان ڪون معراج وڪيندا، جتان پڙڪن ٻالي،
مئن بن تاري ترڻ نه ڄاڻان، من ٽيوم سوز سمالي،
مانَ ماهي ميلاپ ڪري، شالَ ترڪي نديان نالي،
"امين محمّد" عشق هوران دي، هن نازڪ ڪم نرالي.

(۳)

عشق عجائب الٽيان باتان*★، هئي هئي هل مچايا،
هئي هئي حال حقيقت والا، سارا حرف سٽايا،
"نحو"(۴) دي نيڙي جهڳهڙي جهيڙي، "جزوڪل" قلب ڪنبايا،

---

(۱) خفي = لڪل. (۳) جلي = ظاهر. (۳) ڪشف = پردو مٿي ڪٽڻ ـ ظاهر ڪرڻ. (۴) نحو = صرف ۽ نحو ـ گرامر.

*ٻلهاوي (غ ـ ت). ★پرتالي (م). *★ باتين (ت).

ماسويٰ مار سڻيوني، هڻ هو هو دا رايا،
تي هو وچ غرق تان غرض ٿيوئي، سرّ سبحاني سايا،
"وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ" سرّ سيوئي، سيني وچ سمايا،
"اناالحق" حلاج الايا جنهن کل کنڌ کپايا،
هَي هَي آک متہ هُو هُو ٿيوي، او کثرت اِي کايا،
هووي عشق "امين" اسان کون، جنهن ملدي ملدي مايا.

(۴)

"الف" الستي بانگ سڻائي، کُلهم قَالوا ٻولي،
ناز نفي دي واقف نہ هاسي، چٽنگ پئي وچ چولي،
ساڙ لحاق(١) تي پاوسَڻ ڳذان کون، آٽي کرايس اولي،
وچ جهروکي جهاتي پاکي، ماهي مندر ٻولي،
هردم حال حقيقت والا، پا کي هوسي هولي،
"امين" اَلَستُ بِرَبِّکُم سڻ، رمز رندي رک رولي.

(۵)

"ب" بَدوّح بُهارانت برسر، ماهي مندر آيا،
باري برقعہ کول خلافت کر، سبحاني سايا،
ميم چادر مٺ کراهڻ(٢)، انحد آڻ الايا،
"امين" عشق اهو حق چاٽي، چوڙ دوئي دا رايا.

(١) لحاف = سوڙ ـ چادر (٢) کراهڻ = منجهہ سر.

لوليون ۽ لوڙائو

آءُ وري -!

دک ماري دردن جو، آءُ وري آءُ وري،
سڄڻ تو سري، واهر ڪر يار، آءُ تو لئي چري.

(۱)

خبر نڪو خابرو، سڪندي ٽيڙم سال،
پهتو خط خوشيءَ جو، ڪانگل هٿان ڪالَ،
اچڻ جي بہ عجيب ڪئي، مان ڏي محب مقال،
لاءِ تہ ٽيون لال، ميندي مبارڪ جي.

(۲)

سامي سماوات(۱) جو، سئير ڪيو سعيو،
رانول راهوبد ڪنڌئين، نيئين* دونهون دکايو،
اوچڻ آديسين ڪي، الستئون آيو،
روح★ اهيو رايو، تہ گڏ گذاريوڻ ڏينهڙا.

(۳)

جوڳي چاڳائڻ تا، دل اندر دونهان،
ويراڳي وصال جا، سنياسي سونهان،
ڪمر قلابا ٻڌي، مرڪي ٽيا مونهان،
راضي ٿي روحان، رڙهندي راهوبد ڏي هليا.

---

(۱) سماوات = آسمان (سماءُ - واحد).
* نئي (ص). ★ روح ڪي اهو (غ).

"الف" آديسين جي، ماءُ نهوڙيس نينهن،
وري سي واريءَ تي، وَٺا محبت مينهن،
پهچان مانَ "پريل"(۱) چئي، ماءُ سنياسي سيئن،
ڏنڙي ٽيم ڏينهن، ڪينر(۲) ڪاپڙين جا.

"ب" براتون(۳) يار جون، اجهي مون آيون،
بابُو بهرياب ٿيا، آين اوساهون(۴)،
سڀ سهارا سئير ٿيا، ڪنجي ڪارايون،
پڌر ٿيا پايون، ڳجهيون ڳجهڙيون ڳالهڙيون.

"ت" تواضع يار جو، مٿي مون آهي،
ساهه سِري صدقو ڪريان، لڳن تان لاهي،
مانَ ملاقي مون ڪري، راهوندڙ ۾ راهي،
چِنڻ مان چاهي، گڏج نه گوندر لاهيون.

"ث" ثبوتي ڳالهڙيون، جوڳي جاڳائين،
نعرا نفيءَ جا هنيو، خوديءَ کي ڪائين،
آڏوتي*(۵) ارداس(٦) ۾، الک سان آهين،
"لا" سڏو★ لاهين، "الف" کي اوڏو ڪري.

"ج" جدائي يار جي، اڄ مون کي تي ماري،
عهد اڄوڪي ڏينهن جا، مانَ پرين پاري،
جوڳي مِنهنجي جان کي، آيل اُجاري،
آءُ ڪنڌئون اُڪاري، سر سنياسيءَ کي ڏيان.

---

(۱) پريل = سائين پکن ڏٽيءَ جي حاضريءَ جو فقير. (۲) ڪينر = ڪنن ۾ پائڻ جا والا.
(۳) براتون = خوشيون. (۴) اوساهون = نيڪ فالون ـ خوشخبرون. (۵) آڏوتي = سنياسي فقير. (٦) ارداس = عرض، سوال.
* "آڏوتي به ادب کان، ڳجهه نه ڳالهائين. ★ سڏون (م)."

"ح" حليمت سان تيو، واريءَ ۾ واپار،
سي سنياسي آئيا، جن جو جيءُ اجار،
هن زماني ضعيف ۾، كيائون كريمي كار،
اندر جو تہ اجار، "امين محمّد" آئيو.

"خ" خوشيءَ جون خبرون، مان مكائون،
"خَيْرٌمِّنَ النَّوْمِ"(١) كان جاڳڻ جفائون،
"مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ"(٢) ائين اتائون،
راهوند رتائون(٣)، هالن كان بہ هلي كري.

"د" دمامان(٤) عشق جا، ويئا وڄائين،
تُنبيُنِ كي تارون ٻڌي، ڳجهڙو تا ڳائين،
آڏوتي ارداس ۾، الك سان آهين،
لِك نتا لاهين، جيكو آر الست جو.

"ذ" ذكر اذ كار تيو، آديسين كي ايءُ،
سامي سر عرفان كان، "هو هو" چون هِيءُ،
پرت پيالا هٿ ۾، پلتيون چون پيءُ،
آءُ اسان جو تيءُ، ثابوتي سبحان جي.

"ر" رياضت تن جي، مڙني كي معلوم،
ويراڳي ويهي رهيا، بَرُ كيائون بوم(٥)،
كنڌ ڏريائون كات تي، سي اجاري صوم،
اندر هُلَ هُجومَ، گاروڙين گرنات(٦) جا.

(١) خيرمن النوم = صبح جي اذان ڏانهن اشارو، جنهن ۾ استعمال كبو آهي - الصّلٰوة خيرمن النوم - يعني نماز ننڊ كان ڀلي آهي. (٢) من عرف نفسه فقد عرف ربه = جنهن پنهنجي نفس كي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب كي سڃاتو. (٣) رتائون = ڳاڙهو كيائون. (٤) دمامان = نغاري جو قسم. (٥) بوم = ماڳ. (٦) گرنات = مرشد - فقير.

"ز" زيارت تن جي، قادر ڪاري ماڻَ،
هتان جي هلي ويا، سور ڪري سامان،
ماڻَ رهن ڪا راتڙي، مون وٽ تي مهمان،
اسان تي احسان، موٽي ملڻ جا ڪندا.

"س" سخاوت سان ڪري، اندر اجاريئَون،
ٻاري ٻاهه برهه جي، مَاسوا(۱) ماريئون،
اڪڙيون الک ڏي ڪٽي، نرتئون نهاريئون،
پرِ اها پارئيون، "احد" سان اقرار جي.

"ش" ٻڏائون شملا، ڏاڳا ڏريئون لال،
تُنبين ساڻ طواف جي، رتائون رومال،
ويئا ونڊين ٻاڻ مِر، حقيقت جا حال،
معرفت جا مال، جوڳين جوڙي هٿ ڪيا.

"ص" صبوري سندرا، جوڙي ٻڌا جن،
آڏوتي اسرار جون، پرِسين پچارون ڪن،
ڪينر ڪاپڙين جا، ماءُ منهنجي من،
ڏهاٽي ڏسجن، جي پڪا پرين اڏيا.

"ض" ضميرئون جن ڪي، رائي منجھ رهاڻ،
سدا ساري جندڙو، الله آديسي آڻ،
جيجان جيءُ جَڪي(۲) گهٽو، قلب جن جي ڪاڻ،
حيلا ڪنديس هاڻ، انهن جي ٻه اچڻ جا.

"ط" تمنا طلب جي، اندر ڪي آهي،
جيجان جوڳين سان ٿيان، لاڳاپا لاهي،
جهنگمر(۳) جي جمال ڏي، قرب تو ڪاهي،
اڪين ڪي آهي، وِجهل(۴) ويراڳين جي.

---

(۱) ماسوئي = ڏٺيءِ ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه. (۲) جڪي = پريشان ٿئي. (۳) جهنگمر = وصال جي جاءِ. (۴) وجهل = ڏک - ڪٺي - روج - راڙو.

"ظ" ظهوريَ يار جي، راهونڊ رچايو،
ان کي مجِ مجاز جو، الستئون آيو،
هلڻ جو هنگلاج ڏي، رانول کي رايو،
"پريل" پچايو، اندر عشق عجيب جو.
"ع" اچي اثبات ٿيو، اڄ امين آهي،
مَام محمّد جي رکي، ڪلمي سان ڪاهي،
اِلَّااللهَ آڳانيدو ڪري، سُنگ اهو ساهي،
"لا" سان ٿو لاهي، مڙئي دوکا دل جا.
"غ" غلامي يار جي، رهندو سو راضي،
ان کي استقبال ٿيو، قلب ۾ قاضي،
ماضي مجن ڪينڪي، رمز ۾ راضي،
اها ايراضي، سامي سبق سکيا.
"ف" فياضي ڳالهڙيون، دل کي ڪر نه دور،
فهم فڪرن سان ڪيو، آديسين عبور(١)،
ادنيٰ ڪان اعليٰ رسي، نرمَلَ ٿيا نور،
"پريل" تن جو پور، دمدم پوي دل تي.
"ق" قلابا ڪيوٽيون، جوڳين . جو جنسار،
انئي پهر انهن کي، وحدت جو واپار،
"امين محمد" آئيو، اڙين جو آڌار،
"پريل" تنهن جو پار، جوڙي رکج جيءَ ۾.
"ڪ" ڪثافت(٢) دور ڪريو، جوڳي جلائين،
انئي پهر الک سان، آديسي آهين،
"لا" لانگوٽين کي وٽي، آڻ ۾ آهين،
"هُوَ هُو" هلائين، ٽليءَ* ڏانهن ٽري ويا★.

(١) عبور = آرپار (٢) ڪثافت = ناپاڪائي (ضد ـ لطافت).
*ٽلي (ت). ★هليا (م).

Scanned with CamScanner

"ل" لباسئون دور تيا، ڏاڍا ڏريائون،
هٿ ڪنگڻ ڪنَ ڪيوڻيون، قابو ڪڙيائون،
ويراڳي وصال کي، چت ۾ چُٽيائون(۱)،
منگهٽ(۲) ماٽيائون، هاٽي هليا هنگلاج ڏي.
"م" مشارق ملڪ جا، آندائون اهڃاڻ،
مرڪي مغارب ڏي، هليا "امين محمّد" هاڻ،
آيل آديسين کي، ڪنهن جي ناهي ڪاڻ،
آءُ انهن جي ڪاڻ، مادر مران چونه تي!
"ن" نهاريائون نڪري، راهوند جون راهون،
گُسائي جنهن گس ويا، ايندم اتاهون،
ڏنڊ ڏهاڙي تي سٽيان، پنڌ نه پراهون،
اسان جون آهون، مَنَ پوَنِ ڪَنِ قريب جي.
"و" ولايت جا ڏٽي، اگڻ مون ايندا،
ماٺو شال مبارڪون، ڏهاٽي ڏيندا،
هي جي طعام تيار تيا، سي ڪاهوڙي(۳) ڪيندا،
نماٽي نيندا، پنهنجي ونيو پاٽسين.
"ه" هدايت* تن جي، اتم اندر ۾،
اجهي آديسي آئيا، موتي مندر ۾،
مڙهيءَ ڪان مسجد ڏي، ڪاهيائون ڪرَ(۴) ۾،
داور جي در ۾، عمر انهن کي گهران.
"ي" يگانا يار تيا، مندر ۾ ملڀام،
عمر انهن کي گهران، پرين جي پسيام،
ڏک دل جا دور تيا، خوشيءَ سان ڪليام،
قادر ڪم ڪيام، مڙيئي مقصد تيا.

(۱) چُٽيائون = چونڊيائون. (۲) منگهٽ = تاج - دستار. (۳) ڪاهوڙي = آڏوڻي - مَجَدُ. (۴) ڪرَ = ڪل - خبر - ڄاڻ. * حمايت (ص).

سي حرفيون

"الف" "بي" "تي" بات جي، "ٿي" ۾ ثباتي،
"جيم" جياري جندڙو، "حي" ۾ حياتي،
"خي" خوشيءَ جون خبرون، ڀِتيون پرڀاتي،
سوارو ساتي، اتي جياريو جوڳ کي.
"دال" دليري دائما، دل کان ڪر نه دور،
"ذال" ذڪر ذاتيءَ جو، ڏيهه نه اتئي ڏور،
"ري" رياضت سان رهو، پهچو پڄرئين پور،
"زي" زمين ضرور، ڪيئي ڪاهوڙيءَ ڪپائيا*.
"سين" سڌر(١) سرڪار جو، اتئي ايءِ★ عتاب،
"شين" شريعت سان رهو، برهه پڙهايو باب،
"صواد" صبوريءَ جو اچي، خاوند کان خطاب،
"ضواد" ضروري ضاب(٢)، طرح طريقت جي،
"طوي" طريقت سان ٿيو، وڃي حاضر اڳيان حق،
"ظوي" ظفرياب(٣) ٿي، پڙهو سور سبق،
"عين" اڳيون ظاهر ڪيو، انهيءَ جو افق،
هتان لڏي لَڪ، گاروڙي ڪنهن گس وڻيا،
"غين" غافل نه رهو، حقيقت کان هاڻ،
"في" فڪر فنائيت جو رکي، پنهنجو ڏسو پاڻ،
"قاف" قربين ڪاله ڪئي، رائي منجهه رهاڻ،
اسان کي اهڃاڻ، ويراڳين وصال جا.

(١) سڌر = مضبوط (ضد: نڌر - بيواهه). (٢) ضاب = ضرب - ٿوهر جهڙي وڻ جو قسم.
(٣) ظفرياب = ڪامياب.
* کپايا (ت).

Scanned with CamScanner

"لام" لياقت يار جي، طلب کي تاري،
"ميم"* مري تان مرد ٿئي، جو موت کي ماري،
"نون" نظاري يار جي، نرتئون نهاري،
"واؤ" وري واري، سيڪو ورق وصال جو.
"هي" هجي حال همت سان، باري برھ بيان،
الله آڻج عشق جا، سيئي سامان،
منصب موجودات ۾، ڪهَ(١) پوئي ڪانھ،
هن شاعر جا شان، مولا وٽ مقبول ٿيا.
"هي" "هو - هو" حرف کي، جوڙيو جيءَ ۾ جال،
آن کي عجيبن چيون، کھڙيون ڳالهيون ڪالھ،
سڪ صبر جي ساز جا، رڱايو رومال،
حقيقت جا حال، مورهين منجن ڪينڪي.
"ي" ياري رکي يار سان، قرب ۾ پيو ڪهُ،
"امين محمّد" عشق جا، سور سيئي سَهُ،
گسن تي گرنات جي، رموزي(٢) سان رھ،
سو ڪو پڇين پھ، جنهن سان گُر جو گس ٿئي.

---

(١) ڪهَ = پنڌ - تڪليف. (٢) رموزي = رمز.
*ميم - مُوْتُوْاقَبْلَ اَنْ تَمُوْ تُوْا جيئرو جياري (ت - م).

مولود شريف

(۱)

(بهاڳ)

مرحبا يا مُصطفيٰ سردار سرور مرحبا،
مرحبا شاهه رُسُل يا مير مدني مرحبا.
مرحبا معراج ۾ آن کي چيو خلقي* خدا،
يا شفيع المذنبين آءِ عاصين احمد اجها.
مرحباملڪوت چيو آن تي سدا اي سيّدا،
اي "يُرِ يْدُاللهِ اطهر"(۱) توتي صلواة و ثنا.
شرف تنهنجي شان ۾ يٰس، طٰهٰ هَل اَتيٰ،
وصف تو "وَالّيْلِ" وارن "وَجْهڪَ" تنهنجو "وَالضُّحيٰ"(۲).
خَلَقْتُ الْجَنّاَتِ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَ نْهَارُها(۳)،
"يُرزَقُونَ فَرِ حِيْنَ" فائق تو هتان سڀ توهه تيا.
حَاجَتِ الذّراتُ وَجداً عِندَفِي اُسلُوبهَا،
يا محمّد مصطفيٰ وَانتَ شافعُ وَالشّفَا.

(۲)

(بهاڳ)

محمد مصطفيٰ ڪرمازميان، دلگيرن جا دلدار ميان.
اول صدق صديق جو، ياور سندءِ هو يار ميان،
عمر عادل دين جو، اڙين سندو آڌر ميان.

---

(۱) يريد الله اطهر = جنهن کي الله، پاڪ ۾ پاڪ گهري ٿو.
(۲) يٰس ـ طٰهٰ ـ هل اَتيٰ ـ والّيل ۽ والضحيٰ = قرآن شريف جي سورتن جا نالا آهن، جن ۾ نبي ڪريم جي پاڪ وصفن جو بيان آهي.
(۳) خلقت ۽ انهارها = قرآن شريف جا الفاظ ـ هن بهشت جا باغ خلقيا جي هميشه هوندا ۽ جن هيٺان نهرون پيون وهن. اتي انهن کي فرحت وارو رزق ڏنو وڃي ٿو.
* خلق (ت).

عثمان اڪمل آءُ چوان، ۽ حيدرِ ڪرّار ميان،
ڪنبائي ڪفران کي ڏڙ ڪان سِسِيون ڪيئين* ڏار ميان.

ڀيا مڙئي ڀڳڙ هئا، اصحاب ۽ انصار ميان،
سر سدا صدقو ڪري، گهورون ڪيئون گهر ٻار ميان.

عرض منهنجو احمدا دائم سندءِ دربار ميان،
ڇڏايوم ڇِين ڪان ڪم چڱا مون ڪار ميان.

هوس هميشه حرجَ ۾ بديءَ جي بازار ميان،
وسيلا مون وٽج ڪيا سي لاأَبُدُ★ لاچار ميان.

آهي اميد "امين" جي مدد تي هرڪار ميان،
توهه تنهنجي تي تڳان دلبر اتم درڪار ميان.

(٣) (ڀاڳ)

ريءَ جانب● جيئڙو جلي، ساهه سِڪي تو سَيّدا،
منزل رسائج مدّعا، هي تنهنجو توهي سيئن.
واري وصل وصال جو، ڪو حيلو ڪريان هيئن،
ڪاف ڪشالا ڪيترا، ريءَ لطف لنگهنديس** ڪيئن.
عشق احمد چام جي، ننگ نهوڙيس نينهن،
وسن شال وجودِ تي، من ميڙائي جا مينهن.
ورج وسيلا واهرو، هيڪلڙيءَ تي هيئن،
دور دلين جا وريا، رڳي★* چوڏس شرطن سئن.
وڏايو ٻه وندر ۾، منجهه جفعل جوڙي جيئن،
"امين" اوهان جي آسري، وينو ڏکيا گهاري ڏينهن.

---

* ڪيائين (ت). ★ عبد (ت). ● جلي جيڙو جانب ري (غ). ** لنگهندس (ص). ★* لڳي (ت).

مَرثِيه

(١)

السّلام اي " سرّ سُبحَان الذي اَسريٰ" امير،
السّلام اي سيّدا يٰس طٰهٰ مهر* منير،
السّلام اڙين اجها اي دل دکين جا دستگير،
السّلام اي مرسلن جا مقتديٰ(١) صدر سرير(٢)،
السّلام اي سرجدا سردار سرور السّلام،
السّلام اي شافع في يوم محشر السّلام.

(٢)

جڏهن حسين ابن علي پيدا ڪيو پرودگار،
حڪم ٿيو ان وقت جبرائيل کي از ڪردگار،
ڏي مبارڪ مصطفيٰ کي وڃ مديني جي ديار(٣)،
لوڏ ان پياري جو پينگهو نير نيڻن واهي نار،
"في الجنَانِ نَهرُ لَبَن"(٤) هي لال کي لولي ڏجان،
هَيءِ حسيناَ هَيءِ حسينا هيئن چئي ڪورنش★ ڪجان.

(٣)

اصل ڪئون ب$، اقطاب هو شاهہ، شهيدان ڪربلا،
"اَنت مِنِي مَن مُدّعا(٥)" چوندو هو جنهن کي مصطفيٰ،
نُور چشم و ماهرو خوش وقت چيو خيرالنساءِ،

---

(١) مقتديٰ = جنهن جي پيروي ڪجي. (٢) صدر سرير = تخت تي بالا نشين. (٣) ديار = ملڪ. (٤) في الجنان نهرلبن = بهشت ۾ کير جي نهر. (٥) انت مني = تون مون مانآهين، يعني منهنجو جزو آهين.

* مهرو منير (غ ـ ص). ★ ڪرنش (ت ـ ص). $ ڪان (ص).

مرحبا "مِن رّوحِ رُوحِي"(١)الرضاؤ مرتضيٰ،
هو رسول الله جو جنهن کي چون پيارو پسر،
سو حسين ابن علي شاهه شهيدان بحر و بر.

(٤)

اڪثر گهٽو سي گهوٽ گهاريندا هئا مرسل جي گهر،
چوندا هئا ان کي ڪِ آ "وَالشَّمۡسُ وَالضُّحيٰ وَالۡقَمَرُ"،
آڳي تنهنجي ڳالهه هِي پيارا ڪئي هئي پڻ پڊر،
روندا هئا نانو ۽ بابو درد دک ۾ سربسر،
چوندا هئا بابا جڏهن تون ماربين ميدان ۾،
مرگ ٿيندو مرسلن کي روضۀ رضوان ۾.

(٥)

چئو تہ يارو جن جي خدمت ۾ خداء جا خاص هئا،
تن جا رتبا ۽ رضائون خالق* الاخلاص هئا،
نُور عينين(٢) مصطفيٰ هردو پيارا پاڪ هئا،
"بِضۡعَةِ مِنّيِ" نسب پارهہ★ جگر دل چاڪ هئا،
"اِنَّمَا يُطَهِّرُ يُرِيۡدُ اللهِ" جن جي شان ۾،
تشنہ لب خستہ جگر ڪيئن ماريا ميدان ۾.

(٦)

هاڻي تون هڪ رات جا سڻ حادثا ۽ هُلَ حشر،
جڏهين ڇهن ورهن جو ٿيو لعل لاابالي گوهر،
وَالضُّحيٰ وَجهُڪَ شجاع شاه شهيدان★★ بحروبر،
فانقي فرمان جنهن جي واسطي هو "وَالۡقَمَرُ"،

---

(١) من روح روحي = منهنجي روح جو روح آهين. (٢) نورعينين = ٻن اکين جو نُور،
* خالق الاخلاص (ت ـ ص). ★ پاران (ص). ★★ شهيد (ت ـ م).

Scanned with CamScanner

امّ سلمه رضہ(١) جي اڱڻ آيو عليءَ جو نونهال،
ڏي پڇيئين آيو آهي نانو* نبّي ذوالجلال.

(٧)

ام سلمه رضہ چيو اڳيان اي مرحبا ميرل اچو،
آنهنجي★ ناني اچڻ جو وقت آهي ويجهڙو،
ترس تا اوہڻ اچي محبوب مرسل من مِٺو،
اي ابا تنهنجي اچڻ جو مون ڏي اڄ رستو ڏٺو،
فارغ المحراب منبر ڏي اچن تا هن گهڙيءَ،
تيستئين آرام فرمايو اي منهنجا پيارا ٻيءَ.

(٨)

تڏهن پلنگ تي پير ڏئي خوش ڏي ستو ابن الامام،
انتظاريءَ ۾ انهيءَ ايندو اجهو او ذوالڪرام(٢)،
مر اسان جو منهن ڏسي نانو نهاري صبح و شام،
آءٌ اُن سان اڄ ڪريون ڪي ڳاڻ ۾ قرب و ڪلام،
تان طبيعت ناز پرور ننڊ نرمل ڪي ڪنيو،
سر رکي بالين(٣) بستر تي سجڻ سمهي رهيو.

(٩)

ٻن گهڙين ڪان بعد ات آيو رسول ذوالجلال،
ءِ ڏٺئين بستر ستو بالين تي بدرالڪمال،
ام سلمه رضہ کي چيائين هي اسان جو خوشخصال،
مرسُتو سوڪو رهي هن ساڻ واحد جو وصال،
ٻيو پلنگ پرساڻ هن جي آڻي جوڙيو جود ڏيو،
من گهريو مطلب اسان جو مڙئي هن موجود ڪيو.

(١) ام سلمه = رسول جو حرم پاڪ. (٢) ذوالڪرام = عزت وارو. (٣) بالين = وهاڻو.
* نانا (ت ـ ص) ★ اوهان جي (ص).

(۱۰)

امّ سلمه رضہ ان گھڙيءَ آٽي وڌو ان سان پلنگ،
منهن ڏنو تي مصطفيٰ لولاڪ صاحب لعل رنگ،
خوش ٿي چيئون امّت اسان جي نُور جو پرور تي ننگ،
حشر ۾ هوندو اسان کي هن جو همره سات سنگ،
آئي ننڊ بيبيءَ کي باقي پاڻ پيا ذڪر خدا،
اوچتو عرشن کان ٿيو آواز نرمل کي ندا.

(۱۱)

يا محمّد مصطفيٰ ﷺ اڄ ماريه مجلس جڙي،
۽ اوهان جي لاءِ آيا ماڳ ات مرسل مِڙي،
۽ عليءَ رضہ ڏي اوليا ألحال حاضر ٿيا هلي،
هن اوهان جي پياري پٽ لئي اڄ عزاداري لڳي،
۽ ڏسو ارض و سماء ۾ هي حشر ۽ شور شيَن(۱)،
سڀ کي وائي وات هيءَ هر هڪ چوي هَئي هَئي حسين.

(۱۲)

جوڙي جبرائيل آندي ات انباري سبزدار،
سڀ ملڪ موجود ٿيا سنبري ٿيو سرور سوار،
ڪلّ لَيلٍ ڪربلا ۾ مظهر و ماتم تنوار،
هَي حسيناً هَي حسيناً ڪيو رئن رت زارو زار،
خاڪ سر سيني کي واويلا جي ات ٻاڪار هئي،
سر پِٽڻ سينو ڪٽڻ ۽ ٻي نہ ڪنهن جي ڪار هئي.

(۱۳)

آدم و نوح و خليل* ۽ آل عمران اشڪبار،
۽ ٻہ اسماعيل آن دم تي رنو رت رشتہ دار،

(۱) شور شين = گوڙ شور.
* و (غ ـ ت).

Scanned with CamScanner

موسيٰ ۽ عيسيٰ ٻہ آيا ٿي رداء(١) بيقرار،
هر ڪنهين ڳل ڪاري ڪفني آه هڪ هئي هئي هزار،
جڏهن محمّد جو قدم پيو ماريہ ميدان ۾،
سڀ مَلڪ موجود ٿيا ان گوڙ ۽ گهمسان ۾.

(١٤)

مڙئي مرسل معرڪي هئا حال حضرت هوبهو،
سر پٽي سينو ڪٽي ڪيئون رنگ پنهنجا سرخرو،
ڪربلا جي خاڪ ۾ مڙئي ٿيا روليده(٢) مُو*،
هٿ ڪٽي حضرت اڳيان ڪيئون آه عرشين ڪوبڪو(٣)،
چيائون هي ماتم اسان جو حال هي زارو زبون،
آهہ اي ختم الرسل اناالیہ راجعون.

(١٥)

۽ ٻہ اسماعيل آن دم هٿ چمي ڪيو هي عذير،
هاءِ هن ڌرتيءَ متي ايندو هلي حضرت شبير،
هوندو عزرائيل انسان تان ٻہ تقدير قدير،
۽ ٻہ تيندو قتل هن هند نائب نعم النّصير،
۽ هتان هڪ خاڪ جي چپٽي امانت نيو اوهان،
جڏهن اهائي سرخ ٿئي تڏهن قتل ٿئي شاهِ جهان.

(١٦)

تڏهين وجهي دامن ۾ دلبر خاڪ ڪنئين خيرالوريٰ،
۽ چيو جبريل کي ان حاميءَ هردوسريٰ،
آڻ هڪ شيشو شتابي از ڪرم ڏهون ڪبرياء،

(١) رداء = تباهي - چادر. (٢) زوليدهٔ موء = منجهيل وار. (٣) ڪُوبڪُو = گهٽيءَ گهٽيءَ ۾.
* سر (ص).

تان رکئون هي خاڪ خاصن جي امانت اتقيا،
آندو جبرائيل جلديءَ سان نمونو نُور جو،
۽ اڳيان آڻي رکي ڪيائين معجزو مذڪور جو،

(۱۷)

چيائين هن مرقد کي مرسل خاڪ سين هاڻي پريو،
جي اوهان جو جانبِ دارالبقا ڏي سفر ٿيو،
تان ڏجو هي اهلبيتن کي مقرر معجزو،
جو پيارو پاڻ وٽ ڪنهن ڏيان سان نيئين ڏريو،
چئجو هن مرقد جي جڏهن خاڪ ساري خون ٿئي،
تڏهن اسان جو لعل و گوهر ماڳ هن مدفون ٿئي.

(۱۸)

پوءِ مڙني مرسلن ئي موڪليو مير کان،
بعد ماتم معرڪي ان تابع تقدير کان،
زيب و زينت عرش ڪرسيءَ جي محمدصہ مير کان،
حامي - هر دوسريٰ ان عاصين دلڏير کان،
السّلام عليڪ يا شبّير جا نانا نبي (صلعم)،
منجهه قضا هن قتل جي توريءَ رضا ٻي ڪانه ڪي.

(۱۹)

آن کي آهي شاهدي ۽ هن عِزاداريءَ جو حال،
ڪيو اسان ٻورو اچي فرمايو جيڪي ذولجلال،
هاڻي مڙئي ماتمي آهيون اسين قربِ قمال،
هي اجر ايندو اسان کي تنهنجي نرتئون نت مقال،
پوءِ جبرائيل عليءَ سان هت عزاداري ڪئي،
هَي حُسينا هَي حُسينا ناله و زاري ڪئي.

(٢٠)

هٿ چمي ڏني حاضري ارواح ٿيا عرشن جي پار،
آه سرد آبِ روان محمّد (صلعم) مديني جي ديار،
چيائون اي جبرئيل اخي حڪم قضا سان ڪهڙو عار،
نا ته ڪنهن جي سيني جي سانڊڻ جي آهي هيءَ نار؟
اي ادا آهي اسان کي راز ربّ العالمين،
نت اسين هن لئي پڙهون جي جامع المتفرّقين.

(٢١)

هڪ گهڙي اڳهين اتي بيبي محمّد ﷺ مير جي،
جان ڏسي تان ناهه مرسل ڪٿ متي نرمل نبي،
۽ ڪڙا قابو درن کي ٻي نه ڪا آهي دري،
ان تعجّب ۾ تحيّر هئي اچا تان آه تي!
جان ڏسن تان هٿ ۾ شيشو ۽ رسولِ رازدان،
منهن مبارڪ گرد ۾ ۽ آب اکڙين کان روان.

(٢٢)

تڏهين ڏسي هن حال جو ٿيو ام سلمه کي عجب،
چيائين يا مرسل مٺا هيءَ آه و زاري چا سبب،
۽ ڪريو معلوم هي جگر جفا تردد(١) و تعب(٢)،
زلف گرد آلوده آهن آه لب لرزان غضب،
نُور چشمان ناز پرور هُئين تون ڪامل منجهه قرار،
گرد آلوده ٿيا چو، تنهنجا گيسو مشڪبار؟

(٢٣)

چيو نبي ان کي نهاري هڪڙو دم خاموش ڪر،
هي اسان جي هٿ سو وهلو وڃي رک پنهنجي گهر،

(١) تردد = فڪر. (٢) تعب = رنج.

تان ڪريون مذڪور آن سان جيڪي گذريو سربسر،
هَي اسان جو هَي قراريو لاڏلو پيارو پسر،
تنهن جو اڄ مظهور مون سان مرسلن ماتم ڪيو،
راز ربّ العالمين جبرئيل شامل حال هو.

(۲۴)

سر چميو محبوب جو چپائون نير نيٽين واهي نار،
" اِنَّ اللهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَالْمُحْسِنِيْنَ"(۱) اي من قرار،
ماريہ ميدان ۾ تون هڪڙو، هُو هوندا هزار،
تشنه لب دريا ڪناري سر ڪندا جڏ* ڏڙ ڪان ڏار،
تون سوا صبرن ۽ شڪرن جي نہ ٻي ڪا ڪار ڪج،
مرد ٿي ميدان ۾ سيئي بلائون سر سهج.

(۲۵)

ناز پرور ناني جا اي جيءَ جگر جاني حسين رضہ،
مرسلن ماتم ابا ڪئي تنهنجي مهماني حسين رضہ،
تنهنجي غم ڪؤن عرش ڪرسي آهي ارماني حسين رضہ،
اي ذبيح‌الله اسماعيل جا ثاني حسين رضہ،
مرد ٿي محلات پڄ هي تنهنجي سر سڀ بار آهہ،
ڪربلا نانو نہ بابو ريءَ خدا ٻيو يار ناهہ.

(۲٦)

امّ سلمه رضہ آه جڏهن هي ڳالهہ مرسل کان سٽي،
بيبي ات بيتاب ٿي هَيءَ هَيءَ ڪري سر هٿ هٽي،
ڇا نبي خيرالوريٰ هيءَ وائي جا آن ڪي★ وٽي،

(۱) لايضيع...الخ = قرآن شريف جي آيت، ڏٺي تعاليٰ نيڪن جو اجر نٿو وڃائي.
* جڏهن (ص). ★ آنکي وائي جا وٽي (ص).

انھيءَ ارشاد ڪئون ٻچڙي کي شل رکندو ڏٽي،
هن مِني جون من مرادون شال ڏيکاري الله،
هي سلامت هئي سدا، آءُ هن تان ڪريان صدقو ساھ.

(٢٧)

ابتدا تا انتها هَي هَي جني جو ھھڙو حال،
بعد ناني بابي کان ان تي جنڻ آيو جنجال،
تانڪ ڏک سک ۾ گذاري ٿيو عمر پنجاھ سال،
جسم جمعيت(١) ڪين هئي ۽ ساھ ساري ٿو وصال،
جيڪي سرگذري سا گذري لعل کي ليل و نهار،
ناني بابي ۽ ادي جي ساھ کي هر وقت سار،

(٢٨)

جَامِعُ الْمُتَفَرِقِينَ الفاظ پڙھندي ڏينهن رات،
تان اچي ڪئي اوچتي ڪا قاصدن ڪوفين جي بات،
چيائون يا ابن الامام آهي اوهان جي تن کي تات،
آءُ اسين بيعت ڪريون يا سَيِّدِ عالي صفات،
مهرباني جو مجاهد ڪو ڪرم ان تي ڪريو،
جيڪڏهن ڪوفي طرف اقدام عاليءَ کي ڌريو.

(٢٩)

تڏهن مجي هي مرتضيٰ فرزند فرمايو ڪِ ربّ،
ٿيو اسان کي حال حاصل دير سو ڪھڙو عجب،
ٻنھنجا نيندس پاڻ سان خورد و ڪبائر(٢) ساري سڀ،
جن کي از روز ازل هوندو سعادت جو سبب،
سي سڀئي مون ساڻ هلندا شام شهزادا سوار،
توڙي هنڌ پيادو ڪَٽيندا ڪين مڙندا منھنجا ٻار.

(١) جمعيت = آرام. (٢) خوردو ڪبائر = ننڍا وڏا.

(٣٠)

هيئن چئي اسباب آڻائيون سفر جو ساز ٿيو،
از زمين تا آسمان اهو الوداع آواز ٿيو،
چئي چڙهيا "نَصْرٌمِّنَ اللهِ"(١) اڄ رباني راز ٿيو،
هيئن قلم چيو ٿي قضا کي هي نسورو ناز ٿيو،
هي حقيقت ڇا لکان اي آسمان انڌار آھ،
هي شهيد ڪربلا ڇاڻي جنهين تي بار آھ.

(٣١)

ڇا لکان تيغ و تبر ۾ ڇا هنن ڇاتي چوان،
هي حياتيءَ ۾ هميشه صرف صفاتي چوان،
"ڪُلُّ شَيءٍ يَرجِعُونَ"(٢) هي ذات ۾ ذاتي چوان،
يا "امين محمّد" اهيئي سرّ سماواتي چوان،
هي مدد منهن جي ڪندا دوجڳ ۾ دنياؤ دين،
ڪر صبر سر ڇاڻ "اِنَّ اللهَ مَعَ الصَّابِرِيْنَ".

(٣٢)

هادي هر دوجهان رهبرِ راھ حسين رضه،
آسماني عزّو عظمت جا مهر ماه حسين رضه،
تو ڪريان هن حال جي آنساڻ آگاهي حسين رضه،
ڏي مداحيءَ کي مراتب يا شهنشاھ حسين رضه،
داد ڏي دارين جو يا وارث والا ولي،
توتي هي سرُ خَفِيُّ مالڪِ مُلڪ جلي.

(١) نَصرمِن الله و فتح قريب = قرآن جي آيت، الله جي طرفان مدد آئي، فتح قريب آهي.
(٢) ڪل شَيءٍ يَرجِعونَ = هن حديث ڏي اشارو ته "ڪل شيءٍ ير جع الیٰ اصله" يعني سڀ شيون پنهنجي اصل ڏي موٽن ٿيون.

متفرقات

(جواب خط جو مخدوم امين محمّد سائينءَ جي طرفان)

(بطرف سيّد حيدر شاهه اجناڻي)

"اَلْعِشْقُ نَارُ اللهِ"(١) کي، جي سالڪ سڃاڻي،
ته سر ڏئي سودو ڪري، نينهن وٺي ناڻي.

وري وجه الله ڏي پڌرو ٿئي پاڻهي،
ڪنين سوري سيج ڪئي، ڪي گهميا ڪي گهاٽي،
ڪي سر قدمِ يار چڙهي، هليا ويا هاٽي،
انهيءَ اهڃاڻي، اٿئي حيدر ڪم همّت جو.

حيدر شاهه همّتَ سان، وٺ گاروڙين جو گس،
"لا" ۾ لاهوتين جو، ڏوري پڇج ڏس،
تي آڏوتي اڪڙين ڪان، نير وهايو وس،
پوءِ جوڳي چوندئي جس، اڇي آسڻ تنهنجي.

جي پائنين جوڳي تيان، ته جهونجهي(٢) ڏسج جُوءِ،
مٽڪا مالهان جا چڙهي، هل هنئين جي سُوءِ،
سيڪو داڻو دل جو، وچي پنبڻين وٽان پُوءِ،
پوءِ "هُو هُو" منجهان هُوءِ، پاڻهي ٿيندا پڌرا.

---

(١) العشق نارالله = عشق الله جي باهه آهي. هن باري ۾ اسان کي ٻه عربي قول ملن ٿا. (الف) العشقُ نارُالله اذا وَقَعَ = عشق جڏهن ظاهر ٿئي ٿو، تڏهن خداءِ جي باهه آهي. (ب) العشقُ نارُالله المُوقدَهُ = عشق خدا جي ساڙيندڙ باهه آهي. (٢) جهونجهڻ = ڳولڻ.

متفرقات

(جواب خط جو مخدوم امين محمّد سائينءَ جي طرفان)

(بطرف سيّد حيدر شاهه اجناڻي)

"اَلْعِشْقُ نَارُ اللهِ"(١) کي، جي سالڪ سڃاڻي،
تہ سر ڏئي سودو ڪري، نينهن وٺي ناڻي.

وري وجه الله ڏي پڌرو تئي پاڻهي،
ڪنين سوري سيج ڪئي، ڪي گهميا ڪي گهاٽي،
ڪي سر قدمِ يار چئي، هليا ويا هاڻي،
انهيءَ اهڃاڻي، اٿئي حيدر ڪم همّت جو.

حيدر شاهه همّتَ سان، وٺ گاروڙين جو گس،
"لا" ۾ لاهوتين جو، ڏوري پڇج ڏس،
تي آڏوتي اڪڙين ڪان، نير وهايو وس،
پوءِ جوڳي چوندئي جس، اچي آسڻ تنهنجي.

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ جهونجهي(٢) ڏسج جُوءِ،
مَڪا مالهان جا ڇني، هل هنئين جي سُوءِ،
سڪو ڏاڻو دل جو، وڃي پنبڻين وِٽان پُوءِ،
پوءِ "هُو هُو" منجهان هُوءِ، پاڻهي ٿيندا پڌرا.

---

(١) العشق نارالله = عشق الله جي باهه آهي. هن باري ۾ اسان کي ٻہ عربي قول ملن ٿا. (الف) العشقُ نارُالله اذا وَقَعَ = عشق جڏهن ظاهر ٿئي ٿو. تڏهن خداءِ جي باهه آهي. (ب) العشقُ نارُالله المُوقدهُ = عشق خدا جي ساڙيندڙ باهه آهي. (٢) جهونجهڻ = ڳولڻ.

وڏائون وحدت جا، دل اندر درياهه،
بابو كاهين بَرَ ڏي، سامي سنجهه صباح،
وٽي ويراڳين كي، صبر جي صلاح،
تن آديسن كي آهه، ائني پهر الک جي.

ائني پهر الک ڏي، آءِ حيدر شاهه هلي،
جهنگم جي جمال كان، ڳولڻ جي ڳلي،
اها آديسن ڳالهڙي، سورن ساڻ سلي،
راهوندڙ منجهه رلي، تڏهن جوڳڻ جُوءِ كئي.

Scanned with CamScanner

غزل
اردو فارسي آميزش

دست دردست باده نوشان نوش

(۱)

اي "امين" نزد ما مي آمد دوش،
از من و عشق يار جوشان جوش.

يار مست و خراب آيا هي،
ساغرِ سرخ ناب لايا هي،
جو مزه دائمي تا پايا هي،
دست دردست باده نوشان نوش.

من کي مين ني مراد هي پائي،
عالم افلاک سي صدا آئي،
حال بدمست زلف لهرائي،
بانگ بوسي کي گرم گوشان گوش.

آ ملا جسم وجان کا جاني،
جان ميري تي جس کي مهماني،
ديک دلبر مرا هي لاثاني،
گئي رقيبون کي حال هوشان هوش.

لوگو محفل مين کيا کرون اظهار،
مين ني ديکا وه دلربا دلدار،
اب تو اک بات سي يي هون لاچار،
يار کهتا هي هو خموش خموش.

Scanned with CamScanner

(۲)

بانگ شهباز

ای پارسا چه دانی تو شیوه ز رندا،
شهباز برشکارم تو کَی ز اهل رندا.
ما مالکیم "سرّی" اسرار راز عشقیم*،
ما خسرویم اجابت، ما خوشدلیم خندان.

ما دلمراد داریم، جامِ جهان نمائی،
تو دل طمع به تسبیح، بیباک نا پسندان.

ما واقفیم وجهی، حور و قصر چه دانیم،
مادیده ایم دیدان، توکی نه چید چندان★.

انصاف کُن بیائید، هر دو شویم حاضر،
تو طالبِ تمنّا، ما میر مستمندان،

آمد "امین محمّد" مطلوب شد میسّر،
ما★* عاشقِ الستیم، تو عرض ارجمندان.

اسرار عشق رازم (م). ★ چیدان (ص). ★ من عاشق الستم (غ).

قطعه ـــ غزل اردو

سیکڑون سر گُم ہوئي گمراہ کا

آہ و فریاد وفغان پر میري یہ هنستي هین لوگ،
کوئي کهتا هي ک جي اور جان سي یي مر رہا.

عشق میرا هي تمهاري عقل هي افراسیاب،
دل کي میدانِ مظفر، رستمِ رن پر رہا،

مارکر میرا هي ملتا، خون هي خرگاہ کو،
دست وپا دونون هین رنگین، قاتل کف تر رہا.

اي "امین" اس بات پر انصاف هي اس آن مین،
سیکڑون سر گُم ہوئي گمراہ کا رهبر رہا.

غزل اردو ـ ناقص

بستہ هین تیري سجن زلف کي هر خم خم سي

یار کیون هوتي خفا، قِر هو دوبارہ هم سي،
آج کیون الٹ گیا، میرا ستارہ هم سي.

شعلۂ دل سي مري آسمان یي جلتا هي،
آگ تو بجهتي نهین میري چشم کي نم سي.

خنجر، دست حنائي کي هزارون کشتہ،
بستہ هین تیري سجن زلف کي هر هر خم سي.

Scanned with CamScanner

(۲)

مِٽا ڪون سکي گا

تيري دام سي ميري دل کو چڙا کون سکيگا،
تقدير کي لکهي کو مٽا کون سکيگا،

وه لائي ميري حق مين چري سينہ پہ ميري،
اس هات حنائي کو هٽا کون سکيگا.

مرگان کي تيرون سي تو زخمي هين هزارون،
گهايل کو تيري ديک بچا کون سکيگا.

افسونگري کرتي هين خود وه ميري دل پر،
پيچون بي مين اس کي چڙا کون سکيگا.

گر آپ چلن هار هو اي ميري پياري،
اس داغ جدائي کو متا کون سکيگا.

هر دم هي "امين" ميري شفاعت پہ*محمد ﷺ
گردش مين زمانہ کي لٽا کون سکيگا.

---

* پہ (ت).

ضمیمہ

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

ضميمو نمبر ۱

سندن عصر

سندن تولد ۽ انتقال جي زماني کي جيڪڏهن نظر ۾ آڻبو، ته هي پڌري پَٽ ظاهر ٿيندو ته سندن تولد انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان فقط پنج سال اڳ ٿيو آهي، ۽ سندن وفات وقت انگريز هن سرزمين تي ٽيتاليهه سال کن حڪومت ڪري چڪا هئا. هن دور کي روحاني علمي خواهه ادبي نقطہ نگاه کان وڏي اهميت آهي. درس و تدريس ۽ فيض جا واهڙ پئي وهيا. سيڪنهن بزرگ جي زماني جي بزرگن جا ٽي طبقا ٿيندا آهن. هڪ طبقو ان بزرگ جي وڏڙن جو، جي هن جي ننڍي اوستا ۾ ئي گذري ويا. ٻيو طبقو مذڪور صاحب جي همسر معاصرن جو جي لڳ ڀڳ سندس همعصر هئا. ٽيون طبقو انهن بزرگن جو جي ان صاحب کان ننڍيءَ ٿهيءَ وارا آهن. مان سائين ڀڪن ڏٽيءَ جي پهرئين خواهه ٽئين طبقي وارن بزرگن جو ذڪر سن وار ۽ نالن وار ڪري، ٻئي طبقي وارن جو احوال ذرا تفصيل سان ڏيان ٿو، جيڪي درحقيقت تاريخي نقطہ نگاه سان معاصر چئبا. پهرين طبقي وارن بزرگن مان چند مکيه شخصيات هي آهن:

۱. صوفي دلپتراءِ (وفات ۱۸۴۱ - ۱۸۴۲ع)
۲. مير نصير خان ٽالپر (وفات ۱۸۴۵ع)
۳. مير صوبدار خان ٽالپر (وفات ۱۸۴۶ع)
۴. آخوند محمّد بچل انور متعلوي (وفات ۱۸۶۱ع)
۵. محمّد عارف صنعت شڪارپوري (وقات ۱۸۴۹ع)
۶. فقير نانڪ يوسف (وفات ۱۸۵۳ع)
۷. مير فخرالدين علوي شڪارپوري (وفات ۱۸۵۴ع)

Scanned with CamScanner

٨. مرزا خسرو بيگ (وفات ١٩٦٠ع)
٩. خليفو ڪرم الله شڪارپوري (وفات ١٨٧١ع)
١٠. پير محمّد اشرف شاھ قريشي (وفات ١٨٧٧ع)
١١. چين راءِ سامي (وفات ١٨٥٧ع)
١٢. خليفو گل محمد سانوڻي هالائي (وفات ١٨٥٥ع)
١٣. مير شهداد خان ٽالپر (وفات ١٨٥٧ع)
١٤. عثمان فقير سانگي (وفات ١٨٦٠ع)
١٥. مير صابر علي ٺٽوي (وفات ١٨٦٨ع)
١٦. فقير قادر بخش بيدل (وفات ١٨٧٢ع)
١٧. مير حسين علي خان ٽالپر (وفات ١٨٧٨ع)
١٨. حمل فقير لغاري (وفات ١٨٧٨ع)
١٩. سيّد قطب علي شاھ قطب (وفات ١٨٧٩ع)
٢٠. بچل شاھ مانجهند وارو (ولادت ١٨٠٧ع، وفات ١٩٠٦ع)
٢١. صوفي آسورام هالا پراڻا (ولادت ١٨٢٤ع)
٢٢. مولوي بهاءالدين بهائي ميرپور ماٿيلو (ولادت ١٨٣٣ع)
٢٣. ميان واليڏنو فقير شڪارپوري (ولادت ١٢٣١ھ ڌاري)
٢٤. مولوي قاضي حاجي محمد عثمان نوشهروي (وفات ١٨٧٥ع)
٢٥. مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي ٩٠ ورهين ۾ (وفات ١٢٩٦ھ)
٢٦. مولانا گل محمّد بن نور محمد شهداد ڪوٽي (ولادت ١٢٤٩ھ)
٢٧. مولوي محمّد علي "طالب" بکري مؤلف "ظهور نامہ" تاليف سن ١٢٧٤ھ
٢٨. فقير خير محمد هيسباڻي (ولادت ١٢٢٤ھ)
٢٩. پير سيد علي گوهر شاھ اول راشدي اصغرالمعروف بہ "بنگلي ڌڻي" (١٢٣١ - ١٢٦٣ھ)
٣٠. خواجہ نجم الدين درازي (١٢٣١ - ١٢٧٣ھ)
٣١. فتح فقير حيدرآبادي (وفات ١٨٤٣ع ڌاري)
٣٢. پير غلام محي الدين شاھ راڻيپور وارو

Scanned with CamScanner

٣٣. ميان محمّد يوسف كنياري وارو عرف "روضي وارو مخدوم" (وفات ١٢٧٧هه)
٣٤. مخدوم فضل الله قلندر جهوڪ شريف وارو
٣٥. پير محمدّ شاهه قادري درگاهه بدين (ولادت ١٨٢٠ع)
٣٦. پير محمّد حسن ولد پير محمّد زمان ثاني لواري وارو، "خواجه شاهه مدني" (وفات ٧ ـ صفر ١٢٩٨هه)
٣٧. حسين فقير ولد وڏو خان ديدڙ (وفات ١٢٩٠هه)
٣٨. ميان حامد الله عرف حامد حضوري ولد ميان محمّد روشن تونيه (وفات ١٢٩٠هه)

هيو طبقو آهي سائين پکن ڏٺيءَ جي ڏٺل همعصرن جو. "سندن فيض جي عنوان هيٺ اڳ سندن معتقدانه ساٿيارن جو ذڪر اچي ويو آهي. اهي به "همعصر" سمجهڻ گهرجن. ٻيا جيڪي اسان جي نظر ۾ چڙهيا آهن، انهنجو احوال هت قلمبند ڪجي ٿو.

شعراي ڪرام مان مکيه حضرات هي ٿي گذريا آهن. انهن شاعرن مان هيٺين صاحبن جو شعر، خصوصي طرح فارسيءَ ۾ آهي:

١. نواب الهداد خان صوفي ولد نواب ولي محمّد خان لغاري

(وفات ١٨٨٢ع) هي صاحب نواب ولي محمّد خان لغاري اول جو لاڏلو فرزند هو. هن جو تخلص "صوفي" آهي. هي صاحبِ ديوان آهي. ان مان ظاهر ٿيندو ته هن صاحب کي فارسي ٻوليءَ تي ڪيتريقدر نه قدرت آهي. هن جي زبان شسته، شائسته، سليس، روان ۽ صنايع سان مرصع آهي. هيٺيان مثال ڪافي رهندا: بارگاهه صمديت ۾ مؤدبانه عرض پيش ڪري ٿو:

الاهي طائر پرواز وحدت ڪن خيالم را،
بر اوج آسمانِ معرفت بکشاي بالم را.

بتفسير کمال وصفِ ذات خوبش در عالم،
سرِ مَنقار بلبل کُن زبان قيل و قالم را.

حيدرآباد سنڌ جي ساراهه ۾ ڏسو ته ڇا ٿو فرمائي:

موذن در گمانِ صبح بانگِ صبح بردارد،
چو ناگه آن مهِ من در شبِ مهتاب بر خيزد.
نه تنها حسرتِ کشمير شهر حيدرآباد ست،
ز بحرش موج رشک اندر دل پنجاب بر خيزد.

۲. قاضي غلام علي بن قاضي محمّد يحييٰ

ٺٽوي (وفات ۱۳۰۳هه بمطابق ۱۸۸۶ع)

هن صاحب جو تخلص "جعفري" هو. هي صاحب فارسي توڙي اردوءِ ۾ صاحبِ ديوان آهي. هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو ته مرحوم جعفريءَ جي شعر ۾ علم جعفر جي شعر جهڙي جاذبيت آهي. ملاحظه ڪريو:

قرار از دل شد و از چشم خوابم،
ندانم تاچه در سر دارم امشب.

برائي دردِ مندانِ محبّت،
مپرس از بوعلي سينا دوا هيچ.

گر آن گلچهره را گاهي گذر بر گلستان افتد،
ز رشک رنگ و بويش در بهارِ گل خزان افتد.
همي ترسم که از خواب آن قيامتِ قامت در خيزد،
چو اهلِ حشر آن دم شورش اندر عاشقان افتد.

۳. پير محمّد حزب الله شاهه ولد پير علي گوهر

شاهه صاحب اصغر راشدي المعروف به تخت ڌڻي، ۱۲۵۸ه/۱۸۴۲ع - ۱۳۰۸ه/۱۸۹۰ع.

Scanned with CamScanner

پير صاحب جو تخلص "مسڪين" هو. سندن والد صاحب بہ وڏي پائي جو عالم، فاضل ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندن شعر سوادي، سبڪ ۽ سبق آموز آهي. هيٺيان مثال ڪافي روشني وجهندا:

شام هجر است "مسڪين" شادباش،
صبحَ باشد در پي هر شام را.

چو قصرِ حسن را بنياد داد ند،
بنائيِ صبر را برباد داد ند.

عاشق و معشوق در راه طلب هم منزل اند،
گل مگر برشاغ بنشيند بجائي عندليب.

آنها ڪہ سر سجده بتسليمِ نهاد ند،
از خويش بہ رستند و بسي خرّم و شاد ند.

٣. سيّد مير جان الله شاه عرف جان شاه

ٽيون (وفات ١٨٩٣ع). شاه شهيد صوفيءَ جي پرواني مرحوم جان الله شاه اول جو لائق جانشين، سيّد مير علي اڪبر شاه فرزند هو. هي صاحب پنهنجي مرشد سيّد مراد علي شاه جي زيرِ نظر روحاني منزلون طي ڪري ريٽجي لال ٿيو. هن جو تخلص "عاشق" هو. هن جي رندانہ مشرب ۽ اعليٰ منزل جو پرو هيٺين مثالن مان بخوبي پئجي سگهندو:

عاشقم رند، مشربم توحيد،
مست و مشتاقِ حسن بي چونم.

درميان بحر وحدت گشت "عاشق" غوطہ زن،
از تلاطم موج خود مردانہ مي سازد مرا.

ڪار دنيا ڪسي تمام نہ ڪرده، هرچہ گيريد، مختصر گيريده.

٥. مرزا احمد علي ولد محمّد حسين خان احمد (وفات ١٣١٢هه بمطابق ١٨٩۴ع).

هن جا وڏا اصل قلات جا ويٺل هئا، پر شايد هن جو والد لڏي اچي خانڳڙهه (جيڪب آباد) ۾ ساڪن ٿيو. هن جو مشغلو ايڪسائيز انسپيڪٽري هئي. شڪارپور جو ڏاڍو مداح هو. هڪ قصيدو چيو اٿس، جنهن جو مطلع آهي:

بهشت روي زمين گلشن شڪارپور است،
نگارخانۂ چين گلشن شڪارپور است.

هن صاحب جي شعر ۾ پختگي، حقيقت افروزي ۽ قوت بياني ججهي آهي. هيٺيان مثال ڪافي رهندا:

حصہ هاي شبِ هجران و غم از "احمد" پرس،
زانڪہ برديدۂ او اشڪ رہ خواب زده.

خنجر مزگانِ يار و منتشر فصاد دهر،
هر دو خونخوارند امّا اين ڪجا و آن ڪجا.

چشم من از بهر يارو چشم بلبل بهر گل،
هر دو بيدارند امّا، اين ڪجا و آن ڪجا.

"احمد" اندر علم عشق و زاهد اندر علم و عظ،
هر دو هوشيارند امّا، اين ڪجا و آن ڪجا.

شبي در خواب ديدم افعي درد ست خود پيچان،
بشد تعبيرش اينڪ در ڪفم زلف نگار امشب.

تا پا نهاده اي برهِ عشوه و ادا،
باسنگ ناز شيشۂ ايمان شڪستہ اي.

٦. مخدوم محمّد ابراهيم ولد مخدوم عبدالڪريم نقشبندي ٺٽوي

١٢۴٣هه/١٨٢٧ع - ١٣١٧هه/١٨٩٩ع. هن جو تخلص پهريائين

Scanned with CamScanner

"مسڪين" هو پوءِ "خليل" ٿيو. ٻنهي تخلص سان سندس ديوان آهن:

فيض مسڪين تو "ابراهيم"،
ساختت ريزه چين خوانِ "خليل."

"تڪمله" جو به مؤلف آهي جو علي شير "قانع" جي "مقالات الشعرا" جي تتبع تي آهي. هن جو ڪلام فرحت انجام آهي ۽ منجهس شعر جون سموريون خوبيون سمايل آهن. هن جي شعر ۾ "قنوطيت" وارو شعر زياده غالب نظر اچي ٿو. هيٺين مثالن مان ملاحظه ڪندا:

گر معاذالله ز هجرت آيدم پيغام غم،
آنقدر گريم ڪه درچشمم نماند نام غم.

—

"خليلا" هيچ مي داني چسان يار آمدم دربر،
بجورش مهر ورزيدم، جفايش را وفا ڪردم.

—

از غم وشاديءِ دنيائي دني،
گريه بيجا هست و خنديدن غلط.

پاڻ کي هن طرح ٺٽوي بزرگ شاعرن جو جانشين تصور ڪري ٿو:

سپرده اند بمن مسندِ سخن "مسڪين"،
"عظيم" "مائل" و "محسن" "عطا" "رجا" "قانع".

هن جو ٺهيل "تاريخ وفات" وارو نظم سائين پڪن ڏٽيءِ جي وفات واري ضمن ۾ مطالع ڪندا؛ پر "تڪمله" جي مطابق بعد هي عيان آهي ته هن صاحب آخوند محمّد قاسم وانگر امين سائينءَ کي پنهنجي ڪتاب جي صفحن ۾ ياد نه ڪيو آهي. آخر به انسان هو.

٧. منشي رسول بخش راهي (وفات ١٩١٢ع) ذات جو بروهي،

قلات جو باشندو، جيڪب آباد ۾ روينيو سروس ۾. خانبهادر ٿيو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. ايترين مصروفيتن هوندي به شعر تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، سندس ڪلام مان ظاهر آهي ته اڳوڻن پخته شعرن جو مطالعو گهڻو ڪيل هئس. جيئن ته سندس شعر ۾ سعدي، حافظ ۽ صائب وغيره جا جهلڪا جڳهه جڳهه نظر اچن ٿا. مثال طور:

من چرا شکوهٔ اغيار ڪنم اي ياران،
ڪه مرا هرچه افتاد ست ازان يار افتاد.

—

ز برقِ آهِ منِ خسته دل حذر بايد،
ڪه ڪار خرمنِ گيتي بيڪ شراره ڪنم

—

بمهرت اي ماه دلِ ڪواڪب به آسمانها بسوزد آهم،
ورخش خندد ز اضطرابم، سيماب گريه ز اشڪباري.

—

گشت تلف جواني و پشتِ دوتا شرم ز غم،
تاشده تيرِ من خطا همچو ڪمان خميده ام.

٨. غلام علي سبزپوش "علي"، هن جي ولادت يا وفات جو پورو

پرو ڪونه ٿو پوي. پر هن دور جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. هن جي ڪلام جو نمونو "مفرح القلوب" مان معلوم ٿئي ٿو. هن جو ڪلام ڪيڙيل ۽ سيڙيل آهي ۽ هي ڪهنه مشق شاعرن وانگر شعر جون سڀ صنفون سهڻي نموني پنهنجي شعر ۾ آڻي ٿو. هيٺيان مثال ڪافي ٿيندا:

مشو نوميد از آلودگيها اي "علي" هر گز،
ڪه آبِ عفو ايزد شسته سازد لوح عصيان را.

بغير از سوره و سيپارهٔ غم،
نخواندم درسِ قرآن محبّت.

بود اشڪ و فغان و غصّہ و غم،
متاع و جنسِ دڪّانِ محبّت.

چون دلم در حلقۂ زنجيرِ زلفِ دلبران،
درجهان هرگز نمي باشد گرفتاري دگر.

همچو بلبل از غم هجرِ تو اي گل پيرهن،
مي خلد هر ساعت اندر سينہ ام خاري دگر.

بر زمين گر نقشِ پايش بينم آنجا با دوچشم،
خاڪ برگيرم چنان ڪہ آب از زمين آيد برون.

بچشمِ عندليبان زمانہ،
"علي" گل بودم، اڪنون خارم امشب.

هي دور فارسي، اردو ۽ سنڌي ٻولين جي غوغاء سان پُر هو. شعراي ڪرام بہ پنهنجن طبعن جي ڪونتلن کي ٽنهي ٻولين جي ميدانن ۾ جولانگري ڏيندا هئا.

متي پکن ڏٺيءَ جي انهن معاصرن جو ذڪر ڪيل آهي، جن جو ڪلام فارسيءَ کان علاوه اسان کي هٿ نہ آيو آهي. هاڻ وري انهن شاعرن جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي سنڌي عوام لاءِ بہ تفنن طبع جو سامان مهيا ڪندا هئا.

١. **آخوند محمّد قاسم** (وفات ١٨٨١ع). آخوند محمّد قاسم ولد ميان نعمت‌الله قريشي سانوڻي، پراڻين هالين جو باشندو ۽ خليفي گل محمّد جو عزيز هو. پهريائين ڊڪ منشي ۽ پوءِ تپيدار ٿيو. هن جا فارسي اشعار آبدار انهن ڏينهن جي مشهور فارسي اخبارن ۾ ايندا هئا. ان جي فارسي شعر مان دنيا جي بي ثباتي، محتاجي ۽ بيقدري جا عناصر نمايان آهن. مثال طور:

من ڪ بي برگ و نوايم چون درختِ بي ثمر،
سرزدم بر بارگاهش، بر اميدِ برگ و بار.
چون ضرورت گشت دامنگير پس بر ناگريز،
دست در دامان شه آويختم از انکسار.

—

ني بنسب غرورِ من، ني نشانِ جدّ وعمّ،
هرڪ شناسدم بفضل، بهتر اگر نه نيست غم.

—

قدر دانان قدرِ من نشناختند،
درحقارت ڪارِ من انداختند.

—

مره بڪارِ جهان گوش و اعتبار مگير،
بغيرگي وتغافل بنائي، ڪار مگير.

نوڪري ڪيس پسند نہ آئي. حيدرآباد ۾ ڪورين جي پڙ ۾ رهندو هو. سهڻي ڪاتب هجڻ ڪري ڪتابت ڪندو هو. مير حسن علي خان وٽ "استاد" جي حيثيت ۾ هو. سنڌي شعر ۾ هي مسلّم استاد هو، ۽ وقت جي وڏن شاعرن هن جي شان ۾ گهڻو ڪجهہ چيو آهي. هن جي وفات تي ميان امام بخش "خادم" شڪارپوري هيٺيون قطعو لکيو:

"افصح الفصحاء قاسم لئي عيان،
تو روئي پڻ نيلگون ڏس آسمان.
جو ٿيو هوندو ميان جو مجلسي،
تنهن کي هوندو اسم ان جو وردِ جان.
شاعرن سيني ۾ هو چون تاج و زيب،
ثانيءِ شعرش نديدم در جهان.

آخوند گل محمد جي مقابلي ۾ هن جي ڪلام ۾ نج سنڌي عبارت ڪجهہ گهٽ آهي، تہ بہ سندس ڪلام برجستو، جاذب ۽ پُراثر آهي، ۽ سنڌيءَ جي مواد سان ڀُرِ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

هاءِ هرگز ڪونہ ڪو وس آھ ھن وھلور جو،
ڪيئن تري منجھ سمنڊ اٿتارو ستايل سور جو.
تو ڏنو بيحِس حرڪت حال مون مجھور جو،
جڻ ڏنو موسيٰ ڪليم الله مشعل طور جو.
پرت جو پيچ پاڻ پائين تو،
پوءِ وري محبّ منھن لڪائين تو.
ڳالھ تو ساڻ جا ڳرھيان،
سا رقيبن سچڻ سڻائين تو.

ڏاڍڙي لائي وئين، ڏاڍڙي لائي وئين،
عشق سندي مون کي چاٽ چڪائي وئين.
آ برھ تنھنجي ڪيڙو بت بيراڳي،
ساھ سيباٽي تنھنجي صورت ساڳي،
فند فڪر سان منھنجي دلڙي قسائي وئين.

٢. سيّد فاضل شاھ "سندن فيض" واري
عنوان ۾ ڏسو.

٣. سيّد حيدرشاھ بن سيّد اسماعيل شاھ (١٨١٣ - ١٨٨٩ع).

سيّد حيدرشاھ صاحب تاريخ ٢٧- ربيع الاول ١٢٢٨ھ بمطابق ١٨١٣ع ۾ حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. عربي، فارسي، علم جعفر ۽ علم نجوم ۾ هوشيار هو. تعويذ نويسيءَ ۽ وظيفه خواني سندس خاص مشغلو هو. شاھ صاحب علم موسيقيءَ جي اصول تي شعر چوندو هو. انھتر ورھين جي ڄمار ۾ تاريخ ٤- رمضان ١٣٠٦ھ برابر ١٨٨٩ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام، ڏوهيڙن ۽ ڪافين جي صورت ۾ هئا. بمبيءَ جي ليٿو ڇاپي ۾ سندس "ليليٰ مجنون" مروج عام هو. مڪتبن ۾ بہ درسي ڪتاب طور رائج هو. هي صاحب سيّد فاضل شاھ حيدرآباديءَ جو والد هو. سندس هڪ ڪافيءَ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

(سُر جوڳ)، ڪافي ڏيڍ ٽيپي.

پاڻ سجاڻي يار، پلا ڪر پيرو.

اڏي ويهج يار ولهيءَ جي، جانب جلويدار، دل اندر ديرو.
ڪر نہ جاني يار جڏيءَ سان، سونهن پربا سردار، پيرو ڪي ميرو.
صدقي تو تان سڄڻ سائين، دل گھريا دلدار، جگر ۾ جيرو.
"حيدر شاھ" چئي هوت اوهان لئي، واٽ وڇايم وار، پاڻ ڪٽي پيرو.

۴. هزهائينس مير حسن علي خان مرحوم (۱۸۲۴-۱۹۰۹ع).

مرحوم مير حسن علي خان، سنڌ جي آخرين تاجدار مرحوم مير محمّد نصير خان جو وڏو فرزند هو. هن جي ولادت ۱۲۴۰ھ بمطابق ۱۸۲۴ع ۾ ٿي. عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪافي تحصيل ڪيائين. پر اجا جڏهن اوٺيهن ورهين جو هو تہ انگريز هن سرزمين تي قابض ٿيا ۽ هن نوجوان بہ ٻين مير صاحبن سان گڏ نظربنديءَ جي حالت ۾ بمبئي، پوني ۽ ڪلڪتي جا وڻ ڏٺا. ويهن سالن بعد وري پنهنجي وطن وريو. پنهنجن عزيزن مان شادي ڪيائين، پر ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو. مير صاحب علم دوست ۽ علم نواز هو. هن وٽ اديبن، شاعرن ۽ عالمن جو ميڙو لڳل هوندو هو. هي صاحب نہ رڳو شاعر هو پر نثر نويس بہ خاصو هو. مير صاحب جي سنڌي نظم ۾ مرثيا، سلام ۽ مثنويون شامل آهن. هنن ۾ "شهنشاھ نامہ يا حملۂ حيدري" "مختيار نامہ"، "سنڌ جو شاهنامو" اچي وڃن ٿا. سنڌ جي شاهنامي ڪري هن کي "سنڌ جو فردوسي" سڏجي تہ بہ بجا آهي. سندس شاهنامہ مان مثال ڏجي ٿو:

زماني جو يڪسان رهي ٿو نہ حال،
تون ڏس چنڊ کي گھ بدر گھ هلال.
ڏسو سج جو ڪيڏو ٿيو جاھ وجلال،
ڏسي ڪئن ٿو هر روز روئي جلال.

زماني ڪڏهن ڪنهن سان ڪئي آ وفا؟
تڏهن ان تي دلبستگي تي خطا.
رهڻ ڪاڻ هن هنڌ آيو نہ ڪو،
وڃڻ تي تڏهن ڪهڙو شيڪو ڪبو.
بقا تي فقط ذات رب العلا،
جتي ناهہ امڪان نقص وفنا.
غرض موت انسان سان تيو لڳل،
معيّن تيا ايّام عمر از ازل.

٥. سيد حاجي غلام محمد شاهہ "گدا" ١٨٢٦ع - ١٩٠٥ع.

سيد حاجي غلام محمد شاهہ "گدا" خراساني رضوي سادات مان هو. سندس وڏا ميان نور محمّد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ هالا واري خدا آباد ۾ اچي رهيا. هن ڪري هي، سائين پڪن ڏٽيءَ جو هموطني تيو. سندس والد صاحب سيد حسن علي شاهہ، مير نصير خان جي حڪومت ۾ بجاراٽي ٽالپرن وٽ معزز ڪارڪن هو. گدا صاحب جي تولد جي تاريخ "مظهر حق" مان ڪڍي سگهجي ٿي، جا آهي ١٢٥٣هہ بمطابق ١٨٢٦ع. گدا صاحب فارسي توڙي عربيءَ ۾ يدطوليٰ رکندو هو. هن صاحب کي سانگي صاحب، پنهنجو استاد تسليم ڪندو هو. گدا صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هر هنڌ سانگي مرحوم جي نوازشن جو ذڪر ڪيو آهي. گدا صاحب فارسي توڙي سنڌيءَ جو چوٽيءَ جو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شعر مان الاهي محبت، رسولي شيدائيت ۽ مجازي مام جا عناصر ظاهر آهن. سندس فارسي آهي ۽ سنڌي سنڌي. ٻئي پنهنجي جڳهہ تي برک آهن. ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

ببين بڪعبہ رويش تو خال هندورا،
ز اتفّاق عجب اجتماع ضدين است.

دل ڪ فارغ شداز هوا و هوس، نزدِ حق بيگمان چہ خوش باشد.
يادِ حق روح را سرور دهد، نامِ حق برزبان چہ خوش باشد.
خاتم الانبيا رسول الله، روز محشر ضمان چہ خوش باشد.
حج بعد وري بہ اشتياق حج ملاحظہ ڪريو:

اتم هي آرزو هردم ڪرم پنهنجو ڪري ڪامل،
درِ دولت سرا جي شل وري چائنٹ چمائيندا.

دولت ۽ دنيا ڪي ٺڪرائڻ جو مثال هيٺين سٽن مان نمايان آهي:

دولت ديدار تنهنجي جي اتم در ڪار يار،
ڏوڙ ۾ داخل ڪريان تنهنجي سوا دنيا ڪي آ.ءُ
پنهنجي هن خرقي پراڻي جي برابر ڪئن ڪريان،
قاقم ۽ سنجاب ۽ زربفت ۽ دنيا ڪي آ.ءُ

چڱو هاڻي سپڪ سوادي سنڌيءَ جي بہ لذت وٺو:

سوال منهنجو سڻي سڄڻ سائين،
مون ڪي ياڪر ڪو پرت جو پائين.
مون ڪي ماڻن سان يار تو مارين
مون ڪي گهورن سان يار تو گهائين.
تون نہ پائين نہ پانءُ تنهنجي خوشي،
آءُ تہ پانيان تو مون ڪي تو پائئين.
توتي فرياد آءُ ڏيان ڪنهن ڪي،
منهنجو فرياد آهہ تو تائين.
سؤ لڳا توڪي مون تہ پرچايو،
هڪ لڳا مون ڪي چو نہ پرچائين.
ورهہ تيا وصل لاءِ واجهہ وجهان،
يار مون ساڻ اڄ تہ ڪر آئين.
حسن جي مُلڪ جو تون آهين شاهہ،
چو نہ پنهنجي "گدا" ڪي پرچائين.

گدا صاحب جي سلوٽي ساٿ مان ٻه ٽي فضل جا فائق نظر تان لهي ويا آهن. انهن جو ذڪر خير گدا صاحب جي احوال ۾ ڏيئي پنهنجي روح کي ريجهايان ٿو، اُهي آهن: ١ـ ميون وڏل علوي حيدري ٢ـ فضل محمد ماتم ٣ـ سيد غلام مجتبيٰ شاهه مجتبائي.

ميون وڏل علوي "حيدري" سيدپور تعلقي گوني جو ساڪن هڪ زبردست شاعر ۽ عالم ٿي گذريو آهي. "سانگي" جي ديوان جي پهرئين جلد جي تاريخ تصنيف لکي اٿس، جا هيٺ ڏجي ٿي:

جڏ ٻڌم پورو ٿيو "ديوان سانگي" بيمثل،
واسطي تاريخ جوڙڻ جي ڪئي منهنجي طبع تاڻ.
باسرِ بيخواسته از لطف مون کي "حيدري"،
ٿيو آهي هاتف چيو "ديوان سانگي ختم هاڻ".

١٣١٠هه

فضل محمد "ماتم": ماتم صاحب جي طبع خداداد جو غوغا انهن ڏينهن جي ادبي حلقن ۾ ڏاڍي زور شور سان هو. پر افسوس ته "ماتم" جيئاد سندس مرثين پڙهڻ تائين محدود آهي. هن کي سنڌي، عربي ۽ فارسي زبانن تي خاص عبور هو. هن جي ثنا وقت جي هر ڪنهن ذي علم ڪئي ٿي. هڪ طرف سانگي ۽ گدا جي ڪچڪولن ۾ هي ناياب داڻو موجود آهي ته ٻئي طرف سري جي مسحورڪُن فضائن به هن کي نه وساريو. "ڪليات خادم" ۾ مرحوم امام بخش خادم هن جو ثناخوان رهيو آهي. سانگي سندس باري ۾ هيئن نغمه خوان آهي:

آهه بافضلِ محمّد شعر "ماتم" جو مٺو،
دل سندس آهي، غمِ آلِ عبا ۾ داغدار.

گدا شاهہ ائين رقمطراز آهي:

گدا جو هي تہ غزل لاجواب آهہ، اگر،
قبولِ خاطرِ "ماتم" اهو جواب تئي.

—

"ماتم" ادا "گدا" جي سوا ڪنهن جي ڇا مجال،
هن شعر جي جواب جي ميدان سر ڪري.

"بياض خادمي" ۾ "ماتم" مرحوم جو هڪ سلام محفوظ آهي جنهن جي ابتدا ۾ "خادم" هيٺين ٽو لکي:

مِن ڪلام برادرم محترم فضل محمد "ماتمُ" حيدرآبادي:

سر جدا مظلوم جو، تن ڪان ڪيو اُن لعنتي،
ان گهڙي رت تي رنو روح پيمبر يا حسين.
هار سڀ حورن ڇنا، مَلَڪن مڙي ماتام ڪيو،
عرش تان آئي صدا اللهاڪبر يا حسين(۱).

سيد غلام مجتبيٰ شاهہ مجتبائي: مجتبائي صاحب گدا شاهہ جي خاص حبيبن مان هو. "ڪليات گدا" ۾ جابجا سندس تعريف آيل آهي. پاڻ ڳوٺ عامري ضلعي دادو جو ويٺل هو. سندس فرزند سيد مير محمد شاهہ موجود،، بہ صاحب علم و فضيلت آهي. گدا صاحب ٽو فرمائي:

اي "مجتبائي"َ، توکي "گدا" آفرين چوي،
ذڪر خدا ڪان بند تون پنهنجي زبان نہ ڪر.

—

عديم المثل تيندو "مجتبائي"،
فصاحت ۾ بلاغت ۾ بيان ۾.

مجتبائي صاحب مبتدي اديبن يا شاعرن لاءِ سونهو هو. هن جو گهاٽو سنبنڌ مرحوم مخدوم محمدابراهيم صوفي هالائي، رئيس شمس الدين بلبل،

(۱) ڪليات خادم: ص ۲۹.

محمّد هاشم مخلص، مرحوم فتح محمّد سيوهاڻي حڪيم وغيره جن سان رهيو آهي. ڪليات صوفي قلمي ۾ صوفي صاحب مجتبائي جي ساراهه ۾ ائين لکي ٿو:

ادا اي حضرت عاليجناب مجتبائي شاهه،
خدا شل ائين ڪري جيئن تون رهين راضي سدا مون ڪان.

—

قدر تنهنجي غزل جو مجتبائي،
سخندان ڪر سخندان ڪر سخندان.

٦.مرتضائي ٺٽوي: سيد غلام مرتضيٰ شاهه ولد سيد روشن علي شاهه ٺٽي جو برک شاعر ٿي گذريو آهي. هن کي عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ بہ سٺي تعليم مليل هئي. هيءَ پنهنجي عزيز سيد امام بخش شاهه (فدائي) وٽ بہ پڙهيو هو. هيءَ شاعر ابن هو. هن جي والد جو تخلص "روشن" هو. سندس خاندان رضوي هو ۽ سندس وڏا بکر مان لڏي اچي ٺٽي ۾ ويٺا. سندس خاندان مان ڪيترا شاعر پيدا ٿيا آهن. ان ڪري شاعري "مرتضائي" جي موروثي ملڪيت هئي. مرتضائيءَ جي سنڌي خواهه فارسي غزليات ڪان سواءِ ٽي مثنويون بہ آهن هڪ "يوسف زليخا" سنڌي، ٻي "سڪندر نامہ" سنڌي ۽ ٽين "شاهنامہ سنڌي". هن صاحب اهي مثنويون نهايت ڪمال سان لکيون آهن. هر ڪنهن جڳهہ جهڙو نقشو آهي، اهڙو چٽيو اٿس. موسمِ بهار ڏسو تہ ڪهڙي نہ رنگين قلم سان چٽيل آهي:

بهار آيو ويو گذري سيارو،
ڪديو مشرق سعادت جو ستارو.
گل وگلشن ۾ آيو شادمانو
غمن ۽ گوندرن جو ويو زمانو.
نسيم ناز آيو باغ اندر،
دلِ دشمن ڏسان اچ داغ اندر.

Scanned with CamScanner

صبا آندو وٽي کو عطر و عنبر،
گلن بلبل جو سڀ آڻايو لشڪر.
چمن ۾ آهه چرچو بلبن جو
تماشو آهه سوسن سنبلن جو.
دوپهري زمبق و ميندين جون موڙون،
گلاب و گونٽو دائودي جون جوڙون.
ڏسو جاري رهن ٽيون جوئبارون،
وڻا مينهڙا ٽيون ڪنوٽين کي سارون.

٧.مير علي نواز علوي (١٨٥١ـ١٩٢٠ع) مير فخرالدين علوي جو ٻيو نمبر فرزند هو. هن کي ٻہ تخلص هئا، هڪ "علوي" ۽ ٻيو "مجرم" مرحوم جو سلسلهٔ نسب امام محمّد بن حنيفه سان وڃي ملي ٿو. سندس وڏا ڪلهوڙن جي زماني ۾ افغانستان کان اچي شڪارپور ۾ مقيم ٿيا. مرحوم نهايت نماڻو، صابر، نهٺو ۽ غريب پرور هو. سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ چڱي مهارت رکندڙ هو. حڪمت ۾ بہ چڱو ماهر هو. انهيءَ فن ۾ بہ ڪيترا ڪتاب لکيا اٿس.

ازان سواءِ عربيءَ ۾ "اَلْبِشَارَۃُ لِاَهْلِ اْلاِ شَارَۃُ" (سياڻن لاءِ خوشخبري) ۽ ڪليات مطبوع ٿيل آهن. هن جي ڪُليات ۾ پنجاهه کان وڌيڪ غزل ۽ ڪي قصائد فارسي ۾ ۽ ڪي مرثيا ۽ ڪي قطعا ۽ ڪي غزل سنڌي خواهه اردو ۾ بہ آهن.

هن سنڌي توڙي سرائيڪيءَ ۾ ڪافي ڪلام بہ چيو آهي:

شد مقتبس ز نور جمال تو آفتاب،
پس ماه را بَہ حسن رخت انتساب چيست.
غم و نشاطِ جهان را چو اعتباري نيست،
بعيش و عشق بتان اختصار بايد ڪرد.
ز فيضِ صحبت زنده دلان مشو مايوس،
براهِ عشق قدم استوار بايد ڪرد.

Scanned with CamScanner

شوق ملڻ دا ٿيا بسيار، منه ويکان هڻ شال صنم دا.
نال ماهي دي نينهڙا لاتم، بار بره سر اپٽي چاتم،
زلف ماهي ڳل جڙيا ڦاتم، عشق سڄڻ دا کر اختيار،
سمجهه لڳيس ڳجهه دين ڌرم دا.

ڏوهيڙو:

مَندو ميرو بڇڙو، مان بيحد هان بدڪار،
تون لائق لطف جو ڏٽي، تون صاحب آهين ستار،
"اِنَّ اللهَ يَغْفِرُالذُّنُوْبَ جَمِيْعًا" تنهنجو سخن سچار،
"علويءَ" سان اقرار، پاڙ پرين تون پانهنجو.

هڪ ڪافي ملاحظہ ٿئي:

مرض محبت جي من منجهايو، سورن جي سنڪار لڳي.
بره اسان جي ڀاڳي آيو، درد دلبر جي ڌم مچايو،
دردن جي ڌنڌڪار لڳي.
پرت منجهؤن ڏاڍا پور پرايم، لوڪ لڳاپا وره وڃايم،
سڄڻن جي ڪا سنڀار لڳي.
ڏک اچئي منهنجي ساهه سيباٽان، سک ڇڏي مون سفر سِڌاٽان،
وره سندي وسڪار لڳي.
فوج فراق جي آهيان ماري، روئندي عمر گذاريم ساري،
پرين جي ڪا پچار لڳي.
"علوي" عشق اڱڻ منهنجي آيو، بسم الله ڪري مون ڳل لايو،
توڙئون تن ۾ تار لڳي.

٨. مولوي عبدالغفور همايوني (١٨٤٧-١٩٢٠ع):

مولوي عبدالغفور ذات ڀيچوها، ڳوٺ همايون ضلع سکر ۾ سن ١٨٤٧ع ۾ تولد ٿيا. مولوي صاحب جن هڪ اهل الله شخص، صاحبِ دل، ظاهر ۽ باطن جا باعمل عالم هئا. پنهنجي پيريءَ مريديءَ جو سلسلو بہ قائم رکندا آيا.

مولوي صاحب کي هڪ شهرهٔ آفاق مدرسو هو، جنهن ۾ درس ڏيندي ڏيندي وجد طاري ٿي ويندو هون. سچ پچ ته درد، سوز ۽ گداز جي زنده جاويد تصوير هئا، ۽ سندن ڪلام مان به ساڳيو درد ۽ سوز پيو بکي. سندن تصانيف مان "فتاويٰ همايوني" ۽ "ديوان مفتون" مطبوع آهن. سندن ڪيترو غزل ملڪان ملڪ مشهور آهي جنهن جو مطلع آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا،
زندان هزارين مان نه رڳو.
تنهنجي شاهي دسترخوان متي،
مهمان هزارين مان نه رڳو.

ان تي ڪيترن شاعرن تتبع ڪيو پر "مفتون" جي پَد تي پهچي نه سگهيا. سندن وفات ١٣٣٦ھ بمطابق ١٩٢٠ع ۾ ٿي. سندن ڪلام درد انجام مان چند پرسوز مثال ڏجن ٿا:

(١)

باھ ڀڙڪي برھ جي، دل تي اٿيا ڏاڍا اڌام،
اي اکيون پاڻي وجهو ڳوڙهن سندو تنهن تي مدام.
وصل جو وعدو ڏنو تو، بت ٿيو آ باغ باغ،
ڏک مڙئي ڏور ٿيا، سک ڏنا ساري سلام.
منجھ وچوڙي يار جي هو بت اسان جو بيقرار،
دل گهٽيون داڻهون ڪيون، ٿي ننڊ نيڻن جي حرام.
يار "مفتون" ڏي ڏسو، مرڪي هميشه دمبدم،
ڪانه ٿس ٻي هير محبت آ غلامن جو غلام.

(٢)

تنهنجي صورت گل گلاب چوان،
يا ملڪ سندو مهتاب چوان.
تنهنجي منهن مٺي کي ماھ چوان،
يا مظهر نُورالله چوان،
يا مسجد جو محراب چوان.

تنهنجي قد سڌي کي ڪانُ چوان،
يا لفظ الف ايران چوان،
يا سروُ سهي جي شان چوان.
تنهنجي لعل لبن کي لال چوان،
يا عقيق يمن جي مثال چوان،
يا قند چوان يا سرخ رنگين عناب چوان.
دل "مفتون" جي کي مست چوان،
مست سرور الست چوان،
يا بازبره جي دست چوان،
يا شوق سنڌ ۾ ڪباب چوان.

٩. سيد رکيل شاهه ناڙي وارو:

سيد رکيل شاهه ڳوٺ فتح پور علائقو گنداواهه رياست قلات بلوچستان ١٨٤١ع ۾ تولد ٿيو ۽ صديءَ کي پهچي ١٩٤٣ع ۾ فوت ٿيو. سندس نسبت جو سلسلو حضرت امام حسين سان ملي ٿو. مرحوم آباء اجداد کان وٺي صوفين جي سرتاج، حضرت شاهه عنايت الله شهيد جهوڪ شريف واري جو مريد آهي. مرحوم ٻالجتيءَ کان وٺي فقيرن ۽ درويشن جو صحبتي رهيو ۽ فقيري رنگ ۾ رچي رڱيو لال ٿيو. سنڌي، اردو ۽ سرائڪيءَ ۾ ججهو ڪلام اٿس. سندس فرزند سيد چيزل شاهه آهي جو به هڪ سٺو صوفي شاعر آهي، ۽ روحانيت جي راڻن جون دليون ريجهائي. ڪلام ملاحظه ڪريو:

آهو نين صنم تيڏي ڏورئون ڏنگن،
هويا زخم سيني وچ سؤ تير لنگهن.
انهي درد ميڏي دي دوا ڪون ڪري،
ڳجها مرض لڳا هڏ ماهه ڳري.
مُن ديدار ويکان دل دا ضعف ٽري،
ايوين ڪيوين ڪران جڏهن آپ منگن.

ڏاڍا مار ڳنون دل کون زور لٽي،
سو فرياد ڪران ميڏي جان چٽي،

ڪر نشان مينڪون دم دم يار چٽي،
زلفين قيد ڪيتا ورهين نال ونگن.

گهتي عشق چنبي جيري جل ڳئي،
پردي ظلمات والي ساري ڪُل ڳئي،

هر جا حق ڏئم جهاتيان پاڪي لئي،
اثبات وچون رمزين نال رنگن.

"رکيل" راز ماهي دي ڪل کون لَهي،
اکبر حج هويا جتان يار رهي،

اوڪا بار برهه دا جوئي سر تي سهي،
اوهي حال حيات لاهوت لنگهن.

١٠. آخوند حاجي فقير محمّد عاجز حيدرآبادي: عاجز صاحب

حيدرآباد شهر جي مشهور شيراٽي آخوندن مان آهي. هن جو تولد ١٨٣٦ع ۾ ٿيو ۽ وفات ١٩١٨ع ۾. شيراٽي محلي کي "آخوند عبدالڪريم غازي خان" جو محلو به چوندا هئا، جو هنن جو وڏو ڏاڏو آخوند غازي بن سعد خان مير غلام علي جي ڏينهن ۾ سن مان لڏي اچي حيدرآباد مقيم ٿيو. هنن جي مردن خواهه عورتن جو مشغلو هو قرآن شريف جو درس ڏيڻ. مرد مير صاحبن کي پڙهائيندا هئا ۽ زالون ديرن تي تعليم ڏينديون هيون. عاجز صاحب فارغ البال هو. هو صاحب هر وقت ڪتابن مطالع ڪرڻ، شعر لکڻ ۽ ذڪر و فڪر ۾ گذاريندو هو ۽ درويش ۽ عالمن سان صحبت ونديندو هو. سانگي ۽ گدا سان خاص الفت هيس. ملاحظ ڪريو:

عبدالحسين مير ٿيو سر چشمه فيوض،
جهڙس سخا ۾ ناهه ڪو عالي جناب ڪٿ.

احمد عطا ڪريس خدا يار طولعمره،
ناهي سندس عديل ڪو گردون قبابہ ڪٿ.
سانگيءَ جو شعر شيرين موزون و پُر نمڪ،
آهي "گدا" بہ صاف فضيلت مہ آب ڪٿ.
(ديوان عاجز)

سنہ ١٩١٨ع ۾ سندس وفات ٿي.

آخوند صاحب پنهنجي دور جو مشهور شاعر آهي. هي صاحبِ ديوان آهي "ديوان عاجز" ۾ هڪ سؤ ست (١٠٧) غزل ۽ ٽياسي (٨٣) رباعيون آهن. آخوند صاحب ٢٥ - رمضان ١٣٢٣هہ ۾ لکي تيار ڪيو. هن جو مختصر ديباچو نثر ۾ بہ آخوند صاحب لکيو آهي. ان ۾ صوفين جي ڪلام جا اشارات بخوبي سمجهايل آهن. سمجهاڻي ڏيندي آخوند صاحب مثنوي "گلشن راز" وانگر ڪجهہ سمجهاڻيون ڏنيون آهن، جن مان ڪي نموني خاطر پيش ڪجن ٿيون:

"ڏسين جي شعر هن ديوان جو اي يار،
خرابات و خراباتي ۽ خمّار.

جٽيو، جي بت، ڪرنائي، چليپا،
برهمڻ، گبر، ترسا، دير، مينا.

شراب و شاهد و شمع و شبستان،
ڏڪڙ طبلا ۽ ساز آواز مستان.

نہ ڪر تابش انهن گفتن کان انڪار،
انهن مان ڳولي لهہ مقصود اي يار.

اها صوفين جي ٻوليءَ جي عبارت،
پروڙي مغز ان جي ڪر زيارت.

ان صاحب جي ديوان ۾ گهڻا غزل "ديوان حافظ" جي غزلن جو ترجمو ۽ تتبع آهي.

Scanned with CamScanner

١١.آخوند لطف الله "لطف" حيدرآبادي: آخوند لطف الله ولد

آخوند محمّد اسحاق، آخوند فقير محمّد عاجز جو سڳو سوٽ هو. سندن نامور خاندان اهو سا ڳيو آهي. آخوند لطف الله جي ولادت سنہ ١٨٤٢ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٿي. سندس ابتدائي اوستا جي پوري پروڙ نہ آهي. فقط ايترو معلوم آهي تہ هو پهريائين آخوند محمّد صديق جي مڪتب ۾ پاڙهيندو هو. جتان پوءِ لوڪل بورڊ طرفان ابتدائي ماستر مقرر ٿيو. چنيجن، نصرپور، تاجپور هنڌن تي ماستري ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ ٽنڊي ولي محمّد اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو. پاڻ سٺو ناثر، شاعر ۽ صاحب ذوق هو. سندس خدا داد قابليت "گلِ خندان" عرف "جانعالم انجمن آرا" مان ظاهر آهي.سندس مقفيٰ نثر سنڌي ادب ۾ لاجواب آهي، آخوند صاحب ١٨٩٨ع ۾ نوڪريءَ کان فارغ ٿيو ۽ ڊسمبر ١٩٠٢ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس ٻہ فرزند ۽ هڪ نياڻي هئي. وڏو پٽس محمّد اسحاق جنهن تي سندس ڏاڏي جو نالو هو، ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو، سنہ ١٩١٨ع ڌاري ڪنڊ ڪوٽ ۾ گذاري ويو. ٻيو پٽس ميان محمّد حيات قريشي (ولادت ٥-مارچ ١٩٠٣ع) حيدرآباد ميونسپل اسڪولن ۾ ماستر هو. مرحوم لطف الله جو ادبي ذخيرو سندس وڏي پٽ وٽ هو، پر افسوس تہ ان جي انتقال سان گڏ هي ادبي ذخيرو بہ دنيا جي اکين کان سدائين لاءِ غائب ٿي ويو. "سنڌ سڌار" اخبار مان سندس ڪن غزلن جا نمونا مليا آهن. انهن مان هڪ مثال طور ڏجي ٿو:

ڪيو دورِ فلڪ جي يار کان مون کي جدا امشب،
لکيو تقدير ۾ حرف جدائيءَ جو قضا امشب.

سواد زلف دلبر جي، ڪليو خط سياهي جو،
تہ صبح وصل جو آخر ڪندو ظاهر ضيا امشب.

Scanned with CamScanner

دل مجنون سان يارو، اچي منهنجي هٿي ياري،
نه وحشت کان بهر لحظه ڪري ٿي التجا امشب.

پيو تسبيح ۾ ڪو عقد، مشڪل بي جميعت جو،
نه عارف ورد دوشينو، ڪيو وينو قضا امشب.

نه هو مشڪل مگر تسبيح جو هو عقدِ لاينحل،
طبع ڪي عارفن جي هئي نه تلقين رضا امشب.

مگر منصور جو ناحق ڏنائون سر مٿي سوري،
نه پرڇهيم هن حقيقت ڪاڻ، تعبير قضا امشب.

به بندِ هجر اين مهجور را تا ڪي پسندي تو،
بعزم ما بهر درمان دلِ محزون دوا امشب.

نه هو ڪو "لطف" ڪي هر گز خيالِ وصل دلبر جو،
مگر دفع بلا ڪارڻ گهريءَ ٿي دل دعا امشب.

۱۲. سيد مصري شاهه: سيد مصري شاهه ولد بلند شاهه نصرپوري (۱۸۲۸ع - ۱۹۰۴ع) نصرپور جي نامور تاريخي شهر جي اڻويهين صديءَ جو هيرو ٿي گذريو آهي. هي صاحب آغاز ۾ مڪتبي تعليم جا سڀ مرحلا طئي ڪري، فارسيءَ ۽ عربيءَ جو علم حاصل ڪري، سيلاني ٿي اچي نصرپور ۾ مقيم ٿيو. سندس شعر ۾ رندي ۽ صوفيانه رنگ موجود آهي. هن جي ڪلام ۾ عربي ۽ فارسي الفاظ سميٽيل آهن. دنيا جي بي ثباتيءَ جو نقشو واهه جو چٽيو اٿس. بيدل ۽ بيڪس وانگر هن جي ڪلام ۾ حسن جا جهلڪا نمايان طور ظاهر آهن. ڪافين جو هن جي دور ۾ زور هو. موزون ڪلام تي به سٺي طبع آزمائي ڪئي اٿس، مثال طور به موتي ڏجن ٿا، پارکو پاڻهي پرکيندا:

غزل

نيئي نماڻن جون دليون ناحق نگارا بي سبب،
وڻ وِهو ويجهو ورئو ڪرئين ڪنارا بي سبب.

نازسين لاهئو نقابا! گڏ وِهو گهونگهٽ ڪيين،
ڪوهه مٺا مشتاق مارئين ڏئي نظارا بي سبب.

لعل لب لعلون يمن جون، روئي رخ رشڪ چمن،
نيڻ نرگس نيم خوابي، انتظارا بي سبب.

زلف سلسليدار گيسو عنبرين رخسار تي،
ڪرَ ڪنيو ڪائن ڪليجا، نانگ ڪارا بي سبب.

ڪن ڪمان ابرو اڏو اڏ رَخش رستم زال ڪي،
سام برزو گيسو ڪان تا وڻن وارا بي سبب.

عشق جي آٽيو اَڙي مِ پوءِ پراهون ٽيو بهين،
واه دل دلبر سنڌءِ تي، سنگ خارا بي سبب.

سهج سڪندن ڪي سڏيو، تهتئون تڙائين ترت تون،
اي سنڌءِ انصاف عالم آشڪارا بي سبب.

مر نہ عاشق عيد ڪن ماٺا مَ ڪر محبوب تون،
ڪِيس چڏ، ڪُهه تو ڪُهين ور ڏئي ويچارا بي سبب.

مهر ڪر "مصري" متي خوشدل مَ تي خنجر گذار،
نہ تہ عوض ونئڌءِ انهيءَ جو داد وارا بي سبب.

ڪافي

جيجان جوڳي جاوي ويڙا، سمر سجوڙا سرت سجان.
چيلهن چڪر ٻڌائون چمڙا، چوڏس چاڙهيائون چوگان.

آهہ هريجن ان جي هردي، هر ڪنهن مهل وتن حيران.
تڪيا تاڪي ترڪ ڪيائون، ترت طمع جا سڀ طولان.

"موتوا" مرڻا مهند مري ويا، مڙئي ساڙي ماڳ مڪان،
رمز عجائب راول رميا، راهه مسافر ري سامان.
دوئي وڃائي دونهن دکايئون، دل منجهه دائم درد دخان،
ڄڳ ڄڳ ٿيا جا ميري جيئڙا، گنگا جر ٻي جام جوان،
مٽرا ٻاسي "مصري" چئي، هت مادر جيڪس هوا مهمان.

١٣. حافظ حامد ٽڪڙائي: حافظ حاجي حامد ٽڪڙائي سن ١٢٣٨ھ بمطابق ١٨٣٢ع ۾ ٽکڙ تعلقي گونيءَ ۾ ڄائو هو. هو ميمڻ قوم جو فرد هو. اڃا ٽن ورهين جو مس ٿيو، ته ماتا جي ڪري اکين جي نُور کان محروم ٿيو. ان ڪري ظاهري طرح ته نابينا هو، پر باطني طرح بينا. ڏسو کهڙي نه موثر انداز ۾ هن واقعي جو ذڪر ڪيو اٿس:

"سسئي سرجيئي نه سک ماڻيو، پيس پيوند پينگهي ۾،
نماڻي نيهن جا نيڊپڻ ۾ ڪائي سور ساماڻي."

حافظ حامد، پنهنجا اوائلي ڏينهن ملا ڪاتيار، ٽنڊي سائينداد جي مدرسن ۾ قرآن شريف حفظ ڪندي گذاريا. ڇوته تا ته مديني شريف جي معروف امام، محمّد شاذي جي مڪتب مان به فيض حاصل ڪيائين. سندس شعر مناظر قدرت، سوز و گداز، قوت بياني، زبانداني، سلاست ۽ رواني جو آئينو آهي. خطبا به سندس مشهور آهن. هجويه شعر به چوڻيجو چيو اٿس. فارسي شعر به شعور وارو اٿس. سندس ڪلام مان فارسي ۽ سنڌي مثال ڏجن ٿا:

آن چمن شاداب از روئي شما،
مشڪ را قدر از گِل ڪوئي شما.

نقد عمرم منصرف جانم بلب،
ديده و دل منتظر سوئي شما.

گرچہ بلبل بر گل آمد با مجاز،
درحقيقت محو از بوئي شما.
همچو "حامد" کيست در دوران دگر،
زخم خورده تيغ ابروئي شما.

ڪِوڻ ڪائڙ تي ڪِوندي، رات جهڙ جاڳائيم جهوري،
پروڪا ساريم پڊڙا، لهي لِک سئين نہ مون لوري.
ترايون تار تازئي سين، پٽن تي پوچ پاٽي تيا،
وطن تي ڪيون وٺڻ جهڙيون، منڌيڙن ماترين موري.
ڇَري چوڏس چلڙ ۾ تيا، متارا مال مارن جا،
پِٽن ۾ ٽيون پٽن پيڙيون، ڪکي ۽ ڪونج ڪانوري.
هلائون ڪر نہ "حامد" چئي، سہر تي سانگياٽن تي،
نبهندي ڪين توسان نيٺ، ظالم زر اها زوري.

١٤. رمضان ڪنير (وفات ١٨٩٨ - ١٨٩٩ع ڌاري): هن اُمي شاعر جي مولودن ڪافين جو چرچو سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ عام آهي، پر هن جو احوال پهريائين مرحوم علامہ دائود پوٽي "سرها گل" ۾ ڏنو آهي. رمضان ڪنير ميرن جي آخري دور ۾ آمڙن ڳنييرن جي ڳوٺ ۾ ٽلٽي (تعلقي سيوهڻ) جي نزديڪ تولد ٿيو ۽ فتحپور ۾ وصال ڪيائين. پنهنجو وقت ڪنيارڪي ڪم ۽ کيتيءَ جي ڪاروبار ۾ صرف ڪيائين. جيتوڻيڪ هو علم پرائي نہ سگهيو، پر علم وارن جي هردم صحبت رهندي هيس. انهيءَ سمي ٽپتا (تعلقي سيوهڻ) علم جو مرڪز هو، ۽ منجهس گهٽائي اهل دل عالم رهندا هئا. رمضان جي صحبت انهن ٽپتائي بزرگن مان ميان عبدالروف، ميان محمّد يوسف، ميان غلام محمّد ۽ ميان محمّد جمن سان هئي. انهن صاحبن جي صحبت کيس باطني سوجهرو عطا ڪيو.

"فنا في الرسول" جي درجي تي پهتل هو. سندس سڄو ڪلام محبت رسول بيان ۾ آهي. سندس ڪافيون، مولود، معجزا ۽ "ڪانگ جا ڪلما" مشهور آهن. ڊاڪٽر مرحوم جن سندس شعر جي ابتدا جو ذڪر هن طرح ڇاٽايو آهي:

"هڪ ڏينهن سنگهارو پاٽي ورائيندي، ٻنيءَ تي ڪوڏر ڪنڌ هيٺان رکي سنو پيو هو ته اوچتو ننڊ ۾ سڏ ٿيس ته "اٺي ڪجهه چؤ" - وائڙو ٿي چوڌاري نظر ڦيرايائين پر ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيس. وري به ڪوڏر ٽيڪي سمهي رهيو. اڃا اک مس لڳيس ته وري ساڳيو آواز ٻڌائين. وري به چوگرد چتائي نهاريائين پر ڪجهه به نظر نه چڙهيس. آخر اکيون ٻوٽي وري ليٽي پيو ته خواب ۾ ڇا ٿو ڏسي ته هڪ نُوراني شخص ٺُڏو هٽي ڪيس چيو ته "اٺي ڪجهه چؤ". اٺي بيقرار ٿي اکيون پٽي ويهي رهي ٿو، پر ڏسڻ ۾ ڪجهه به نٿو اچيس، نيٺ قلب جا قفل کُلي پونس ٿا ۽ يڪدم هيءَ ڪافي دل تي تري اچيس ٿي:

ڪيچ وڃڻ جو ڪيو پَهه ڪيچين، پيڙم ساجن جو نه سماءُ.

هيءَ هينئڙو ويراڳ وِرهه لئي،
ڏک ڏاڍو بيراڳ برهه لئي،
راتيان ڏيهان روج رنجاءُ، ڪيچ وڃڻ جو...

آهي نه سرتيون درد اوهان کي،
مهٽن سان ٽيون ماريو مان کي،
سورن ڪونه ڇڪايوَ ساءُ، ڪيچ وڃڻ جو...

رقت وڃڻ جي رات نه جهٽڪيو،
جاڳيس تان نه ڪنواٽن ڪٽڪيو،
پيڙم ڪونه ڪنين ڪڙلاءُ، ڪيچ وڃڻ جو...

چوي "رمضان" چليا چِٽ چوري،
ڪنديس ڪوڪان ڏونگر ڏوري،
گهوريس گهوري ڪيچ گداءِ، ڪيچ وڃڻ جو...

محمّد عربيءَ جو متوالو گهڻوئي ڦٿڪيو ته وڃي رسول جي چائنٺ چمي اچان، پر عاشق کي سوز گداز ازلي عطا ٿيڻو هو. هن جي دلي خواهش پوري نه ٿي. وصال وقت جو مولود چيو اٿس، ان جا چند بند عرض ڪري احوال کي ختم ڪبو:

مون کي مولا ميڙين مصطفيٰ، ڏسان دوست سندو ديدار،
منهنجو محب منو منٺار، مون کي مولا ميڙين مصطفيٰ.

وڻ وڻ ووڙيندي وتان، هو جو ڪاف مٿي ڪوهيار،
دوست ملي مون دادلو، منهنجو دانهُ دلقرار.

آيل عشق عجيب جي، سي ته عين ڪيا اظهار،
لڪايان نه لڪيئي، ٿيم نظاري نروار.

"رمضان" پرتوَ مصطفيٰ، هي ڪوجهو آهي ڪلتار،
مداح هي مقبول ٿئي، اوهين پهرايو پينار.

١٥. رمضان فقير واڍو: رمضان فقير واڍو پيو رمضان آهي، جو هن سمي جو سورهيه اديب ٿي گذريو آهي. رمضان واڍي ۽ رمضان ڪنير ۾ هي تفاوت آهي ته فقير ڪنير اُمي هو ۽ فقير واڍو علم جي زيور سان سينگاريل. هن صاحب جي واڪاڻ ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکي آهي. هن فقير جو تولد ڳوٺ پنجمورو تعلقي هالا ۾، ١- رمضان شريف ١٢٦٥ھ ڌاري ٿيو ۽ وفات ٢٧- رمضان شريف ١٣٣٠ھ ۾ حيدرآباد شهر ۾ ٿي ۽ اتي ئي کيس دفنايو ويو. سندس پوٽي فقير امام علي کان معلوم ٿيو، ته جڏهن فقير صاحب جن ننڍا هئا ته ڳالهائي ڪونه سگهندا هئا. جڏهن ائن سالن جا ٿيا، تڏهن سندس والد محمّد شهمير فقير کيس ان وقت جي پير جهنڊي واري صاحب وٽ وٺي آيو. اچي عرض

Scanned with CamScanner

ڪيائين ته قبلا! هي ننڍڙو ڳالهائي ڪونه ٿوسگهي، هن کي دعا ڪريو. پير صاحب ڪيس وات ۾ ڦڪ وجهي فرمايو ته "ابا هي ننڍڙو اهڙو ڳالهائيندو جو هن جي ڳالهائڻ لاءِ جهان مشتاق رهندو." ان وقت تي فقير پنهنجي مرشد جي شان ۾ شعر لکيو. پر پوءِ پنهنجي تجربي سان چڱيءَ طرح واقف ٿيو ۽ اڪر به چڱا لکندو هو. پوءِ ته پنهنجي شعرن سان ميدان، برپٽ واسي ڇڏيائين. هاڻي به رمضان واڍي جا مولود، ڪافيون ۽ ڏوهيڙا مشهور آهن ۽ عام زد آهن.

پاڻ هميشه اڪيلو سفر ڪندو هو. هڪ ٿيلهو ڪتابن جو ساڻ، رهائش مسجد شريف ۾ ۽ هڪ ڇيٽ جي رومال ۾ تسبيح. سيلاني به هڪڙو ئي هو، پاڻ هميشه صبر ۾ رهندو هو. نه ڪنهن کان گهرندو هو ۽ نه ڪنهن جي زيرِ احسان رهڻ چاهيندو هو. سندس عقيدت مندي جو رستو سرور سائين جي درگاهه سان هو، ۽ امين سائينءَ جو به معتقد هو. سندس هينيون ڏهر مشهور آهي:

ڪنڌو سر ڪبي ڏيان، من سر ڏني سرڇي،
راضي ٿئي "رمضان" تي، من پاڻ ڏٺي پرڇي،
داخل ٿيان در تي، سرور جي ته سماع ۾.

سندس عوامي شعر ته مشهور آهي، پر سندس موزون ڪلام جي خبر ڪنهن ورلي صاحب کي هوندي. هت سندس ديوان مان ايراني شاعرن جي تتبع ڪيل آهي، هڪ غزل پيش ڪجي ٿو:

غواصي غوث غوغا ۾، ڪِيَن تا تار ۾ غوطا،
تري ٻاهر نڪي نڪرن، ڪين پاتار ۾ غوطا.

ڏسڻ مهراڻ ۾ موتي، سِپُن جيئن وات سي ڦاڙي،
ابر نيسان قطري لاءِ جهلن جرجار ۾ غوطا.

بحر بازار ۾ بيهي، ڏسن چشمان ته چشمن جا،
زنخ پرين پگهر کائن، غبون غب غار ۾ غوطا.

لڙهي لهرن ولوڙن ۾، صفا ٽيا آب ۾ ڏوبي،
ٻيائي کي ڏين ٻوڙي، چولن چيچڪار ۾ غوطا.

کيامارڙي کنا ڪاهن، مَنهڙي کان نتا موٽن،
سڪندر باب کان کائن، کُنن پلڪار ۾ غوطا.

رکي "رمضان" رايي کي، ٻَڌن تُرهو ته توفيقي،
ٽيو سُهٽيون ته سُرکي لاءِ، کين ڏندڪار ۾ غوطا.

١٦.مولوي محمّد عثمان نورنگزاده: حيدرآباد ضلعي جي

تعلقي گوني جي کورواهه شهر جي نورنگزاده خاندان جو فردِ فريد آهي. هي صاحب سنڌ جي مشهور مدرسي "سنڌ مدرسي" جي اڳواڻن مان هڪ هو. خانبهادر حسن علي افندي جي سڄي ٻانهن هو. انهيءَ سمي ۾ هي صاحب، تعليمي مذهبي رهبر سان گڏ ادبي شخصيت به ليکيو ويندو هو. هن جي تصانيف مان ظاهر آهي ته هو هڪ زبردست عالم، فقيه، تاريخ نويس ۽ مفسر هو. سندس شعر سادو، روان، مٺو ۽ سوادي آهي. سندس خطبا سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن. پاڻ ١٨٥٠ع ۾ اچي مدرسي ۾ داخل ٿيو. سندس شاگردن سان سڄي سنڌ واسي پئي آهي. بنده جو والد صاحب مرحوم ميان محمد صالح جن به سندن پيارا شاگرد هئا. والد صاحب جن کان معلوم ٿيو هو ته مولوي صاحب جن ٻين علومن سان گڏ علم طب، رمل، نجوم ۽ جعفر جا به عالم هئا. سندن تصانيف مان قرآن شريف جو تفسير "تنويرالايمان" شاهڪار آهي جو ڏار ڏار پارن ۾ مرتب ٿيل آهي. پاڻ ١٩١٨ع ۾ ڪڙيي گنوهر جي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائون. ان وقت تائين هن تفسير جا پنجويهه پاره تيار ٿي چڪا هئا ۽ چويهين پاره جي ربع تائين پهتا، ته رب سائين گهرائي ورتن. تفسير جو باقي حصو سندس پوٽي

مولوي محمّد نورنگ زادي تيار ڪيو. پڇاڙي عمر پنج سال پنهنجي ڳوٺ ڪورواهه ۾ اچي رهيا ۽ تفسير جي ڪم ۾ مصروف رهيا. ان تصنيف کان سواءِ سندن ٻيون به ڪيتريون تصنيفون آهن، جن ۾ مکيه هي آهن:

فتوح الغيب سنڌي، اڪسيرالاحمر في اسرارالجعفر، حالات غوث اعظم، بينات القرآن، خطباتِ سنڌي ۽ تحفة الاسلام - سندن خطبات مان هڪ مثال شعر ۾ هيٺ ڏجي ٿو:

اي دل مَتي تو بيخبر، اڳيان اٿئي ڏکيو سفر،
سانباهه ڪو تنهن لئي ثمر، آهي ثمر ڏاران ضرر،
راتو ڏينهان شام و سحر، الله اڪبر ياد ڪر.

دنيا اٿئي بيشڪ بلا، تنهن تي مَر ٿي تون مبتلا،
ڪوڙي ڪميني پُر دغا، هردم ڪري ٿي سا جفا،
ٿي ادا ڪي هوشورَ، الله اڪبر ياد ڪر.

الله جي ڪا بات ڪر، واحد جي وائي وات ڪر،
توّاب جي تون تات ڪر، غفلت کي ماري مات ڪر،
رک ڪو قيامت جو حذر، الله اڪبر ياد ڪر.

ڪر چڱائي چست ٿي، جانب سان پنهنجي جفت ٿي.
گذري عمر ڏس مفت ٿي، هر گز نڪي تون سست ٿي،
ڪر نرت سان ڪا تون نظر، الله اڪبر ياد ڪر.

غفلت مَر ڪر هر گز ادا، دنيا نه آهي ڪي سدا،
هڪ ڏينهن ٿيندي تون خدا، پڇندو وري تو ڪان خدا،
ڪر ڪو شرم اي بيخبر، الله اڪبر ياد ڪر.

ڇڏ تون دنيا جي دار کي، ظاهر سندي سينگار کي،
لالچ مَ ڪر للڪار تي، غفلت سندي واپار کي،
آهي اڳيان ڪارو ڪلر، الله اڪبر ياد ڪر.

۱۷. چتو فقير سانگي: لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي ميرو خان جي پُر درد شاعر چتو فقير مولاداد فقير سانگي، سري ۾ ڏاڏو مشهور آهي. سندس تولد سال ۱۸۲۲ع ۾ ٿيو. پڙهيل ٿورو پر محبت ۽ فطرت جي مڪتبن جو خطابي هو. سندس ڪلام مجاز، حقيقت جي درد جي چٽڪن سان چور آهي. سندس وفات سن ۱۳۱۱هه بمطابق ۱۸۹۲ع ۾ ٿي. سندس ڪلام مان مجازي شعر تي صوفيانه رنگ به ڪافي چڙهيل آهي، جيئن سندس هيٺ ڏنل نموني مان ملاحظه ٿيندو:

بيت

محبت سندي مشتاق کي، جا لڳي عشق آٽي،
جتي حاجت نه هٿن جي، اتي بات بٽي،
دل سمجهو ديدن ۾، ڪِتي خيال ڪٽي،
عاشق به پنهنجي اندر ۾، وه جا ڳالهه ڳٽي،
من اها محبوب کي، وائي واه وٽي،
ڪراماً ڪاتبين پيو، سگهي ڪين سُٽي،
لکن شاهه "چتو" چوي، ڪيئن ڪاغذ مس ڪٽي،
عينن جي احوال جو، تو چاٽي چاڻ ڏٽي،
هي آهي رمزن جي رهٽي،
هن جو مطلب نه ملاقات سان.

ڪافي

نٿي سک سمهڻ ڏئي، مون کي سندي ميهار.
ڳهران گهوريان جندڙي، موتان ماري ميار.
سرڪي نه آهي سحرڪو جادو، جنهن ساڙيا سينگار.

وڃڻ واجب هوان کي، سمن ساڻ سردار،
ڇڏيندو نہ ”ڇتو“ ڇوي، آهيون جنهن جي آڌار.

۱۸. مولوي غلام محمّد خانزئي: هن مولوي صاحب جي سوانح عمريءَ جي سوکي خبر نٿي پوي. پر هن کي تحصيل علم جي پياس، هالا جي نزديڪ پير جهنڊي ڳوٺ ۾ آندو، جتي هن پير رشيد الدين صاحب العلم جن وٽ ظاهري توڙي باطني فيض حاصل ڪيو. هن جي تصانيف مان معلوم آهي تہ هي ١٣٠٣ھ ڌاري حيات هو. سندس نشانين مان بيتن جو رسالو، منهاج العاشقين ۽ سڪندرنامو مشهور آهن. هن صاحب جي طبع جي توسن موزون ۽ غيرموزون ميدانن کي مات ڪري پاڻ معروف ڪيو. هن فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ موزون ڪلام غزلن ۽ مثنوي جي صورت ۾ ڇيو آهي. ٻئي طرف هن جا برھ وارا بيت، محبت وارا مولود ۽ لئي واريون لوليون بہ لين ٿيون. هن جي بيتن جو رسالو مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي زير ترتيب هو ۽ هو صاحب ان کي شايع ڪرڻ لاءِ مشتاق هو، افسوس جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي دلي خواهش پاڻ سان کڻي اُسريا. من ”سنڌي ادبي بورڊ“ وارا هن ڪم کي پايئہ تڪميل تي پهچائين. ان رسالي جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ مولوي صاحب لطيفي رنگ ۾ پوري طرح رتل هو، ۽ هن جي هڪ هڪ لفظ مان لطيفي لات جي تنوار پئي ٻڌڻ ۾ آئي. ملاحظہ فرمايو.

سهڻيءَ جي سُر ۾ هيئن فرمائي ٿو:

پيلو پڳو پر پَرينءَ، نہ ڪا ويجهي راھ،
رات اونداهي ڏنڊ گهڻو، ڏڙ لائي درياھ،
لهرين لوڏي آهيان، سِير سُڪايو ساھ،
ساهڙ ڏي ساڃاھ، تہ تارئون تري تڙ ٿيان.

سارنگ جو رنگ ٻہ سٽو:

اوتڪ ڪري اٿيو، ڪڪر ڪاريءَ ڪر،
لتو اوهيڙا ڪري، جال وسائي جر،
پاٽيءَ پوج پٽن تي، چنن لائي چر،
پريا بند بارانيون، هارين ٻڌا هر،
سائينءَ ڪيا سُڪر،' ويو ڏولائو ڏيھ مان.

شاھ جي چنڊ ۽ تارن جي اوهان کي خبر آهي، ۽ غلام محمّد مرحوم جي پڪار جو پرو لهو:

مون کي چنڊر ڪتيون سج تارا، خبر ڏيو محبوبن جي،
اوهين سيئي تا ڏسو محبوب منٺارا، خبر ڏيو محبوبن جي.

راسيندي راسن سان دوست ڏسو دلدارا،
خبر ڏيو محبوبن جي.

اچو جڏهن چوٽئين چمڪو چوڌارا،
خبر ڏيو محبوبن جي.

تارا توڏي تو ڏسان، تون ڏس پرين پيارا،
خبر ڏيو محبوبن جي.

وچان مون پرين جي جهڙ نہ اچي ڪنهن وارا،
خبر ڏيو محبوبن جي.

"غلام محمّد" حُب ۾ شل پڇي مون ڇمارا،
خبر ڏيو محبوبن جي.

سندس فارسي ۽ سنڌي ڪلام نموني طور ڏيئي مولوي صاحب جو ذڪر خير ختم ڪجي ٿو:

فارسي

گفتہ تو بر زبانم، چون شَڪر آمد لذيذ،
گر زجر گفتي مرا، هم بيشتر آمد لذيذ.

گر ڪسي بي تاب شد، در عشق تو اي دلبرا،
در شدن در تاب جانان در نظر آمد لذيذ.

در جهان با خوبرو يان کي کند آرام، دل،
جز وصالِ يار خود کردن گذر آمد لذيذ.
گفتۂ لبريز از جانان "غلام محمّد" شد،
پاسخ جانان مرا چو نيشکر آمد لذيذ.

سنڌي غزل

اچي ساقي سڪايل کي، پيري ڏي مَئي سندا پيالا،
تہ جيرا جوش جانب جي جلايون جان ۾ جالا.
مدامي ملڪ موليٰ جي، وسي برسات تي دائم،
جنن تي مينهن محبت جو، تنن جا نيڻ نت آلا.
ترن جي تار ريءَ ترهي، بحر عرفان ۾ عارف،
تنن کي سمنڊ ۽ دريا، ڏنيون ڏورا ننڍا نالا.
سدا ڏک درد دلبر جو، رکج دل ۾ "غلام محمّد"،
سوا سڪ سوز ساڄن جي، رُلن منجهه روهہ ريزالا.

ڪافي

چام عمر تي ماري ماري،
مون کي پرت پنهوارن جي پار جي.
جدا جهانگيڙن کان ميان،
کير گهڙيون هت گهاري.
مون کي پرت پنهوارن جي پار جي.
قضا آنديس ڪوٽ ۾،
لوح قلم جي لاري.
مون کي پرت پنهوارن جي پار جي.
مانَ ميڙائو مون ٿئي،
ويڙهيچن ڏي واري
مون کي پرت پنهوارن جي پار جي.

Scanned with CamScanner

"غلام محمّد" مارو‌ئڙن کي،
ساھ سدا تو ساري.
مون کي پرت پنھوارن جي پار جي.

لولي

الف - اليلن کي ڏي، خمر خماري،
سرکي سري صرف جي، جن پيتي پياري،
آيا "اَنا عرف" مان، تي ورھ واپاري،
تن کا ڏيکاري، مايا ملک عميق جي،
لک تورا سڄڻ لک تورا،
تنھنجي موتي ملڻ جا!

١٩. شاھ نصيرالدين نقشبندي نوشھروي: شاھ نصيرالدين

بن پير پير عبدالحيّ نقشبندي، نوشھروي فيروز جي سرھندي پيرن جو ھڪ فرد فريد ٿي گذريو آھي. ھي بزرگ جھوڪ شريف جي صوفي بزرگن جو مريد ھو. باطني طرح اتم درجي تي وڃي پھتو. ھن جو باطني فيض ضلعي نوابشاھ، خيرپور، لاڙڪاڻي ۾ پکڙندو رھيو. ھن جي مريدن ۾ موھن فقير ۽ حاجي خير محمّد جسڪاڻي جھڙا صاف صوفي ٿي گذريا آھن. ھي صاحب سيّار بہ ھڪڙوئي ھو. ھن جي خمخاني مان ھندو خواھ مسلمان ٿيا پي مخمور ٿيا. شاھ نصير مرتبو نہ رڳو سنڌي شاعريءَ ۾ بلند آھي، پر اردو ۽ فارسي شاعرن ۾ برک ھو. ھن جي فارسي شاعريءَ تي حافظ جو گھرو رنگ آھي. اردو شاعرن ۾ ھي پنھنجن متقدمن خواھ معاصرن کان سرس نظر اچي ٿو. ھي عبادت الاھي ۽ خدمت خلق کندي، ١٣١٨ھ بمطابق ١٩٠٠ع ڌاري فوت ٿيو.

فارسي غزل

در رضائي خاطر فقرائي کوشيدن خوش است،
سمر قاتل ھم زکف اين قوم نوشيدن خوش است،

بارها تکرار کردم نزدِ پير مَي فروش،
گفت از بيرخ "نصيرا" عيب پوشيدن خوش است.

اردو

قامت سي تيري سرو خرامان هي حيران،
لعلون سي تيري لعل بدخشان هي حيران.
مرجان بهي مرجان سي بي جان رهي هي،
پنجه کي حنا ديکهه کر غلطان هي حيران.
روتا هون تيري هجر سي شب روز اي دلبر،
آنکهون سي ميري قلزم عمان هي حيران.
طوطي تو اک بات شکر لب سي سنائي،
مسکوت طرح طوطي خوشخوان هي حيران.
ناله جو کرون هجر مي شب روز "نصيرا"،
فغان سي ميري رعد پريشان هي حيران.

سنڌي نظم جي گهڻو ڪري هر شاخ تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. ڪافي، مرثيا ۽ ڏوهڙا سندس ڪلام جا مکيه حصا آهن. انهن جا مثال پيش ڪري پير نصير جو احوال ختم ڪبو:

ڪافي

هيئن نه اڳ مون ڄاتو، يار ڪندو وڇڙ جون وايون.
جڏهن لاڪون يار پنهل سان، عشق آٽي مون لاتو،
تڏهن ويو دونهون درد دکايون.
راتيان ڏينهان جيءَ اندر ۾، اتم هيءُ اوراتو،
ويا نه ڀانيڻ سان ڀولايون.
ڀاسي ڀيچ ڀنهل هو مون سان، پرت منجهارئون پاتو،
ڏير ڪري ويا ڏاڍايون.
نيٺ نيائيندو يار "نصيرا"، نيهن سندو هو ناتو،
ورنديون وصال جون وايون.

مرثيو

ربّ پاڪ پاڻ پرور ثنا گر حسين جو،
جبرئيل خاص خادم چاڪر حسين جو.
اَرضُ و سَمَا وَ ڪُرسِيُ و عرش برين متي،
تيو غلغلو شهادت شاڪر حسين جو.
هو ابتلائي عشق جو، ورنہ يزيد ڇا،
جو قتل ڪاري سيد سرور حسين جو.
آتش فتاد در دل زهرا رضہ و بو تراب رضہ،
جڏ واقعو ٻڌائون اطهر حسين جو.
مشڪل آهي مراد "نصيرا" جي ٿئي تمام،
ٿيان خاڪبوس، ڪلب سندي در حسين جو.

ڏوهيڙا

(١)

ساهيڙيون سرتيون، متيون ڏيو نامُئيءَ ڪي،
ڪاهينديون سي ڪيچ ڏي، جي انهيءَ رنگ رتيون،
جي پنهل سان پرتيون، سي ڏينديون باهہ پنيور ڪي.

(٢)

ڪين ڪٺي وچ ڪين ڏي، تون پي ٿيءَ ڪي ڪين،
ويندڙ وچڙ وڃائي، رک قلب ۾ ڪي ڪين،
ڪين "نصيرا" ڪين، ڪين ڪٺي گهڙ ڪين ۾.

(٣)

موٽي لڏيون ملڪ جون، سارنگ سنيارون،
رعد جي رڙين ڪان، ٿيون طرحين تنوارون،
پرور جي پارون، ساري سنڌ نهال ٿي.

(٤)

آئي رت بسنت جي، تي ساول سرهائي،
نافرمان نياز كيو، لالان لالائي،
رتنجوت رمز سان، دلڙي ريجهائي.
ڪَرنو، نسرين نازبو، جاءِ ڪُلي جائي،
چوڦيلو چوطرف تي، خوشي ڪِيائي.
وري واڌائي، ملي ”نصير“ ملڻ جي.

(٥)

رَت جهڙي روج سان، چولي تي اتم چِڪ،
نينهن ۾ ”نصير“ چوي، نيڻ تيا اتم نِڪ،
هاٽي هر ڪنهن سان هڪ، ڳالهہ سدا اتم سور جي.

٢٠. جيوت سنگهہ: قنبر ضلعي لاڙڪاڻي جو هيءُ ڏٽيءُ جو پيارو سال ١٨٤٠ع ۾ هڪ چڱي خاندان سئناٽي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ننڍي هوندي کان وٺي سندس دل دنيا جي دولاب کان دور هئي. پر وري بہ هالا جي وينل ڪتري سنت ولايتراءِ هن جي عين جون اکيون کوليون. هن جي وڏيڪ صحبت شڪارپور جي مهراج شنڪر پارتي سان ٿي. پنهنجي وطن ۾ ساڌ سنگت جون سنگتون ڪندو رهيو، جنهن ۾ هر ڪو پياسي اچي پنهنجي پياس پوري ڪندو هو. هن جو مرتيو جنوري ١٨٩٩ع ۾ ٿيو. جيوت جو شعر اصلي جيوت ڏيندڙ آهي ۽ دنيا جي موهہ ۽ مايا کان مٽيندڙ. ڏٽي جي هر جائي هـــر ڪنهن هنڌ، هن جي شعر ۾ بکي ٿي. ملاحظہ فرمايو:

ڪافي

مام مرشد سان وِٽڙو حجاب، جٿ ڪٿ جانب ظاهر آهي.
نالا ذاتيون ايئن خدا ۾، جل مٿي جئن آهن حجاب،
بنا دلبر بيو ڪو ناهي.

عشق جانب جي دل منهنجي کي، ڪيڙو آهي ڪباب،
سدا دلبر دل ۾ آهي.
هج هميشه يار سان رلمل، ناهي ٻو ڪو ڏوهه ثواب
ظاهر باطن اهوئي آهي.
مام مرشد جي سيني "جيوت" ۾، هردم وڄي ٿو چنگ رباب
راتيان ڏينهان ٻي وائي ناهي.

٢١. خواجه غلام فريد: فريدڻ سائين، سنڌ ۽ بهاولپور جو فرد

فريد آهي. سندس نسب حضرت عمر فاروق رضه سان ملي ٿو. سندس وڏو ڏاڏو مالڪ بن يحيىٰ، فاتح سنڌ محمّد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. خواجه صاحب جو ڪو ڙڏاڏو مخدوم محمّد شريف صاحب سنڌ مان لڏي سنڌوءَ جي ڪناري سيتپور (رياست بهاولپور) ۾ وڃي مقيم ٿيو. جتان پڪيءَ طرح مٺڻ ڪوٽ ۾ وڃي واسو ڪيائون. سندس والد صاحب خواجه خدا بخش به چشتي طريقي جو وڏو بزرگ ۽ ڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. فارسيءَ ۾ صاحب ديوان آهي ۽ سندس تخلص "اوحدي" آهي. هو صاحب سکن جي خونريزين کان تنگ ٿي درياهه جي هئي ير چاچڙان شريف ۾ اچي رهيو هو، جتي ٢ـ ذوالقعد ١٢٥١هه بمطابق ١٨٣٥ع ۾ فريد سائين تولد ٿيو فريد سائين ڄمندي ڄام هو. وهبي شاعر هو. ڦوهه جوانيءَ ۾ لطيفي رسالو زير نظر رهيس. "سچل سائين" کان ڪافي متاثر ٿيو. سندس ڪيئي ڪافيون، "سچل" سرمست جي تتبع ۾ چيل آهن. سندس ڪلام جو اوائلي حصو سنڌي زبان ۾ هو، مگر زماني ۾ اهل سنڌ جي بيقدري ڪري ڪافي ضايع ٿي ويو. جو باقي بچيو آهي، سو به اسان لاءِ نعمت آهي. باقي ملتاني زبان جو فريد سائين قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. مسٽر محمّد عزيز الرحمٰن ڊائريڪٽر تاليفات (رياست بهاولپور) لکي ٿو: "رياستي زبان جي شاعريءَ ۾ هن اهو پايو حاصل ڪيو، جو ان کان اڳي ڪنهن کي به حاصل نه ٿيو، نه وري چاليهن

سالن گذرڻ کان پوءِ اهڙو بلند درجو ڪنهن ٻئي کي حاصل ٿيو آهي." هن جو ڪلام مصوّري منظر ڪشي، قوّت بياني، سوز و گداز لبالب آهي. چڱو ڀلا ان جي سنڌي ۽ سرائڪي جواهر پارن مان حظ وٺو:

سنڌي ڪافي

هر صورت وچ ديدار ڏٺم، ڪل يار اغيار کي يار ڏٺم.
ڪٿ جوهر تي ڪٿ عرض ڏٺم،
ڪٿ سنت نفل تي فرض ڏٺم،
ڪٿ صحت ڏٺم، ڪٿ مرض ڏٺم،
ڪٿ چست، ڪتي بيمار ڏٺم.
ڪٿ گل قل باغ بهار ڏٺم،
ڪٿ بلبل زار نزار ڏٺم،
ڪٿ حسن خاشاڪ تي خار ڏٺم،
هڪ نُور کي سي اطوار ڏٺم.
ارواح نفوس عقول ڏٺم،
انسان ظلوم جُهول ڏٺم،
معقول ڏٺم، منقول ڏٺم،
اقرار ڏٺم، انڪار ڏٺم.
ڪٿ منطق نحو تي صرف ڏٺم،
ڪٿ اسم تي فعل تي حرف ڏٺم،
هڪ معنيٰ هر هر طرف ڏٺم،
چؤ ڳوٺ ڏٺم، چؤڏار ڏٺم.
ڪٿ شاهه نظام الدين ڏٺم،
ڪٿ قطب، معين الدين ڏٺم،
ڪٿ فرد فريدالدين ڏٺم،
ڪٿ فخرِ جهان دلدار ڏٺم.

Scanned with CamScanner

سرائڪي

تو بن موت پلي، ويندم شال مري،
ٽڪسان هڪ نہ ذري، جِيسان پل نہ گھڙي.
پورب طرف ڏنهن مينگھ ملار ڏٺم،
بجلي لسڪ ڏتي، گج گج گاج سٽيم،
رهسان ات نہ اڙي، ويسان وطن وري.
ڪَنڙين خبر پيوم روهي وئڙيدي،
ڍولا ڪل نہ لڌئي دڪڙي تتڙيدي،
ڦاڙيم چولي چوني، رورو ٿيوم چري.
بوندا بوند ائن بادل ڪيتي لس،
گھن گھن نانءِ تيڏا روئيندي تي ها بيوس،
سانول تينون ملان يا پوان چو نہ مري.
سرمي ميندي ستَيم ڪجل هار ڳيوم،
پليو نذر ناز هار سينگار ڳيوم،
بينسر بُول پچان، اُجڙي مانگ هري.
ڪيڏڻ ڪڏڻ ڳيو سک دا تول ڳيوم،
ڏڪڙي پڪڙي پئي، خوشيان رول ڳيوم،
جُڙ ڪر رانول جوڳي، لاتي پريم جڙي.
ڪوندي ڪنون "فريد" جهوڪان ياد پيم،
اکيان نير هنجون برسات وسيم،
لِڪ لِڪ دانهن اٿيم، جان جان ڏنم جهڙي.

٢٢. سيد غلام شاهہ راشدي: سيد غلام شاهہ ولد سيد پير علي ذوالفقار شاهہ، سنڌ جي مشهور راشدي خاندان جو فرد هو. سندس والد پير پاڳاري سيد صبغت الله شاهہ صاحب جو فرزند ۽ روضي ڌڻي حضرت محمّد راشد شاهہ جو پوٽو هو. اصغر شاهہ ڪان پوءِ شعر و شاعريءَ جي عالم ۾ هن صاحب جو نالو انهيءَ خاندان مان ليکيو وڃي ٿو.

Scanned with CamScanner

سندس تولد سنه ١٢٥٩ھ ڌاري ٿيو. سندس تعليم ۽ تربيت جو بندوبست بهتر نموني ۾ ٿيو. جيڪي ٻه زبانون انگريزيءَ سوڌو ڄاڻندو هو. انهن ۾ هن صاحب کي ڪمال رهيو. سندس اوسنا جو اوائلي دور پير حزب الله شاهه "مسڪين" جي صحبتن ۾ گذريو، پر ڪن عزيزن جي ناشڪيبائي ڪري ڪيس پنهنجو پيارو وطن ڇڏي، سقيم حال ۾ بدين تعلقي ۾ ڳوٺ گولاڙي ۾ اچي رهڻ ٿيو. بس پوءِ ته مارئيءَ واري حالت طاري ٿي ۽ سدائين مارئي وانگر پنهنجي ملير لاءِ ٻاڏائيندو رهيو. سندس ڪلام ۾ هجر، ڦوڙائو ۽ درد جڳهو آهي. پاڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ ٣- ذوالحج ١٣١٩ھ ۾ هي فاني محلات ڇڏي، راهه جاوداني اختيار ڪيائين. چون ٿا مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هي بيت سندس ورد رهيو ته:

چنيسر جي چِت ۾، هن کان اڳي هئو،
تهان پوءِ ٿيو، مٽئين سندو مامرو.

سندس قرب ۽ سوز و گداز واريون ڪافيون ملاحظه فرمايو:

(١)

عمر اباڻا ڏوتي ڏاڏاڻا،
وسئون آءٌ نه وساريندياس.

ميندن ۾ ميان عمر مر پيو چيڙهه چڪي،
ساهه سنگهار کي ساريون روز سڪي،
ڳوناڻن کي ڳُتون، ڏُر ته ڏناريندياس.

باغ باغيچا بنگلا عمر اُچيون ماڙيون،
ڪيئن وهان ڪوٽن ۾ واه تنهنجو واڙيون،
جهانگيئڙن جا جهوپا، ڪيئن ڪنواريندياس.

هينئڙي جن سان هيرون، سي منهنجا تر تيا،
محلاتن ۾ مُئيءَ کي جن ريءَ پهر پيا،
ان ريءَ "غلام شاهه" چوي، گهڙي نه گهاريندياس.

(٢)

مارن مون ڏي موڪليا ڏک ڏوراپا چائي،
سانگين مون ڏي موڪليا سور سنيها چائي.

ڪلي وينئين، ڪٿ تي، تون تہ پُرس ساڻ پرائي،
ٽريلين ٽڙجاين ڪي ڪيئن لقب وڌو تو لائي.

سوين سنگهاريون راڄ ۾ چو عمر اڪ اتي اتڪائي،
منڙو ريڏء مارئي نہ تہ بند نہ هئي مُنهن پائي.

ورڻ وس نہ پنهنجي، تہ بہ رهڻ تو نہ رهائي،
ڪڙم اباڻي ري، توکي، جئڻ ڪين جڳائي.

گوندر پيا تہ "غلامرشاهہ" چوي سانگي تو سامائي،
مرين تہ موچاري ٿئين، جيڪا ڪونڌن ڪنڌ ڪپائي.

٢٣. موهن فقير: نصير سائينء جو نوازيل موهن فقير عاقل جي ڳوٺ تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ١٨٣٥ع ڌاري ڄائو. اوائلي اوستا سادي سوديطرح گذاريائين. لاڙڪاڻو ان سمي ۾ صوفي صاحبن جو مرڪز رهيو. هيبہ مرشد جي نظر سان صاف صوفي ٿيو. هن جو آخري پروان ١٣٢٣ھ بمطابق ١٩٠٥ع ۾ سيوهڻ شريف ۾ پرواز ڪري ويو، ۽ ان جي سماڌي سندس ڳوٺ ۾ آهي، جٿ فقيرن جو ميڙو ٿيندو آهي. هن جي نظر نُورالاهي تي آهي جو هر هنڌ حاضر آهي. رسول اڪرم ﷺ جي ساراهہ اجهو هيئن ٿو ڪري:

مرشد معنيٰ سان ڏسيو، اسم ڪو اڪسير،
احدئون احمد آيو، سو مج محمّد مير،

محبت جا محبوب جي، سچي سچ ۽ سير،
آڻائي عرش تي، ڪيو قادر قرب قدير.

هئي هنڌ لوليءَ ۾ اصحاب سڳورن جو ذڪر خير هن طرح ڪيو اٿس:

عاشق ميم اهڙي سان اعتبار، چارئي يار گل و گلزار،
چارئي يار گل و گلزار، پرٽئون پس تنين جا پار،
جن ڪي سونهن ڏني سردار.

مالڪ ملڪن جا مختيار، سي ڏس وحدت جا وينجهار
جن جا منجھ قرآن قرار.

ڪلام جو نمونو جاذب ۽ صوفيانہ آهي. مثال ملاحظہ ٿئي:

بيت

جي ذات پروڙين ذات سان، تہ ٿيءُ وڃي منجھ ذات،
"موهن" ڪي محبوب جي، اها وائي آهي وات،
"لا" اٿي هئي لات، جاتي هونگ پريان جي هڪڙي.

جي تون ڪلمي ڪوڏيو، تہ "لا" جي تيغ لڳاءِ،
"ماسوا" محبوب ريءِ، ساري جان جلاءِ،
باقي ڪين بچاءِ، "موهن" حقيقت ريءَ.

ڪافي

اٽڪي عشق آٽي، اڪ ٽا ٽا ٽا،
ٽا ٽا ٽاٽ ٽڪر ڪل ٽا ٽا ٽا.

اڪ الڪ جي ڪنهن نہ لَکي،
سا تان آ اَبڪ بڪ آهي بڪي،

ساڳي گور گيان سان مَڪ مَڪي،
گڏ لام الف سا لا لا لا.

روپ اَ روپ سروپ سچو،
سارو ملڪ بيرنگ رنگ رچو،

لڳو نينهن نسنگ، ننهن ننهن آهي نچو،
سو تان ميم الف من ما ما ما.

گور اَگور نہ گور اُتي،
ڏس مور امور نہ مور اُتي،
اُها تور اندر نہ تور اُتي،
هو من هو هو هو، دل ها ها ها.

دل دامَ ڳجهي ۾ رمز لڳي،
پيري "موهن" تنهنجي پاڄ پڳي،
آهي کيل اَکيل کان ڳالهہ اڳي،
ڏس رمز اها رخ لا لا لا.

(۲)

ويهي ڪين وساريندا،
تنهنجو تو ۾ يار لڪو ٿي.

سسئي چڏي سج ۾، تون تہ پاڻ پنهل ٿي پيهہ،
هو تہ سوڏل جو ساڙيهہ، اُتي تنهن جو نانءُ نڪو ٿي.

اُٺ ڏٺا هُئي اوچتي، تڏهن جارون جاڳي چو نہ،
سرير سمجُهئي ڪونہ، اجا اهو دل دڪ دڪو ٿي.

دم دم اتي دل ۾، طلب جنهن جي تات،
اٺ جاڳ جَت ويئي رات، جنهن سان تنهنجو پيچ پڪو ٿي.

ترڪ طمع ڪَر، پيچ پنهل سان آهي حج حضور،
سو تہ "موهن" ڪر منظور، اهو جيڪو منجهہ مُڪو ٿي.

(٣)

نہ ريک اَريک نہ ميک اَميک نہ بيک اَبيک،
سو "لَمْ يَلِدْ" لامارو.

نہ رت اَمرت نہ بت اَبت نہ گهت اَگهت،
سو "وَلَمْ يُوْلَدْ" وارو.

نہ کنڊ اَکنڊ نہ بند اَبند نہ رنڊ اَرنڊ،
سو سِير سريءَ ۾ سارو.

نہ پر اَپر نہ مر اَمر نہ ور اَور،
سو "ونحن" جو وچ وارو.

نہ وچ اَوچ نہ پچ اَپچ نہ رچ اَرچ،
سو نرمل نُور نيارو.

نہ غم اَغم کم اَکم نہ دم اَدم،
سو "موهن" جومن وارو.

٢٤. محمّد اڪرم خان ولد آدم خان پٺاڻ: هي صاحب شڪارپور جي شڪر ريز زمين جو باشندو هو. ١٨٣١ع ڌاري شڪارپور جي ڪڙي عطا محمّد ۾ پيدا ٿيو. اوائلي پوليس جي نوڪريءَ ۾ هو. غلام محي الدين شاهہ گيلاني راڻيپور واري جو مريد ٿيو. موسيقيءَ جو ماهر، عابد ۽ زاهد هڪڙوئي هو. آخرت جي سفر سنيرڻ کان ٿي ڏينهن اڳ هڪ ڪافي چيائين، جا هيٺ ڏجي ٿي. سال ١٩٠٥ع ۾ فوت ٿيو. سندس شعر سرائڪي ۽ سنڌي ۾ ججهو هو، پر سندس پوين جي بيپرواهيءَ ڪري ضايع ٿي ويو. سندس ڪلام ۾ فڪر جي فراواني آهي، ملاحظہ ڪريو:

(۱)

هُت ٻول ٻڌي آئين ٻيو،
هِت نينهن لائي ويئين نان سان.
"وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ" تو وٽ تنهنجو،
هوت هميشه هيو،
آندءِ عار کهڙي امڪان سان.
"قالوابليٰ" ڪالهه قريبن،
قول ڪڍهن تو ڪيو،
پئين پور کهڙي پيمان سان.
مَلڪ ايندءِ موت جا،
رِلي نه رکندءِ ريو،
ڇڏي اوح ويندين ارمان سان.
تون تڪيو سمجهي توڙ جو،
ڪرَ وَتين نت کِيو،
موڳا محض متيءِ واري مان سان.
"اڪرم" سيڪنهن سنجهه صُباحين،
يار وڃڻ نيٺ پيو،
کهڙي منت ڪرين مهمان سان.

(۲)

مارو تون ميل اسير، ساهه جنين کي تو ساري.
راتيون ڏينهان ٻون کي مارن جي، عاقل آهي اڪير،
مهٽن وڏو من ماري.
سرتيون ساهيڙيون ويڙهه وسن ٽيون، محبت تن جي مير،
راتو ڏينهان تي رڻاري.
ڪاج ڪيڻ ريءِ مارن جي، وِهه ڀانيان تي وير،
ڏيل ڏکن وڏو ڏاري.
چوي "اڪرم" نانءِ الله جي، ڪڍ زورآور زنجير،
واڳ وطن تي وجان واري.

۲۵. نواب شاهه سڪايل: سيد نواب شاهه امام علي شاهه

۱۸۴۳ع ڌاري روهڙي شريف جهڙي رمزن واري شهر ۾ پيدا ٿيو. بيڪس فقير جي نظر، هن عمر رسيده بزرگ کي نوابيءَ مان فقيريءَ جي درجي تي فائز ڪيو. فقير به اهڙو فقر وارو، جو بيڪس سائينءَ جي فوت ٿيڻ بعد سندس شان ۾ پيو ڪلام چوندو هو. هڪڙي ڀيري چيائين ته:

"بيڪس" اتي چٽ جهلايا، جو وير وحدت جا باغ بنايا،
شاهه حُسن دا ڳاوڻ ڳايا، سورهيه ٿيا سلطان،
ماري دم خدائي.

سندس شعر سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ آهي. ڪلام ٿورو اٿس، پر جذب ۽ جوش سان ڀريل آهي. بيدل سائين ۽ بيڪس سائينءَ جي حُسن پرستيءَ جا چٽا آثار سندس شعر ۾ موجود آهن. ملاحظہ ڪريو:

بيت

سامين ٻڌا سندرا، سڪ منجهون ساهي،
الڪ الڪ ڪري اٿيا، ڪابولي ڪاهي،
لڏائون لطيفي لاتڙي، لاڳاپا لاهي،
گنديون گبريون گودڙيون، جوڳي جلائي،
وٺي ڏَس ڏاهي "سڪايل" ٿيا سامهان.

(۰)

مونا طورسينا، مولائن جو معراج،
ڪاپڙين اندر ۾، ڪيو آديسين علاج،
"سڪايل" تن تاج، ڀاتو آهي پريت جو.

ڪافي

بازر ۾ آيو يار پيارو، هل ته هلي بازار ڏسون.
گلبدن سو گلرخ جاني،
ملڪن ۾ جنهن جو مٽ نه ثاني،
سو جاني جلويدار ڏسون.

بنا سينگار سدائين سهڻو،
ڪونہ ڏنوسين ڪو من مٺو،
تنهن دلبر جا ديدار ڏسون.

ابرو سيف ايراني خالي،
خون عاشقن ۾ هردم عالي،
سو جنگ سندو جهونجهار ڏسون.

ڪير اچن تا سر سنباهيون،
ڪير وڃن تا ڪنڌ ڪپايون،
تنهن اڏيءَ جا اسرار دسون.

قاتي تان وري ڦٽڪڻ ڪهڙو،
سور انهيءَ ۾ ڏاڍو ريهو،
مر درد سندا ڏڏڪار ڏسون.

چار وڃهي تو چام ڦاسائي،
بازرين تن تي لوڪ هسائي،
خان ملي سي خوار ڏسون.

سرت "سڪايل" رک تون سمجهي،
ڪج نہ جان پياري پنهنجي،
تہ عشق سندا اسرار ڏسون.

٢٦. سيد حسن بخش شاهہ ولد پير گلزار علي شاهہ ڏُنڙائي.

شاهہ صاحب جن سن ٻارهن سؤ ٻاهٺ (١٢٦٢هہ) ڌاري پنهنجي ناني مرحوم پير سبحان علي شاهہ وٽ تولد ٿيا. سندن اوائلي تعليم عربي ۽ فارسي رهي. جواني ديوانيءَ جي دور ۾ مجاز جي چوٽ لڳين. درد دل رکندڙ صاحب هئا. سندن صحبتون اهل دل ۽ اهل عرفان وارن سان رهنديون ايندڀون هيون. ادبي ڪچهريون بہ پاڻ ڪئين ڪيائون. سندن وفات ٧ جمادي الاول ١٣١٨هہ ۾ ٿي. سندن ڪلام ۾ تصوف جو رنگ موجود

آهي، ان جي وسيلي سوز و گداز، درد جا دونهان دکائي سگهجن ٿا.
"ڪلام حسن بخش" جي عنوان سان سندس ڪلام سنڌي ادبي بورڊ
شايع ڪيو آهي، جو سنڌي ڪافين، نعت، مناقب، سنڌي بيتن، سرائڪي
ڪافين، سرائڪي ڏوهيڙن ۽ اردو ۽ هندي ڪلام تي مشتمل آهي. سندس
ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

بيت

ڏورين چو تو ڏور، هو ورنه اتئي ويجهڙو،
سڄڻ ساهه پساهه ۾، دلبر ناهي دور،
وڙي ڏس وجود ۾، نرمل سندو نُور،
"حسن بخش" حضور، مري جيءَ ته ماڻئين.

—

محبوب مٺا منٺار ميڏا! مين روز ويکان تيڏيان راهين،
آءِ ڪڏاهين.
سوز فراق دي سور سٹاوئين، دل اندر ديان دانهين،
آءِ ڪڏاهين.
دل جوش تيڏي بيهوش ڪيتي، چوڏار برهه ديان باهين،
آءِ ڪڏاهين.
آ، همحال تيوين هڻ نال، "حسن بخش" ڀڳڻ ٻاجهه نه لاهين،
آءِ ڪڏاهين.

ڪافيون

(١)

جرين جنسار جانب جو، تفنگ تلوار ڦهه ڦهه ڦهه!
ڪنڍا ڪاڪل قفس قهري، خمرو خمدار صف سحري،
زو راور ولف زور زهري، حُسن هڪار ٻهه ٻهه ٻهه!
منور پاڪ پيشاني، ۽ ابرو قوس ڪرماني،
بترڪش تير مزگاني، چشم چمڪار چهه چهه چهه!

منهن مهتاب مهنداري، عجب آ انف اسراري،
دندان لب لعل مرواري، گوهر گفتار ته ته ته!
"حسن بخش" هوت کي هيکر، ڏسي جيکو جلي جيکر،
شاهي شرطاً نذر ڏي کر، پون پاشاھ پھ پھ پھ!

(۲)

مار جادوگر جادو کيتوئي، دلڙي ٿئي ديواني!
منڊڙا پڙھ کر مارُيئي ڦيٽا، درد ڏتوئِي دلبر ھيٽا،
هردم حال ٿياهم هيٺا، ڏين جا ٿئي مستاني!
نال ڪامڻ دل قيد ڪيتوئي، منتر مار کي مار نيتوئي،
تن وچ طلسم سهج سيتوئي، يار آهين يوناني!
صاف سڄڻ ڪنهن سحر سکايئي، دلبر دل تي دود دُکايئي،
سارا ڏيل ڏکي دا ڏکايئي، دل داغ ڏتئي دل جاني!
صاف سڄڻ تيڏي سهڻي صورت، هئي "حسن بخش" مهڻي مورت،
ناز غماز دي کهڙي قدرت، جند جان کران ڪران قرباني!

۲۷. سيد حاجي حافظ حڪيم سيد ميران محمّد شاھ

اول: سيد ميران محمّد شاھ اول بن حڪيم سيد محمّد شاھ، ۱۲-صفر۱۲۳۵ھ ۾ پهرئين تڪڙ ۾ ڄائو هو. ننڍي هوندي کان صوم و صلواة جو پابند هو. سندس والد صاحب کان حڪمت سندس ورثي ۾ آئي. انگريزن جي شروعاتي دور ۾ هن صاحب وڏا جوابدار درجا ماڻيا، پوءِ ته وڪالت به ڪيائين. زاهد عابد به هڪڙوئي هو. حڪمت کان سواءِ علم جعفر، رمل ۽ نجوم ۾ به چڱي مهارت هيس. قرآن شريف جو به حافظ هو. انگريزيءَ جو به اڀياس ڪيائين، جو سندس سنڌيءَ مان انگريزي ڊڪشنريءَ جي ترتيب مان عيان آهي. سندس تعلق سيد احمد شهيد بريلوي جي آزاديءَ واريءَ تحريڪ سان به هو، ان ڪري اهو روح هن پنهنجي عزيز ۽ شاگرد علامه قاضي اسدالله شاھ ۾ ڦوڪيو، جو سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جي باني ماڻهن مان هو. شاھ صاحب ان دور جي مکيه نثر

نويسن مان تي گذريو اهي. سندس نيث ۽ صفا سنڌيءَ واري نثر جا هي ڪتاب مشهور آهن: سڌاتورو ۽ ڪڌاتورو، مفيدالصبيان ۽ مفيدالطالبين. عديم الفرصت ڪري شعر و شاعريءَ لاءِ وقت ڪو خاص نہ ملندو هوس، پر فارسيءَ خواهہ سنڌيءَ ۾ سندس شعر چڱو هو، جو زماني جي سرد مهريءَ ڪري ناس تي ويو. فقط هڪ فرد فارسيءَ ۾ ملي ٿو، جو سندس رهائش واري مڪان تي لڳل هو.

خدارا دمبدم شڪر وثنائي، بشد تعمير اين خوشتر بنائي.

پاڻ ١٣٠٩هہ ۾ رحلت ڪيائون.

٢٨. محمّد صالح ميمڻ تڪڙائي: هي صاحب انهن ميمڻن جي نشاني هو، جي ساداتن سان گڏ مٽيارين مان لڏي اچي تڪڙ ۾ رهيا. پاڻ سنڌي خواهہ فارسيءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿن، پر افسوس جو اهي جواهر پارا، پاره پاره تي ويا. هڪ قطع تاريخ سندس يادگار آهي جو ملاحظہ خاطر پيش ڪجي ٿو. اها تاريخ سيد ميران محمّد شاهہ اول جي والد صاحب سيد حڪيم محمّد شاهہ جي وفات تي چيل آهي:

جناب سيد عالي نسب محمّد شاهہ،
خجستہ خوي صفوت ماب نيڪ نگاهہ،

ز جامِ رحمت نوشيد چون رحيق وصال،
سرور يافت ز قربِ ڪمال خوش ناگاهہ،

نزول رحمت باد اقتران مرقد او،
هم از نفائح غفران معطرش مشواه،

زسالِ و صلش هاتف بگوش "صالح" گفت:
"ڪ باد رحمت وهاب بر محمّد شاهہ."

١٢٦٩هہ

Scanned with CamScanner

هاڻي اچو، روحانيت ۽ علم وفضليت طرف: اهو زمانو واقعي زرين هو، دنيا جي دولاب كان دور ۽ كيترو ئي دور. اهڙي دؤر وارا يار بہ پنهنجيءَ ۾ پورا. پور هون تہ هُن هكڙي جو، درد هونَ تہ ان هكڙي جو. دنيا جي لاڳاپن كي تڇ سمجهائون تي ۽ فضيلت ۽ روحانيت جي رنگ ۾ رڱيل لال ٿيا. انهن ڏينهن ۾ سنڌ سياڳيءَ جا ياڻ پريل هئا. روحانيت ۽ علم فضيلت جي كن راڻن جو ذكر امين سائينءَ جي وڏن معاصرن ۽ همعصرن ۾ اچي چكو آهي، ۽ كن جا نالا وري سندس همعصرن ۾ شامل آهن. باقي جيكي معلوم ٿيا آهن سي هت ڏجن ٿا:

١. مولانا محمّد حسن قريشي حيدرآبادي: مولوي محمّد حسن قريشي بن مولوي حاجي محمّد بن مولوي محمّد حسن پشت بپشت عالم نوشهري فيروز ۾ تولد ٿيا. سندس سن ولادت معلوم نہ آهي، پر سندن وفات سٺ ورهين ۾ سن ١٣٠٩ھ ۾ ٿي. ان مطابق سندن ولادت ١٢٤٩ھ ۾ ٿي هوندي. ننڍي هوندي محمّد حسن صاحب پنهنجي بزرگ چاچي محمّد صالح سان نير جي پوك ۾ هٿ ونڊ كندو هو. پنهنجي والد صاحب وٽ ابتدائي درسي مرحلا طئي كري، مولوي نور محمّد صاحب شهداد كوٽيءَ وٽ درس و تدريس مكمل كري، پنهنجي ڳوٺ كنڊي تعلقي دادوءَ ۾ اچي درس كوليائون. ان بعد ڳوٺ بقاپور تعلقي لاڙكاڻي ۾ مدرس ٿيا. رفتہ رفتہ سندن علم و فضل جو ناماچار سڄيءَ سنڌ ۾ ويو پكڙبو. ايتريقدر جو حضرت خواجہ عبدالرحمان صاحب سرهندي ۽ قاضي فيض محمّد صاحب ٽپنائي (جو حيدرآباد جو ڊپٽي كليكٽر هو) جن جي كوشش سان، مولوي صاحب جن مائي خيريءَ جي مسجد واري مدرسي ۾ اچي درس كوليو. سندن فيض مان كئين فيضياب ٿيا، جن مان مخدوم حافظ مولانا غلام محمّد صاحب ملكاڻيءَ جو نام نامي مشهور آهي. مولوي خليفو عبداللطيف هالائي ۽ مولوي شفيع محمّد مجاور هالائي بہ سندن شاگرد هئا.

۲. **خواجه عبدالرحمان سرهندي:** خواجه عبدالرحمان سرهندي بن خواجه عبدالقيوم رحه المعروف به "قندار وارو صاحب" سن ۱۲۴۴ھ ۾ قندار ۾ تولد ٿيا. سندن فيض ابيض ساري سنڌ ۽ ان جي پسگردائيءَ کي مالامال ڪري ڇڏيو. امير ايوب خان ۽ امير عبدالرحمان جي جنگ وقت خواجه صاحب جن پنهنجي پياري وطن کي خيرباد چئي، قلات، ياڳناڙي ڳڙهي ياسين ۽ متيارين مان ٿيندا، ٽکڙ جي مردم خيز زمين تي اچي مقيم ٿيا. پاڻ هن ئي ڳوٺ ۾ ۱۲- ذوالقعد ۱۳۱۵ھ ۾ ايڪهتر ورهين ۾ جي ڄمار ۾ رحلت فرمايائون. هي صاحب سرهندي بزرگن جو سرواڻ هو ۽ وڏي پائي جو نقشبندي بزرگ هو. سندس آرامگاهه گنجي ٽڪر جي گام تي جوڙي ويئي، ان کي "مقبره شريف" به چوندا آهن. گهڻن ئي سن وفات لکيا. علامه سيد اسدالله شاهه "فدا" جو سيني ۾ برک آهي. سندن چند بيت ملاحظه ٿين:

اي حبيبِ خالقِ يڪتا انيسِ جان ما،
اي طبيبِ جمله علتها و دردم را دوا.
مانده ام جان برلب از هجر تواي وجه الجميل،
تابه چند از ناز بر رويت حجاب از اختفا،
آه بي سر ماند از ترحيلِ آن قيومِ دين،
ملڪ ودين علم و عمل، جود و ڪرم فيض و هدي،

۱۳۱۵ھ.

سندن فرزند حضرت خواجه محمّد حسن جان سرهندي به روحاني فيض جا درياهه هلنيا. سندن اسم نندن معاصرن ۾ اچي ٿو.

مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي "سرهاگل" ۾ سائين پڪن ڏٺيءَ لاءِ ڄاڻايو آهي ته "خواجه عبدالرحمان صاحب نقشبنديءَ وٽان امانت مليس."

مگر اهڙي ڪا به ثابتي مخدوم صاحب جن جي ڪتابن خواه روايتن مان نٿي ملي.

۳. مولانا حافظ شفيع محمّد صديقي پاٽائي: مولوي

حافظ شفيع محمّد صديقي ولد قاضي احمدي، دادو ضلعي جي مشهور تاريخي شهر پاٽ شريف ۾ سن ۱۸۳۵ع ڌاري تولد ٿيا. سندن والد ميرن جي دور ۾ پاٽ جا قاضي مقرر ٿيل هئا. ابتدائي تعليم مخدوم مولوي حاجي فضل الله سيوستانيءَ وٽ حاصل ڪيائون. پوءِ ٻيا علوم حاصل ڪري عالم، فاضل، عامل ٿيا. ڪين حافظو غضب جو هو. قران جي حافظ تيئن سان تفسير، حديث خواه فقه جا حوالا ڪين بر زبان ياد هوندا هئا. عابد به هڪڙائي هئا. پاٽ ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو هئائون، جو سندن وفات بعد بند ٿي ويو. ڪين باطني بخرو پهريائين ميان محمّد يوسف ڪنيارن واري بزرگ ۽ ان بعد مخدوم بلاول (رحہ) وٽان مليو. صاحب وجد هئا، ان حال ۾ سندن ذهن مان عربي، فارسي، سنڌي يا سرائڪيءَ ۾ جواهر پارا نڪرندا هئا، جي قابل داد آهن. سندن شعر ۾ محبت رسول اڪرم صلعم جن جي جاءِ بجاءِ ملي ٿي. ملاحظہ ڪريو:

عربي:

الاهي نَحۡمَدُکَ حَمۡداً کَثِيراً،
وَنَشۡکُرۡ شَاکِراً شُکراً وَّفيراً.

فَاِنَّکَ لَمۡ تَزِل مَلۡکاً قَدِيماً،
حکيماً حاکماً عدلاً قديراً.

فارسي:

مامقيمان شرع مختاريم،
رخ بقانون دون نبي آريم.

عندليبان بيضۀ اسلامر،
جابجا نوبنو بگلزاريمر.
مرغ شارح درخت توحيديمر،
درة التاج شرع سرداريمر.
باميد دليل شرع نبي،
فارغ از مكر و شرّ مكاريمر.

سرائڪي:

شابس شاهہ محمّد ڪون،
جنهن خوار ڪيتہ خرمرتد ڪون.
جيڪي هو سن حق دي حامي،
جگ تنان دا سي سلامي.
احمد ڪيتي مئن انعامي،
دين اميان بهشت تمامي.
ملسن برڪت بيحد ڪون،
شابس شاهہ محمّد ڪون.

سنڌي:

هينئڙي لڳيس هير، جا آئي عرب پار جي،
سرهي منجهہ سرير، هدايت هيڪار جي.
تاعرش مڙئي تاثير، آئي بوءِ بهار جي،
جاءِ نہ عطر عنبير، گل ٽل ۽ گلزار جي.
ساعت منجهہ سڌير، تي همت دل هوشيار جي،
اگهري تي اُڪير، محب مٺي مٺار جي.
تسبيح ۽ تڪبير، چيمر جليل جبار جي،
يارب عليمر خبير، مرد مدح مختيار جي.

۴. حافظ محمّد يوسف ٽکڙائي: حافظ محمّد يوسف ولد حافظ محمّد هارون ۱۲۵۸ھ ۾ اڳين ٽکڙ ۾ ڄائو. سندس والد حافظ محمّد هارون پنهنجي وقت جو عالم متبحر هو. هن جو مدرسو اڳين ٽکڙ خواهہ موجوده ٽکڙ ۾ علم جي درياهہ مثل ڪيترن پياسن کي علم جي پلر سان پالوت ڪندو رهيو. حافظ صاحب جن بهترين خوشخط هئا، ۽ فارسي، عربي، سنڌي تي ڪافي قدرت هين. سندن گود مان ”دلگير“ ۽ ”بسمل“ پيدا ٿيا، جن پڻ ادب جي دنيا کي چمڪ ڏني. حافظ صاحب ۱۳۲۲ھ ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام مان چند مثال هيٺ ڏجن ٿا.

(۱)

ڪڏهين نہ پاڻ کان مون کي سڄڻ جدا ڪريو،
جي ڏين جان نہ ان تي وري جفا ڪريو.
سڄي ڄمار ۾ هئي التجا اها منهنجي،
تہ هن مريض محبت جي ڪا دوا ڪريو.
پکيڙي دام ڪيئي قيد دل کي ڪاڪل ۾،
ڪري قياس ڪو دل ۾ وري رهِا ڪريو.

(۲)

داد دلبر سوا نہ ڏيندو ڪير،
هاڻ همراز منهنجو ٿيندو ڪير!
تنهنجي محفل ۾ مه لقا مون کي،
ساڻ ساٿي ڪري سڏيندو ڪير!
اڪ ڦِري تي ۽ پڻ لَنيو ڪانگل،
اڄ اگڻ عاشقن جي ايندو ڪير!
جن کي مستي رهي محبت جي،
تن کي پلپل ڇئي پلِيندو ڪير!

٥. مولانا غلام صديق مرحوم شهداد ڪوٽي: مولانا صاحب جن، مولانا نور محمّد شهداد ڪوٽيءَ جا ننڍا فرزند هئا. سندن جاءِ ولادت ڪنڊو تحصيل ڀاڳ رياست قلات بلوچستان آهي. سندن ولادت ٢-ربيع الاول ١٢٦٠ھ آهي. ٻاراڻي تهي ڪنڊي ۾ رهيا، پوءِ پنهنجي والد صاحب ۽ وڏي ڀاءُ مولانا گل محمّد سان گڏجي اچي شهداد ڪوٽ ۾ رهيا. تيرهن سالن جي عمر ۾ پڳ ٻڌائون ۽ سندن مرشد مولانا ميان غلام حيدر صاحب قادري هئا. چوڏهن سالن جي ننڍيءَ عمر ۾ مرشد طرفان خلافت مليَن ۽ مولوي صاحب جا مشهور خليفا مولانا غلام محمّد ڪمال ديرائي، ميان علي شير چانڊيو غيبي ديرائي ۽ ميان عمر الدين هئا. سندس شاگردن جو تعداد گهڻو آهي، جن مان هي بزرگ مشهور آهن: مولانا حسن الله صاحب پاٽائي، مولانا عطاء الله فيروز شاهي ۽ مولانا غلام محمّد صاحب مهيسر ڪمال ديرائي. پاڻ ديار حبيب لاءِ تڙڦندا هئا ۽ هميشه ترنم سان آلاپيندا رهندا هئا:

"امُرّ علي الديار ديار ليليٰ،
أُقَبِّل ذوالجدار و ذوالجدار.
وما حُبّ الديار شغفن قلبي،
ولاڪن حُبّ مَن سَڪَن الديار.

ڪرامت جا ٻه صاحب هئا. مولانا صاحب فارسي ۾ "عمليات صديق" غير مطبوع ڇڏيا آهن. سندن فتوائن جو گلدستو بنام "جنگ" هو، خبر ناهي ته هاڻي ڪٿي آهي؟ پاڻ ٢٣-ربيع الاول ١٣٢٣ھ ۾ وفات ڪيائون ۽ درگاهه صديقيه شهداد ڪوٽ ۾ مدفون ٿيا.

٦. مولانا محمّد هاشم مرحوم ڳڙهي ياسين: مولانا صاحب جن جي ولادت، ١٢٥٩ھ ۾ شهداد ڪوٽ ۾ واقع ٿي. استاد العلماء مولوي نور محمّد صاحب جن جي درس مان مستفيض ٿيا. تحصيل بعد

گهڻن ئي مدرسن ۾ رهي طالبن کي فيض پهچائي آخر اچي ڳڙهي ياسين ۾ رهيا، جتي لاڙ، ميل، بلوچستان، افغانستان جا طالب پنهنجي طلب جي اچي پورائي ڪندا هئا. مولوي صاحب جا شاگرد به سوين سنڌ ۾ پکڙيا پيا آهن. سندن طريقت جو مرشد حضرت مولانا ميان تاج محمّد ڪنڀار شريف وارو آهي. شريعت شريف جا پابند، عابد ۽ زاهد به هڪڙائي هئا. سندن معتقدانه تعلق خواجه عبدالرحمان صاحب سرهنديءَ سان خاص رهيو. خواجه صاحب جي رحلت بعد نظم چيو هئائون، جن جا به بيت هيٺ ڏجن ٿا:

"شد فلک زاندوه در خون شفقن،
شد ملک ز افسوس پنهان در شفقن.
بود خاص حضرت رب الفلک،
غفرله تاريخ او گفته ملک"
۱۳۱۵هه

مولانا صاحب جن ۱۹-شوال ۱۳۲۳هه ۾ فوت ٿيا ۽ هيٺيان ٽي فرزند ڇڏيائون، جي به علم و دين جا روشن مشعل رهيا. اهي صاحب آهن: مولانا حاجي محمّد صالح، مولانا محمّد قاسم ۽ مولانا محمّد ابراهيم.

٧. مولانا حاجي عطاءالله صاحب فيروز شاهي:

مولانا صاحب جن ڳوٺ فيروز شاهه، تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيا. سندنسلسلي نسب حضرت بهاءالدين زڪريا ملتانيءَ جي خليفي پيروج سان وڃي ملي ٿو. سندن ابتدائي تعليم سندن والد صاحب مولانا خير محمّد وٽ ٿي. ان بعد مولانا عبدالرئوف مورائي، حضرت مولانا نور محمّد ۽ مولاناگل محمّد شهداد ڪوٽي سندن اُستاد ٿيا. ڏاڍا عابد هئا. زهد جو هي عالم هو جو "دست بڪار دل بيار" جي مصداق، ڏينهن جو تدريس جو ڌنڌو ۽ رات جو عبادت ڪندا هئا. سندن دعا هميشه بارگاهه الاهي ۾ مقبول هئي، اهڙا گهڻا مثال آهن. پاڻ صاحب سوز سماع هئا.

۱۶-رجب ۱۳۲۵ھ ڪيترن پنهنجن شاگردن ۽ معتقدن کي روج ۽ اوندھ ۾ وجهي، رب ڏي راهي ٿيا. مولوي هدايت الله صاحب هالائي قطع تاريخ لکي، ڪاشي جي سر جوڙائي قبر تي چسپان ڪئي آهي.

هدايت الله صاحب تاريخي مادو "مغفرة" ۱۳۳۵ ۽ مولوي دين محمّد صاحب ادبي "تذڪرة" ۱۳۲۵ھ ڪڍيو آهي.

۸. مرحوم مخدوم ابو محمّد عبدالله ولهاري: مهراڻي جو مٿير عالم مخدوم صاحب ٿي گذريو آهي، جن جي وجود مسعود جي برڪت جي ڪري ڪيترائي ترِيا ڪفر ۽ الحاد جي اونده مان نڪري اسلام جي صحيح ضوفشاني ۾ آيا. سندن اسم هو عبدالله، ڪنيت ابو محمّد، لقب حاجي اڪبري، قوم سمان. سندن والد جو نالو هو ميان محمّد ابراهيم بن ميان عبدالله.

سندن اصل وطن ولهار هو. پاڻ سنڌ جي مشهور بزرگ "صابر پرند" جي اولاد مان آهن حضرت ولهاري ۱۲۴۱ھ ڌاري ڄاوا. سندن تعليم جي ابتدا ۽ پڄاڙي سندن والد صاحب وٽ ٿي، جو وقت جو جيد عالم هو. هن خاندان جي بزرگن جو تعلق ٺٽي جي بزرگن سان هو. تحصيل بعد پنهنجو مدرسو کولي آخر ڳوٺ ڪنبڙو شريف اچي سڪونت ڪيائون، جتي سندن مقبرو آهي. سندن وصال سن ۱۳۰۶ھ ۾ ٿيو. مريديءَ جو ناتو خواجه عبدالرحمٰن سرهنديءَ سان آهي. هاڻي سندن اولاد مان ميان هدايت الله صاحب ۽ ميان عبدالحق ولهاري آهن.

۹. مخدوم پير رکيل ريلائي: پير رکيل ريلائي ولد پِير خان محمّد جي ولادت، ڳوٺ درسن تعلقي موري جي پرسان هڪ ننڍڙي واهڻ ۾ ٿي، جتي ريلائي پيرن جا ٻه - ٽي گهر هئا. سندس وفات ۱۹۱۵-۱۹۱۶ع ۾ آهي، جڏهن سندس عمر اسي - پنجاسي سال هئي. تنهن ڪري انداز مطابق سندس ولادت ۱۸۳۰ع ۾ ٿي آهي. هيءَ صاحب پنهنجي پڻيءَ صاحب

سان گڏ موجوده درگاهه واري پٽن تي اچي رهيو. اها درگاهه متصل سيارو، پياري ڳوٺ اسٽيشن جي مغرب طرف آهي. سندس پڦي صاحبہ پير ڪريمڏني اول جي قبالئہ نڪاح ۾ آئي، جو صاحب هن طرف جو رهواسي هو. ريلائي پيرن جو سلسلئہ نسب مخدوم رڪن الدين ريلائي پير سان گڏجي ٿو. جو مخدوم فخرالدين جو ننڍو ڀاءُ هو. مخدوم نوح رحمت الله عليہ مخدوم فخر الدين جي پيڙهيءَ مان آهي، ان سبب ڪري پير رڪيل ۽ سائين پکن ڏٽي پاڻ ۾ عزيز بہ هئا. رڪيل سائين حال جو صاحب هو. مجازي منزل طئي ڪري هو حقيقت جي حلقي ۾ داخل ٿيو. ننڍ ٿورو وقت ڪندو هو. دل يار سان گڏيل هيس. مسلمان خواهه هندو مريد گهڻا هئس. سير و سياحت جو ڪوڏيو هوندو هو. هميشه پيرين پيادو هلندو هو تہ بہ سيني ڪان اڳرو هو پنڌ ۾. سندس ڪرامتون مشهور ۽ عام زد آهن. اج بہ سندس درگاهه تي ۲۷،۲۸،۲۹ـ محرم تي ميلو لڳندو آهي.

۱۰. مولانا مجاهد سيد تاج محمود امروٽي: امروٽي بزرگ جي احوال نہ ڏيڻ ڪري هي باب اڻپورو رهي ها، ڇو تہ هن بزرگ وڏين لاهين چاڙهين ۾ قوم ۽ دين جي خدمت ڪئي. ڪيس ”مجاهد اعظم“ جي لقب سان ياد ڪجي تہ بلڪل بجا آهي. مولانا صاحب جي ولادت تعلقي روهڙي جي هڪ ڳوٺڙي ڳاڙهي موريءَ ۾ ٿي. هن جو والد صاحبسيّد عبدالقادر بہ چوٽيءَ جو عالم هو. پنهنجي والد صاحب وٽ درس ۽سلوڪ جا پهريان سبق پورا ڪري، مولانا حاجي عبدالقادر پهنواري (تعلقي روهڙي) وٽ تحصيل ڪري قطب زمان حافظ محمّد صديق صاحب ڀرچونڊي شريف وارن جا طالب ٿيا. فقط چاليهن ڏينهن جي تمام قليل مدت ۾ سلوڪ جون سڀ خاردار واديون طئي ڪيائون، ۽ مرشد پاران حڪم ٿين تہ وڃي امروٽ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ واسو ڪيو، جو ان وقت ڪيترن ئـي بـدعتن جو مرڪز هو. تـوڪل جـو ترهو ٻڌي تبليغ جي

ڪوهہ ڪن ڪم ڪي شروع ڪيائون. پهريائين تہ اڪيلا هئا، پوءِ ٿورا ٿورا طالب ويا گڏ ٿيندا. سچو ڪم توڪل تي پيو هلندو هو. مڪاني زميندار مستي خان دل خدمت لاءِ ڪيتريون آڇون ڪيون، پر سڀ نہ مڃائون. سنت جي پابندي ڪرائڻ جي لاءِ هميشه ڪوشان رهيا. سوين گمراهہ راهہ تي آندائون. جهاد جا ڪوڏيا هئا، ان ڪري خلافت تحريڪ جا خضر بڻيا. ١٩٢٢ع واري علماء هند جي ساليانہ اجلاس جا ڪلڪتي ۾ صدر ٿيا. جميعت العماء سنڌ جا بہ صدر هئا. براج ڪوٽڻ وقت ڪيتريون مسجدون شهيد پئي ٿيون، امروٽي جماعت انهن جو حفظ ڪيو. سندن طبع شاعري ڏي بہ مائل هئي. مثنوي "يوسف زليخا" کي سنڌي نظم ۾ آندو اٿن، جو "پريت نامہ" جي نالي سان پهرين دفعي سندس معتقد مريد وڏيري حاجي محمّد حاتم ڏهر شايع ڪرائي ان بعد منشي پوڪرداس ڇاپيندو رهندو هو. سندس صادق مريد مولانا عبيدالله سنڌي امروٽ ۾ "محمدود المطالع" قائم ڪئي، جتي سوره ياسين ۽ سوره الرحمان جو ترجمو ۽ تفسير سليس سنڌي ڏوهيڙن ۾ شايع ٿيا. آخر وقت ۾ "الهام الرحمان" نالي قرآن پاڪ جو بامحاوره ۽ سليس ترجمو ڇپيو جو موجود آهي. سندن مکيہ خليفن مان مولانا حماد الله هاليجوي، مولانا حاجي عبدالعزيز ٿريچاٽي، خليفو حاجي محمّد صالح بائجي، مولوي عبدالڪريم صاحب واعظ الاسلام ۽ ٻيا ڪيترا بزرگ هئا. سندس زير اثر جيڪي صاحب رهيا، انهن مان چند برک شخصيات ڏيان ٿو: مولانا عبيدالله سنڌي ولي الاهي، معظم مجاهد ۽ انقلابي، مولانا احمد علي لاهوري، بلوچستان جو انقلابي اڳواڻ نواب يوسف علي خان منگسي، مرحوم مولوي دين محمّد وفائي، محترم دين محمّد عليگ، محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم جان محمّد جوڻيجو. وفات حسرت آيات وڏي عمر ۾ ٥-نومبر ١٩٢٩ بمطابق ٣-جمادالثاني ١٣٤٨هہ ۾ ٿي، جنهن ڪيترن معتقد جي دلين کي پاش پاش ڪري ڇڏيو ۽ ڪيترن ئي صاحبن وفات تي تاريخون لکيون، جن مان مولوي عبيدالله صاحب ڳڙهي ياسين واري جي پوئين مصرع ڏجي ٿي:

"از براي شاه كامل مهتر و بهتر نزاد،
كرد رضوان جاء اندر روضئہ "دارالسلام"
۱۳۴۸ع

۱۱. خواجہ پير محمّد سعيد لواري وارو: هي بزرگ برگزيده اوصاف ستوده، رمضان ۱۲٦۴ھ ۾ لواري شريف تعلقي بدين ۾ متولد ٿيو. سندس والد بزرگوار خواجہ محمّد حسن مدني ۷۔صفر۱۲۹۸ھ ۾ مدينہ طيبہ ۾ فوت ٿيو ۽ كيس مديني شريف جي پاڪ مقام جنت البقيع ۾ متصل مزار حضرت خواجہ محمّد پارسا مدفون كيو ويو. منهنجو محترم بزرگ الحاج خان صاحب كمال الدين مون کي هن پير صاحب جي فضيلت، برڪت ۽ ڪرامت جون ڪيئي ڪهاڻيون سڻائيندو آهي، جي اصحاب حقيقت لاءِ حال واريون هونديون آهن. سندن چوڻ مطابق خواجہ محمّد سعيد صاحب پڻ پلي پار ڏانهن ويو، اتي وڃي فوت ٿيو. مڪي شريف ۾ خواجہ عبدالرحمان بن ابو ذر صديقيءَ جي نزديڪ مدفن آهن، پر اهڙو اشارو "تڪملہ مقالات الشعرا" جي نہ منصف ڪيو آهي ۽ نہ وري مرتب ڪيو آهي. (۱) ان ڪري هن صاحب کي مڪي سڏبو آهي. هن صاحب جو انتقال ۲۔محرم۱۳٦۴ھ ۾ ٿيو. هن صاحب جو ديوان آهي، پر اهو اڃا مطبوع نہ ٿيو آهي. هن جو ڪتاب "صقال الضمائر" آهي جو ۱۳۱۲ھ ۾ مطبوع ٿيو آهي. معلوم ٿيو آهي تہ هن جو سنڌي ترجمو پير صاحب سجاده نشين ڪرائي رهيو آهي. شال منظرِ عام تي اچي! تڪملہ ۾ هن جون ٻہ نعتون آهن ، تن مان هڪ ڏجي ٿي، ان مان معلوم ٿيندو تہ سندس ڪلام حبِ حبيب مدنيءَ سان سرشار آهي، شال اهڙو حقيقي قرب جو ڪمال هر ڪنهن پيروئي محمّد کي نصيب ٿئي، آمين. ملاحظہ ڪريو:

(۱) تڪملہ مقالات الشعرا فارسي - ص ۳۳۷-۳۲۹.

گردن ببرزده بخيالِ محمديم، دل در تصورات جمالِ محمديم.

از يوسف ارجوان زليخا بروي شد،
ما جان جوان شده ز كمالِ محمديم.

گرچہ بشاخ عشق تو نوباده ايم ليک،
از پختگان مهرِ جلالِ محمديم.

ازشَكر تيقّن كثرت چہ ذائقہ،
شيرين دهان ز شهد نوالِ محمديم.

خضر از سر حيات بظلمات دم مزن،
ماخود حيات دل ز زلالِ محمديم.

باغِ بهشت را بفروشم بہ نيم جو،
درباغ جان نسيم شمالِ محمديم.

در روز حشر غم ز حسابم "سعيد" ني،
مابنده محمّد وَ آلِ محمديم.

١٢. مولوي سيّد الله بخش ابوجهو: مولوي صاحب جي سوانح جي خبر مون کي سندس فرزند سيّد محمّد شاهہ ۽ پوٽي سيّد الله بخش شاهہ کان گهڻي قدر معلوم ٿي، جو ڪراچيءَ ۾ هو منهنجا پاڙيسري هوندا هئا. مولوي صاحب پنجاب جي طرف جو هو. هن جي تولد جي ڪا پوري پروڙ ناهي. هن جي والد صاحب جو اسم گرامي سيد محمّد شاهہ هو. سندس تربيت تمام سهڻي نموني ۾ ٿي. سندس حافظو ضرب المثال هو. هي سنڌ ۾ ڊار ڊار ملازمتن جي سانگي آيو. سنڌيءَ ۾ اهڙو پڙ ٿيو جو هن جو نظم "مسدس ابوجهو" ۾ اهڙو سليلس ۽ بامحاوره آيل آهي، جو ڪنهن بہ صاحب کي اها خبر نہ پوندي تہ مولوي صاحب کو حافظ محمّد حيات شاهہ وانگر پرديسي هو. چون ٿا جانسن جي انگريزي ڊڪشنري کيس بر زبان ياد هئي. جيئن مولانا حالي، سر سيّد مرحوم سان

ٻانهن ٻيلي هو تيئن مولوي صاحب بہ خانبهادر حسن علي آفندي جو ساڃو هٿ هو. سنڌ مدرسي جي شروعاتي مهم کي هن تمام سهڻي طرح مسدس ۾ نباهيو آهي. خانبهادر حسن علي کي "سڀوجهي" ڪري سڏيو اٿس. پاڻ فرمائي ٿو تہ:

سڀوجهي وڏا وقت پنهنجا وڃايا،
انهيءَ خير ۾ پير پنهنجا ڇمايا.
وڏي هوش سان ڪارخانا هلايا،
وڏي عقل سان ناهہ ڏاڍا ٺهايا.
سيئي مشڪلاتون ويون حل ٿينديون،
۽ آسانيون پير پنهنجا پرينديون.

مولوي صاحب تعليم جي لاءِ فريفتہ هو. نہ رڳو پنهنجي سڀوجهي ساٿيءَ کي ساراهيو اٿس، پر انهن ڏينهن ۾ جا ڪاليج هلچل ديوان ڏيارام ڄيٺملصاحب هلائي، ان کي بہ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو اٿس. ديوان کي "سياڻي" جي لقب سان ياد ڪيو اٿس. مثال:

سياڻو جو ٿيو هو سچاري سيا جو،
رکيل هو منجهس خُلق خالق خدا جو.
ڏنل هوس جوهر ذرو دل صفا جو،
سو هو راست رو راست راهِ هدا هو.
نہ دل ۾ رعونت نہ سر ۾ وڏائي،
اهي ڳڻ هيس دان دادِ خدائي.

ڏسو تہ ڪهڙي نہ عام فهم زبان ۾ مولي صاحب تصوير ڪشي ڪئي آهي. جيئن "مسدس حالي" هند جي مسلمانن جي نشيب وفراز جي تصوير آهي، تيئن "مسدس اڀوجهو" بہ سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي حالت جو آئينو آهي. هن مسدس ۾ ڦهريائين ڦهريائين مولوي صاحب پنهنجا طبع زاد مسدس آڻي، ان بعد مسدس حاليءَ جو ترجمو ڪيو آهي. پر اهڙو جو اصلي پيو لڳي. سنڌي ادب ۾ مسدس کي مٿيا واري منزلت آهي ۽

انگريزن جي اوائلي دور ۾ ديوان گل بعد ھيو عروضي ڪتاب چنجي تہ بہ بجا آھي. مولوي صاحب ١٩٠١ع ۾ راھہ جاوداني وٺي راھي ٿيو.

امين سائينءَ جي ھمعصرن جي ٿنهي طبقن ڪي جاچبو تہ پڌري پٽ ظاھر ٿيندو تہ ھيئين گادين يا گادين جي صاحبن جو ذڪر اختصار خواھ تفصيل سان اچي ويو آھي: (١) پير صاحب پاڳارو، (٢) درگاھ درازي، (٣) راڻيپور وارا جيلاني پير، (٤) درگاھ مخدوم ڪهڙن وارا، (٥) درگاھ بيدل فقير روھڙيءَ وارو، (٦) درگاھ پير جان شاھ روھڙيءَ وارو، (٧) درگاھ ھمايوني شڪارپور، (٨) درگاھ امروٽي ڳڙھي ياسين، (٩) درگاھ خواجہ فريد مٺن ڪوٽ، (١٠) درگاھ رڪيل شاھ ناڙيءَ وارو، (١١) درگاھ بيدل فقير شڪارپور، (١٢) درگاھ صديقيہ شھداد ڪوٽ، (١٣) درگاھ قادري لاڙڪاڻہ، (١٤) درگاھ عطاالله فيروز شاھي، (١٥) درگاھ ملڪاڻي دادو، (١٦) درگاھ مخدوم فضل الله پاٽ شريف، (١٧) درگاھ فقير خير محمّد ھيسباڻي، (١٨) درگاھ شاھ نصير نوشھرو فيروز، (١٩) درگاھ مصري شاھ نصرپور، (٢٠) درگاھ پير اشرف شاھ ڪامارو،(٢١) ڪنيارن وارو پير، (٢٢) درگاھ سيد حسن بخش شاھ ڊنڙو، (٢٣) درگاھ بچل شاھ مانجھند وارو، (٢٤) درگاھ صوفي آسورام ھالا پراڻا، (٢٥) درگاھ لطيفي ڀٽ، (٢٦) اوتارو فتح فقير حيدرآباد، (٢٧) درگاھ ٽنڊو شاھ جھانيان حيدرآباد، (٢٨) درگاھ لنواري شريف، (٢٩) درگاھ قادري بدين، (٣٠) درگاھ جھوڪ شريف، (٣١) درگاھ بلڙي شريف، (٣٢) درگاھ مخدوم عبدالله ولھاري. انھيءَ کان علاوہ ملان ڪاتيار نزد ٽکڙ ۾ ميان ولي محمّد روحاني علم سان گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جي مسلمانن کي سيراب ڪندو رھيو ۽ سخي قبول محمّد درازي (وفات ١٩٢٤-١٩٢٥ع) پنھنجي مريدن کي سرمدي پيالو پياري، سرمست ڪندو رھيو. ھالا جي ويجھڙو ڇڪ ۾ ونجھيريءَ وارا پير ۽ پير جھنڊي جي راشدي خاندان جا راڻا روحاني ذوق جا ذرا طلبن وارن سالڪن کي ڏيندا رھيا. ونجھيريءَ وارن پيرن مان امين سائينءَ جا ھمعصر ھہ پائر پير عباس علي شاھ

۽ پير صادق علي شاهه هئا. هي صاحب، پير ميان جيوڻ شاهه جا فرزند هئا. هنن کي اڃائت پير ڪري سڏبو آهي. پير عباس علي شاهه ۲۱-ذوالحج ۱۲۴۰ھ ۾ ونجهيري تعلقي هالا ۾ تولد ٿيو ۽ ۲۵-ربيع الثاني ۱۳۱۲ھ ۾ رحلت ڪيائين. پير صادق علي شاهه ۱۴-ربيع الاول ۱۲۴۳ھ ۾ هن مڪان ناسوٽيءَ ۾ آيو ۽ ۲۶-رجب ۱۳۱۳ھ ۾ وفات ڪيائين. هنن جا مقبرا پير بلالي واري مقام ۾ آهن. هنن جون ڪيتريون ڪرامتون مشهور آهن. جن ڪيترن ئي کي انهن پيرن صاحبن جو گرويده ڪري ڇڏيو(۱).

هاڻي اچون ٿا اصحاب العلم جي عملي نشانن تي (۲) حضرت پير رشيدالدين صاحب العلم ثالث. پير رشيدالدين المعروف بہ، پير سائين بيعت وارو. هو صاحب پير محمّد ياسين شاهه "جاڻ واري" جا ٽيون نمبر فرزند هئا. سندن ولادت ۱۳۵۴ھ ڌاري ٿي آهي. سندن وڏي ڀاءُ پير سائين فضل الله شاهه جن جي شهيد ٿيڻ بعد پاڻ سجاده نشين ٿيا - ظاهري طرح قرآن مجيد ۽ اوائلي فارسي ۽ عربي درس ڪان سواءِ ٻيو علم ڪونہ حاصل ڪيائون، پر وهبي روحانيت عنايت ٿيل هين، جو ننڍي هوندي سندن والد صاحب سان گڏ اهڙي قسم جو هڪ واقعو معلوم ٿئي ٿو. ڪين قادري طريقي سان گڏ نقشبندي طريقي جي خلافت بہ عطا ٿيل هئي، پر پاڻ قادري طريقي جو ٻڌائيندا هئا. سندن نظر فيض اثر گهڻا گمراهہ گهائي ڇڏيا ۽ اسماءالحسنيٰ جو ذڪر باترجمي صبح جو ٿيندو هو ۽ رات جو فڪر. ڪين "بيعت ڏٺي" ان ڪري سڏجي ٿو، جو پنهنجي جماعت ڪان بيعت رضوان جي نموني تي بيعت ورتائون. اهي بيعت جا شرط سندن فرزند پير رشيدالله صاحب سن ۱۳۰۳ھ (۱۹۱۲ع) ۾ شايع ڪرايا، جي "بيعت نامہ سنڌي" جي نالي سان مشهور آهن. سندن رهڻي ڪهڻي سادي هوندي هئي ۽ سندن مجلس هميشه فلسفۂ اسلامي توحيد، ذڪرِ الاهي ۽

---

(۱) هي احوال پير علي محمّد شاهه صاحب ونجهيريءَ واري ڪان مليو. (۲) هي احوال پير سيد وهب الله شاهه صاحب العلم موجود سجاده نشين جي مهرباني سان فراهم ٿيو آهي.

معرفت جي مامن سان مملو هوندي هئي، ۽ سندن نُڪتا مفلوظات جي صورت ۾ محفوظ آهن. سندن محفل ۾ ڪي فقير مولود، مداحون ۽ ساز ڪان سواءِ مترنم ڪافيون بہ چوندا هئا. پاڻ بہ سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسيءَ بيت، ڪافيون، لوليون، چلا، غزل، مولود، مداحون چيون اٿن. سندن ڪلام جو مجموعو سندن فرزند محبوب شاھ مرحوم جي ڪوشش سان سندن خاص مريد، سيٺ حاجي احمد پاٽولي ساڪن فقير جو پڙ حيدرآباد پنهنجي خرچ سان سن ١٩١١ع ۾ شايع ڪرايو. ان ڪان سواءِ سندن تصنيفن مان هي آهن: (١) اسماءالحسنيٰ، (٢) مفتاح رشدالله تفسير (مرتب حاجي فتح محمّد نظاماڻي)، (٣) توحيد نامہ، (۴) بيت نامہ مردن لاءِ، (۵) بيعت نامہ زالن لاءِ. سندن تعلق امين سائينءَ سان دوستانہ ۽ قريب هو. هڪ ڀيري سائين رشيدالدين هڪ مام وارو بيت پرجهڻ لاءِ امين سائينءَ ڪي موڪليو. اهو فقيراڻو سوال هيءُ آهي:

خبر ڏِي ڪوھ جي، تہ پالهو ڪي پيھِ،
جَسَ چڙئن چو چڏي، نڪو رينگو نڪا رِيھِ،
ڪڏهن اچن بہ چڙا، ڪڏهن اچن تيھ،
جنين لڄ نہ ليھَ، سي ڀينيون ڀري آيا.

امين سائين مام پروڙي هيٺيون جواب ڏنو:

ڪوھ ڪنيون خيرات جو، جو پالهو پيو آهي،
گهٽي جَسَ جڙئن ۾، رينگي سان راهي،
مٽ ڀري تن مُنهن ڪيا، جن لڄ چڏي لاهي،
ڳجھ نہ ڳالهائي، "امين محمّد" عشق جو.

پاڻ ٽيهٺ ورهين جي ڄمار ۾ ١٣١٧ھ ۾ وفات ڪيائون. ڪين پنج فرزند هئا. وڏو صاحبزادو سيد رشيدالله شاھ سجاده نشين ٿيو. پير محمّد حسين شاھ ۽ امام الدين شاھ ٺلاھ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ وڃي رهيا. پير محبوب شاھ ٻاروچاڻي جي ڳوٺ تعلقي ماتليءَ وڃي واسو ڪيو. باقي بہ فرزند سيد رشيد الله شاھ سائين ۽ پير اسماعيل شاھ ڳوٺ ۾ رهيا.

سندن ڪلام فرحت انجام مان چند نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

فارسي:

بيا ساقي بده باده، ز عشقِ بي نشان خود،
بنوشم "مِن مزيد" گوديم ز شوقِ لامڪان خود.
بڪش جامي زميخانہ، مڪن مارا زخود بيخود،
برقصم هم غزل خوانم بڪوسِ من ترانِ خود.
بيا در بادهٔ بيچون، عطا ڪن با "غلام محمّد"،
مشرب ساغرش را ڪن، زخّمِ خسر وانِ خود.

سرائڪي: چلي شريف جا ٻہ ـ ٽي بند برڪت خاطر پيش ڪجن ٿا:

سڻو چلي دي ڳالھہ، چلا اج نهين ڪالھہ.
سڻ چلي دا بيان، نہ ها ملڪ ملڪان،
نڪو رب رحمان، نڪو آدم انسان،
تڏهان ٻٽيان دلال، سڻو...
وچون عدم ٿيا اظهار، نُور سيو نروار،
سهي ڪيتا سينگار، جُڙ بَڻ جنسار،
جلويدار جمال، سڻو...
زلف وَليّل سياه، جبين والشمس والضحيٰ،
ابرو سجده گاهہ، مزگان سورهہ سپاهہ،
ڪوثر عين ڪمال، سڻو...

ڪافي

بيرنگ رنگ وچ آيا، سيل ڪرڻ دي ڪاڻ.
آک "لَيسَ مِنّيِ" ڪيتس احسان، صورت وچ سمايا.
"ان اعراف" دا آپ اَلائي، هرجا حڪم هلايا.
ڪوڙين عاشق ڪرن الاهين، "رَبِّ اُرنِيِ" رک رايا.
ويک "سيد" سائين رمزسهڻي دي، چال چاڪان دي چلايا.

بيت

فنافي الله جو في الحال، سجهيائون سير صحي،
"رحماء" رشيدالدين" چوي، ويا ڪُنن مان ڪَهي،
اتي ٿيا سهي، جتي ناهي جاءِ جهاز جي.
"فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّلْيَبْكُوْا كَثِيْرًا"، صحي سمجهائون،
"اِنَّ اللهَ لَايُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ"، پڙهي پرجهائون،
سي ترُ سوڻائون، جتي ناهي راند رئڻ جي.

ڪافي

ٻاروچل سان ٻول، منهنجو الست ڪان آهي.
جبل خاطر جت جي ميان وو، چوڪو پانيان چوڏول.
پڻيءَ پير پنهل جي ميان وو، هيبت ناهي هول.
"قالو بلىٰ" ڪيم قلب مان، ڪوهيارل سان قول.
سڪ وارن ڪي "سيد" چوي، پوُ ناهي ڪو ٻول.

ان پير سائين بعد سندس وڏو فرزند پير رشدالله شاهه صاحب العلم رابع عرف بہ، پير سائين خلافت ڏٽي گادي نشين ٿيا. سندن تولد ١٢٧٧ھ ۾ ٿيو، ان حساب سان پاڻ امين سائين جا ننڍا معاصر آهن، پر هن برگزيده هستيءَ جو احوال نہ ڏبو تہ سنڌ جي آزادي جي تحريڪ خواهہ ادبي تحريڪ فرسوده ٿي پوندي. سندن علمي تربيت بهترين نموني ٿي. سندن استادن جي لسٽ ۾ مولوي محمّد عمر ڪڏهري، قاضي فتح محمّد ۽ مولانا عبيدالله سنڌي نمايان آهن. علم حديث علامہ حسين يمني، شاگرد امام شوڪانيءَ کان حاصل ڪيائون. وڏا محقق عالم هئا. "مدرستہ قرانيہ"، جو سائين رشيدالدين شروع ڪيو هو، ان کي وڌائي مدرسہ "دارالرشاد" بنايائون، جو ڪيترن ئي اڄاڻن لاءِ رشد و هدايت جو مرڪز ٿيو. دارالمطالع کي وسيع ڪرڻ لاءِ ڏاڍا ڏونگر ڏوريائون. ڪيترن قديم شهرن جا ڪتبخانا ہاٿ ونَ ڳڏ ڪيائون. ازان سواءِ اسلامي دين جي مشهور ڪتابن جا نقل

سندن لئبرريءَ جا سينگار هئا. خلافت تحريڪ سندن مکيہ حصي وٺڻ ڪري زور شور سان هلي، ان ڪري کين "سائين خلافت وارو" سڏبو هو. مطالعي جو شوق ايترو تہ هونِ، جو سندن ڪٺ روزانو ڪتابن سان ٽمتارهوندي هئي: ان سان گڏ طريقت جو شغل خواهہ پرچار بہ ساڳيو سندن والد صاحب جهڙو هوندو هو. سندن محفل بہ سندن شيدائن سان پُر هوندي هئي. جيڪي بہ ارشادات يا هدايت ڏيندا هئا سي مفلوظات جي شڪل ۾ محفوظ آهن. سندن تصانيف خواهہ تاليفات جو اندازو، مرحوم ميمڻ صاحب ستر ڇاٽايو آهي پر ايترو ناهي. سندن چند تصنيفات يا تاليفات هي آهن: (۱) اسماءالحسنيٰ مترجم، (۲) ثمر آخرت، (۳) پنج گنج ارشاد، (۴) آخر ظهر، (۵) ڪشف الاستار عرف رجال معاني آثار، (۶) المعرفة المحدية في رداوهام الهدية الاسدية، (۷) ارشاد المريدين، و هدايت المتقين، (۸) الفارقه بين اهل الله و بين المعارفه. پنهنجي والد صاحب سان والهانہ محبت هوندي هُين. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ سائين رشيدالدين صاحب ۱۸۸۰ع ۾ ڪاٺياواڙ جي سفر تي اسريل هئا. ڇهہ مهينا لڳي وين، ڪونہ موٽيا. سيد رشيد شاهہ صاحب هڪ ڪافي والد جي هجر ۾ ٺاهي، جنهن جي مطع هيءَ آهي:

مارن جي مجلس لئي، منهنجي دانهون دل ڪري،
دانهون دل ڪري الا، دک ۾ تو دم گذري!

سندن وفات ۲۲-رمضان سن ۱۳۴۰هہ بمطابق ۱۹-اپريل ۱۹۲۲ع ۶۳ ورهين جي ڄمار ۾ ٿي. سندن شعر پڪو آهي. هر ڪنهن قسم جي طبع آزمائي ڪئي اٿن. سندن تخلص فارسيءَ ۾ "آه" آهي. سندن شعر مان اهي انمول ادبي ۽ روحاني موتي ملندا، جي ڪيترن ئي ڪارين دلين کي منور ڪندا. ملاحظہ ڪريو:

فارسي

منم خريده غلام تو يارسول الله،
بگوش حلقہ لام تو يارسول الله.

نشته مستعدم از طواف مرقدِ تو،
باانتظار پيامِ تو يارسول الله.
بده مرا بجوار مزار آن منزل،
بحق آل کرام تو يارسول الله،
بہ پيش روضۂ پاکت کنم بعجزونياز،
درود و ورد سلام تو يارسول الله.
مرا بحق کہ پس از ذکرنام او ديگر،
پسند نيست زنامِ تو يارسول الله.
بخاطراين ست تمناکہ ريش راجاروب،
کنم بصحن مدام تو يارسول الله.
براي ديده کنم تو تيا ز تہ خاطر،
زخاکگاهہ حرام تو يارسول الله.
درين ديار پُراز فتن بنده او "آه"،
گزيد انيس کلام تو يارسول الله.

غزل

هئي هئي هنيو تہ منهنجو دلدار لئي لُڇي تو،
جيکي آهيس دل ۾ ٻاهر نہ کُڇي تو.

داهون کري تہ دائم، جانب ويو جدا ٿي،
دوريءَ سنڌي تہ درد کون، پيو پاڻ کي مُڇي تو.
کنهن سان ورونهن ناهس، کنهن جو انيس ناهي،
جيکي اٿس اهو اٿس، ٻئي جو نہ کجھ پُڇي تو.
هک هوت جي هميشہ، آهيس حب هنئين ۾،
پنهنجو خيال هردم، محبوب ڏي ٻُڇي تو.
آئيو قرار قلبئون تنهن جو تہ "رشدالله"،
روزؤن رُلي رجن ۾، منجھ رات اُپ کَڇي تو.

ڪافي

رنگ رنگيءَ جي رتي ڪا، هزارن ۾ هڪڙي.
وئي ويءَ ڇري وحدت جو،
محبت منجھ متي ڪا، هزارن...
صفت صبغت‌الله جي،
سکي هوندي سُتي ڪا، هزارن...
"وما او تيتم من العلم الاقليلا"،
پَريان پھتي پتي ڪا، هزارن...
جبل جهاڳي جَت لاءِ،
طلب منجھ تتي ڪا، هزارن...
ڇُلي پوندي ڇپر ۾،
گهوٽ جي جنھن کي گني ڪا، هزارن...
پهچي ڪڏهن ڪينڪي،
سيجن تي جا سُتي ڪا، هزارن...
پئي پير پنھل جي،
جمعا تيندي جُتي ڪا، هزار...

اڳ ۾ معلوم ٿي چڪو آهي تہ امين سائينءَ وارو زمانو انگريزن جو اوائلي دور هو. انگريزن عربي ۽ فارسي زبانن جو زور ڀڃي، ديسي ٻولين کي انهن جي جاءِ زور وٺايو. ميرن جي زماني ۾ فارسيءَ جو زور هو. درٻاري ۽ شهري شعراء ڪرام فارسيت ۽ ڪلام جي موزونيت کي چنبڙي پيا، تہ بہ ٻهراڙيءَ جا ڀڳڻ پنهنجا سادا سودا ٻول سنڌ واسين تائين پهچائيندا رهيا. انهيءَ ڏس ۾ پير اشرف شاهہ ڪاماري وارو، خليفو گُل محمّد سانوٽي، فقير قادر بخش بيدل، عثمان فقير سانگي، حمل فقير لغاري، سيد قطب علي شاهہ قطب، بچل شاهہ مانجهوءَ وارو، صوفي آسورام هالائي، حسين فقير ديدڙ، فقير خير محمّد حيسباڻي جا نالا وڏن معاصرن جي ضمن ۾ اچي ويا آهن: انهن مان ڪن صاحبن عروضي

ڪلام سان گڏ غير عروضي ڪلام به چيو آهي. ان طرف جا ٿي مکيه ڪمر ڪشمور لوڪ ادب جي ميدان کي مات ڪندا اچن ٿا. ساڻن گڏ حمل فقير لغاري، فقير حسين ديدڙ ۽ جلال ڪتي. لطف علي آهن: هي لطافتن مان به لطف وٺندا رهيا. ٻيلائي ڀهڳڻن مان شيخ ابراهيم، سيد ڪبير شاهه جا برک نالا ملن ٿا. پر اهي امين سائينءَ جي دور کان سڀ آڳاٽا آهن. ڇنبو ته اهي صاحب ڪلهوڙن جي آخرين دور کي عوامي گهڻو لاٽن سان روشن ڪندا رهيا. منهنجي نظر تي ٿي ڪافين جا ادب جي ڪتاب چڙهيا: هڪ ڪافين جو ڪتاب از سيد فاضل شاهه سن ١٩٠٠ع، ٻيو ڪافين جو ڪتاب پوڪرداس جو شايع ٿيل، ٽيو شولداس جو شايع ٿيل. انهن مان ڪافير شعراء جا نالا چونڊي ۽ سوجهي هيٺ شايع ڪجن ٿا، اهي نالا اڳ آيل ناهن. ڪي صاحب گمناميءَ جي گوشي ۾ به پيا آهن. جن جو ڪوبه پتو معلوم نه ٿيو آهي ته ان جو نالو ڇاٽايو ويو آهي. باقي لوڪ ادب جي رکپالن جو ذڪر سچڻ سنديلي جي ادبي ذخيري مان گڏ ڪيو ويو آهي، هي ساڳيو سمو ڪافيءَ جي صنف کان مشهور هو. انهيءَ زماني جي شاعرن کي پنهنجي احساسات جي اظهار ڪرڻ لاءِ مکيه ذريعو "ڪافي" هئي. تصوف جو رنگ، ديس جون رهاڻيون، ساديون سواديون پر پُرڪيف حقيقتون "ڪافيءَ" ذريعي عوام تائين پهچائي سگهيا ٿي، اهوئي سبب آهي جو غزل کان وڌيڪ هنن صاحبن پنهنجي ديسي نموني کي پسند ڪيو ۽ عمل ۾ آندو. ٻي ڳالهه اها ته شاهه صاحب جي "وائي"، سچل سرمست جي ڪافي جي صورت اختيار ڪئي. سرمست سائينءَ جا سڀاجها چيلا امين سائينءَ جا وڏا معاصرا ٿي گذريا آهن. جو اوهان کي شروعات واري لسٽ مان معلوم ٿيندو. امين سائينءَ جي همعصرن ان صنف ۾ ڪمال حاصل ڪيو. خود پاڻ ڪافيءَ جو ڪلتار آهي. ڪافير شعراء جا نشانبر نالا هي آهن: ميان ابوبڪر هالائي، قاضي ڪمال ڪيڻ وارو، عبدالقادر هالائي، پير اميد علي قريشي ٽنڊي محمّد خان وارو، بلند شاهه پيمن جي پڙي-تعلقو گهوڙاباڙي، عبدالله فقير-مريد

سائين پاڳارو، محمّد عالم ميمڻ حيدرآبادي، حافظ عبدالله لکوي شڪارپور، حاجي لطف الله سانوٽي هالائي، مرزا بنده علي تعلقو کوٽڙي، پير غياث الدين نقشبندي سرهندي شڪارپوري، عثمان ڄامڙو اترادي، احمد علي شاهہ ساڪن ماتلي، سعدالله اترادي، شاهہ محمّد، محمّد حسن، ميان نورمحمد عارف، عبدالرحمان سائل، اميربخش، ميان عنايت الله، فقيرمحمّد، چٽن شاهہ، راهب، نبي بخش، علي شير، سيد مهدي شاهہ، سيد نورشاهہ، سيد سليمان شاهہ، سيد امير علي شاهہ ناصراڻي، نورمحمد واڍو، غلام شاهہ هٽڙيءَ وارو، ملان الله بخش رشيد وڳڻ وارو، مولوي شهاب ادلدين رسبد وڳڻ وارو.

لوڪ ادب جا لال، جن سنڌ جي سرهي ڀهراڙيءَ کي سڳنڌ پئي پهچائي سي هي آهن: گهرام ٻروچ لاڙ وارو، خيرل اترادي، عرس اترادي، نورو اترادي، عرضي اترادي، گلڻ، حاجي خانڻ چنجڻي، بچل، چٽو، حسين، جمال پتو (ولادت ١٨٦٣ع ڌاري)، چاڪر خان رستماڻي بلوچ ڳوٺ چني تعلقو جوهي (ولادت ١٨٤٠ع ڌاري)، فقير شاهہ محمّد ديدڙ (ولادت ١٨٣٠ع - وفات ١٨٩٢ع).

شاهہ محمّد ديدڙ ان سمي جي سگهڙن جو سرواڻ ٿي گذريو آهي، ۽ خان محمّد چنجڻي چاهہ وارو چائڪ. انهن ٻنهي جا گهڻيئي ڪتاب مطبوع بہ ٿيا آهن. شاهہ محمّد جي ڪتابن منجهان: عمر مارئي، ويهين صدي، خطبا ۽ ڪجهہ سينگار جا بيت، ۽ خانڻ جا، يوسف زليخا، سيف الملوڪ، جنگنامو مشهور آهن. شاهہ محمّد مرحوم جوپ رستو فقير خير محمّد سان ججهو پيو يائنجي، فقير خير محمّد جي وفات تي هن دل ڏاريندڙ ڪافي ٺاهي آهي جنهن جو مطلع آهي:

منجهہ ملڪ صوفين جي ادا سورهہ مثل صنعان هو،
شهہ شمس جي ثاني چوان، منصور جهڙي مان هو.

مقطع ۾ هڪ سٽ اڳين هيٺيون آهن:

خوش "خيرمحمّد" اسم جنهن،
مانند قلندر قسم جنهن،
جٺري جلايو جسم جنهن،
منجهه نفيءَ جي نيشان هو.
ڏس "شاهه محمّد" ڏيل کي،
آ سُدَ جبار جليل کي،
ڇا تم ڪندي تمثيل کي،
واڌو شرح ڪان شان هو.

عمر مارئيءَ جي قصي ۾ مارئيءَ جي حسن جي بيمثال تعريف شاهه محمّد هيٺين اکرن ۾ ڪئي آهي، واقعي لاجواب آهي. حظ وٺو:

آهو عين لڄايا، بيهوشي بادام،
نڪ ڪندو آ نار جو، لب جو قرب گرام،
ڏند مثل موتين جي، دُرس دهن آ دام،
خوبي ڪاڌيءَ جي پسي، ڪيو صوف سلام،
ڪونج ڳچيءَ جي ڪيفيت، ڪَرڪيوپڙي ڪلام،
سينو صاف سيمين ڪون، لکيو خوب خدام،
پسي ارهه انبوهيا، رجان ڪام نڪام،
چيلهه پسي چيتي چڙي، پنهنجي حجت هام،
پڳ پاريهر ڪون چڱا، گُڙي گنير گام،
دهشت سان "ديدڙ" چوي، ساري ديهي دام،
اهڙي ناز نظام، مارئيءَ تي قِريو قَر چاريا.

حاجي خانڻ ۾ شاهه محمّد جي پاڻ ۾ لڳندي هئي، حاجي خانڻ سراپا ڪچهري هو. جيڪڏهن ڪنهن به ميلي ملاکڙي تي حاجي خانڻ نه آيو ته ڄڻ ميلوئي نه متو. رات وهامي وڃي ته به هن جو درديلو ۽ سريلو آواز گهٽ نه ٿئي جيئن تـڏ تيئن وڌ. هـن جي ڪـافي جيڪا عام زد آهي تنهن

جو سرو هي آهي:

ياد پون ماروئڙا، وچان جنري شال وري،
وچان جنري شال وري، ڏسي اکڙيون پون ٺري.

هڪ ڀيري حاجي خانڻ لونگي ۽ رومال وجائي آيو. شاهه محمّد ديدڙ چوائي موڪليس:

ڪتان وجائي لونگيان،
ڪتان وجائي رومالڙا،
سَل لونگي دا حالڙا.

حاجي خانڻ جواب ڏنس ته:

سوين چُڙي سون لونگيان،
تيئين مدعي دا منهن ڪالڙا.

هن دؤر ۾ سنڌي نثر به چڱو واڌارو ڪيو. ترجمي جو سخت زور هو. سڀ درسي ڪتاب، قصا، ڪهاڻيون، ڊراما ۽ افسانا، خواهه نظم ٻين ٻولين تان ترجمو ٿيڻ لڳا، جن ادب جي وينجهارن هن گهري ڪم کي وِنڊيو سي هي آهن: ديوان ننديرام سيوهاڻي، ديوان اڌارام حيدرآبادي، ديوان پريداس حيدرآبادي، قاضي غلام علي ٺٽوي، ميان غلام حسين قريشي ٺٽوي، سيد ميران محمّد شاهه اول ٽڪڙائي، ميان محمّد حيدرآبادي، واڌومل ٽلٽيءَ وارو، مرزا غلام رضا بيگ حيدرآبادي، آخوند عبدالرحيم عباسي ڪراچيءَ وارو، ڪوڙومل ڪلناڻي پريائي، آخوند لطف الله حيدرآبادي، ميان شمس الدين "بلبل" ميهڙائي، ديوان ليلارام "خاڪي" حيدرآبادي، ڪيولرام سلامتراءِ حيدرآبادي، آخوند فتح محمّد ۽ سيني جو سرتاج مرحوم مرزا قليچ بيگ.

هي دؤر تعليمي ۽ سماجي سڌاري جو دؤر هو. مسلمانن خواهه هندن مان گهڻيئي محب ميدان ۾ آيا، جن قوم ۽ ديس جي خاصي خدمت ڪئي آهي. شال انهن جا روح ابدي سڪون ۾ رهن! اهي صاحب هي آهن:

مرحوم خانبهادر حسن علي آفندي (ولادت - ۱۸۳۰ع)، مرحوم شيخ

بابو سليمان، مرحوم قادر داد پٺاڻ (وفات ـ ١٩٠٣ع)، مرحوم سردار محمّد يعقوب (ولادت ـ ١٨٥٨ع)، مرحوم شيخ صادق علي (ولادت ـ ١٨٥٦ع)، مرحوم سيد الهندو شاهه (ولادت ـ ١٨٦٣ع)، سرڳواسي سيٺ هرچند راءِ (ولادت ـ ١٨٦٢ع)، سرڳواسي ديوان ڏيارام گدومل (ولادت ـ ١٨٥٧ع)، ديوان ڏيارام چيتمل (ولادت ـ ١٨٣٥ع)، ديوان ڪوڙومل کلناڻي (ولادت ـ ١٨٣٣ع)، ديوان نولراءِ (ولادت ـ ١٨٣٨ع)، ساڌو هيرانند (ولادت ـ ١٨٦٣ع).

هاڻي سنڌن ننڍن معاصرن جي مٿيا وارو ذڪر ڪجي ٿو. ڪيترن ئي دفترن ڪي اٿلائي پٿلائي لسٽ تہ لنبي ٿاهيم، پر پئي ويس چانڊبندو.

جن صاحبن جي ولادت امين سائينءَ جي وفات (١٣٠٣هہ) بعد ٿي آهي، تن يارن کي درج نہ ڪيو ويو آهي ـ هيٺين نالن مان معلوم ٿيندو تہ پوءِ بہ گهڻا صاحب منظر عام تي اچي ويا آهن. پهريائين عيسوي سن جي ولادت وارا نالا ڏنا اٿم، ان بعد هجري سن وارا.

وريل فقير (ولادت ـ ١٨٤٩ع)، مير عبدالحسين خان سانگي (ولادت ـ ١٨٥١ع)، مرحوم مولانا الهرکيو عرف ڪريمداد چانڊيو معرفاڻي (ولادت ـ ١٨٥١ع)، مرزا قليچ بيگ (ولادت ـ ١٨٥٥ع)، مرحوم شمس الدين بلبل (١٨٥٧ع)، فقير محمّد محسن بيڪس (ولادت ١٨٥٨ع)، محمّد هاشم مخلص (ولادت ـ ١٨٦٠ع)، حاجي علي محمّد قادري (١٨٦٠ع)، فقير هدايت علي نجفي (ولادت ـ ١٨٦٠ع)، مرحوم لعل بخش خان لغاري (١٨٦٠ع)، مولوي غلام الرسول عرف محمّد هاشم شڪارپوري (١٨٦٣ع ڏاري)، ٻڌل فقير ولد عبدالواسع شڪارپوري (ولادت ـ ١٨٦٥ع)، سيد روشن علي شاهه ولد سيد قطب الدين شاهه (ولادت ـ ١٨٦٧ع)، ديوان پوڄراج (ولادت ١٨٦٧ع)، سيد پير شهاب الدين شاهه (١٨٦٨ع ڏاري)، سيد صاحبڏنو شاهه ولد محمّد شاهه بلڙائي (١٨٦٨ع)، فقير احمد علي (١٨٦٩ع)، سيد صالح شاهه راڻيپور وارو (١٨٧٠)، پير علي بخش شاهه ولد پير لطف علي شاهه پٽائي (١٨٧١ع)، سيٺ حاجي خداداد سرهيو

(١٨٧٢ع)، نواب غلام حيدر ولد ولي محمّد (١٨٧٢ع)، مولانا عبدالرحمان ڏامراهه (ولادت - ١٢٦٨هه)، ميان محمّد اڳڙو (ولادت - ١٢٧٣هه)، خليفو محمّد خان جمالي (١٢٧٣هه)، مرحوم خليفو چنو (١٢٧٥هه)، مولوي حاجي محمّد بن آخوند محمّد اسماعيل هالا پراڻا (١٢٧٦هه)، مرحوم مولانا غلام محمّد صاحب ملڪاڻي (١٢٧٦هه)، سيد علي اصغر شاهه راشدي (ولادت - ١٢٧٨هه)، حضرت حاجي حافظ خواجه محمّد حسن جان سرهندي (١٢٧٨هه)، مرحوم شمس العلماء شاهه مردان پير صاحب پاڳارو ڪوٽ ڏني (ولادت - ١٢٧٩هه)، مولوي اسماعيل ميمڻ مورائي (١٢٨٠هه)، ميان امام بخش ولد محمّد بچل بدوي شڪارپوري (١٢٨١هه)، مخدوم محمّد ابراهيم پٽني هالائي (١٢٨١هه) مرحوم فقير پير بخش ڪلوئي (١٢٨٣هه)، فولاد علي فقير شر (ولادت - ١٢٨٢هه)، مرحوم سيد اسدالله شاهه ٽڪڙائي (١٢٨٥هه)، سيد حاجي محمّد حافظ شاهه ٽڪڙائي (١٢٨٧هه)، قاضي محمّد دائود بن حافظ حاجي حامد ٽڪڙائي (١٢٨٦هه)، مولانا حاجي عمرالدين چنا (١٢٨٨هه)، محمّد ابراهيم بن حافظ حامد ٽڪڙائي (١٢٨٨هه)، حاجي مولانا محمّد حسين جان سرهندي (١٢٩٠هه)، علامه مرحوم محمّد عثمان نوراني (١٢٩٦هه)، مرحوم قاضي عبدالرؤف مورائي (١٢٩٩هه)، مرحوم مولانا عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوري (١٢٩٩هه)

ضميمو نمبر ٢

تفصيل سن وار سجاده نشينان درگاهه شريف هالا

١۔ حضرت غوث الحق مخدوم لطف الله عرف مخدوم نوح رحه	دستا اول	(٩١١هه_٩٩٨هه)
٢۔ حضرت مخدوم امين محمّد صاحب اول	دستار ٻيو	(٩٥٢هه_١٠١٥هه)
٣۔ حضرت مخدوم ابوالحمد عرف ابوالخير صاحب	دستار ٽيون	(٩٨٠هه_١٠٥٠هه)
٤۔ حضرت مخدوم عبدالخالق صاحب	دستار چوٿون	(١٠٣٠هه_١٠٨١هه)
٥۔ حضرت مخدوم محمّدزمان صاحب اول	دستار پنجون	(١٠٥٥هه_١١١٧هه)
٦۔ حضرت مخدوم مير محمّد صاحب اول	دستار ڇهون	(١٠٩٩هه_١١٣٩هه)
٧۔ حضرت مخدوم محمّدزمان صاحب ثاني	دستار ستون	(١١١٩هه_١١٨٣هه)
٨۔ حضرت مخدوم مير محمّد صاحب ثاني	دستار اٺون	(١١٥١هه_١٢٠٢هه)
٩۔ حضرت مخدوم محمّدزمان صاحب ثالث	دستار نائون	(١١٨٠هه_١٢٢٢هه)
١٠۔ حضرت مخدوم ميرل معصوم	دستار ڏهون	(١٢٢١هه_١٢٢٣هه)

ضميمون نمبر ٢

١١۔ حضرت مخدوم امين محمّد صاحب ثاني	دستاريازدهم	(١٢٠٥هه۔١٢٥٢هه)
١٢۔ حضرت مخدوم محمّدزمان صاحب رابع	دستار دوازدهم	(١٢٣٣هه۔١٢٦٩هه)
١٣۔ حضرت مخدوم امين محمّد صاحب ثالث	دستار سيزدهم	(١٢٥٤هه۔١٣٠٣هه)
١٤۔ حضرت مخدوم محمّدزمان صاحب خامس	دستار چهاردهم	(١٢٧٨هه۔١٣٣١هه)
١٥۔ حضرت مخدوم ظهيرالدين عرف پريل چام	دستار پانزدهم	(١٢٨٠هه۔١٣٤٥هه)
١٦۔ حضرت مخدوم غلام محمّد صاحب عرف گلڻ چام	دستار شانزدهم	(١٣٠٣هه۔١٣٦٣هه)
١٧۔ حضرت مخدوم محمّدزمان صاحب سادس طالب المولىٰ زيد عمره	دستار هفدهم	(تولد: ٩۔محرم الحرام ١٣٣٨هه)

ضميمو ٣

مخدوم امين محمد صاحب جي خاندان جو شجرو. مجاور آخوند
صاحبن جي بياض تان هيٺين ريت ورتل آهي.) ـ مولّف



حضرت ۽ سجاده نشين لاءِ "مخدوم" ۽ "ميان صاحب". ۽ خاندان جي ٻين فردن لاءِ صرف "ميان" جو لقب استعمال ڪيو ويندو آهي. هن چارٽ ۾ "مخدوم" جو سجاده نشين جي نالن اڳيان ڪم آندو ويندو آهي. ان کان سواءِ وڏي ڏنگي [ ] لاولد بزرگن ۽ ننڍي ڏنگي ( ) عرف يا ٻيو نالو نمايان ڪرڻ لاءِ ڪم آندي وئي آهي

Scanned with CamScanner

ضميمو ۴

حضرت ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڏو

نسب عالي جي عنوان ۾ اسان کي معلوم ٿيو ته سائين امين محمّد کي به ٻيا به ننڍا ڀائر هئا: هڪ ميان شاهه محمّد عرف ميان شاهنواز ۽ ٻيو غلام نبي عرف ميان پنيلڏو. ميان شاهه محمّد جي ادبي ذوق جو نمايان پتو نه آهي، پر ميان غلام نبي ته امين سائينءَ وانگر علم و ادب جو مشعل هو. هت سندس سوانح جون چند سٽون ۽ ڪلام جي موتين مُٺ قارئين ڪرام جي اڳيان پيش خدمت ڪجن ٿيون.

سندن نالو ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڏو هو. شعر ۾ "پنيلڏو" يا "پنيل" تخلص ۽ ڪن ڪافين ۾ "غلام نبي" نالو به آندو اٿس ۽ سنڌي، فارسي، اردو ۽ عربيءَ ۾ به ڪافي مهارت هيس. سيلاني به هڪڙو هو. پاڻ ڳچ وقت حيدرآباد دکن جي مسحور ڪُن فضا ۾ وڃي ساڪن ٿيو. اتي شادي به ڪيائين، ۽ مدت مديد رهيو. امين سائينءَ جي لولي هن پياري جي ياد ڏياري ٿي. ان ڪري خاندان جي ان ڪڙيءَ جو تعلق حيدرآباد دکن سان ٿيو. پنيل سائينءَ جي اولاد جون به اتان شاديون ٿيل آهن. مرحوم نهايت سليم الطبع ۽ وقت وقت جو خوش ڪلام شاعر هو. رعبدار شخصيت جو مالڪ هو. زماني جي دستبرد ڪري سندس ڪلام جو ڳچ حصو گُم ٿيل آهي، ۽ باقي جو منهنجي هٿ لڳو آهي، اهو حاضر خدمت ڪريان ٿو. سندس ڪلام جي مطالع مان پڌري پَٽ ظاهر ٿيندو ته سندس ڪلام توحيدي تجليات جو آئينو آهي ازان سواءِ منجهس جابجا ماحول جو نقشو اهڙيءَ ته خوبيءَ سان چٽيل آهي، جو ڪلام پڙهڻ يا ٻڌڻ شرط اهو نقشو اکين اڳيان اچي وڃي ٿو. کيس چار فرزند عنايت ٿيا، جيئن ضميمي ٽئين مان ظاهر آهي. اهي چارئي صاحبزادا علم و ادب ۽

شعرو شاعريءَ جي ذوق کان سرفراز هئا. چارئي شاعر هئا ۽ پنهنجي والد سائينءَ ۽ عموي صاحب جن جي نقش قدم تي هليا.

ڪافي ١

اڄ ڪئي عجيبن ٽُرٽئون تياري،
واري وَصل جي پِرين واڳ واري.

جڏهن جانثاري قدم تي ڪئيسون،
تڏهن عشق جي اوٽ پِرتئون پئيسون،
ثبوتي سريءَ جي خفيءَ کان نيازي.

اُپت ڪَئيءَ اندر جي درن جا دريچا،
سيئي سونجھ سارا تون ڳولي ڳريچا،
اُچل هن اکين تي ڪا "ونحن" جي واري.

"جمع بينهان" ۾ گھڙي ايڪ گھاري،
پِرت جي پڪيءَ کي اصل ڏي اُڏاري،
ڏسو ڏيھ پنهنجي کان گھرجي نہ گھاري.

اسين عبديت جي نہ ڏاري ڏرياسون،
وحدانيت جي وطن ڏي ورياسون،
"فَسَجَدُوٓا" ۾ صحيح ڪر سُٽي ڳالھ ساري.

"پنيل" پار پنهنجو صفا جي سجاٽين،
نہ ازخود اکين کان اهو آب آٽين،
جتان جان کي تي تجليّ تياري.

ڪافي ٢ (سرائڪي)

ناز نفي ڪجھ ڪام نہ آيا.

مظهر ذاتي تياسين ظهور، ناز نفي ڪجھ ڪام نہ آيا.
انحد عشق اشارا آندا، سڀ سنسار هليا هيڪاندا،
آک "اناالحق" پاتس قاندا، هر مظهر وچ هوا مشهور،
هر هردي وچ هردم آيا.

ڪٿ آ رني ڪٿ ايمن آوي ڪٿ تجّلي طور جلاوي،
ڪٿ برده بازار وڪاوي ڪٿ قرباني من منظور،
ڪٿ برده پڌري دا پايا.
من مظهر تان منصب پاوين وچ ذاتي دي ذات سڏاوين،
عبد دي اولي مول نہ آوين صاف "سري" دا شان شهور،
رک ڪي رمز رندي رنگ لايا.
"ونحن" هر رنگ دي وچ ريخان ڪار ڪرون ڪين تو ول ويکان،
جُزيان من محبت وچ ميخان هوا هردم حال حضور،
ماضي مستبقل دي مايا.
"پنيل" پري هڪ پل نا ٿيوين تان تڪرار جڳان جڳ جڳ جيوين،
هٿون جام علي دي پيوين اهين سڪرت وچ صاف سحور،
عين اکين سر سمجھ سهايا.

ڪافي ٣

عين ٿيڙا اشڪبار، ساهہ سدا سڄڻ ڪي ساري.
جيءُ جدائيءِ ۾ جلي منهنجو بدن ٿيو بيقرار،
ساعت هڪڙي صبر ناهي عشق تنهنجي ڪيو آزار،
واءِ! ڪيئن ويئين وساري.
قرب اچي ڪانڌي ٿيو ءِ سِڪ جنازي جو سينگار،
چار تڪبيرون چئي محبت منهنجي تي مزار،
اج نہ ڪو توريءِ اٿاري.
چڏ رسا مون رنج مَر ڪر پلپل "پنيل" ڪي ڏي پيار،
جلد ڪر جمهور جاني ناز پرور نيڻ ٺار،
شُڪر ڪيو شادان گذاري.

ڪافي ۴

ياد ڪر يوم القيام، شُڪر ڪر سيّد ڪي ساري.
جنّهن الستي ٻول هٿا هر هر تي ڪيڙيءِ هل هنگام،
ڪيئن وساري ويهي رهيون عاشق جي ڪيا هُيئي هت انجام،
ڏي پيارل ڪي سي پاري.

"فاڪر ڪروا" جي فيض جي البت ملي آن کي انعام،
"فَادْ خُلُوْا جَنَّاتٍ تَجْرِيْ" مهر مئون آن جو مقام،
ويئين ڪيئن وحدت وساري.
سرّ سرّي تنهنجي ڪارڻ آهي صحيح صادق ڪلام،
عليءَ کي استاد ونجئين جُنگ پياري ڪوثر جو جام،
ناز پرور ننگ پاري.
اي صبا ساري ڏجئين "پنيل" جا پرين کي پيغام،
"ماريہ" ۾ ماڳ ڏي حامي تي يا حضرت امام،
پڳ لڳو توکي پڪاري.

ڪافي ۵

عشق اصل کنئون اڙانگو، پرت جو پنڌ پري ٿيو.
ملھ تہ ملندءِ ڪينڪي، سر ڏني لاھ سانگو.
سڏڙيا پڌن ٿا پارَ ۾، طلب وارن کي آهي تانگھو.
هن دنيا جي دؤر سان، دل رکڻ آهي منهن دانگو.
گم ٿي "غلام النبي"، نا تہ سڏيندءِ نياڳو.

ڪافي ٦ (سرائڪي)

رانجهو يار نال رمزان رليان.
هاتف مزده ڏني هي مئون، پا جهولي مئن جهليان.
مجلسئون مرشد پير مغان، برھ بَراتان مليان،
"غلام النبي" هڻ سرّي ديان، ساکان کنهن نہ سليان.

ڪافي ۷ (سرائڪي)

مئنون لڳڙا قرب ڪلوري.
روح رباب طلب ديان تاران، تن بنياهئي طنبوري.
بتُ "بلاول" آگر "آسا"، قلب "ڪليان" ڪسوري.

بن سڄڻ دي سيجھ نہ پانوين، سمھڻ ٿيا ھڻ سوري.
باھ برھ دي پڙڪا لايا، خوشي ٿي ھڻ گھوري.
بس "غلام النبي" ڪر گفتا، پرت نہ ٿيسي پوري.

ڪافي ٨

جيڏيون ھن حال جي ڪريو تدبير،
آءُ سُتي منھنجو ساجن ويَڙو، ڪا تہ پيم تقصير.
يا نہ مون کي پنھنجو يار ملايو، يا تہ وجھو تڪبير.
آءُ اوھان وٽ عاجز آھيان، دوست بنان دلگير.
باھ برھ جي اندر پڙڪي، سڙي ويو ساھ سرير.
پرت "پنيل" کي پڌر پايو، جئن سو بدر منير.

ڪافي ٩

مون کي ھوت ملي ھيڪار، دعا ڪريوڙي جيڏيون.
شھر بحر وو پٽيون، ووڙينديس وٽڪار.
مون تان ائين نہ پانئيو، جَت آھن جھونجھار.
آھي اميد الله ۾، دم نہ ٿيان ھڪ ڌار.
"پنيل" جي بہ پريت جي ميان، پريتڻين منجھ پچار.

ڪافي ١٠ (سرائڪي)

مڪتب دي وچ محبت والي، سبق سوراندا سِک رھيان.
پرت پياري نال رلايم،
ھر ھردي وچ ھُل مچايم،
عشق دي ابدي پَرت پڪايم،
دفتر درد دي لک رھيان.
خويش قبلا چا جنگ جوڙي،
ماءُ پيءُ مارن مئن ڏنگي ڏوڙي،
مول نہ مُڙسان مردي توڙي،
وچ رانجھن دي ھڪ رھيا.

چاڪ دي چولي روز ازل دي،
پرِتئون پاتم ڪيڙي ڪلدي،
سرتين سهيليان پلپل دي،
پڪي پريم دي مئن پڪ رهيان.
پئي "پنيل" وچ پھر گذاري پھلي،
"نون"طي يا"ڪِ"تون" ڳالهين ڳھلي،
رل راول دي رمزان رهلي،
"لام" دي مئن لَڪ رهيان.

ڪافي ١١ (سرائڪي)

چاڪون چڏي وئين پرديس پيارا، آءِ اسان ڏي ويڙهي.
مئن تساڏي تون هٹ ميڏا، ڪيا ڪرسين ڪيڙي.
دم هڪ دلبر دور نہ ٿيوين، رهہ نماڻي ڪون نيڙي.
دعا ڪريو آهين درد منديون، مولا ماهي ميڙي.
چڏ رسامان پرچ "پنيل" سان، ڪر نہ اجائي جهيڙي.

ڪافي ١٢ (سرائڪي)

چئن نيڻان دي دن رين ڏونهين،
آءِ ميان رانجهان اگڻ اسان ڏي.
جڏهان هردي وچ درڪ ڪتوسي،
"غين" دا نقطہ غرق ڪتوسي،
عشق دکائي عين ڏونهين.
"الانسان سرّي" دا اشارا،
راز رمزون صحيح ڪر سارا،
درڪف هئا دارين ڏونهين.
عين احديت واحد جاڻي،
چوڙ نفي تان اثبات سڃاڻي،
حال همہ حرفين ڏونهين.

"ڪنت ڪفر" دا هئي عشق عرابہ،
هئي هڪ ڪوثر هڪ هئي ڪعبہ،
بام حقابہ دين ڏونهن.
"پنيل" پرت دا پنڌ پڇاوي،
يثرب والا يار ملاوي،
حامي ڪر حسنين ڏونهين.

ڪافي ١٣

اي جڳ ساراهي سور، ٻاجهون عشق الله دي
پڪڙيم پريت دا پور،
چوڙيم الھ تلھ دي،
هُڻ آ ڪيتا عشق اشارا،
ماريم "اناالحق" دا نعرا،
بدن هئا پرپور،
تل نينهن طاق تلھ دي.
جنهن ڏينهن اسان نون نينهن نکيڙيا،
ماءُ لايا جند دا جهيڙا،
جهوڪ وڃڻ تيا ضرور،
ڪجھ ڪجھ ٻي، ٻي ڪهدي،
"غلام نبي" وچ غير نہ ڪوئي،
صاف سرّي دا سرّ سيوئي،
حاصل روز حضور،
تل گئي شرڪ شُبھ دي.

ڪافي ١۴ (فارسي ۽ سنڌي)

جاني جدا از من مشو، بهر همان من ناتوان.
درد دل جي ڪان لڇا، سوين سور ساجن لئي سهان،
هي حال ٿئي ڪنهن کي چوان، از چشم من آبِ روان.

سرتيون سپيئي ٽيون پڏو، هي حال منهنجو هيئن ٿيو،
چڻ روح قالب مان ويو، بهر از فراقِ دوستان.
آءِ قرب کيچن جي کُٺي، مهٽا نہ ڏيو مون کي مُٺي،
ويندي تنين کيچين پُٺي، رفتہ کجا آن ساريان.
کانگو ٿو کالهوکر لنوي، پيغام پرين جو چوي،
پَرتو "پنيل" کي ٿو پوي، کن آمدن پيرِ مغان.

کافي ١٥

پهچ يا پير پروش کر سگهو سردار صمداني.

توکي ساري سدا جندڙو، منگي ٿو مهر هي منڊڙو،
طلب طالب آهي سنڌڙو، رحم تنهنجو آهہ رحماني.
عنايت تنهنجي آهي اعليٰ، آهيان آءِ زير کر بالا،
مهر تنهنجي مهر مولا، فکر جا فند کر فاني.
گُهران تنهنجي صحبت سائين، جُڙيم محبت جي من مانئين،
رسن شل سوال تو تائين، گهوريم سر ساهہ جند جاني.
"پنيل" پالگ تنهنجو پازي، تنهن جو تون روح کر راضي،
نشو ڏي، نينهن جو نازي تنهنجب حب لئي آهہ حيراني.

کافي ١٦

سڄڻ کيو ناگاهہ نظر، اکيون وهن نارا نديون،
هو اکيون حاکم هنن جون، هي اکيون هن جيون بنديون.
هي سکن هن لَئي هميشه، هر لحظہ کيو يار ياد،
هن کي شکرانو ۽ شاباس، هو نہ چاٽان کيئن کنديون.
حسن سان همذات ٿيون، جلوت ڏسي کيائون جان نثار،
سي پسڻ ڏارن نہ پرچن، جي ڏکن آهن ڏڏيون.
سک جي سوزش سرخ کيون، ابرو اُتم ٿيون آبدار،
سي وسن "لوهو" جيون نهرون، برهہ جي بادل ہنڏيون.
"پنيل" رهہ پابوس جانان، روز ازل کان تا شمار،
محب توکي معافي ڏيندو، ميٽي مر مرشد منديون.

Scanned with CamScanner

ڪافي ١٧

من ۾ تي ٻاري مچ، هاڙي مئيءَ جي هوت ويو
ويڙ ۾ پئين ورهه جي، آءُ پانيان تي اچ.
ڪميٽي جي ڪوڪ تي، امين "محمّد" اچ.
توريءَ ڪريان ڪنهن سان، ڳالهيون اندر ڳچ.
چو ٻڌائين ٻين کي، تون پر ۾ "ينيل" پيو پچ.

ڪافي ١٨

جيڪي محنت ساڻ مليم، ڙي اديون،
سو عام کون اَلبو.
ذرو تو ظاهر ڪريان، اهو عشق اتم ڙي اديون
صاف نا سَلبو.
وندر جي وڻڪار ۾، پرين پير لڌم ڙي اديون،
سو منهن سان مَلبو.
خط ڏيان ڪونهي خابرو، ڏک ريءَ ڪونہ ڏنم ڙي اديون،
غم کي گِهلبو.
جيڪو سبق سچڻ ڏنم، ڙي اديون، سو پِرتون پڙهبو.
اول عروج نزول جو ميان، ساري سبق سڪيم ڙي اديون،
دم سان ڏربو.
"الانسان" جي اوج ۾، مرشد من مڙهيم ڙي اديون،
لهه پئي نا لڙبو.
"ينيل" پير مغان جي، جلوي جوش جڙيم ڙي اديون،
سڪ ۾ سڙبو.

ڪافي ١٩

وساري ڪيئن ويهي رهان منهنجو اَجهو آرياڻي،
هاڙهي هيڪلڙي سان تيندو سڌ متي ساٿي.
چِڏي ويا ڇپر ۾ مون کي ڄاڻي سڄاڻي،
هاڙهي تيِنديس هوت لئي آءُ جيجل جوڳياڻي.

سرتيون ڏني سور جي مون کي هوتن همياٽي،
ڪڏهن ڪندو ڪين ڪي مون سان پنهل پچاٽي.
سنڌ پيئي سڏجان توڙي ڪوجهي جي ڪاٽي،
ماٺهن ۾ مشهور تي وجي وندر واجاٽي.
"پنيل" چوي ڪيچ ۾ وجي عاجز وڪاٽي،
"موتوا قبل موت" سان وجي رلي تي راٽي.

ڪافي ۲۰

هاڙهي رَسن هوت کي منهنجي درد جون دانهون،
سرتيون سٽي سڏڙا من اڇن اورانهون.
هئين نه ڇڏجن هيڪليون پنهنجيون پاروچا بانهيون،
لوئي نه ڇڏ لڄ سنيالج اڇج آڳاهون.

واڪا ڪري وڏيون ڏنيم وندر ۾ واهون،
ڪيچين شال قبول ڪيون هن عاجز جون آهون.
ڪوڙئين ڪيم ڪوڪرا رند وٹ راهون،
ڪيچين پنيءِ ڪيتريون ڪيون ڪميٽيءَ ڪاهون.
"وَفِيْ اَنفُسِكُمْ" ويجهڙو ناهي پنهل پراهون،
"پنيل" پير مغان ڏنيون اهي سهٽيون صلاحون.

ڪافي ۲۱

ڪاڪيون ڪيچيئڙن سان منهنجون لڪئي جون لائون.
اڇڻ لاءِ عجيب جي ڪيم سهسين سڪائون.
ڇڏي ويا ڇپر ۾، منهنجي ڪل نه ڪيائون،
مُئيءَ جي ملڻ لئه، نڪو ماٺهو مڪائون.
ميس مليس ڪينکي، اديون ڙي آئون،
وندر جي وٹن ۾، منهنجو لوڙهه نه لَنيائون.
ڪوڙئين ڪيم ڪيچ جون، مون "پنيل" پچائون.
ور جي وصال لاءِ، نيٹ چو نه ڇڏيائون.

ڪافي ۲۲

ڪانگل قريبن کي ڏج نيئي نياپو،
هيٺي چڏيئي حَب ۾، مري بنان تون.
سرتين کي ساٿيھ ۾، آهي لڪين لاڳاپو،
اسان امڙ ابو چڏي، ڪيو اوهان سان علاقو.
رڙهي رَڙي روج ڪيو، هُوءَ تي چڙهي چڙهاڪو،
ڪنهن ڏنو ڪونہ، جنهن ڏونگر جو ڏاڪو.
تنهن جي ڏڌ ڏونگر ۾، هئو فڪر ٻيو فاقو،
ڪميٽيءَ جي ڪهلپ تي، من ڪيچئون اچي ڪو.
"ٻنيل" وڏو ٻَپَ ۾، آهي هوتن جو هاڪو،
"واحد خَلوا في الارض" تيا، وجهي لالڻ لياڪو.

ڪافي ۲۳

سور سٽايان شال ويڙهيچن کي ويهي.
ڪوءَ تنهنجو ماڙيون، بنگلا وسچاريءَ نا وٽن،
جيرا جگر ٻڪيون، سانگيئڙن لئہ سڙن،
دوزخ آهي دل کي، پلڪ پَري جا ٻيئي.
ڳالهين ڳاري آهيان، چاڪن ڪيس چري،
عمر اباٽن ڏاران، ويندِيس ماڳ مري،
جيڪي گوندر گذريا، ڳالھ ڪريان تن ڪيهي.
سومرا سرتين جي، مون کي سڪ آهي سدا،
اتم اميد اها، ميڙيندوم خدا،
موٽي ماڳ ملان، تن پَڪڙن ۾ پيهي.
"ٻنيل" نصيب تئي سانگيئڙن جي صحبت،
وير نہ ڪنهن تي وسري، ماروئڙن جي محبت،
تنهن صحبت لئي سڪندي، عمر وڃايم ويهي.

ڪافي ٢٤

راڻا آءُ نہ ڄاڻا، رُنين کهڙي ڏوهہ ڏمر.
سوڍل آهين سي ڪئون سهڻو، ٻيا سڀ ڪوجها آهن ڪاڻا،
تون سي ڪان سڌر.
وڻ تہ ويچارا ڪاڪ ڪنڌين جا، تو ري ڪوئر ڪُو ماڻا،
سڪا اڇي ساوا سي ڪر.
هيڏا ماڻا ڪر نہ مئيءَ سان، اسين تنهنجي در وڪاڻا،
خوف خدا جو ڪر تون ڪر.
پرتان "پنيل" چئي نہ مومل ماڻيئي، تڪر تيا سي تڪاڻا،
پرين تن کي پنهنجو اڇي ڪر.

ضميمو ۵

امين سائينءَ جي عصر جي سلسلي ۾ جيڪي ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا آهن، تن جي لسٽ حسب ذيل ڏجي ٿي:

۱- سنڌ جي ادبي تاريخ حصہ اول	مرحوم خانبهادر محمّد صديق ميمڻ
۲- = = = حصہ دوم	=
۳- تذڪره لطفي حصہ اول	محترم لطف الله بدوي
۴- = حصہ دوم	=
۵- = حصہ سوم	=
۶- يادِ رفتگان	قبلہ مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ
۷- تذڪره شعراء سنڌ (اردو)	مرحوم فقير هدايت علي نجفي
8 ڪلياتِ خادم	محترم لطف الله بدوي
۹- تذڪره شعراء ٺٽ	اسدالله شاهہ ٺٽائي

۱۰- "مهراڻ" ٽماهي (سوانح نمبر- مرتب: ڊاڪٽر بلوچ) سنڌ ادبي بورڊ

۱۱- الوحيد	سنڌ آزاد نمبر اداره الوحيد
۱۲- ڪلام حسن بخش شاهہ	محترم شاهنواز شاهہ عارف المولىٰ
۱۳- بيدل فقير	انندرام طوطلداس راجائي
۱۴- ريلائي پير	محترم علي محمّد سيال
۱۵- رسالہ سرمست	مرزا علي قلي بيگ
۱۶- سچل سرمست	آغا صوفي شڪارپوري
۱۷- رسالو سچل سرمست	مرحوم عثمان علي انصاري

Scanned with CamScanner

١٨۔ رسالو ڪريمي	مرحوم مرزا قليچ بيگ
١٩۔ رسالو ڪريمي	مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو
٢٠۔ ڪليات گدا	محترم رشيد احمد لاشاري
٢١۔ ديوان فاضل	محترم محمّد صديق مسافر
٢٢۔ ديوان سانگي جلد اول	مرحوم مير سانگي
٢٣۔ = جلد دوم	= =
٢۴۔ ڪلام صوفي قلمي	مرحوم محمّد ابراهيم ڀٽي صوفي
٢٥۔ ڪافين جو ڪتاب	مرحوم سيد فاضل شاهه
٢٦۔ = = =	پوڪرداس (پبلشر) شڪارپور
٢٧۔ = = =	شولداس تانور داس
٢٨۔ سُرها گل	مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو
٢٩۔ چونڊ گل	شاهاڻي پريس ڪراچي
٣٠۔ تڪملهء مقالات ۔ (فارسي) الشعراء	مرحوم محمّد ابراهيم خليل ٺٽوي
٣١۔ لواريءَ جا لال	سرڳوامي ڊاڪٽر گربخشاڻي
٢٣۔ ديوانِ قادري	مرحوم علي محمّد قادري
٣٣۔ الفارقه بين اهل الله و بين المارقه	پير رشدالله صاحب العَلم
٣۴۔ اسمُ شريف بيعت نامو سنڌي	=
٣٥۔ في رد هدا آخر ظهر	=
٣٦۔ "نئين زندگي" ماهنامو نومبر ١٩٥٩ع	مولانا عبدالواحد سنڌي
٣٧۔ سنڌ جو سينگار	محترم عبدالڪريم سنديلو
٣٨۔ لاڙڪاڻي جو تواريخي ۽ ثقافتي احوال قلمي	=
٣٩۔ پنهنجون پچارون	فقير ملهار خاصخيلي

Scanned with CamScanner

۴۰۔ تاريخ پير پاڳارا	فقير رحمت الله
۴۱۔ "فردوس" (ماهوار رسالو) جولائي ۱۹۵۶ع	ايڊيٽر: سليم هالائي.
۴۲۔ "فردوس" (۱۹۵۳ع)	مخدوم نوح نمبر
۴۳۔ رسالو اشرف شاهه	مرحوم سيد اشرف شاهه ڪاماري وارو
۴۴۔ ديوان بيدل	محترم عبدالحسين شاهه موسوي
۴۵۔ بيدل جو سنڌي ڪلام	محترم بولچند راجپال
۴۶۔ سائين قطب شاهه	پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه
۴۷۔ ديوان گل	قاضي عبدالغفور هالائي
۴۸۔ منطوق محمّدي	مرحوم محمّد ڪتياڻ
۴۹۔ ڪليات حمل	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
۵۰۔ ديوان آسو	صوفي آسورام
۵۱۔ ديوان قاسم	مرحوم مرزا قليچ بيگ
۵۲۔ يوسف ـ زليخا سنڌي	مرحوم مرتضائي ٺٽوي
۵۳۔ سڪندر نامه سنڌي	=
۵۴۔ شاهنامه سنڌي	=
۵۵۔ ڪليات علوي	مرحوم سيد علي نواز علوي
۵۶۔ ديوان مفتون	مرحوم مولانا عبالغفور "مفتون" همايوني
۵۷۔ ڪلام رڪيل شاهه	مرحوم پير بخش ڀٽو
۵۸۔ گلِ خندان (لطف الله آخوند)	مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو
۵۹۔ ارمغان حامد	مرحوم حافظ حامد ٽڪڙائي
۶۰۔ مجموعه مولود شريف	پوڪرداس شڪارپور
۶۱۔ ديوان رمضان واڍو (قلمي)	فقير رمضان واڍو

Scanned with CamScanner

٦٢ـ	خطبات عثماني	مرحوم مولوي محمّد عثمان نورنگ زاده، کور واهي
٦٣ـ	منهاج العاشقين	مرحوم مولوي غلام محمّد خانزائي
٦٤ـ	سڪندر نامہ سنڌي	ايضاً
٦٥ـ	يوسف زليخا سنڌي	مرحوم مولانا تاج محمّد صاحب امروٽي
٦٦ـ	الهام الرحمٰن (ترجمہ قرآن شريف)	ايضاً
٦٧ـ	مسدس اڀوجهو	مرحوم مولوي الله بخش اڀوجهو
٦٨ـ	مفتاح رشدالله (تفسير قرآن ڪريم)	
٦٩ـ	توحيد نامہ	مرحوم پير رشدالدين
٧٠ـ	ديوان قليچ	مرحوم مرزا قليچ بيگ
٧١ـ	پرشين پوئٽس آف سنڌ (انگريزي)	ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي
٧٢ـ	عمر مارئي، ويهين صديءَ جا خطبا	شاهہ محمّد ديدڙ
٧٣ـ	يوسف زليخا	حاجي خانڻ
٧٤ـ	سيف الملوڪ	ايضاً
٧٥ـ	جنگنامو	ايضاً
٧٦ـ	انسائيڪلو پيڊيا آف پرسانيجز آف پاڪستان، لاهور	

كليات امين

جي انڊيڪس

١ـ	٣٢٩ کان ٣٣٩	نالا
٢ـ	٣٤٠ کان ٣٤٤	ماڳ ۽ مڪان
٣ـ	٣٤٥ کان ٣٥٠	ڪتابن جا نالا
٤ـ	٣٥١ کان ٣٥٤	ذاتيون

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

ڪليات امين

انڊيڪس

نالا	صفحو نمبر
(الف)	
ابن خلڪان	۱
ابو محمّد بن عبدالله	۲
امام علي فقير	۹
الحسين بن القاسم	۲
القاسم بن النعذ	۲
اولاد مخدوم امين محمّد سائين	۱۹
ابوالحسن خرقاني	۲۷
امام بخش حاجاڻو	۳۰
اسماعيل ميرزاڻي	۳۰
الله بخش انصاري	۳۰،۳۵
امام	۴۲
اجن شاه	۴۳
ابراهيم ادهم	۶۰
الله	۶۸،۹۴،۶۹
امام رباني	۱۱۶
اقبال	۱۲۴، ۸۲
ام سلمه	۲۰۹، ۲۱۵، ۲۱۲ کان ۲۱۴
اسماعيل	۲۱۱

آخوند محمّد قاسم ۲۳۳
امام محمّد بن حنيفه ۲۴۲
اخوند حاجي فقير محمّد عاجز حيدرآبادي ۲۴۶، ۲۴۷
آخوند لطف الله لطف ۲۴۸
اسدالله ۶۹

(ب)

بيدل سائين ۸۲

(پ)

پير ۸
پير پاڳارو ۱۰۵
پنهون ۱۱۷
پير محمّد حزب الله راشد ۲۲۸
پرو چام سائين ۳۳

(ج)

جويو صاحب ۸
جيوت سنگهه ۲۶۵
جبرائيل ۶۴، ۹۶، ۱۱۲، ۱۷۲، ۲۱۰، ۲۱۲، ۲۱۳، ۲۱۴

(ڄ)

ڄام ڏاتار ۳۱

(چ)

چتو فقير مولاداد فقير سانگي ٢٥٨

(ح)

حافظ شيرازي ٥،٧

حسين بخش خادم ٣٧،٩

حڪيم ڏاهري ٣٤

حيدر شاھ ٣٥

حاجي حيدر شاھ ٢١٨،٢١٧،٣٥

حسن ٧٠

حسين رضہ ٢١٦،٢٠٧،٩٦،٧٠

حاجي محمّد بچل جلباڻي ٧١

حسن بخش ٩٣،٩٢

حضرت ابوالخير ١٢٢

حافظ حامد ٽڪڙائي ٢٥١

حافظ محمّد يوسف ٽڪڙائي ٢٨٤

حضرت ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڏو ٣٠٩

حمل فقير ٣٠١

حاجي لطف الله ٣٠٢

(خ)

خواجہ مزيد ٢٦٦،١٣

خواجہ پير محمّد سعيد لواري وارو ٢٩٠

خواجہ عبدالرحمان سرهندي ٢٨١

خليفو گل محمّد ٨٣

خواجہ محمّد زمان ١٠٧

خليل ١٧٨

(ر)

رئيس تاج محمّد نظاماڻي ٦٩,٦

رئيس دوست علي خان ٨

رئيس غلام محمّد خان نظاماڻي ٩

رجب الدين سومرو "عاصي" کهڙائي ٩

رئيس ڪرم خان نظاماڻي ٨٠

رئيس شير خان نظاماڻي ٨٠

رومي ٨٣

رمضان ڪنير ٢٥٢,٩٣

راڻو ١٦٩

رمضان فقير وادو ٢٥٤

رئيس قوتل خان پرڳڙي ٣١

راهوند ٢٨

(ز)

زنگي ٨٣

(س)

سيدنا عبدالرحمان بن ابوبڪر صديق رحه ١

سومار ٩,٥

سهيل فقير ٢٢

سهروردیہ ١٤

سلسلهٔ عاليه مخدوم امين محمّد سائين ١٥
سهيل عرف سلو ٢١، ٢٢
سيلاني ٢١، ٢٣
سليمان فقير ٢٨
سليمان پنيرو ٢٩
سيد جسن ٢٨
سيد وڏو اجناڻي عرف جڙيل شاھ عرف غلام حيدر شاھ ٢٩
سعدالله سينازي ٣٢
سيد ماکن شاھ ٣٣
سيٺ وشنداس ٧٨
سينڌو خان ٧٩
سيد مصري شاھ ٩٥، ٢٤٩، ٢٥٠
سائين صالح شاھ ١٠٣
سچل ١٠٧، ١٢٣
سسئي ١١٧، ١٤٣
سوڍو ١٦٩، ١٧٠
سليمان ١٧٨
سيد مير جان الله شاھ ٢٢٩
سيد فاضل شاھ ٢٣٥
سيد حيدر شاھ ٢٣٥
سيد حاجي غلام محمّد شاھ ٢٣٧
سيد حاجي غلام مرتضيٰ شاھ ٢٤١
سيد رکيل شاھ ناڙي وارو ٢٤٥
سيد غلام شاھ راشدي ٢٦٨
سيد حسن بخش شاھ ٢٧٦
سيد حاجي حافظ حڪيم ميران محمّد شاھ ٢٧٨
سيد وڏا اجناڻي عرف جڙيل شاھ ٢٩

Scanned with CamScanner

(ش)

شيخ شهاب الدين سهروردي ١
شيخ ابو نجيب عبدالقاهر ١
شمس العلماء ڈاڪٽر دائودپوٽو ١٠١،٢٨،١٥،۵
شهباز علي ٣٨،٩
شجره نسب عاليه مخدوم امين محمّد سائين ١٦،١٥
شاه لطيف صاحب ١١٣،١٢٣،١٠٧،٧٨،٥١،٣٦،٣٥
شفيع ٧٠
شاه نصير ٩٥،٨٩
شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ١٠١
شاه ڪريم ١٠٧
شيخ اڪبر محي الدين ابن العربي اندلسي ١١٥
شاه نصير الدين نقشبندي ٢٦٢

(ص)

صادق فقير ٣٤

(ع)

عبدالقاهر بن عبدالله ٢
عبدالله بن سعد ٢
عبدالرحمان بن القاسم ٢
عيسو فقير ٩
عبدالله ماستر ٤٢
عارف المولىٰ ٩٢
علي رضه ٢١٤،٢١٢،٢٠٩

عرس مخدوم امين محمّد سائين جو
علي شير قانع ٢٢٥، ٢٢٦، ٢٢٧
٢٣١

(غ)

غلام حيدر صديقي
٦، ٢١
غوث الحق رحہ
١٥
غلام محمّد شاهہ گدا
٩٥
غالب
١٢٣
غلام علي سبز پوش
٢٣٢

(ف)

فقير حسين ڊيپو ٢٩
فقير محمّد صادق ٣١
فاضل شاهہ حيدرآبادي ٣٥، ٥٣، ١٠٠
فقير حاجي محمّد پريل مگسي ٧١
فقير احمد علي ٢٣٩، ٢٤٠
فضل محمّد
فقير ميان محمّد پريل ولد ميان غلام محمّد نوشهراڻي ٧١، ٧٢

(ق)

٣٦
قاضي يار محمّد
٦١
قاضي غلام محمّد
٦٢
قاضي محمّد روشن

قاضي محمّد قابل ٦٢
قاضي ابوالمعالي ٦٢
قاضي عبدالله پورگر ۷٦
قاضي قاضن ١٠۷
قاضي غلام علي ٢٢٨
قلندر (شهباز) ٢۷

(گ)

گرامي صاحب ٨
گل فقير ٩، ٣١، ٣٢
گلو فقير ٣٢

(ل)

لال ٨
لطيف ١۴
لطف الله لطف ٢۴٨

(م)

مخدوم امين محمّد سائين ١،٢،٣،٥،٦،۷،٨،٩،١١،١٣،١۴،٢٠،٢١
٢٢،٢٣،٢۴،٢٥،٢٦،٢٩،٣٠،٣١،٣۴
۴٠ کان ٣٠٩
ميان مگيلڏو ٢١
محبوب علي چنه ١،٣،٦،٩
مخدوم نوح رحه ١، ۷٢، ۷۴، ١٠۷
مخدوم غوث الحق رحه ١،٢٢،۴٢،۴٦

محب الدين الجارفي ١
محمّد بن عموميه ٢
محمّد بن ابي بكر صديق رضه ٢
مخدوم محمّد زمان ٢،٣،٦،٨،١٥،٢٠،٢٢،٢٣ ٢٥،٢٧،٣٦
٦٩،٧١،٧٥،٧٩
مخدوم محمّد زمان رابع ٢٠
مخدوم محمّد زمان خامس ٢٢
محمّد صديق مسافر ٥،٩٨
محمّد قاسم ٨
مصري فقير ٩
محمّد شعبان بخت ڪشموري ٩
مخدوم ظهير الدين ٢٢،٢٣
مخدوم فتح محمّد ٢٢،٢٥
مخدوم گل سائين ٢٧
محمّد بلاول ٣٩
محمّد ابراهيم نقشبندي ٺٽو ٤١
محمّد ﷺ ٥١،١٠٢،١٠٧،١١٩،٢٠٥،٢١٠، ٢١٢، ٢١٣
ميان الهه اوپايو وڏو ٢١
مريد مخدوم محمّد امين ٤٣،٤٤
مرحوم حيدر شاه ٤٧،٤٨،٥٠ کان ٥٢
مسڪين مبارڪ ٤٨
آخوند الله بخش انصاري ٥٤،٥٦، کان ٥٨ - ٦٠
مرحوم قاضي يار محمّد ٦١، ٦٢، ٦٣
مخدوم عبدالرحمان گينبدائي نوشهرائي ٧١
مننار فقير راڄڙ ٧٢، ٧٣، ٧٤
مجاور مخدوم نوح رحه جا ٧٧
محمّد قاسم ٧٨

مولوي رب ڏنو ٧٨
مولوي غلام محمّد ٨٩، ٩٠، ٩٧
مرتضائي ٺٽوي ٩٥
مخدوم عبدالرحيم گرهوڙ وارو ١٠٦
منصور ١١٧، ١٩١
مومل ١٧٠
موسىٰ ١٧٨
مسيح ١٧٨
مرزا احمد علي ٢٣٠
مخدوم محمّد ابراهيم ٢٣٠، ٢٤٠
منشي رسول بخش راهي ٢٣١
ميون وڏل علوي ٢٣٩
مير محمّد شاه ٢٤٠
مرحوم فتح محمّد سيوهاڻي ٢٤١
مير علي نواز علوي ٢٤٢
مولوي عبدالغفور همايوني ٢٤٢
مولوي محمّد عثمان نورنگزاده ٢٥٦
مولوي غلام محمّد خانزئي ٢٥٩
موهن فقير ٢٧٠
محمّد اڪرم خان ولد آدم خان پٺاڻ ٢٧٣
محمّد صالح ميمڻ ٽڪڙائي ٢٧٩
مولانا محمّد حسن قريشي حيدرآبادي ٢٨٠
مولانا حافظ شفيع محمّد صديقي پاٽائي ٢٨٢
مولانا محمّد هاشم گڙهي ياسين ٢٨٥
مولانا محمد صديق شهداد ڪوٽي ٢٨٥
مولانا حاجي عطاءالله فيروزشاهي ٢٨٦
مرحوم مخدوم ابو محمّد عبدالله ٢٨٧

مخدوم پير رڪيل ريلائي ٢٨٧

مولانا مجاهد سيد تاج محمود امروٽي ٢٨٨

مولوي سيد الله بخش ابوجهو ٢٩١

مارئي ٣٠١

(ن)

نواب شاه سڪايل ٢٧٥

نواب ولي محمّد ٩٣

نبي ڪريم محمّد ﷺ

نواب الهداد خان صوفي ٢٢٧

(ه)

هند ١٩

هدو خان ٧٩

هز هائينس مير حسن علي خان ٢٣٦

همعصر مخدوم محمّد امين سائين ٢٩٥،٢٩٤،٢٩٣

ماڳن مڪانن جا نالا

(الف)

اجن شاھ ۳۱، ۴۳

ايران ۸۳

افغانستان ۲۴۲

(ب)

بمبئي ۲۳۶

بغداد ۱

بلوچستان ۲۸۹

(ٻ)

ٻاروچو باغ ۴۶

(ڀ)

ڀنيور ۱۰۵

(ٽ)

ٽندو الهيار ۳۲

(پ)

پوني	٢٣٦
پير جهندو	٢٥٤
پنج مورو	٢٥٤

(ج)

جمڙائون واه	٣١

(ڄ)

ڄام ڏاتار	٣١

(جهه)

جهڏو گدام	٣٠

(چ)

چوکنڊي	٢٢

(ح)

حيدرآباد	٢٣٦،٢٣٧،٣٥،٥٢، ١٠٠

(خ)

خيرپور	٣١

Scanned with CamScanner

(س)

سنڌ	۲۳،۱۹،۷
سعيدآباد	۳۰
سانگهڙ	۷۲،۳۱،۳۰
سنجهورو	۳۱
سکر	۷۸
سيد جو ڳوٺ	۳۳
سدا واهه	۳۳
سيد حسن جو مقام	۲۸

(ش)

شهدادپور	۲۸
شاهپور	۳۴
شاهه ڪريم	۱۰۷
شڪارپور	۲۴۲،۲۳۴،۲۳۰

(ڪ)

ڪائياواڙ	۲۹۸
ڪوٽ ڏيجي	۳۱
ڪورين جو پڙ (حيدرآباد)	۲۳۴

(ک)

کاٽي راڄڙ	۷۲
کپرو	۷۲
کورواهه (شهر)	۲۵۶

Scanned with CamScanner

(گ)

گرهوڙ ١٠٧
گوني (تعلقو) ٢٥٦
گل سائين جا ڪِرَ ٢٩

(ڳ)

ڳڙهي ياسين ٢٨٩

(ل)

لاڙڪاڻو ٣٦
لاهوت ٦٦
لنڊو ٣٢

(م)

مصر ١٣٨
مانُ ڪُن (نذاڻي) ٢٩
مصروف پنيرو ٢٩

(ن)

نواب شاهه ٢٧٥
نواب ولي محمد ٩٣
نارو (واهه) ٣٣

Scanned with CamScanner

(و)

ونجهيري ۲۹۴

(ھ)

ھالا پراڻا ۴۳
ھالا ۴۳
ھالا بيراج ۲۱

ڪتابن جا نالا

(الف)

اردو ۽ فارسي ڪلام	سائين ڀڳن ڏٽي	٧
الشارة اهل الا شارة	مير علي نواز علوي	٢٣٢
اسماء الحسني	پير رشيد الدين	٢٩٥
اسماء الحسنيٰ (مترجم)	پير اسدالله شاه صاحب	٢٩٧
آخر ظهر	پير اسدالله شاه صاحب	٢٩٨
المعرفة المحدية	پير اسدالله شاه صاحب	٢٩٨
الفارقة بين اهل الله و بين العارفين	پير اسدالله شاه صاحب	٢٩٨
اڪسيرا لا حمد في اسرار الجعفر	مولوي محمّد نوزنگ زادو	٢٥٧

(ب)

بياض	رئيس تاج محمّد نظاماڻي	٦
بياض	محبوب علي چنه	٦
بينات القرآن	مولوي محمّد نوزنگ زادو	٢٥٧
بسمل	حافظ محمّد يوسف ٽڪڙائي	٢٨٦
بيعت نامہ سنڌي	پير رشد الله صاحب	٢٩٥
بيعت نامہ مردن لاءِ	حاجي فتح محمّد نظاماڻي	٢٩٥
بيعت نامہ عورتن لاءِ	حاجي فتح محمّد نظاماڻي	٢٩٥
بياض خادمي	امام بخش خادم مرحوم	٢٣٩

Scanned with CamScanner

(ت)

تاريخ بغداد	محب الدين النجارفي	٢
تحفة الكرام	مير علي شير قانع ٺٽوي	١٦
تحفة الا وليا و فرع الا صول	آخوند حاجي محمّد صالح بن	
(قلمي)	آخوند ويڏو	١٧
تاريخ سنڌي ادب جلد ٢	خانبهادرالحاج محمّد صديق ميمڻ	٥١
تنويرالايمان	مولوي محمّد نوزنگ زادو	٢٥٦
تڪملہ مقالات الشعرا فارسي	خواجہ پير محمّد سيد لنواري وارو	٢٩٠
توحيد نامہ	حاجي فتح محمّد نظاماڻي	٢٩٥
تحفة الاسلام	مولوي محمّد نورنگ زادو	٢٥٧

(ث)

ثمر آخرت	پير رشد الله شاه صاحب	٢٩٧

(پ)

پريت نامہ	حاجي محمّد حاتم ڏهر	٢٨٩
پنج گنج ارشاد	پير رشدالله شاه صاحب	٢٩٧

(ج)

جنگ نامو	شاه محمّد مرحوم	٣٠٢
جنگ (فتوائن جو گلدستو)	مولانا غلام محمّد صديقي	٢٨٥
	مرحوم شهداد ڪوٽي	
جان عالم انجمن آرا	آخوند لطف الله لطف	٢٤٨

Scanned with CamScanner

(ح)

حيدري گنج	بياض سائين غلام حيدر رحہ	٦
حالات غوث اعظم	مولوي محمّد نورنگ زادو	٢٥٧
حضرت مخدوم نوح	مسلم ادبي سوسائٽي	١٦

(د)

ديوان فاضل	محمّد صديق مسافر	٥
ديوان عاجز	آخوند حاجي فقير محمّد عاجز حيدرآبادي	٢٤٧,٢٤٦
ديوان حافظ	حافظ شيرازي	٢٤٧
ديوان رمضان فقير	رمضان فقير وادو	٢٠٠,٢٥٦
دلگير	حافظ محمّد يوسف تڪڙائي	٢٨٤
ديوان فاضل	مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد	٥١
ديوان مفتون	مولوي عبدالغفور همايوني	٢٦٦

(ر)

ريلائي پير	علي محمد ميال	١٦
رسالو فتحي	خانداني قلمي نسخو لائبريري "طالب المولىٰ"	٤٣
رتن جوت	موتيرام ايس راماڻي	٧٨

(س)

سرها گل	شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽو	٥
سنڌ جو شاهاڻو درويش	موتيرام ايس راماڻي	٧٨

سنڌ جو شاهنامو	هزهائينس مير حسن علي خان مرحوم	۲۳۶
سڪندر نامہ	مرتضائي ٺٽوي	۲۴۱
سياڻن لاءِ خوشخبري	مير علي نواز علوي	۲۴۲
سنڌي انگريزي ڊڪشنري	سيد حاجي حافظ حڪيم سيد ميران محمّد شاهه	۲۲۸
سنڌ سڌار اخبار	حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ	۲۴۸
سيف الملوڪ	شاهه محمّد مرحوم	۳۰۲

(ش)

شهنشاهنامہ يا حملا حيدري	هزهائينس مير حسن علي مرحوم	۲۳۶
شاهنامہ	مرتضائي ٺٽوي	۲۴۱

(ص)

حيدري ڪلام	فقرا سروري	٦
مقال العنمائر	خواجہ پير محمّد سعيد لنواري وارو	۲۹۰

(ظ)

ظهور نامہ	مولوي محمّد علي "طالب"	۲۲٦

(ع)

عمر مارئي	شاهه محمّد مرحوم	۳۰۲
عمليات صديق (قلمي)	مولانا غلام صديق مرحوم شهداد ڪوٽي	۲۸۰

Scanned with CamScanner

(ف)

فتاويٰ همايوني	مولوي عبدالغفور همايوني	٢٤٣
فتوح الغيب سنڌي	مولوي محمّد نوزنگ زادو	٢٥٧

(ڪ)

ڪچڪول	مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ	5
ڪليات امين	خانداني قلمي نسخو طالب المولىٰ لائبريري	٦٠٧
ڪشف الا سنار عرف رجال معاني آثار	پير رشدالله شاهه صاحب	٢٩٨
ڪانگ جا ڪلما	رمضان فقير واڍو	٢٥٥,٢٥٤
ڪلام حسن بخش	سيد حسن بخش شاهه	٢٧٧,٢٧٦
ڪليات صوفي	مخدوم محمّد ابراهيم صوفي	٢٤١,٢٤٠
ڪليات گدا	گدا شاهه	٢٤٥
ڪليات خادم	امام بخش خادم مرحوم	٢٣٩
ڪليات	مير علي نواز علوي	٢٤٢
ڪافين جو ڪتاب	مرحوم سيد فاضل شاهه	٧٢
ڪافين جو وڏو ڪتاب	امين سائينءَ	١٠٠
ڪجهه سينگار جا بيت	شاهه محمّد مرحوم	٣٠٢

(ل)

لوائح ۽ تحفة الا حرار	عبدالرحمان جامي	١١٦
لطيفي سير	پيرومل مهر چند	١٣٦
ليليٰ مجنون	سيد حيدر شاهه	٢٣٥

Scanned with CamScanner

(م)

ماهنامه فردوس ۾ (سنڌ جو گمنام شاعر)	قبله طالب المولىٰ	٤٣
مهراڻ رسالو	سنڌي ادبي بورڊ	٧٨
منطق الطّير	فريدالدين عطار	١١٥
مثنوي رومي	جلال الدين رومي	١١٦
مثنوي گلشن راز	محمود شبستري	١١٦
مفرح القلوب	غلام علي سبز پوش	٢٣٢
مختار نامه	هزهائينس مير حسن علي خان مرحوم	٢٣٦
منهناج العاشقين	مولوي غلام محمّد خانزئي	٢٥٩
مثنوي يوسف زليخا سنڌي ترجمه	مولانا مجاهد سيد تاج محمود امروٽي	٢٨٩،٢٨٨
مسدس رشدالله	حاجي سيد الله بخش نظاماڻي	٢٩٥

(ن)

نو فلا طو نيت	شيخ اكبر محي الدين ابن العربي اندلسي ١١٥	

(و)

وفيعة الا عيان	ابن خلكان	١
و يهين صدي	شاهه محمّد مرحوم	٣٠٢

(ي)

يوسف زليخا	شاهه محمّد مرحوم	٣٠٢
يوسف زليخا	مرتضائي ٺٽوي	٢٣١
ياد رفتگان	قبله مخدوم طالب المولىٰ	٦٨_٧٣

ذاتيون

(الف)

آخوند	۲۳۲،۲۴۸،۲۴۶،۲۴۷
انصاري	۳۰،۳۵،۵۴،۵۶،۵۸،۶۰

(پ)

پورگر	۷۶
پٺاڻ	۲۷۳

(ج)

جلباڻي	۷۱
جويو	۸

(ڄ)

ڄامر	۳۱

(چ)

چنہ	۱،۳،۹،۶

Scanned with CamScanner

(ح)

حاجاڻو ۳۰

(خ)

خانزئي ۲۵۹
خواجه ۱۰۷
خرقاني ۲۷

(د)

دائود پوٽو ۱۰۱،۱۸،۱۵،۵

(ڏ)

ڏاهري ۳۴

(ر)

راڄڙ ۷۲،۱۲
رباني ۱۱٦
راشدي ۲٦۸

(س)

سيد ۲۵۰،۲۴۹،۹۵،۱۰۴،۲۹،۲۸،۱۲۴،۱
سوڍو ۱۷۰،۱۳۹

Scanned with CamScanner

سومرو	٩
سانگي	٢٥٨
سرهندي	١

(ص)

صديقي	٢٨٢

(ع)

علوي	٢٣٢

(ق)

قاضي	٢٢٨،١١٢،١٠٦،٧٣،٢٨٠
قريشي	٢٨٠

(ڪ)

ڪنير	٩٩،٢٥٢

(م)

مگسي	٧١
مرزا	١٠١
منگريو	٢١

Scanned with CamScanner

(ن)

نيازي ۴٢
نظاماڻي ٦،٩،٨٠

(و)

وادو ٢٥۴

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner